


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سامراج - سرمائيداريءَ جي آخري منزل

Imperialism, the Highest Stage of Capitalism.

Vladimir Ilyich Lenin

ولاديمير اليچ لينن

مَلُوڪ لُنڊ

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر ـ 273

ڪتاب جو نالو:	سامراج ـ سرمائيداريءَ جي آخري منزل
ليکڪ:	ولاديمير الييچ لينن
سنڌيڪار:	ملوڪ لنڊ
موضوع:	سياست
ڇاپو:	پهريون، ڊسمبر 2014ع
ڇپائيندڙ:	سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ
قيمت:	260 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي ڪاتي حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ساهت گهر، دڪان نمبر 4، سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي، گاڏي ڪاتي حيدرآباد

Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊرس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- مدني ڪتاب گهر، دادو 0300_3203464
- جنيد بوڪ اسٽور، دادو 0303_3652040
- سليم نيوز ايجنسي، دادو 0302_3270628
- الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر 0300_9313528
- وسيم بوڪ اسٽور، لکي در، شڪارپور 0307_3529117
- مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو 0301_3472125
- رهبر بوڪ اڪيڊمي، لاڙڪاڻو 0302_3468755
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071_2007402
- بوڪ رولڊ، رابعه سينٽر، لڳ عسڪري بئنڪ، بندر روڊ، لاڙڪاڻو 0333_7548804
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ 0300_2913588
- ڪائناواڙا اسٽور، اردو بازار، ڪراچي 2638025_2218025
- ڪنگ پن ڪتابي ميلو پريس ڪلب، حيدرآباد (0322_3085213)

SAMRAJ- SARMAIEDARE JE AAKHRI MANZIL

Author: Vialima llyoch Lenyn

Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh

Book No: 273. Rs: 260

انتساب

سنڌ جي عظيم قومي شاعر ۽ فلسفي محترم شاهہ عبداللطيف
ڀٽائيءَ جي نالي، جنهن سامراج کي مانگر مڇ سان مشابهت
ڏيندي چيو آهي تہ:
"مَتو آهين مڇَ، ٽُلهو ٽئو ٽُونا هَٽين!

(ملوڪ لُنڊ)
29/11/2013

فهرست

1. پنهنجي پاران ——— 01
2. پيش لفظ ——— 03
3. پهرين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 05
4. فرانسيسي ۽ جرمن ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 06
5. ٻئي ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 07
6. ٽئين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 09
7. چوٿين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 11
8. پنجين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ ——— 13
9. پيدوار جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ۽ اجاريداريون ——— 17
10. بينڪ ۽ ان جو نئون ڪردار ——— 37
11. مالياتي سرمايو ۽ اميرن جي حڪمراني ——— 60
12. سرمائي جي برآمد ——— 81
13. سرمائيدار ڪمپنين جي درميان دنيا جي ورڇ ——— 89
14. عظيم طاقتن جي درميان دنيا جي ونڊ ورڇ ——— 101
15. سامراج – سرمائيداريءَ جي هڪ خاص دور جي حيثيت سان ——— 120
16. سرمائيداري جي مفت خوري ۽ پراڻائي ——— 137
17. سامراج جي تنقيد ——— 151
18. تاريخ ۾ سامراج جو مقام ——— 172
19. تشريحي نوٽ (نالن جي وضاحت) ——— 180

پہ اکر

سنڌ ۾ شروع کان ئي مارڪسي/ لينني ادب کي وڏي چاهه سان پڙهيو ويو آهي. چاڪاڻ ته جتي به ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ماڻهن اُٺڻ شروع ڪيو آهي ۽ اُنهن کي اها ساڃاهه ٿي آهي ته سامراجي سنگهرن انهن کي اڇي سوڙهو ڪيو آهي ۽ انهن مان جند ڇڏائڻي آهي ۽ پنهنجو توڙي پنهنجي قوم جو عزت ۽ مان پريو رتبو موٽائڻو آهي ته سپ کان پهرين ذهني جاڳرتا جو مرحلو پيدا ٿيندو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته دنيا جي ڪيترن ئي مظلوم ۽ هيٺن ماڻهن جي مارڪسي/ لينني ادب وڏي رهنمائي ڪئي آهي.

سنڌيءَ ۾ مارڪس/ لينن توڙي انهن جي پيروڪارن جي ڪيترن ئي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجمو پئي ٿيا آهن. اهو سلسلو اڃا تائين جاري ۽ ساري آهي. جڏهن ته ائين به آهي ته مارڪسي/ لينني نظريو ٻين هنڌن ته ڇهيو روس ۾ به هيڏو پڳجي ويو آهي. پر اُن ادب مان رهنمائي حاصل ڪرڻ کان. ڪاب قوم ٿڪي ناهي ۽ نه هيٺي ٿي آهي. آسرو ۽ اُميد اها ته ڪڏهن نه ڪڏهن اُهو نظريو وري مظلوم ماڻهن جي رهنمائي ڪندو ۽ منجهيل راهن ۽ رستن کي پار اُڪاري منزل تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪندو.

لينن جو هيءُ ڪتاب اسان جي هڪڙي اهڙي ماڻهو ملوڪ لُنڊ ترجمو ڪري سچي ته سنڌي زبان جي جهوليءَ ۾ هڪڙو سهڻو گلدستو پيش ڪيو آهي.

23_ نومبر 2014ع
حيدرآباد، سنڌ

ناز سنائي
0300_3946518

پنهنجي پاران

منهنجي اِها ڪوشش رهي آهي ته سنڌ معياري ۽ جاڙ پريا ڪتاب پنهنجي پڙهندڙن کي پيش ڪيان ته جيئن سندن سماجي، سياسي، قومي، اقتصادي سوچ ۽ ادراڪ ۾ اضافو ٿئي. تنهن ڪري مون لينن جو ڪتاب ''سامراج سرمائیداری کی آخری منزل'' جو ترجمو ڪيو آهي، جيڪو پڙ منهنجي اُن سوچ جي ڪڙي آهي ته پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ جي جهوليءَ ۾ نظرياتي ۽ سائنسي ڪتاب وڌا وڃن ته جيئن اها دنيا جي شاهوڪار ٻولين جي صفن ۾ شمار ٿي سگهي.

1969ع ڌاري سويت روس ماسڪو ۾ دارالاشاعت ترقي طرفان لينن جي تصنيفن جو اردو ترجمو "منتخب تصانيف" جي عنوان سان مختلف جلدن ۾ شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو. مٿيون ڪتاب پڙ دارالاشاعت ترقي ماسڪو طرفان 1969ع ۾ لينن جي منتخب تصانيف جلد 2 جي صفحي 9 کان 163 تائين اُن ئي عنوان هيٺ ڇپيل آهي، هي اُن جو سنڌي روپ آهي. ڪتاب اردو مان ترجمو ڪيو ويو آهي پر ترجمي کي معياري ۽ مستند بڻائڻ جي لاءِ لينن جي ڪتاب (Imperialism the highest stage of capitalism) تان به مدد ورتي وئي آهي. جتي جتي اردو ترجمي جي عبارت واضح نه پئي ٿئي ته اُتي انگريزي متن سان پيٽي هي سنڌي ترجمو تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪتاب وڌ ۾ وڌ مستند ۽ معياري ٿئي.

هي هڪ نظرياتي ڪتاب آهي جيڪو مڙني پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو خاص طور تي سياسي ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت لاءِ هڪ

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

بهترين ڪتاب آهي. مون کي يقين آهي ته اسان جا نوجوان پڙهندڙ سنڌي ادب ۾ اهڙن سائنسي ڪتابن جو قدر ڪندا ۽ اُن رجحان جي آڇيان ڪندا.

مون پنهنجي طرفان پرپور ڪوشش ڪئي آهي ته ڪتاب وڌ ۾ وڌ سولو ۽ آسان ٻوليءَ ۾ هجي پر اُن هوندي به اِهو احساس ٿئي ٿو ته ڪٿي ڪٿي ڪي دقيق لفظ به مجبوري جي حالت ۾ استعمال ڪرڻا پيا، تنهن ڪري اُنهن لفظن جي عام فهم ٻوليءَ ۾ سمجهاڻي هيٺ فٽ نوٽ ۾ ڏني وئي آهي. اُن جي باوجود جيڪڏهن پڙهندڙن کي ڪا ڪمي يا ڪوٽ محسوس ٿئي ته مهرباني ڪري آگاهه ڪندا ته جيئن ٻئي ايڊيشن ۾ اُن ڪوٽ/ڪمي جو پورائو ڪري سگهجي.

ڪتاب جي ترجمي متعلق پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار رهندو.

ملوڪ لُنڊ

حيدرآباد، سنڌ

29/10/2014

سامراج ـ سرمائيداريءَ جي آخري منزل

(عام فهم مضمون)

پيش لفظ

هي پمفليٽ جيڪو پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو 1916ع جي بهار ۾ زوريخ ۾ لکيو ويو هو. جن حالتن ۾ اتي مان ڪم ڪري رهيو هوس، ان ۾ قدرتي طور تي منهنجي لاءِ فرانسيسي ۽ انگريزي ڪتابن جي اٽاڻ هئي ۽ روسي ڪتابن جي ته شديد کوٽ هئي. بهرحال مون سامراج (امپيريلزم) تي انگريزيءَ جي خاص تصنيف ج ـ ا ـ هوبسن جي ڪتاب مان ان پوري ڏيان سان فائدو ورتو جيڪو منهنجي خيال ۾ هن تصنيف لاءِ مناسب هو.

پمفليٽ زار شاهي سنسرشپ کي ذهن ۾ رکي لکيو ويو هو. تنهنڪري مون نه صرف پاڻ کي سختي سان واقعن جي رڳو نظرياتي ۽ خاص ڪري معاشي تجزئي تائين محدود رکڻ تي مجبور ڪيو بلڪ سياست تي ڪجهه ضروري مشاهدن کي وڏي احتياط سان، اشارن سان، تمثيلي زبان- ڪمبخت يوسوپي قصن جي زبان ۾ پيش ڪرڻ تي مجبور ٿيس، جنهن کي اختيار ڪرڻ تي زار شاهي مڙني انقلابين کي مجبور ڪندي هئي، جڏهن به اهي ڪنهن جائز تصنيف جي لاءِ پنهنجو قلم کڻندا هئا.

اڄ جي آزاديءَ جي زماني ۾ پمفليٽ جي انهن حصن کي پڙهي ڏک ٿئي ٿو جن کي زار شاهيءَ جي سنسر جي سبب ٽوڙي مروڙي، فولادي اشڪنجن ۾ قاسايو ويو آهي. سامراج ـ سوشلسٽ انقلاب جي چائنٽ آهي، سوشل شائونزم (زباني طور تي سوشلزم ۽ عملي طور تي شائونزم) سوشلزم سان انتهائي غداري آهي، پور جوازيءَ سان قطعي طور تي ملي وڃڻ آهي ۽ مزدور تحريڪ ۾ اهو ڦيٽارو سراسر سامراجيت جي معروضي حالتن سان منسلڪ آهي وغيره. انهن سمورن معاملن تي مون کي "غلامانه" زبان ۾

ڳالهيون ڪرڻيون پيون. مان هن موضوع سان دلچسپي رکڻ وارن پڙهندڙن کي انهن مضمونن جو حوالو ڏيندس جيڪي مون ملڪ کان ٻاهر 17_1914ع ۾ لکيا آهن، جن جو هڪ نئون ايڊيشن ستت ئي شايع ٿي رهيو آهي. صفحن 120_119 تي هڪ حصي ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنسر جي لاءِ قابل قبول روپ ۾ پڙهندڙن کي اهو ڏيکارڻ جي لاءِ ته سرمائيدار ۽ غداري ڪري انهن سان ملي ويڙ وارا سوشل شائونسٽ (جن جي مخالفت ڪائوتسڪي ايتري غير مستقل طريقي سان ڪري ٿو) الحاقن جي عملي ۾ ڪيترا بي شرم ڪوڙا آهن، اهو ڏيکارڻ لاءِ ته اهي پنهنجي سرمائيدارن جي الحاقن جي ڪيتري بيحيائي سان پرده پوشي ڪن ٿا. مان مثال طور جپان کي پيش ڪرڻ تي مجبور ٿيس! غور سان پڙهڻ وارو قاري آساني سان جپان جي جاءِ تي روس کي ۽ ڪوريا جي جاءِ تي فن لينڊ، پولينڊ، ڪورلينڊ، يوڪرين، بخارا، استونيا ۽ غير روسين سان آباد ٻين علائقن کي رکندو.

مون کي اميد آهي ته منهنجو پمفليٽ پڙهندڙ کي بنيادي معاشي سوال ۽ سامراج جي معاشي مافيه جي سوال کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو. ڇو ته جيستائين ان جو مطالعو نه ٿو ڪيو وڃي ان وقت تائين موجوده جنگ ۽ موجوده سياست کي سمجهڻ ۽ ان جو اندازو لڳائڻ ممڪن نه ٿيندو.

مصنف

پيٽروگراد، 26 اپريل، 1917ع

پهرئين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ

هي پمفليٽ آگسٽ ۾ سيپٽمبر 1917ع ۾ لکيو ويو هو. مون اڳئين يعني ستين باب "1905ع ۽ 1917ع جي روسي انقلابن جو تجزيو" جي لاءِ منصوبو جوڙي ورتو هو. پر عنوان کان وڌيڪ مون کي ان باب جي هڪ سٽ بہ لکڻ لاءِ وقت نہ مليو: سياسي بحران ان ۾ "خلل انداز" ٿيو. 1917ع جي آڪٽوبر انقلاب جي ابتدا ۽ اهڙي "خلل اندازي" صرف خوشگوار ئي ٿي سگهي ٿي. پر پمفليٽ جو ٻيو حصو ("1905ع ۽ 1917ع جي روسي انقلابن جو تجزيو") لکڻ جو ڪم غالباً طويل مدت جي لاءِ ملتوي ڪرڻو پوندو. "انقلاب جو تجزيو ڪرڻ" ان باري ۾ لکڻ جي پيٽ ۾ ڪافي زياده خوشگوار ۽ ڪارآمد آهي.

پيٽروگراد

30 نومبر 1917ع

آگسٽ سيپٽمبر 1917ع ۾ لکيو ويو. پهريئن ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ 30 هين سيپٽمبر 1917ع ۾ لکيو ويو. ٻئي باب جو ٽيون پيراگراف 17 ڊسمبر 1918ع کان اڳ ۾ لکيو ويو 1918ع ۾ پيٽروگراد ۾ اشاعت گهر زيرن اي زنانيا" (زندگي ۽ علم) الڳ ڪتاب ۾ شايع ڪيو.

❊❊

فرانسيسي ۽ جرمن ايڊيشنن جي لاءِ پيش لفظ

جيئن روسي ايڊيشن جي پيش لفظ ۾ ٻڌائي چڪا آهيون ته هي پمفليٽ 1916ع ۾ زار شاهي جي سنسرشپ کي سامهون رکي لکيو ويو آهي تنهنکري في الحال مان سڄي مسودي ۾ تبديليون نه ٿو ڪري سگهان ۽ نه ئي شايد اهو مناسب ٿيندو. جو ته ڪتاب جو خاص مقصد هي هو ۽ آهي ته مجيل بورجوا انگ اکرن جي بنياد تي ۽ سيني ملڪن جي بورجوا عالمن جي اعتراف مطابق ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ يعني پهرين عالمي سامراجي جنگ کان اڳ، پنهنجي بين الاقوامي تعلقات جي لحاظ کان عالمي سرمائيداري نظام جي حتمي تصوير پيش ڪئي وڃي.

هي پمفليٽ، جيڪو زار شاهي سنسر جي نقطه نگاه کان قانوني هو، ترقي يافته ملڪن جي ڪيترن ئي ڪميونسٽن جي لاءِ ان ڳالهه جي امڪان ۽ ضرورت ۾ يقين ڪرڻ جي لاءِ هڪ حد تائين مفيد هوندو. مثلاً موجوده آمريڪا يا فرانس ۾ ڪميونسٽن جي تقريباً مجموعي طور تي موجوده گرفتاري کان پوءِ به ڪميونسٽن وٽ جائز هجڻ جو جيڪو ٿورڙو امڪان باقي رهجي ويو آهي، ان کي استعمال ڪيو وڃي ته جيئن سوشل پيسي فسٽ خيالن ۽ "عالمي جمهوريت" جي اميدن جي انتهائي ڪوڙ جي وضاحت ڪري سگهجي. هن سنسر ٿيل پمفليٽ ۾ جيڪو ڪجهه به اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي، ان کي مان هن پيش لفظ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

❊❊

پئي ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ

هن پمفليٽ ۾ اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته 18_1914ع جي جنگ بنهي ڌرين طرفان سامراجي (يعني قبضه گير، بي رحماڻي ۽ لٽ مار) جي جنگ هئي، اها جنگ هئي دنيا جي ورڇ، نوآبادين ۽ مالياتي سرمائي جي "حلقه اثر" وغيره جي ورهاست ۽ نئين سر ورڇ جي.

هن ڳالهه جو ثبوت ته جنگ جو حقيقي سماجي، يا اهو چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو ته ان جو طبقاتي ڪردار ڇا آهي. قدرتي طور تي جنگ جي مدبرانه تاريخ ۾ نه، بلڪ جنگ ۾ حصو وٺڻ وارن سمورن ملڪن جي حڪمران طبقن جي معروضي پوزيشن جي تجزئي ۾ ملندو. ان معروضي پوزيشن جي ترجماني جي لاءِ مختلف مثال ۽ الڳ الڳ معلومات نه وٺڻ گهرجي (سماجي زندگيءَ جي مظهرن جي انتهائي پيچيدگيءَ جي ڪري اهو هميشه ممڪن آهي ته هر دعويٰ کي غلط ثابت ڪرڻ جي لاءِ متعدد مثال يا الڳ الڳ معلومات منتخب ڪري ونجن) بلڪ جنگ ۾ شريڪ سمورن ملڪن ۽ سڄي دنيا جي معاشي زندگيءَ جي بنيادن جي باري ۾ معلومات جي مجموعي کي وٺڻ گهرجي.

نئين اهڙي قسم جي ناقابل ترديد مجموعي معلومات جو حوالو مون 1876ع ۽ 1914ع ۾ دنيا جي ورڇ جو (باب 6 ۾) ۽ 1890ع ۽ 1913ع ۾ سڄي دنيا جي ريلوي جي ورڇ جو (باب 7 ۾) احوال بيان ڪندي ڏنو آهي. ريلوي لائينون بنيادي سرمائيدارانه صنعتن، ڪوئلي، لوهه ۽ فولاد جي صنعتن جو نتيجو ۽ عالمي تجارت ۽ بورجوا جمهوري تهذيب جي ارتقا جو انتهائي نمايان نتيجو ۽ تفصيلي فهرست آهي. ته ريلوي لائينون ڪيئن وڏي پئماني جي صنعت، اجاريدارين، سينڊيڪيٽن، ڪارٽيلن، ٽرسٽن، بينڪن ۽ مالياتي حڪمراني (Financial oligarchy) سان جُڙيل آهن؟

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

اهو ڪتاب جي پهرين بابن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ريلوي لائينن جي غير مساوي ورڇ، ۽ ان جي ناهموار ترقي عالمي پئماني تي موجوده اجاريدارانه سرمائيداري جا نتيجا آهن ۽ اهي نتيجا ثابت ڪن ٿا ته اهڙي معاشي نظام تحت، جيستائين پيداواري ذريعن جي نجي ملڪيت جو وجود آهي، سامراجي جنگيون قطعي طور تي اٽنر آهن.

ريلوي لائينن جي تعمير هڪ سادو فطري جمهوري تمدني ۽ تهذيبي ڪم معلوم ٿئي ٿو. اهو انهن بورجوا پروفيسرن جي راءِ ۾ اهو ئي آهي، جن کي سرمائيداري غلاميءَ کي چمڪندڙ رنگن ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ پيسا ملندا آهن ۽ پيٽي بورجوا تنگ نظرن جي به اهائي راءِ آهي. ليڪن حقيقت ۾ انهن سرمائيدار رشتن، جن هزارين مختلف فريبن جي ذريعي انهن ادارن کي عام طور تي پيداواري ذريعن جي نجي ملڪيت ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي، ريلوي لائينن جي تعمير کي هڪ ارب ماڻهن (نوآبادين ۽ نيم نوآبادين ۾) يعني روءِ زمين جي اڌ کان وڌيڪ آبادیءَ تي، جيڪا ماتحت ملڪن ۾ آباد آهي ۽ "مهذب" ملڪن ۾ سرمائي جي اجرت جي غلامن تي به ظلم جي هٿيار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ننڍن مالڪن جي پورهئي تي مبني نجي ملڪيت، آزاد مقابلو ۽ جمهوريت_اهي سڀ دلڪش الفاظ جن سان سرمائيدار ۽ انهن جي پريس مزدورن ۽ هارين کي دوکو ڏين ٿا، ماضي بعيد جون شيون آهن. سرمائيداري مُٽ جيترن "ترقي يافته" ملڪن جي هٿان دنيا جي آباديءَ جي غالب اڪثريت تي نوآبادياتي ظلم ۽ مالياتي طور تي گلي گهُٽڻ جو عالمي نظام بڻجي چڪي آهي ۽ ان "مال غنيمت" جي ورهاست ۾ به ٽي طاقتور عالمي لٽيرا (آمريڪا، برطانيه ۽ جاپان) حصيدار آهن جيڪي مٿي کان پيرن تائين هٿياربند آهن ۽ پنهنجي مال غنيمت جي ورهاست جي لاءِ سڄي دنيا کي پنهنجي جنگ ۾ گهلي رهيا آهن.

❊❊

ٽئين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ

شاهہ پرست جرمني جي حڪم تي ڪيل معاهدءِ بريست ليتوفسڪ (2) ۽ ان کان پوءِ ان کان گهٽو وڌيڪ وحشياڻو ۽ ڪميٽو معاهدو وارسائي (3) جيڪو آمريڪا ۽ فرانس جي "جمهوري" ريپبلڪن ۽ "آزاد" برطانيہ جي حڪم تي ڪيو ويو انسانيت جي لاءِ اها انتهائي مفيد خدمت انجام ڏني آهي تہ سامراج جي ڪرائي جي ٽٽو قلم ڏٽين ۽ انهن پيٽي بورجوا رجعت پرست ٻنهي جا پُريا پڏرا ڪري وڌا. حالانڪ اهي پاڻ کي پيسي فسٽس (Pacifists) ۽ سوشلسٽ چون ٿا. جن "ويلسن ازم" (4) جا قصيدا پڙهيا ۽ ان ڳالهہ تي اصرار ڪيو تہ سامراجي نظام تحت امن ۽ اصلاحات ممڪن آهن.

جنگ ۾ ڪم آيل ۽ لولالنگڙا ڪروڙين ماڻهو (ان جنگ ۾ جيڪا اهوفيصلو ڪرڻ لاءِ هئي تہ ڇا مالياتي لٽيرن کي برطانوي گروهہ يا جرمن گروهہ زياده لٽي وٺي) ۽ وري اهي ٻہ "امن جا معاهدا" بي مثال تيزيءَ سان انهن ڪروڙين ماڻهن جون اکيون کولي رهيا آهن جيڪي بورجوازي جا چٽيل، مظلوم، فريب کاڌل ۽ بي وقوف بڻايل آهن. اهڙيءَ طرح جنگ جيڪا عالمي تباهي ڪئي آهي تنهن جي بنياد تي سڄي دنيا ۾ هڪ نازڪ انقلابي حالت پيدا ٿي رهي آهي، جنهن جون منزلون ڪٽي ڪيتريون ٻہ طويل ۽ سخت ڇو نہ هجن. پرولتاري انقلاب ۽ ان جي فتح کان سواءِ ڪنهن بيءَ طرح ختم نٿي ٿي سگهي.

بي انٽرنيشنل جو بازيل مينيفسٽو (5) جنهن 1912ع ۾ ان ئي جنگ جو اندازو پيش ڪيو جيڪا 1914ع ۾ لڳي ۽ عام طور تي جنگ جو اندازو نہ لڳايو (جنگيون مختلف قسمن جون هجن ٿيون، جن ۾ انقلابي جنگيون ٻہ شامل آهن)، هاڻي اهو مينيفسٽو اهڙو يادگار بڻجي ويو آهي جيڪو بي

انٽرنيشنل جي هيروز جي شرمناڪ ڏيوالپڻي ۽ غداريءَ جو پردو پوري طرح چاڪ ڪري ٿو.

تنهنڪري مان ان مينيفسٽو کي موجوده ايڊيشن جي ضميمي جي حيثيت سان پيش ڪري رهيو آهيان(جنهن ايڊيشن تان هي ڪتاب ترجمون ڪيو ويو ان ۾ مينيفيسٽو شايع نه ڪيو ويو آهي (ايڊيٽر). ۽ قاري کي بااصرار ان طرف توجه ڏيڻ جي لاءِ چوان ٿو ته هي انٽرنيشنل جا هيرو مينيفيسٽو جي انهن حصن کان جن ۾ لڳندڙ جنگ ۽ پرولتاري انقلاب جي درميان تعلق جو بلڪل نيڪ صفائي ۽ وضاحت سان ذڪر ڪيو ويو ائين وڏي احتياط سان لنوائي وڃن ٿا جيئن چور پنهنجي ڏوهه جي جڳهه کان لنوائيندو آهي.

❊❊

چوٿين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ

دنيا جي سمورن ملڪن ۾ "انتهائي نمايان نظريہ دانن" ۾ انٽرنيشنل (6) جي ليڈرن (اوٽو بائووير اينڈ ڪمپني آسٽريا ۾، ريمزي ميڪڈانلڈ ۽ ٻيا برطانيہ ۾، آلبير ٿومس فرانس ۾ وغيره وغيره) ۽ ڪثير تعداد سوشلسٽن، اصلاح پسندن، پيسي فسٽن، بورجوا ڊيموڪريٽن ۽ پادرين جي پيش ڪيل بين الاقوامي نظرياتي رجحان يعني "ڪائوٽسڪي ازم" جي تنقيد ڏانهن هن پمفليٽ ۾ خاص ڌيان ڏنو ويو آهي.

اهو نظرياتي رجحان، هڪ طرف ۾ انٽرنيشنل جي انتشار ۽ ردييٽي جي پيداوار آهي ۽ ٻئي طرف پيٽي بورجوازي جي نظرين جو لازمي نتيجو آهي جنهن کي زندگيءَ جو پورو طريقو بورجوا ۽ جمهوري تعصبن جو غلام بڻائي ٿو.

ڪائوٽسڪي ۽ ان جهڙن ماڻهن جا اهڙا خيال مارڪسزم جي انهن ئي انقلابي اصولن جي مڪمل ترديد آهن خصوصاً سوشلسٽ موقعي پرستي (برنشٽائن، ميلران، هائنڊمان ۽ گومپيرس وغيره جي موقعي پرستي) جي خلاف پنهنجي جدوجهد ۾ جن جو هتي ادبب ڏاڪو سالن تائين علمبردار رهيو. تنهنڪري اها ڪا اتفاقي ڳالهہ ڪانهي تہ هاڻي سڄي دنيا ۾ "ڪائوٽسي جا پوئلڳ" عملي ۽ سياسي طور تي انتهائي موقعي پرستن سان (ٻي يا پهرين انٽرنيشنل جي ذريعي (7) ۽ بورجوا حڪومتن سان (بورجوا گڏيل حڪومتن جي ذريعي جن ۾ سوشلسٽ شريڪ ٿين ٿا) متحد ٿي ويا آهن.

ترقي پذير عالمي پرولتاري انقلابي تحريڪ عام طور تي ۽ ڪميونسٽ تحريڪ خاص طور تي "ڪائوٽسڪي ازم" جي نظرياتي غلطين جو تجزيو ڪرڻ کان سواءِ ۽ انهن کي فاش ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿا رهي سگهن. اهو ايترو بہ وڌيڪ ضروري ٿي ويو آهي، جو تہ پيسي فزم ۽

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

"جمهوريت" عام طور تي، جيڪي مارڪسزم تي ڪنهن به طرح دعويٰ نه ٿا رکن، ليڪن جيڪي ڪائوتسڪي اينڊ ڪمپنيءَ وانگر سامراج جي تضادن جي گهرائي ۽ ان اٽنر ۽ نازڪ انقلابي حالت کي لکائي رهيا آهن، جيڪا سامراج جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. اهي رجحان سڄي دنيا ۾ ايجا تائين گهٽو پکڙيل آهن. انهن رجحانن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ پرولتاريه جي پارٽيءَ جو فرض آهي. جنهن جي لاءِ بورجوازيءَ کان انهن ننڍين ملڪيتن وارن کي کڻڻ ضروري آهي، جن کي بورجوازي بيوقوف بڻائي ٿي ۽ انهن ڪروڙين پورهيتن کي به کڻڻو آهي جيڪي لڳ ڀڳ پيٽي بورجوازي جهڙي زندگي گذارين ٿا.

❊❊

پنجين ايڊيشن جي لاءِ پيش لفظ

ڪجھ لفظ انين باب "سرمائيداري جي مفت خوري ۽ ريپيٽي" جي باري ۾ به چوڻ گھرجن جئين ڪتاب ۾ چيو ويو آھي تہ اڳوٽو "مارڪسي" هيلفرڊنگ، جيڪو هاڻي ڪائوتسڪي جو رفيق ۽ "جرمني جي انڊپنڊنٽ سوشل "ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ"(8) ۾ بورجوا، اصلاح پرست پاليسيءَ جو خاص علمبردار آھي، ان سوال تي انگريز هوبسن جي مقابلي ۾ ھڪ قدم پٺتي هٽي ويو آھي، جيڪو چئو پيسي فسٽ ۽ اصلاح پرست آھي. هاڻي پوري مزدور تحريڪ ۾ بين الاقوامي تفريق بلڪل چٽي آھي (بي ۽ ٽين انٽرنيشنل) (9). اھا ڳالھ به صاف ٿي وئي تہ بن رجحانن جي وچ ۾ ھن وقت هٿياربند جدوجھد ۽ گھرو ويڑھ عروج تي آھي. روس ۾ بالشويڪن جي خلاف ڪولچاڪ ۽ دنيڪن جي لاءِ منشويڪن (10) ۽ "سوشلسٽ انقلابين" جي (11) حمايت، جرمني ۾ "اسپارٽاڪ" وارن (12) جي خلاف بورجوازي سان ملي ڪري شيڈمان وارن ۽ نوسڪي اينڊ ڪمپني جي لڙائي. اھائي صورت حال فن لينڊ، پولينڊ ۽ هنگري وغيره ۾ آھي. ان عالمي تاريخي مظهر جو معاشي بنياد ڇا هي؟

اھا سرمائيداريءَ جي مفت خوري ۽ ريپيٽو آھي جيڪو ان جي ارتقا جي اعليٰ ترين تاريخي منزل، يعني سامراج جو ڪردار آھي جيئن هي پمفليٽ ڏيکاري ٿو تہ سرمائيداري هاڻي مٺ جيترن (دنيا جي آبادي جي ڏھين حصي کان گھٽ، انتهائي "دريادلي" ۽ مبالغي آميز حساب سان پنجين حصي کان گھٽ) غير معمولي طور تي امير ۽ طاقتور رياستن کي چونڊي ورتو آھي، جيڪي سموري دنيا کي رڳو حصا پتيون ڪري لٽي رهيون آھن. جنگ کان اڳ جي قيمتن تي ۽ جنگ کان اڳ جي بورجوا انگ اکرن جي مطابق سرمائي جي برآمدين مان سالياڻو 8 کان 10 ارب فرانڪ تائين آمدني ٿئي ٿي. هاڻي ضرور انهن جي آمدني ڪافي وڌي وئي هوندي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ظاهر آهي تہ اهڙي زبردست نفعي در نفعي مان (جو تہ اهو ان نفعي کان بہ وڌيڪ حاصل ڪيو وڃي ٿو جيڪو سرمائيدار "پنهنجي" ملڪ جي مزدور کي نپوڙي حاصل ڪندا آهن) مزدور ليڊرن ۾ مزدور اشرافيہ جي مٿين پرت کي رشوت ڏيڻ ممڪن آهي ۽ "ترقي يافتہ" ملڪن جا سرمائيدار اهوئي ڪري رهيا آهن. اهي انهن ماڻهن کي سڏي ۽ اڻ سڏي طرح، ظاهر ظهور ۽ لڪ ڇپ ۾ هزارين مختلف طريقن سان خريد ڪندا آهن.

بورجوازي جهڙو مزدور يا "مزدور اشرافيہ" جو اهو پرت جيڪو پنهنجي زندگي جي ڍنگ ۾، پنهنجي ڪمائي جي مقدار ۾ ۽ پنهنجي سمورن خيالن ۾ ڏاڍو تنگ نظر هوندو آهي، بي انٽرينيشنل جو خاص سهارو آهي ۽ اسان جي زماني ۾ بورجوازي جو خاص سماجي (فوجي نہ) سهارو آهي. جو تہ اهي مزدور تحريڪ ۾ بورجوازي جا اصلي ايجنٽ آهن، سرمائيدار طبقي جا مزدور خادم (Labour Lieutenants of the capitalist class) ۽ اصلاح پرستي ۽ شاؤنزم جا حقيقي مُهرا آهن پرولتاريہ ۽ بورجوازي جي وچ ۾ خانہ جنگي ۾ اهي لازمي طور تي گهٽي تعداد ۾ بورجوازي جي، "ڪميونارن" جي خلاف "وارسائي وارن" (13) جي طرفداري ڪن ٿا.

جيستائين ان مظهر جي معاشي جڙن کي نہ ٿو سمجهيو وڃي ۽ ان جي سياسي ۽ سماجي اهميت جو اندازو نہ ٿو لڳايو وڃي تيستائين ڪميونسٽ تحريڪ ۽ اڇڻ واري سماجي انقلاب جي عملي مسئلن جي حل ڏانهن هڪ قدم بہ نہ ٿو کڻي سگهجي.

سامراج، پرولتاريہ جي سماجي انقلاب جي چائنٽ آهي. ان جي تصديق 1917ع کان عالمي پئماني تي ٿي رهي آهي.

6 جولاءِ 1920ع

ن- لينن

پوين پندرنهن، ويهن سالن ۾ خاص طور تي اسپين آمريڪي جنگ (1898ع) ۽ برطانوي- بوئير جنگ (1902-1899ع) (14) ڪانپوءِ دنيا جي ٻنهي نيم ڪره ارض جي معاشي ۽ سياسي ادب ۾ به موجوده دور کي بيان ڪرڻ جي لاءِ اڪثر "امپيريلزم" (سامراج) جو لفظ استعمال ٿيڻ لڳو آهي. 1902ع ۾ انگريز ماهر معاشيات، ج-ا- هوبسن جو ڪتاب "امپيريلزم" لنڊن ۽ نيويارڪ مان شايع ٿيو. هي مصنف جنهن جو نقطہ نظر بورجوا سماجي اصلاح پرستي ۽ پيسي فزم آهي، جيڪو پنهنجي ذهنيت جي لحاظ کان اڳوڻي مارڪسوادي ڪارل ڪائوتسڪي جي موجوده نقطہ نظر سان هڪجهڙائي رکي ٿو. سامراج جي نمايان معاشي ۽ سياسي خصوصيت کي تمام سٺي ۽ مفصل طريقي سان بيان ڪري ٿو. 1910ع ۾ آسٽريائي مارڪسوادي رودِ ولف هيلفرڊنگ جو ڪتاب "مالياتي سرمايو" وي آنا ۾ شايع ٿيو (روسي ايڊيشن: ماسڪو 1912ع). ان غلطيءَ جي باوجود جيڪا مصنف پئسي (Money) جي ٿيوري جي باري ۾ ڪئي آهي ۽ ان جي ان رجحان جي باوجود تہ مارڪسزم جو موقع پرستي سان سمجهوتو ٿي وڃي، ان تصنيف ۾ "سرمائيداري جي ارتقا جي جديد ترين دور" (جيئن هيلفرڊنگ جي ڪتاب جو تحتي عنوان آهي) جو گهڻو قيمتي نظرياتي تجزيو پيش ڪيو ويو آهي. در حقيقت سامراج جي باري ۾ پوين چند سالن ۾ جيڪو ڪجهہ چيو ويو آهي، خاص طور تي هن سوال تي ڪثير تعداد رسالن ۽ اخبارن جي مضمونن ۾ ۽ قراردادن ۾ به مثلاً خيمينتس (15) ۽ بازيل ڪانگريسن ۾ جيڪي 1912ع جي سرءُ ۾ ٿيون. اهو مشڪل سان

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

انهن خيالن جي دائري کان اڳتي ويو آهي جيڪي مٿي بيان ڪيل ٻن ادیبن پيش ڪيا، يا اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ اخذ ڪيا آهن.

اسين بعد ۾ مختصر ۾ امڪاني طور تي سادي طريقي سان سامراج جي خاص معاشي خصوصيتن جي درميان رابطو ۾ باهمي تعلقات ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اسان ان سوال جي غير معاشي پهلو کي نہ ڏيکاري سگهنداسين حالانڪ اهو اسان جي لاءِ ڏاڍو ڪارائتو هجي ها. ڪتابن جا حوالا ۾ ٻيا نوٽ جيڪي شايد سيني پڙهندڙن جي لاءِ دلچسپي جو باعث نہ هجن، پمفليٽ جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن.

پيداوار جي (ارتڪاز) هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ۾ اجاري داريون

صنعت جي زبردست واڌ ويجهه ۾ لڳاتار وڌندڙ وڏن وڏن ڪارخانن ۾ پيداوار جو نمايان ۾ تيزيءَ سان هڪ هنڌ جمع ٿيڻ سرمائيداريءَ جي هڪ تمام اهم خصوصيت آهي. موجوده پيداوار جا انگ اکر ان عمل جي باري ۾ انتهائي مڪمل ۾ صحيح معلومات فراهم ڪن ٿا.

مثلاً جرمني ۾ هر هڪ هزار صنعتي ڪارخانن ۾، وڏن ڪارخانن جو تعداد يعني جتي 50 کان وڌيڪ اجرتي مزدور ڪم ڪن پيا، 1882ع ۾ 3، 1895ع ۾ 6، 1907ع ۾ 9 هو ۾ هر 100 مزدورن مان هن قسم جي ڪارخانن ۾ ترتيبوار 22، 30 ۾ 37 مزدور ڪم ڪندا هئا. بهرحال پيداوار جي اتڪاز مزدورن جي ارتڪاز کان ڪافي گهٽو شديد هجي ٿو. ڇو ته وڏن ڪارخانن ۾ محنت وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿي. اها ڳالهه باڪ تي هلندڙ انجڻين ۾ برقي موٽرن جي تعداد مان ظاهر ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسين ان کي ونهن جيڪا جرمني ۾ وسيع معنائن ۾ صنعت چورائي ٿي، يعني تجارت ۾ ٽرانسپورٽ وغيره کي ملائي ڪري ته اسان کي اها تصوير ملي ٿي. وڏا ڪارخانا 30588، ڪل 3265623 مان يعني 0.9 سيڪڙو ڪل هڪ ڪروڙ 44 لک مزدورن مان اُنهن ڪارخانن ۾ 57 لک مزدور ڪم ڪن ٿا يعني 39.4 سيڪڙو. اهي ٿوٽل 88 لک دُخاني (باڪ وارو) هارس پاور مان 66 لک دُخاني هارس پاور استعمال ڪن ٿا، يعني 75.3 سيڪڙو ۾ ڪل 15 لک ڪلو وات بجلي مان 12 لک ڪلو وات بجلي استعمال ڪن ٿا، يعني 77.2 سيڪڙو.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ٿوٽل ڪارخانن جي سوين حصي کان بہ گهٽ ڪارخانا، ڀاڦ ءِ برقي قوت جي مجموعي طاقت جو ¾ کان وڌيڪ حصو استعمال ڪن ٿا. 29 لک 70 هزار ننڍا ڪارخانا، جن ۾ پنجن تائين اجرتي مزدور ڪم ڪندا آهن ءِ جيڪي ٿوٽل ڪارخانن جو 91 سيڪڙو آهن، اهي سمورا ڀاڦ ءِ بجلي جي طاقت جو صرف 7 سيڪڙو استعمال ڪن ٿا. هزارين وڏا ڪارخانا سڀ ڪجهہ آهن ءِ لکين ننڍا ڪارخانہ ڪجهہ بہ ناهن.

1907ع ۾ جرمني ۾ 586 ادارا اهڙا هئا جن ۾ هڪ هزار ءِ ان کان وڌيڪ مزدور ڪم ڪندا هئا. انهن ۾ مجموعي طور تي ڪم ڪرڻ وارن مزدورن جو تعداد تقريباً ڏهون حصو (13 لک، 80 هزار)، هو ءِ اهي ڀاڦ ءِ بجلي جي مجموعي طاقت جو (32 سيڪڙو) استعمال ڪندا هئا. ([1]) جيئن اسان ڏسنداسين تہ پيسي وارو سرمايو ءِ بينڪون سڀ کان وڌن مٿ جيترن ڪارخانن جي ان برتري کي ايڏا بہ سگهارو بڻائي چڏين ٿيون. واقعي لفظي معنيٰ ۾ سگهارو يعني لکين ننڍا، متوسط ءِ ڪجهہ وڏا "ڪارخانيدار" بہ حقيقت ۾ ڪجهہ سو سرمايو فراهم ڪرڻ وارن ڪروڙپتين جا غلام ٿي وڃن ٿا.

موجوده سرمائيداريءَ جي هڪ ٻئي ترقي يافته ملڪ آمريڪا ۾ پيداوار جي ارتڪاز ۾ اضافو ايڏا بہ زياده آهي. هتي انگ اکر صنعت کي ان لفظ جي محدود معنيٰ ۾ الڳ الڳ وٺن ٿا ءِ ڪارخانن جي سالياني پيداوار جي مقدار مطابق انهن جي درجي بندي ڪن ٿا. 1904ع ۾ وڏي پئماني جي ڪارخانن جو تعداد (هر ڪارخاني جي پيداوار جو مقدار ڏهہ لک ڊالر يا ان کان وڌيڪ هو) 1900 هو (ڪل 16180 2 مان يعني 0.9 سيڪڙو). انهن ۾ چوڏنهن لک مزدور ڪم ڪندا هئا (55 لک مان، يعني 25.6 سيڪڙو) ءِ انهن جي پيداوار جي صلاحيت 5 ارب، 60 ڪروڙ ڊالر هئي (ڪل چوڏنهن

---

[1] هي اعداد و شمار جرمن رياست جي سالياني رسالي مان ورتا ويا آهن.

ارب 80 ڪروڙ ڊالر مان، يعني 38 سيڪڙو). پنجن سالن ڪانپوءِ 1909ع ۾ اهي ئي انگ اکر ترتيبوار هي هئا: 3060 ڪارخانا (268491 مان يعني 1.1 سيڪڙو) جن ۾ 20 لک مزدور ڪم ڪندا هئا (66 لکن مان، يعني 30.5 سيڪڙو) ۽ جن جي پيداوار جي صلاحيت 9 ارب ڊالر هئي (20 ارب، 70 ڪروڙ ڊالرن مان، يعني 43.8 سيڪڙو).([1])

ملڪ جي سموري ڪارخانن جي تقريباً اڌ مجموعي پيداوار انهن ڪارخانن جو 100/1 سون حصو ڏيندو هو. اهي ئي هزار وڏا ڪارخانا صنعت جي 258 شاخن ۾ پکڙيل هئا. تنهن مان ڏسي سگهجي ٿو ته پنهنجي ارتقا جي هڪ مُعين منزل تي ارتڪاز خود براه راست اجاريداري ڏانهن وڌي وڃي ٿو. ڇو ته چند ڏزن وڏا وڏا ڪارخانا آساني سان سمجهوتو ڪري سگهن ٿا ۽ ٻئي طرف مقابلي ۾ رڪاوٽ، اجاريداري ڏانهن رجحان، ڪارخانن جو تمام وڏو ٽيڪ جي ڪري پيدا ٿئي ٿو. مقابلي جي اجاريداري ۾ اها تبديلي جيڪڏهن انتهائي اهم ناهي ته به موجوده سرمائيدارانه معيشت جو هڪ انتهائي اهم مظهر ضرور آهي ۽ اسان کي ان تي تفصيلي بحث ڪرڻ گهرجي. ليڪن پهرين اسان کي هڪ امڪاني غلطفهميءَ جي صفائي ڪري ڇڏڻ گهرجي.

امريڪي انگ اکر صنعت جي 250 شاخن ۾ ٿي هزار وڏن ڪارخانن جو ذڪر ڪن ٿا، جڏ صنعت جي هر شاخ ۾ انتهائي وڏي پئماني جا صرف هڪ ڏزن ڪارخانا هجن.

ليڪن صورتحال اها ڪانهي. صنعت جي هر شاخ ۾ وڏي پئماني جا ڪارخانا ڪونهن ۽ ان کان علاوه سرمائيداريءَ جو پنهنجي ارتقا جي اعليٰ منزل ۾ هڪ نهايت ئي اهم ڪردار نام نهاد اتحاد آهي، يعني صنعت جي مختلف شاخن جي هڪ ڪارخاني ۾ گروپ بندي جيڪي يا ته ڪچين

---

[1] آمريڪا جا انگ اکر، 1912ع، صفحو 202، ايڊيٽر

شين جي تياري جي لڳاتار منزلن جي نمائندگي ڪنديون آهن (مثلاً ڏاتو کي پگهاري ڪچو لوهہ تيار ڪرڻ ۾ ڪچي لوهہ کي فولاد ۾ تبديل ڪرڻ ۾ وري شايد فولاد جون شيون تيار ڪرڻ) يا هڪ ٻئي جون سهڪاري هونديون آهن (مثلاً فُضلہ يا ضمني پيداوار جو ڪار آمد استعمال، پيڪ ڪرڻ جي سامان جي تياري وغيره).

هيلفرڊنگ لکيو آهي تہ "اتحاد واپار جي لاهہ چاڙهہ کي هموار ڪري ٿو ۽ ان لاءِ گڏيل ڪارخانن کي وڏيڪ مستقل منافعي جي شرح جي ضمانت ڏئي ٿو. ٻيو اهو تہ اتحاد واپار کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. ٽيون اهو تہ اهو فني ترقيءَ جو امڪان فراهم ڪري ٿو ۽ تنهنڪري نفع در نفع جي حصول جو جيڪو "خالص" (يعني غير متحد) ڪارخانن جي نفعي کان وڏيڪ هوندو آهي. چوٿون، اهو تہ "خالص" ڪارخانن جي بنسبت گڏيل ڪارخانن جي پوزيشن کي مضبوط ڪري ٿو سنگين معاشي سرد بازاري (ڪاروبار ۾ سرد بازاري، بحران) جي دوران مقابلي جي جدوجهد ۾ ان کي مضبوط ڪري ٿي. جڏهن جو ڪچين شين جي قيمتن جي لاٽ، تيار ٽيل سامان جي قيمتن جي لاٽ جي پيٽ ۾ زياده سست هوندي آهي" (1)

جرمن بورجوا ماهر معاشيات هيئمان، جنهن جرمن لوهہ جي صنعت ۾ "مخلوط" يعني متحده ڪارخانن تي هڪ خاص ڪتاب لکيو آهي، چوي ٿو: "خالص ڪارخانا تباهہ ٿي ويندا آهن. اهي ڪچين شين جي ڳرين قيمتن ۽ تيار شده سامان جي گهٽ قيمتن جي ڪري چٽجي ويندا آهن". اهڙيءَ طرح اسان کي هيٺين تصوير ملي ٿي:

"هڪ طرف وڏيون وڏيون ڪوئلي جون ڪمپنيون باقي رهجي ويون آهن جيڪي ساليانو لکين ٽن ڪوئلو ڪڍن ٿيون ۽ پنهنجي ڪوئلي جي سينڊيڪيٽ ۾ مضبوطيءَ سان منظم ٿين ٿيون ۽ ٻئي طرف وڏا فولاد جا

---

[1] هيلفرڊنگ، "مالياتي سرمايو" روسي ايڊيشن، ص 287_286.

ڪارخانا آهن جيڪي ڪوئلي جي ڪمپنين کان ڇڪيءَ طرح متحد آهن ۽ جن جا پنهنجا فولاد جا سينڊيڪيٽ آهن. اهي ديوپيڪر ڪارخانا جيڪي ساليانو چار لک ٽن فولاد ناهن ٿا، ڪچو ڏاتو ۽ ڪوئلو وڏي مقدار ۾ ڪڍن ٿا ۽ فولاد جون شيون تيار ڪن ٿا. جن ۾ 10 هزار مزدور ڪم ڪن ٿا ۽ ڪمپنيءَ جي گهرن ۾ رهن ٿا، جن جا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا ريلوي ۽ بندرگاهه به هوندا آهن. جرمن لوهه ۽ فولاد جي صنعت جا مثالي نمائندا آهن. ۽ ارتڪاز وڌندو ويندو آهي. انفرادي ڪارخانا ايڏا به وڏا ٿي ويندا آهن ڪارخانن جو لڳاتار وڌندڙ تعداد ڪنهن هڪ يا ڪئي مختلف صنعتن ۾ هڪ ٻئي سان ملي ڪري ديوپيڪر ڪارخانا ناهي ٿو جن جي حمايت ۽ رهبري برلن جون اڏ ڏڻن وڏيون بئنڪون ڪن ٿيون. جرمن ڪاٽين کوٽڻ جي صنعت ۾ ارتڪاز جي باري ۾ ڪارل مارڪس جي تعليم جي تصديق ٿئي ٿي. اهو سڀ آمي ته اهو ان ملڪ جي لاءِ آهي جتي حفاظتي محصولن ۽ باربرداري جي ياڻن سان صنعت جو بچاءُ ڪيو وڃي ٿو. جرمن ڪاٽين کوٽڻ جي صنعت ان لاءِ بلڪل پختي ٿي چڪي آهي ته ان کي ضبط ڪيو وڃي".(1)

هي آهي اهو نتيجو جيڪو هڪ بورجوا ماهر معاشيات کي اخذ ڪرڻ گهرجي ها جيڪو ايمانداري هجڻ جي لحاظ کان استثنا آهي. اهو قابل ذڪر آهي ته هو جرمني ۾ هڪ خاص درجي ۾ رکي ٿو چو ته ان جي صنعتن جو بچاءُ ڪرين حفاظتي محصولن سان ڪيو وڃي ٿو. پر اها اهڙي صورت آهي جيڪا صرف ارتڪاز ۽ ڪارخانيدارن جي اجاريدار انجمن، ڪارٽيلن ۽ سينڊيڪيٽن وغيره جي تشڪيل تيز ڪري سگهي ٿي. هن ڳالهه ڏانهن

Hans Gideon Heymann "Die gemischten werke im deutschen GroBeisengewerbe" Stuttgart, 1904 (SS. 226, 278-279). (هانس گديون هيئمان "جرمن فولاد جي وڏي صنعت ۾ گڏيل ڪارخانا" شتوت گارت، 1904ع، صفحا 256، 278_279، ايڊيٽر).

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ڏيان ڏيڻ ۾ نهايت اهم آهي تہ آزاد واپار واري برطانيہ ۾ ۽ ارتڪاز اجاريداري ڏانهن وڌي وڃي رهيو آهي، حالانڪ ٿوري دير ۾ ۽ شايد ٻي صورت ۾. پروفيسر گيرمان ليوي پنهنجي مخصوص تحقيقاتي تصنيف ۾ جنهن جو نالو "اجاريداريون، ڪارٽيل ۽ ٽرسٽ" آهي ۽ جيڪو برطانوي معاشي ترقيءَ جي معلومات تي مبني آهي، هي لکيو آهي:

"برطانيہ ۾ ڪارخانن جي وڏي سائيز ۽ انهن جي اعليٰ ٽيڪنيڪي سطح، اجاريدارانہ رجحان رکن ٿا. هڪ طرف ارتڪاز جو هي نتيجو آهي جو ڪارخاني ۾ زبردست سرمايو لڳائڻو پوي ٿو جيڪو نون ڪارخانن جي لاءِ ضروري سرمائي جي مقدار جو لڳاتار وڌندڙ مطالبو پيدا ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح انهن جي قيام کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏي ٿو ۽ ٻئي طرف (اسان کي اها ڳالهہ زياده اهم معلوم ٿئي ٿي) هر ان نئين ڪارخاني کي جيڪو انهن ديوپيڪر ڪارخانن جي برابر معيار رکڻ گهري ٿو جن جي تشڪيل ارتڪاز سان ٿي آهي، فاضل سامان جو اهڙو جهجهو مقدار پيدا ڪرڻ گهرجي جو ان کي طلب جي زبردست اضافي جي نتيجي ۾ ئي نفعي سان وڪرو ڪري سگهي نہ تہ اهو فاضل سامان قيمتن کي اهڙي سطح تائين ڪيرائي ڇڏيندو جو نئون ڪارخانن ۽ اجاريدارانہ اتحادن، ۾ نهي جي لاءِ غير نفعي بخش ٿيندو". برطانيہ انهن ملڪن مان اهڙيءَ طرح مختلف آهي جتي حفاظتي محصول ڪارٽيل ناهڻ ۾ آساني پيدا ڪن ٿا، ڇو تہ ان ۾ ڪارخانيدارن جون اجاريدار انجمنون، ڪارٽيل ۽ ٽرسٽ اڪثر صرف انهن صورتن ۾ پيدا ٿين ٿا جڏهن مقابلو ڪندڙ وڏن ڪارخانن جو تعداد گهٽجي "هڪ يا ٻہ درجن رهجي وڃي ٿو". وڏي صنعت ۾ اجاريدارين جي تشڪيل تي ارتڪاز جو اثر گهٽو ڪري نظر اچي ٿو".(1)

---

[1] (گيرمن ليوي "اجاريداريون، ڪارٽيل ۽ ٽرسٽ" ائي نا. (Jena) 1909ع. ص ص 286، 290، 298).

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

اڏ صدي اڳ جڏهن مارڪس "سرمايو" لکي رهيو هو معاشيات جي ماهرن جي غالب اڪثريت جي لاءِ آزاد مقابلو هڪ "قدرتي قانون" معلوم ٿيندو هو. سرڪاري سائنس خاموش سازش جي ذريعي مارڪس جي ان تصنيف جو ڳلو گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سرمائيداري جو نظرياتي ۽ تاريخي تجزيو ڪري اهو ثابت ڪيو هو ته آزاد مقابلو پيداوارجو ارتڪاز پيدا ڪري ٿو جيڪو پنهنجي ارتقا جي هڪ مقرر منزل تي اجاريداري ڏانهن وڃي ٿو. اڄ اجاريداري حقيقت بڻجي چڪي آهي. معاشي ماهرن پنهنجن ڪتابن جا ڍير لڳائي ڇڏيا آهن جن ۾ انهن اجاريداريءَ جي مختلف مظهرن جو اعلان ڪيو آهي ۽ گڏجي هي اعلان ڪري رهيا آهن ته "مارڪسزم جي تردید ٿي چڪي آهي" . ليڪن واقعات ته تمام گهڻو اٽل هوندا آهن جيئن انگريزي چوٽي آهي ۽ انهن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو ڪٽي اسين ان کي پسند ڪريون يا نه ڪريون. واقعات ڏيکارين ٿا ته انفرادي طور تي سرمائيدار ملڪن جي وچ ۾ فرق مثلاً حفاظتي محصولن يا آزاد واپار جي پاليسي ۾ فرق جي ڪري اجاريدارين جي صورتن يا انهن جي ظهور جي وقت ۾ صرف تمام گهڻو معمولي فرق هجي ٿو ۽ اهو ته عام طور تي پيداوار جي ارتڪاز جي نتيجي ۾ اجاريدارين جو پيدا ٿيڻ سرمائيدارانه نظام جي موجوده ارتقا واري منزل ۾ هڪ عام ۽ بنيادي قانون آهي.

يورپ جي لاءِ ان وقت جو تعين ڪافي ٺيڪ ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو جڏهن نئين سرمائيدار نظام حتمي طور تي پراڻي تي قبضو ڄمايو. اهو ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ ٿيو. اسان "اجاريدارين جي تشڪيل" جي تاريخ جي هڪ تازه ترين مجموعي ۾ پڙهون ٿا:

"1860ع کان اڳ جي دور ۾ سرمائيدارانه اجاريدارين جا ايڪڙ ٻيڪڙ مثال ڏيئي سگهجن ٿا. انهن ۾ انهن صورتن جو ٻج ڏسي سگهجي ٿو جيڪي اڇڪلهه عام آهن. پر اهو سڀ بلاشبہ ڪارٽيلن کان اڳ جي تاريخ جي نمائندگي ڪري ٿو. موجوده اجاريدارين جي ابتدا سڀ کان پهرين اوٽويهين

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

صديءَ جي ستين ڏهاڪي ۾ ملي ٿي. اجاريداريءَ جي ارتقا جو پهريون اهم دور انهين ڏهاڪي جي بين الاقوامي صنعتي بحران کان شروع ٿيو ۽ ڏهين ڏهاڪي جي ابتدا تائين رهيو". "جيڪڏهن ان سوال جو جائزو يورپي پئماني تي ونون ته اسان ڏسنداسين ته آزاد مقابلو ستين ۽ انهين ڏهاڪي ۾ پنهنجي عروج تي پهچي ويو. ان ئي وقت برطانيہ پنهنجي پراڻي اسٽائيل جي سرمائيدار تنظيم جي تعمير مڪمل ڪئي. جرمني ۾ ان تنظيم دستڪاري ۽ گهريلو صنعت کان سخت جدوجهد ڪئي ۽ پنهنجي وجود جون صورتون خود ناهڻ شروع ڪيون".

"عظيم انقلاب، 1873ع جي تباهي يا ان سرد بازاري سان شروع ٿي جيڪا ان کان پوءِ آئي ۽ جيڪا نائين ڏهاڪي جي ابتدا ۾ مشڪل سان نظر ايندڙ وقفي سان ۽ تقريباً 1889ع ۾ غير معمولي طور تي شديد پر مختصر ايار سان گڏ يورپ جي معاشي تاريخ جي 22 سالن جي نشان دهي ڪري ٿي". "90_1889ع جي مختصر ايار جي دوران سازگار ڪاروباري حالتن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪارٽيلن جي نظام کي وسيع پئماني تي اختيار ڪيو ويو. هڪ نامعقول پاليسي جي ڪري قيمتون، ڪارٽيل نہ هجڻ جي صورت جيَ پيٺ ۾ زياده تيزيءَ سان ۽ گهٽو چوٽ چڙهي ويون ۽ تقريباً اهي سڀ ڪارٽيل بريءَ طرح تباهي جو شڪار ٿي ويا. ان ڪانپوءِ خراب ڪاروبار ۽ گهٽ قيمتن جو هڪ ٻيو پنج سالا دور آيو پر صنعت ۾ هڪ نئون ساهہ پيو. سرد بازاريءَ کي هاڻي مُسَلَّمْ نہ سمجهيو وڃڻ لڳو ان کي ٻئي ايار کان پهرين وقفي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ سمجهيو ويو".

"ڪارٽيل جي تحريڪ پنهنجي ٻئي دور ۾ داخل ٿي. هڪ عبوري مظهر هجڻ جي بجاءِ ڪارٽيل پوري معاشي زندگيءَ جو هڪ بنياد بڻجي ويا آهن. اهي صنعت جا ميدان هڪ ٻئي جي پٺيان فتح ڪري رهيا آهن ۽ سڀ کان پهرين ڪچين شين جي تياريءَ جي صنعت کي. ڏهين ڏهاڪي جي ابتدا ۾ ڪارٽيل سسٽم (ڪوڪ سنڊيڪيٽن جي تنظيم ۾ جنهن جي

طرز تي بعد ۾ ڪوئلي جي سينڊيڪيٽ جي تشڪيل ٿي) اهڙي ڪارٽيل ٽيڪنڪ حاصل ڪري چڪو هو جنهن کي اڃا تائين مشڪل سان بهتر بڻائي سگهيو آهي. پهريون پيرو 19 هين صديءَ جي آخر ۾ عظيم ايار ۽ 1903_1900ع ۾ بحران مڪمل طور تي (گهٽ ۾ گهٽ ڪاڻيون ڪوٽڙ ۽ لوهه جي صنعت ۾) ڪارٽيلن جي تحت آيو ۽ جڏهن جو ان وقت اها ڳالهه ڪجهه انوکي پئي معلوم ٿي. هاڻي عام پبلڪ ان کي يقيني ڳالهه سمجهي ٿي ته معاشي زندگيءَ جا وڏا حلقا، عام طور تي آزاد مقابلي جي دائري مان ڪڍيا ويا آهن."([1])

اهڙيءَ طرح اجاريدارين جي تاريخ جون خاص منزلون هي آهن: (1) 1870ع_1860ع آزاد مقابلي جي ترقيءَ جو سڀ کان زياده عروج ۽ اعليٰ ترين منزل، يعني اجاريداري مشڪل سان نظر اچڻ واري ابتدائي منزل ۾ (2) 1873ع جي بحران کان پوءِ ڪارٽيلن جي ارتقا جو طويل دور، ليڪن اهي هن وقت تائين استثنا آهن ۽ پائدار ڪونه ٿيا آهن، اهي ايا هڪ عارضي مظهر آهن. (3) اٽويهين صديءَ جي آخر ۾ صنعتي ايار ۽ 1903_1900ع جو بحران ڪارٽيل (ان دور ۾) پوري معاشي زندگيءَ جو هڪ بنياد بڻجي ويا ۽ سرمائيدار نظام، سامراجي نظام ۾ تبديل ٿي ويو.

ڪارٽيل وڪڙ جي شرطن ۽ ادائگي جي تاريخن وغيره جي باري ۾ ناهه ڪن ٿا، اهي منڊين کي پاڻ ۾ ورهائين ٿا، تيار ڪرڻ واري سامان جو مقدار مقرر ڪن ٿا، قيمتون مقرر ڪن ٿا. اهي مختلف ڪارخانن جي درميان نفعو ورهائي چڏين ٿا، وغيره وغيره.

---

[1] فوگيل شٽيئن "سرمائيدار صنعت جي مالياتي تنظيم ۽ اجاريدارين جي جوڙجڪ" جيڪو "سماجي معاشيات بنياد" ۾ شايع ڪيو ويو هو. حصو چهون، تيوبينگين، 1914ع، ان ئي مصنف جو هيٺيون ڪتاب ڏسو: ("برطانيه ۽ آمريڪا ۾ فولاد ۽ ٽيڪسٽائيل جي صنعتن جون انتظامي صورتون" جلد _1 لائپزگ، 1910ع) ايڊيٽر

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جرمني ۾ ڪارٽيلن جي تعداد جو اندازو 1896ع ۾ 250 ۽ 1905ع ۾ 385 هو جن ۾ تقريباً 12 هزار فرم شريڪ هئا. (1) ليڪن اهو عام طور تي تسليم ڪيو ويندو آهي ته هن تعداد جو اندازو گهٽ هو. 1907ع جي جرمن صنعت جي لاءِ جن انگ اکرن جو اسان حوالو ڏئي چڪا آهيون تن سان واضح آهي ته اهي 12 هزار وڏا وڏا ڪارخانا ئي غالباً ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ دخاني (باڦ) ۽ برقي قوت پنهنجي هٿ ۾ رکن ٿا. آمريڪا ۾ 1900ع ۾ ترسٽن جي تعداد جو انداز 185 ۽ 1907ع ۾ 250 هو. آمريڪي انگ اکر سمورن صنعتي ڪارخانن کي انفرادي فرمن ۽ ڪارپوريشنن جي ڪارخانن ۾ تقسيم ڪن ٿا. مٿي ذڪر جي مطابق 1904ع ۾ 23.6 سيڪڙو ۽ 1909ع ۾ 25.9 سيڪڙو ڪارخانا هئا يعني ملڪ جي سمورن صنعتي ڪارخانن جو ¼ کان وڌيڪ يعني مزدورن جي ڪل تعداد جي ¾ کان وڌيڪ انهن ۾ 1904ع ۾ 70.6 سيڪڙو ۽ 1909ع ۾ 75.6 سيڪڙو مزدور انهن جي پيداوار ترتيبوار 10 ـ ارب، 90 ڪروڙ ڊالر ۽ 16 ارب، 30 ڪروڙ ڊالر هئي. يعني ڪل رقم جو 73.7 سيڪڙو ۽ 79 سيڪڙو.

اڪثر ڪارٽيلن ۽ ترسٽن جي هٿ ۾ صنعت جي ڪنهن شاخ جي مجموعي پيداوار جو 80ـ70 سيڪڙو اچي وڃي ٿو. ڪوئلي جي رائن ويسٽ فالين سينڊيڪيٽ 1893ع ۾ پنهنجي تشڪيل وقت ان علاقي جي ڪوئلي جي مجموعي پيداوار جو 86.7 سيڪڙو گڏ ڪري ورتو هو ۽ 1910ع ۾ اهو ان جو 95.4 سيڪڙو سميٽي چڪو هو. (2) اهڙيءَ طرح سان

---

[1] ڊاڪٽر ريسر "جرمني ۾ معيشت جي عام ارتقا جي سلسلي ۾ وڏيون جرمن بينڪون ۽ انهن جو ارتڪاز" چوٿون ايڊيشن، 1912ع، ص-149ـ (آر-ليفمان "ڪارٽيل ۽ ترسٽ ۽ عوامي معيشت جي تنظيم جي مزيد ارتقا" ٻيو ايڊيشن، 1910ع، ص-25ـ) ايڊيٽر.

[2] ڊاڪٽر فريتس ڪيستنير "تنظيم ۾ اچڻ جي مجبوري- ڪارٽيلن ۽ ٻاهر وارن جي درميان جدوجهد جو مطالعو"- برلن، 1912ع، ص 11، (ايڊيٽر).

پيدا ٿيڻ واري اجاريداري زبردست منافعي جي ضمانت ڏئي ٿي ۽ ڪيترن ئي وڏن وڏن ٽيڪنيڪي پيداواري يونٽن جي تشڪيل ۾ مدد ڏئي ٿي. مشهور "اسٽينڊرڊ آئل ڪمپني" (Standard Oil Company) جو بنياد 1900ع ۾ آمريڪا ۾ رکيو ويو هو. "ان جو سرمايو 15 ڪروڙ ڊالر هو ان ڏهه ڪروڙ ڊالر جا عام حصا ۽ ڏهه ڪروڙ ست لک ڊالر جا ترجيحي حصا جاري ڪيا. 1900ع کان 1907ع تائين مؤخر الذڪر تي هيٺيون نفعو ورهايو ويو: 48، 48، 45، 44، 36، 40، 40، 40، سيڪڙو ترتيبوار سالن ۾ يعني مجموعي طور تي 36 ڪروڙ 70 لک ڊالر. 1882ع کان 1907ع تائين، مجموعي خالص نفعي مان جيڪو 88 ڪروڙ 90 لک ڊالر هو 60 ڪروڙ 60 لک ڊالر بطور نفعي جي ورهايا ويا ۽ باقي محفوظ سرمائي ۾ هليا ويا" (1)1907ع ۾ آمريڪا جي فولاد ڪارپوريشن (United States Steel Corporation) جي سيني ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارن مزدورن ۽ ملازمن جو تعداد 210180 کان گهٽ نه هو. جرمني جي ڪاٽين ڪوٽڙ جي صنعت جي سڀ کان وڏي ڪارخاني يعني "هيلزين – ڪيرهين" جي ڪاٽ ڪوٽڙ جي انجمن ۾ 1908ع ۾ مزدورن ۽ دفتري ملازمن جو عملو 46048 افراد تي مشتمل هو".(2) 1901ع ۾ ان جي پيداوار آمريڪا جي فولاد جي مجموعي پيداوار جو 66.3 سيڪڙو ۽ 1908ع ۾ 56.1 سيڪڙو هو. ۽ انهن سالن جي لاءِ ڪچي ڌاتوءَ جي پيداوار ترتيبوار 43.9 سيڪڙو ۽ 46.3 سيڪڙو هئي.

ٽرسٽن جي متعلق آمريڪي سرڪاري ڪميشن جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته "مقابلو ڪرڻ وارن تي ان جي برتري جو سبب ان جي ڪارخانن جي زبردست وسعت ۽ انهن جو بهترين مشيني سازوسامان آهي. پنهنجي

---

[1] آرليفمان "شرڪت ۽ سرمايو فراهم ڪرڻ واريون انجمنون – جديد سرمائيداري ۽ ڪاغذات زر جي نوعيت جو مطالعو"، پهريون ايڊيشن، ائي نا، صفحو 212، (ايڊيٽر).

[2] 1902ع ۾ رياسات متحده آمريڪا جي فولاد ڪارپوريشن 90 لک ٽن فولاد پيدا ڪيو هو. (11) (ڊاڪٽر ايس. چيرشڪي "ڪارٽيل ۽ ٽرسٽ 1903ع، ص 13 گوتينگين، ايڊيٽر)

ابتدا کان وٺي تمباکو ٽرسٽ جون تمام ترڪوششون اهي رهيون آهن ته جسماني پورهئي جي جاءِ هم گير مشيني محنت وٺي. ان مقصد جي لاءِ ان اهي سمورا پيٽنٽ خريد ڪيا جن جو ڪهڙو به تعلق تماڪ ناهڻ سان ٿي سگهي پيو ۽ ان مقصد جي لاءِ وڏيون رقمون خرچ ڪيون. انهن مان گهڻا پيٽنٽ ته ابتدا ۾ بيڪار ثابت ٿيا ۽ ٽرسٽ جي انجنيئرن کي انهن ۾ تبديليون ڪرڻيون پيون. 1906ع جي آخر ۾ رگو پيٽنٽ جي حصول جي لاءِ به ماتحت ڪمپنيون ناهيون ويون ۽ ان مقصد جي پيش نظر ٽرسٽ سامان ڪڍڻ جي مشينن ۽ مرمت جا پنهنجا ورڪشاپ قائم ڪيا. انهن مان هڪ ادارو جيڪو بروڪلين ۾ آهي، مجموعي طور 300 مزدور ڪم تي رکي ٿو. هتي سگريٽ، ننڍا سگار، نسوار، پيڪ ڪرڻ جي لاءِ ٽين جا ورق ۽ پيٽيون وغيره ناهڻ جي متعلق ايجادن جا تجربا ڪيا وڃن ٿا. هتي ايجادن کي مڪمل به ڪيو وڃي ٿو" (1) ٻيا ٽرسٽ به اهڙا ماڻهو ملازم رکن ٿا جيڪي ترقياتي انجنيئر (Developing engineers) چوائن ٿا ۽ جن جو ڪم پيداوار جا نوان نوان طريقا ڳولڻ ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي جانچ ڪرڻ آهي. آمريڪا جو فولاد ڪارپوريشن پنهنجي انجنيئرن ۽ مزدورن کي انهن ايجادن جي لاءِ وڏا وڏا بونس ڏيندو آهي جيڪي ٽيڪنيڪي ڪارڪردگي وڌائن ٿا ۽ پيداوار جي لاڳت ۾ ڪمي ڪن ٿا."(2)

وڏي پئماني جي جرمن صنعت ۾، مثلاً ڪيميائي صنعت ۾ جنهن انهن پوين چند ڏهاڪو سالن ۾ ايتري زبردست ترقي ڪئي آهي، ٽيڪنيڪي ترقي کي به اهڙيءَ ئي طرح منظم ڪيو وڃي ٿو. 1908ع ۾ ئي پيداوار جي

---

[1] (The Vogelstein "Organisations for men S_275) (تماڪ جي صنعت ۾ ڪارپوريشن جي متعلق هڪ ڪمشنر جي رپورٽ، واشنگٽن ايڊيشن) هڪ اقتباس هينئين ڪتاب مان ورتو ويو آهي: ڊاڪٽر پاول "ٽافيل اتر آمريڪا جا ٽرسٽ ۽ ٽيڪنيڪ جي ترقي تي انهن جو اثر" اشتوت گارٽ، 1913ع ص 48.

[2] ساڳيو ص 49_48.

ارتڪاز سان ان صنعت ۾ به خاص "گروپ" پيدا ٿيا جيڪي پنهنجي طور تي اجاريدارين جي نوعيت رکندا هئا. ابتدا ۾ اهي گروپ وڏين فيڪٽرين جي بن جوڙن جي "بٽي اتحادن" تي مشتمل هئا جن مان هر هڪ فئڪٽري جو سرمايو به ڪروڙ مارڪ کان به ڪروڙ ڏهه لک مارڪ تائين هو. هڪ طرف هوحست ۾ سابق ميئسٽير فيڪٽري ۽ فرينڪ فورٽ برمائين ۾ ڪاسيلي فيڪٽري ۽ بئي طرف ليودويگسهافين ۾ انيلين ۽ سوڊا فيڪٽري ۽ ايلبيرفيلڊ ۾ سابق بائير فيڪٽري. وري 1905ع ۾ انهن مان هڪ گروپ ۽ 1908ع ۾ بئي گروپ الڳ الڳ ڪنهن وڏي فيڪٽري سان معاهدا ڪيا. ان جو نتيجو به "اتحاد ثلاثہ" ٿيا. جن مان هرهڪ جو سرمايو چار کان پنج ڪروڙ مارڪ تائين هو. ۽ انهن "اتحادن" هڪ بئي جي "قريب" ٿيڻ شروع ڪ ڪي دنه اهي ته حصن قيمتن وغيره جي باري ۾ اهي ڪو "ناهه" ڪري ڪ ڪيل ۽

مقابلي اجاريداريءَ ۾ بدلجي وڃي ٿو. ان مان پيداوار جي سماج ڪاري ۾ ٽيڪنيڪي ايجادن ۽ ترقين جو عمل سماجي بنجي وڃي ٿو. (Socialization) ۾ زبردست ترقي ٿئي ٿي. خصوصاً اهو ڪارخانيدارن جي درميان پراڻي آزاد مقابلي کان بلڪل مختلف هجي ٿو جيڪي وکريل ۽ هڪ بئي کان لا تعلق ٽيل ۽ هڪ اڻ ڏٺل منڊي جي لاءِ مصنوعات تيار ڪندا هئا. ارتڪاز اهڙي نقطي تي پهچي ويو آهي جنهن تي ڪنهن ملڪ جي ۽ جيئن اسان ڏسنداسين ڪئي ملڪن جو ياوري سڄي دنيا جي ڪچين شين جي سمورن وسيلن جو تقريباً تخمينو لڳائڻ ممڪن آهي (مثلاً ڪچي لوهه جي ذخيرن جو) نه صرف اهڙا تخمينا ڪيا ويڻ ٿا بلڪ انهن وسيلن تي وڏيون اجاريدار ڪمپنيون پنهنجو قبضو جمائي رهيون

---

[1] Riesser: جاڻايل ڪتاب، ٽيون ايڊيشن، صفحو 547. اخبارن (جون 1966ع) هڪ نئين تمام وڏي ٽرسٽ جي تشڪيل جو اطلاع ڏنو آهي، جيڪو جرمني جي ڪيميائي صنعت کي متحد ڪري ٿو.

آهن. منڊين جي صلاحيت جو بہ تقريباً تخمينو لڳايو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪمپنيون ان کي معاهدي جي ذريعي پاڻ ۾ تقسيم ڪري وٺن ٿيون. هنرمند پورهئي جي اجاريداري ڪئي وڃي ٿي. بهترين انجينئر ملازم رکيا وڃن ٿا. ٽرانسپورٽ جي ذريعن تي ڪنٽرول حاصل ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا ۾ ريلوي، يورپ ۽ آمريڪا ۾ جهاز ناهيندڙ ڪمپنيون. سرمائيداري پنهنجي سامراجي منزل ۾ پيداوار جي انتهائي هم گير سماج ڪاري ڏانهن براهہ راست وڃي ٿي. اهو چوڻ گهرجي تہ اها سرمائيدارن کي انهن جي مرضي ۽ شعور جي خلاف ڪنهن قسم جي نئين سماجي نظام ڏانهن ڇڪي ٿي جيڪو مڪمل آزاد مقابلي کان مڪمل سماج ڪاري ڏانهن عبوري هوندو آهي.

پيداوار جو عمل سماجي ٿي وڃي ٿو پر ملڪيت نجي رهي ٿي. پيداوار جا سماجي ذريعا چند ماڻهن جي نجي ملڪيت رهندا آهن. رسمي طورتي تسليم ٿيل آزاد مقابلي جو ڏانچو باقي رهندو آهي ۽ چند اجاريدارن جي باقي آبادي تي جو هڪ سؤ دفعا زياده ڳرو، نمايان ۽ ناقابل برداشت ٿي وڃي ٿي.

جرمن ماهر معاشيات ڪيستنير هڪ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو خاص طور تي "ڪارٽيلن ۽ ٻاهر وارن جي وچ ۾ ڪشمڪش" جي موضوع تي آهي. "ٻاهروارا" اهي ڪارخانيدار آهن جيڪي ڪارٽيلن کان ٻاهر آهن. ڪيستنير پنهنجي ڪتاب جو نالو "تنظيم ۾ اچڻ جي مجبوري" رکيو آهي. حالانڪ سرمائيدارانہ نظام کي پنهنجي اصلي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ ان کي اجاريدار ڪمپنين جي لازمي اطاعت جي باري ۾ لکڻ گهربو هو. ڪم از ڪم انهن طريقن جي فهرست تي هڪ نظر وجهڻ ڏاڍو لاپائتو ٿيندو جيڪو اجاريدار ڪمپنيون "تنظيم" جي لاءِ جديد، تازه ترين، مهذب ڪشمڪش ۾ اختيار ڪن ٿيون: (1) ڪچين شين جي فراهمي روڪي ڇڏڻ (ڪارٽيل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي اهم

طريقو"). (2) "اتحادن" جي ذريعي مزدورن جي فراهمي روڪي ڇڏڻ (يعني سرمائيدارن ۾ ٽريڊ يونينن جي درميان معاهدن جي ذريعي، جن جي مطابق ٽريڊ يونينون پنهنجي ميمبرن کي صرف ڪارٽيل وارن ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿيون) (3) مصنوعات جي سپلائي روڪڻ (4) کپت روڪڻ (5) خريدارن سان ناهه، جن مطابق خريدار صرف ڪارٽيلن سان ئي ڪاروبار ڪن ٿا (6) باقائدگيءَ سان قيمتن ۾ گهٽي ڪرڻ (باهر وارين) فرمن کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ يعني انهن کي جيڪي اجاريدارين جي اطاعت کان انڪار ڪن ٿيون. ڪروڙين انهن تي خرچ ڪيا وجن ٿا تہ جيئن ڪجهه وقت تائين سامان لاڳت کان بہ گهٽ قيمت تي کپايو وڃي. اهڙا مثال بہ آهن جڏهن پيٽرول جي قيمت اهڙيءَ طرح 40 مارڪ کان ڪيرائي 22 مارڪ تائين ڪئي وئي يعني تقريباً اڌ!). (7). قرضن کي روڪڻ (8) بائيڪاٽ جو اعلان.

اسان جي آڏو ننڍين ۽ وڏن، مشينن جي لحاظ کان ترقي يافتہ يا پسمانده ڪارخانن جو مقابلو ڪونهي. اسان جي آڏو اجاريدار آهن جيڪي سندن آڏو نہ جهڪڻ وارن. هنن جا شرط ۽ احڪام قبول نہ ڪرڻ وارن جو ڳلو گهٽي رهيا آهن. هڪ بورجوا ماهر معاشيات جي ذهن ۾ ان عمل جي عڪاسي هن ريت ٿئي ٿي.

"خالص معاشي شعبي ۾ بہ" ڪيسٽينر لکي ٿو "پراڻي معنيٰ ۾ ڪاروباري سرگرمي سان تنظيمي سٹہ باز جي سرگرمين ڏانهن هڪ معين تبديلي ٿي رهي آهي. هاڻي سڀ کان وڌيڪ ڪاميابي ان واپاري کي ڪانہ ٿي ٿئي جيڪو پنهنجي ٽيڪنيڪي ۽ ڪاروباري تجربي جي بنياد تي بهترين طريقن سان خريدار جي ضرورتن جو اندازو لڳائي سگهي ٿو ۽ جيڪو نظر نہ ايندڙ طلب کي معلوم ڪرڻ يا هيئن چئو "دريافت" ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ڪاميابي ان شاطر سٹي باز کي ٿئي ٿي جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ تنظيمي ارتقا ۽ انفرادي ڪارخانن ۽ بينڪن جي درميان معين

تعلقات جي امڪانن جو تخمينو پهريان کان ڪيئن لڳائڻ گهرجي يا محسوس ئي ڪرڻ گهرجي.

معمولي انساني ٻوليءَ ۾ ان جو مطلب هي آهي ته سرمائيدار نظام جي ارتقا اهڙي منزل تي پهچي وئي آهي جڏهن حالاتڪ تبادلي جي شين جي پيداوار جي اڃا بہ "حڪمراني" آهي ۽ ان کي معاشي زندگيءَ جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو. پر حقيقت ۾ ان ۾ ڏار پئجي چڪو آهي ۽ زياده تر منافعو مالياتي چالن وارن "شاطر" ماڻهن کي ملي ٿو. انهن چالن ۽ دوکي بازين جو بنياد پيداوار جي سماجڪاري آهي. پر انسانيت جي اها زبردست ترقي جنهن پيداوار جي سماج ڪاري جو هي ڪارنامو ڪيو آهي سڀ بازن کي فائدو رسائي ٿو. اسين بعد ۾ ڏسنداسين ته ڪيئن "ان بنياد تي" سرمائيدار سامراجيت جي تنگ نظر رجعت پرستانہ نڪتہ چيني "آزاد" "پرامن" ۽ "ايماندارانہ" مقابلي ڏانهن واپس وڃڻ جا خواب ڏسي ٿي.

"طويل مدت تائين قيمتن ۾ اضافو جيڪو ڪارٽيلن جي تشڪيل جو نتيجو هو" ڪيسٽينر لکي ٿو "هينئر تائين اهم پيداواري ذريعن ۾ ئي نظر ايندو هو خصوصاً ڪوئلي، لوهہ ۽ پوٽيشم ۾ ليڪن تيار ٽيل سامان جي سلسلي ۾ ڪڏهن ائين ڪونہ ٿيو. قيمتن ۾ ان اضافي سان تعلق رکڻ واري منافعي ۾ اضافو صرف انهن صنعتن تائين محدود رهيو آهي جيڪي پيداواري ذريعا تيار ڪن ٿا. ان مشاهدي ۾ اسان کي اهو اضافو ڪرڻ گهرجي ته اهي صنعتون جيڪي ڪچين شين کي صاف ڪن ٿيون (نيم تيار سامان نہ) نہ صرف ڪارٽيلن جي تشڪيل سان، نيم تيار سامان جي صنعت جي گهاٽي تي، وڏو نفعو ڪمائن ٿيون، بلڪ ان صنعت جي لاڳاپي سان انهن **تسلط جي معين صورت** اختيار ڪري ورتي آهي جيڪا آزاد مقابلي ۾ ڪا نہ هئي"([1]).

---

[1] ڪيسٽينر جاڻايل ڪتاب ص -- 254.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ليڪ ڏنل لفظ معاملي جي ان نچوڙ جو اظهار ڪن ٿا جنهن جو معاشيات جا بورجوا ماهر تمام گهٽو گهپرائيندي ۽ ورلي اعتراف ڪن ٿا ۽ جنهن کان ڪائوتسڪي جي قيادت ۾ موقعي پرستي جا موجوده وڪالت ڪرڻ وارا وڏي جوش سان لنوائڻ ۽ ان کي الڳ هٽائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تسلط ۽ ان سان وابسطہ تشدد۔ اهي "سرمائيداري جي ارتقا جي جديد ترين دور" جون علامتي ڳالهيون آهن. همه گير طاقت رکندڙ معاشي اجاريدارين جي تشڪيل جو اهوئي لازمي نتيجو ٿيڻو هو ۽ ٿيو آهي.

اسان انهن طريقن جو هڪ ٻيو مثال ڏينداسين جيڪي ڪارٽيل اختيار ڪن ٿا. جتي ڪچين شين جي سمورن يا خاص وسيلن تي قبضو جمائڻ ممڪن آهي اتي ڪارٽيلن جو ايرڻ ۽ اجاردارين جي تشڪيل خاص طور سان ٿي آهي. بهرحال اهو خيال ڪرڻ غلط ٿيندو تہ اجاريداريون انهن بين صنعتن ۾ نہ ٿيون پيدا ٿين جتي ڪچين شين جي وسيلن تي قبضو جمائڻ ناممڪن آهي. مثلاً سيمينٽ جي صنعت کي ڪچو سامان هر هنڌ ملي سگهي ٿو پوءِ بہ جرمني ۾ ان صنعت کي بہ مضبوطيءَ سان ڪارٽيلن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سيمنٽ ٺاهڻ وارن علائقائي سينڈيڪيٽ ٺاهي ورتا آهن جهڙوڪ ڏکڻ جرمن، رائن ويسٽ فالين وغيره. جيڪي قيمتون مقرر ڪيون ويون آهن سي اجارداراڻہ آهن: 230 مان 280 مارڪ تائين هڪ ويگن جي لاءِ جڏهن جو لاڳت جي قيمت 180 مارڪ آهي! اهي ڪارخانا 12 کان 16 سيڪڙو تائين منافع حصيدارن ۾ ورهائيندا آهن ۽ اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ جديد سٽي بازي جي "شاطرن" کي جيڪو ڪجهہ حصن جي نفعي جي حيثيت سان ملي ٿو تنهن کان علاوه اهي وڏا وڏا نفعا پنهنجي ڪيسن ۾ وجهي سگهن ٿا. اهڙي نفع بخش صنعت ۾ مقابلي کان بچڻ جي لاءِ، اجاريدار طرح طرح جون چالون چلن ٿا. اهي پنهنجي صنعت ۾ خراب حالتن جا افواهہ پکيڙين ٿا. اخبارن ۾ هڻڻا گمنام انتباهہ ڇپجن ٿا: "سرمائيدارو" پنهنجو سرمايو سيمنٽ جي صنعت ۾ متان

هٽوا" آخر ۾ اهي "ٻاهروارن" جي ڪارخانن کي (جيڪي سينڊيڪيٽن کان ٻاهر آهن) خريد ڪري ونڻ ٿا ۽ انهن کي 80,60 هزار ۽ ڏيڍ لک مارڪ تائين معاوضو ڏين ٿا. (1) اجاريداري هر هنڌ ۽ هر ذريعي سان پنهنجو رستو ناهي ونڊي ٿي. مقابلو ڪرڻ وارن کي خريد ڪرڻ جي لاءِ "معقول" معاوضو ڏيڻ کان ونڊي انهن جي خلاف آتشگير مادو "استعمال ڪرڻ" جي آمريڪي طريقي تائين".

اهو چوڻ ته ڪارٽيل بحرانن کي ختم ڪري سگهن ٿا بورجوا معاشي ماهرن جو ڦهلايل داستان آهي جيڪي سرمائيدار نظام کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪرڻ گهرن ٿا جيڪو اهو نه ٿو رکي. ان جي برعڪس اجاريداري جيڪا صنعت جي بعض شاخن ۾ پيدا ٿي وئي آهي، سموري سرمائيدارانه پيداوار ۾ موجود نراجيت کي وڌائي ۽ تيز ڪري ٿي. زراعت ۽ صنعت جي ترقيءَ جي درميان نابرابري جيڪا عام طور تي سرمائيدار نظام جو ڪردار آهي، وڌي وڃي ٿي. ڪارٽيلن ۾ انتهائي مربوط نام نهاد ڳري صنعت. خصوصاً ڪوئلي ۽ لوهه جي صنعت جي خصوصي حقن واري پوزيشن. صنعت جي ٻين شاخن ۾ "منصوبه بندي جي ايجا به زياده گهمي" جو باعث ٿئي ٿي. جيئن يئڊيلس تسليم ڪري ٿو جيڪو "وڏن جرمن بئنڪن جا صنعت سان تعلقات" تي بهترين ڪتاب جو مصنف آهي. (2)

سرمائيدار نظام جو هڪ بي شرم حامي ليفمان لکي ٿو "ڪاپه عوامي معيشت جيتري وڌيڪ ترقي يافته ٿئي ٿي اوتري ئي وڌيڪ اها "جوڪم وارن يا غير ملڪي ڪارويارن ڏانهن جهڪي ٿي. جن جي ترقيءَ جي لاءِ گهٽي وقت جي ضرورت هوندي آهي يا آخر ۾ انهن ڏانهن جيڪي صرف مقامي

---

[1] "سيمنٽ" از ل۔ ايشريگي۔ بنڪ ص 115 ۽ اڳتي.

[2] يئڊيلسي ونڊن جرمن بئنڪن جا صنعت سان خاص طور تي ڏات ساز صنعت سان تعلقات". لائپزگي 1905ع. ص 271

اهميت رکن ٿا. (1) وڏندڙ جوکي جو تعلق بالآخر سرمائي ۾ تمام گهٽي اضافي سان آهي. جيڪو هيئن چوڻ گهرجي ته ڪناتار ٿي باهر وهڻ لڳي ٿو وغيره. ان سان گڏوگڏ ٽيڪينڪي ترقيءَ جي انتهائي تيز رفتاري قومي معيشت جي مختلف شعبن جي درميان نابرابري جا وڏندڙ عناصر پيدا ڪري ٿي. نراجيت ۾ بحرانن کي جنم ڏئي ٿي. ليفمان اهو مڃڻ تي مجبور ٿئي ٿو: "غالباً" انسانيت مستقبل قريب ۾ وڏيڪ اهم ٽيڪنيڪي انقلابن سان منهن مقابل ٿيندي جيڪا قومي معيشت جي نظام تي به اثرانداز ٿيندي.." بجلي ۾ هوا بازي..... "عام طور تي ۾ عام قائدي مطابق اهڙن معاشي تبديلين جي دورن ۾ سڀني بازي وڏي پئماني تي وڏي ويجهي ٿي....."(2)

هر طرح جا بحران- سڀني کان اڪثر معاشي بحران پر صرف اهوئي نه – پنهنجي واري ۾ ارتڪاز ۾ اجاريداري ڏانهن رجحان کي ڪافي وڏائين ٿا. ان سلسلي ۾ يڊبيلس جا هيٺ ڄاڻايل خيال 1900ع جي بحران جي اهميت جي باري ۾ ڪافي سبق آموز آهن جنهن. جيئن اسان ڄاڻون ٿا. جديد ترين اجاريدارين جي تاريخ ۾ موڙ جو ڪردار ادا ڪيو آهي:

"ان وقت جڏهن 1900ع جو بحران آيو بنيادي صنعتن ۾ وڏن ڪارخانن سان گڏوگڏ اهڙا ڪيترائي ڪارخانا انهن سمتن تي منظم هئا جن کي اڄ فرسوده سمجهيو وڃي ٿو اهي "خالص" (غير متحد) ڪارخانا جيڪي صنعتي ايار جي عروج ۾ ايريا هئا. قيمتن ۾ گهٽتائي ۾ گهٽجندڙ طلب انهن "خالص" ڪارخانن جي حالت نازڪ ڪري ڇڏي جنهن زبردست متحد ڪارخانن تي بلڪل اثر نه ڪيو يا صرف تمام ٿوري عرصي جي لاءِ اثرانداز ٿيو. ان جو [illegible] جي ۾ 1900ع جي بحران کان پوءِ 1873ع جي بحران جي مقابلي ۾ صنعت جو ڪافي گهٽ ارتڪاز ٿيو مؤخرالذڪر

---

[1] Lifman "Beleiligungs itc gen" s-434.

[2] ايضا، ص 466_465

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

بحران هڪ لحاظ کان بهترين ڪارخانن جو انتخاب ۽ پيدا ڪيو. ليڪن ان وقت جي ٽيڪنيڪي معيار جي ڪري اهو انتخاب انهن ڪارخانن کي جيڪي بحران مان ڪامياب ٿي نڪتا هئا. اجاريداري جي پوزيشن ۾ نه آڻي سگهيو. اهڙي پائيدار اجاريداري ۾ اها ۽ اعليٰ درجي ۾ موجوده لوهه، فولاد ۾ بجلي جي صنعتن جي وڏن وڏن ڪارخانن ۾ پنهنجي تمام گهٽي پيچيده ٽيڪنيڪي، دوررس تنظيم ۾ زبردست سرمائي جي ڪري موجود آهي ۾ ان کان گهٽ درجي ۾ انجينئرنگ جي صنعت جي ڪارخانن ۾، ذات ساز صنعت جي ڪن شاخن ۾ ٽرانسپورٽ وغيره ۾ آهي"([1])

اجاريداري- "سرمائيداري جي ارتقا جو جديد ترين دور" ۾ آخري لفظ آهي، پر جيڪڏهن اسين ان ڪردار ڏانهن ڏيان نه ڏيون، جيڪو بينڪون ادا ڪن ٿيون ته اسان کي جديد اجاريدارين جي حقيقي طاقت ۾ اهميت جو تصور بلڪل ئي ناڪافي، نامڪمل ۾ گهٽ ٿيندو.

[1] Jeidles، ص- 108

بينڪ ۽ ان جو نئون ڪردار

بينڪن جو خاص ڪم اهو آهي ته اها رقمن جي ادائگي ۾ بچت جو ڪم ڪن. ائين ڪرڻ ۾ اهي بيڪار سرمائي کي ڪارائتي سرمائي ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿيون. يعني ان سرمائي ۾ جيڪو نفع بخش هوندو آهي. اهي هر طرح جون روڪ آمدنيون جمع ڪري ان کي سرمائيدار طبقي جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيندڙيون آهن.

بينڪن جو ڪارروبار جيترو ترقي ڪندو ويندو آهي ۽ قليل تعداد ادارن ۾ ان جو ارتڪاز ٿيندو ويندو آهي اوتروئي وڌيڪ بينڪون معمولي بچتن کان وڌي طاقتور اجاريدار بنجنديون ويندڙيون آهن. جن جي اختيار ۾ سڀني سرمائيدارن ۽ ننڍن ڪاروبارين جو سمورو نقد سرمايو ۽ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ ۽ متعدد ملڪن ۾ پيداواري ذريعن ۽ ڪچين شين جي وسيلن جو به گهڻو وڏو حصو هوندو آهي. ڪيترن معمولي بچت ڪندڙن جي مٿ جيترن اجاريدارين ۾ اها تبديلي سرمائيداري جي سرمائيدار سامراجي نظام تائين ارتقا ڪرڻ ۾ هڪ بنيادي عمل آهي. ان ئي سبب جي ڪري اسان کي سڀ کان پهرين بينڪ جي ڪاروبار جي ارتڪاز جو جائزو ونڊ گهرجي.

1907_08ع ۾ جرمن جوائنٽ اسٽاڪ بينڪن ۾، جن مان هر هڪ جو سرمايو ڏهه لک مارڪ کان وڌيڪ هو. امانت جي مجموعي رقم ست ارب مارڪ هئي. 1912_13ع ۾ اهي امانتي رقمون نَوَ ارب، 80 ڪروڙ مارڪ تائين پهچي ويون. پنجن سالن ۾ 40 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽

ٻہ ارب 80 ڪروڙ مارڪ جي اضافي سان ٻہ ارب، 75 ڪروڙ مارڪ 57 بينڪن ۾ ورهايا ويا، جن مان هر هڪ جو سرمايو هڪ ڪروڙ مارڪ کان وڌيڪ هو. وڏن ۾ ننڍين بينڪن جي درميان امانتن جي ورڇ هيٺين ريت هئي.([1])

مجموعي امانتن جو سيڪڙو

	برلن جي 9 وڏين بينڪن ۾	ٻين48بينڪن ۾ جن جو سرمايو هڪ ڪروڙ مارڪ کان وڌيڪ هو	115بينڪن ۾ جن جو سرمايو ڏهہ لک کان هڪ ڪروڙ مارڪ تائين هو.	ننڍين بينڪن ۾ جن جو سرمايو 10 لک مارڪ کان گهٽ هو.
8_ 1907ع	47	32.5	16.5	4
13_ 1912ع	49	36	12	3

ننڍين بينڪن کي وڏيون بينڪون ڏبائي رهيون آهن جن مان رڳو 9 بينڪن جي هٿ ۾ مجموعي امانتن جو تقريباً اڌ سميٽجي اچي ويو آهي. پر اسان کيترائي تفصيل ڇڏي ڏنا آهن. مثلاً کيترن ننڍن ننڍن بينڪن جو وڏين بينڪن جي شاخن ۾ تبديل ٿيڻ وغيره، جنهن جي باري ۾ پوءِ ٻڌايو ويندو.

1913ع جي آخر ۾ شولتسي گي وينيتس برلن جي 9 وڏن بينڪن جي امانتن جو تخمينو تقريباً ڪل 10 ارب مارڪ جي امانتن مان 5 ارب، ڏهہ ڪروڙ مارڪ لڳايو صرف امانتن کي ئي نہ، بلڪ سموري بينڪ سرمائي کي نظر ۾ رکي ڪري مصنف لکيو: "1909ع جي آخر ۾ برلن جون

[1] الفريڈ لانسبرگ "جرمن بينڪن جي سرگرمين جا پنج سال" بئنڪ" 1913ع نمبر 8 ص 728.

9 وڏيون بينڪون **پنهنجي لاڳاپيل بينڪن سان گڏ** يارنهن ارب 30 ڪروڙ مارڪ ڪنٽرول ڪري رهيا هئا يعني جرمن بينڪن جي مجموعي سرمائي جو 83 سيڪڙو. "جرمن بينڪ" پنهنجي لاڳاپيل بينڪن سان گڏجي تقريباً ٽي ارب مارڪ ڪنٽرول ڪري ٿي جيڪو پروشيائي رياستي ريلوي ڪاتي جي برابر پراڻي دنيا م سيني کان وڏو ۽ انتهائي غير مرڪوز (جمع) ٽيل سرمايو آهي".([1])

اسان "لاڳاپيل" بينڪن جي حوالي تي زور ڏنو آهي ڇو ته اها جديد سرمائيدارانه ارتڪاز جي هڪ اهم ترين خصوصيتن مان آهي. وڏا ادارا خصوصاً بينڪ نه صرف ننڍين بينڪن کي بلڪل هڙپ ڪري ڇڏين ٿا بلڪ انهن جو "الحاق" به ڪري وٺن ٿا. انهن کي ماتحت بڻائين ٿا. انهن کي "پنهنجي" گروپ يا پنهنجن "ڪنسرن" م (ٽيڪنيڪي اصطلاح جي مطابق) آڻين ٿا. انهن جي سرمائي م "شرڪت" حاصل ڪري. حصن کي خريد ڪري يا انهن جي متاستا ڪري ڪريڊيٽن جي سسٽم وغيره وغيره جي ذريعي. پروفيسر ليفمان جي هڪ ضخيم "تخليق" تقريباً 500 صفحن جي آهي، جنهن م هن "حصي دار ۽ مالياتي ڪمپنين" ([2]) جي باري م ٻڌايو آهي. بدقسمتيءَ سان هن زياده تر ناپختہ ۽ خام مواد م ڪيترن ئي ادني "نظرياتيءَ" دليلن جو اضافو ڪيو آهي. ارتڪاز جي لحاظ کان "حصي داري" جو سسٽم ڪن نتيجن ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ان کي بهترين طريقي سان هن ڪتاب م ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو ريسر وڏن جرمن بينڪن جي باري م لکيو آهي. ريسر خود به بئنڪر آهي، پر ان جي معلومات جو جائزو وٺڻ کان پهرين اسين "پائيواري" جي سسٽم جو هڪ تز مثال ڏيندا سين.

"جرمن بينڪ" جو "گروپ" جيڪڏهن سڀ کان وڏو نه ته به سيني کان وڏي بينڪ گروپن مان ضرور آهي. انهن خاص رشتن کي تلاش ڪرڻ جي

---

[1] شوئلنسي گي ويرنيتس جو مضمون "جرمن ڪريڊٽ بئنڪ" سماجي معاشيات جا بنياد" م ڏسو. تبوبنگين، 1915ع ص. ص. 120 ۽ 137. (ايڊيٽر)

[2] R. Liefmann. "Beteiligungs- und Finanzierungsgesellschaften. Eine Studie uber den modernen Kapitalismus und das Effekte[illegible]

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

لاءِ جيڪي ان گروپ جي بينڪن کي منسلڪ ڪن ٿا پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين درجي جي "حصي دارين" جي درميان امتياز ڪرڻ گهرجي يا. بلڪل اهڙيءَ طرح جي ڳالهه. پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين درجي جي ننڍين بينڪن جي "جرمن بينڪ" جو محتاج هجڻ جو امتياز. جرمن بينڪ حصيدار آهي. ڏيڻ ڏنل خاڪو اهڙي طرح اسان جي آڏو اچي ٿو.([1])

	پهرين درجي جي محتاجي	ٻئي درجي جي محتاجي	ٽئين درجي جي محتاجي
مستقل طور تي	17 بينڪن ۾	جن مان 9 ٻين 34 بينڪن ۾ پائيواري رکن ٿيون	جن مان 4 ٻين 7 بينڪن ۾ حصيداريون رکن ٿيون
هڪ غير معين مدت جي لاءِ	5 بينڪن ۾	=	=
ڪڏهن ڪڏهن	8 بينڪن ۾	جن مان 5 ٻين 14 بينڪن ۾ حصيداري رکن ٿيون	جن مان 6 ٻين 9 بينڪن ۾ حصيداري رکن ٿيون
جوڙ	30 بينڪن ۾	جن مان 14 ٻين 48 بينڪن ۾ حصي داري رکن ٿيون.	جن مان 6 ٻين 9 بينڪن ۾ حصيداري رکن ٿيون

[1] الفريد لاسنبرگ "جرمن بينڪ ڪاروبار ۾ شرڪت داري جو نظام" رسالو "بينڪ"، 1910، شمارو 11 ص 500.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

"ڪڏهن ڪڏهن" وارن اٽن بينڪن مان جيڪي "جرمن بيئنڪ" جي "پهرئين درجي" ۾ دست نگر آهن تن ۾ تي غير ملڪي بينڪون به شامل آهن: هڪ آسٽريائي (وي آنا "بينڪ ڪمپني" " "(Bank Vevein ۽ به روسي بينڪون) "(سائيبيريائي ڪمرشل بينڪ" ۽ "غير ملڪي واپار جي لاءِ روسي بينڪ)". مجموعي طور تي "جرمن بينڪ گروپ براه راست ۽ بالواسطه. جزوي ۽ مجموعي طور تي 87 بينڪن تي مشتمل آهي ۽ مجموعي سرمائي جو تخمينو- ان جو پنهنجو ۽ انهن بين بينڪن جو سرمايو جنهن کي هو ڪنٽرول ڪري ٿو. به ۽ تي ارب مارڪ جي درميان آهي.

اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته جا بينڪ اهڙي گروپ جي سربراهه آهي ۽ جيڪا اڏ ڏڻن اهڙن بين بينڪن کان، جيڪي ان کان ٿورڙو گهٽ آهن، ناهه ڪري تي، ته جيئن خاص طور تي وڏا ۽ نفع بخش مالياتي ڪاروبار ڪيا وڃن جهڙوڪ سرڪاري قرضن جو جاري ڪرڻ، ان جي لاءِ "بچت" جو ڪردار فرسوده ٿي وڃي ٿي ۽ اهو مٽ جيترن اجاريدارن جي اجنمن بنجي وڃي ٿي.

19 وهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ جنهن تيزي سان جرمني ۾ بينڪ جي ڪاروبار جو ارتڪاز ٿيو آهي، سو هيٺئين خاڪي مان ظاهر ٿئي ٿو جيڪو اسان کي مختصر صورت ۾ ريسر کان مليو آهي.

برلن جون ڇهه وڏيونبينڪون

سال	جرمني ۾ شاخون	امانتي بينڪ ۽ مٿا سٽا جون آفيسون	جرمن جوائنٽ اسٽاڪ بينڪ ۾ مستقل حصيداري	ڪل ادارا
1895ع	16	14	1	42
1900ع	21	40	8	80
1911ع	104	276	63	450

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

اسين ڏسون تا ته ڪيتري تيز رفتاري سان شاخن جو هڪ گهاٽو ڄار سڄي ملڪ ۾ پکڙجي رهيو آهي. جيڪو سموري سرمائي ۽ آمدني کي مرڪوز ڪري ٿو. هزارين منتشر معاشي ادارن کي واحد قومي سرمائيدار معيشت ۾ ۽ وري عالمي سرمائيدار معيشت ۾ تبديل ڪري ٿو. جنهن "غير مرڪزيت" جو ذڪر شولتسي گي ويرنيتس موجوده بورجوا معاشيات طرفان اڳ ۾ ڏنل حوالي ۾ ڪيو آهي ان جو دراصل مطلب هي آهي ته وڏندڙ تعداد ۾ اهڙا معاشي يونٽ واحد مرڪز جي ماتحتي ۾ ايندا وڃن جيڪي اڳي نسبتاً "خود مختيار" هئا يا اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته محدود معاشي يونٽ هئا. حقيقت ۾ اها مرڪزيت آهي زبردست اجاريدارن جو ڪردار اهميت ۽ طاقت ۾ اضافو.

گهٽن پراٽن سرمائيدار ملڪن ۾ اهو "بينڪن جو ڄار" ايڏا به گهاٽو آهي. برطانيه ۽ آئرلينڊ ۾ 1910ع ۾ سڀني بينڪن جون 5151 شاخون هيون. جڏن وڏين بينڪن مان هر هڪ جون 400 کان وڌيڪ شاخون هيون (447 کان وڌي 489 تائين). ان کان علاوه ٻين ڇڏن بينڪن مان هر هڪ جون 200 کان وڌيڪ ۽ يارنهن بينڪن مان هر هڪ جون 100 کان وڌيڪ شاخون هيون.

فرانس ۾ تمام وڏين بينڪن "Credit Lyonnais" "Societe Generales" "Campteir National" ([1])

پنهنجو ڪاروبار ۽ پنهنجن شاخن جو ڄار هيٺئين طريقي سان وڌايو آهي ([2])

	شاخن ۽ آفيسن جو تعداد			سرمايو (ڏهه لک فرانڪ ۾)	
	صوبن ۾	پيرس ۾	جوڙ	پنهنجو سرمايو	امانت بطور سرمايو

[1] ڪريڊٽ ليونا "ڪومپٽوئر ينشنال" سوسائٽي جنرل"

[2] يوگينئي ڪائوتمان "ڪائوتمان" "فرانس ۾ بينڪن جو ڪاروبار" تبوبينگين، 1911ع، ص- ص 356 ۽ 362 ايڊيٽر)

1870ع	47	17	64	200	427
1890ع	192	66	258	265	1245
1909ع	1033	196	1229	887	4363

موجوده زماني جي ڪنهن وڏي بينڪ جي "تعلقات" جي نوعيت ڏيکارڻ جي لاءِ ريسر هيٺ انهن خطن جو تعداد ڏنو آهي. جيڪو جرمني ۾ سڃي دنيا جي هڪ سيني کان وڏي بينڪ ديسکونتو گيسيل شافٽ ("Discounto_Genrellschafto) موڪليا ۽ وصول ڪيا آهن. (ان بينڪ جو سرمايو 1914ع ۾ 30 ڪروڙ مارڪ تائين پهچي ويو).

	وصول ٿيل خط	موڪليل خط
1852ع	6135	6292
1870ع	85800	87513
1900ع	533102	626043

پيرس جي وڏي "بينڪ ڪريڊٽ ليوني" ۾ ڪاتن اڪائونٽن) جو تعداد جيڪو 1875ع ۾ 28535 هو سو وڌي 1912ع ۾ 633539 ٿي ويو.([1])

اهي معمولي انگ اکر ڪنهن طويل بحث مباحثي کان وڌيڪ بهتر ڏسڻ ۾ اچن ٿا ته ڪيئن سرمائي جي ارتڪاز ۽ بينڪ جي سرمائي جي گردش ۾ اضافي سان گڏوگڏ بنيادي طور تي بينڪن جي اهميت بدلجي رهي آهي. ڇڙوڇڙ سرمائيدار ملي ڪري واحد اجتماعي سرمائيدار بنجي ويندا آهن. جڏهن بينڪ چند سرمائيدارن جا ڪرنٽ اڪائونٽ رکي ٿي ته هڪ طرح سان خالص ٽيڪنيڪي ۽ رڳو ضمني ڪم ڪري ٿي. بهرحال جڏهن اهو ڪم وڏي پئماني تائين پهچي وڃي ٿو ته اسين ڏسون ٿا ته مٺ جيترا اجاريدار سڃي سرمائيدار سماج جي سمورن واپاري صنعتي ڪمن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪري وٺن ٿا ڇو ته اهي پنهنجي بينڪ جي

[1] زان. ليسڪيور "فرانس ۾ امانتي رقمون"، پيرس، 1914ع. ص. 52 ايڊيٽر.

ڪاروبار جي تعلقات، پنهنجي ڪرنٽ اڪائونٽن ۾ بين مالياتي ڪارويارن جي ذريعي ان قابل ٿين ٿا ته پهرين اهي مختلف سرمائيدارن جي مالياتي حالت ڪيڏي معلوم ڪري سگهن. تنهن کان پوءِ ان کي ڪنٽرول ڪري سگهن. ڪريڊٽن کي محدود يا وسيع بڻائي انهن جي سهوليت ڏيئي يا انهن ۾ رڪاوٽ وجهي انهن تي اثر انداز ٿي سگهن ۽ نيٺ انهن جي قسمت جو پوريءَ طرح فيصلو ڪري سگهن. انهن جي آمدني مقرر ڪري سگهن. انهن کي سرمائي کان محروم ڪري سگهن يا انهن کي پنهنجو سرمايو تيزي سان وڌي پئماني تائين وڌائڻ جي اجازت ڏيئي سگهن وغيره.

هينئر اسان برلن جي "ديسڪونتو گيسيل شافٽ" جي 30 ڪروڙ مارڪ جو ذڪر ڪري چڪا آهيون. ان بينڪ جي سرمائي ۾ اضافو برلن جي ٻن سڀني کان وڏين بينڪن "جرمن بينڪ" ۽ "ديسڪونتو گيسيل شافٽ" جي درميان قيادت جي ڪشمڪش جو هڪ واقعو آهي. 1870ع ۾ اول الذڪر اڃا نئون هو ۽ ان وٽ صرف هڪ ڪروڙ پنجاهه لک مارڪ جو سرمايو هو. 1908ع ۾ پهرئين جو سرمايو 20 ڪروڙ مارڪ ٿي ويو ۽ ٻئي جو 17 ڪروڙ. 1914ع ۾ پهرئين پنهنجو سرمايو وڌائي 25 ڪروڙ مارڪ ڪري ورتو ۽ ٻئي هڪ ٻئي اول درجي جي وڏي بينڪ "Shaaffhausenscher Bank verein" ("شاف هائوزين شير بينڪ ويرين") سان ملي ڪري پنهنجو سرمايو 30 ڪروڙ تائين وڌائي ورتو ۽ قدرتي ڳالهه آهي ته قيادت جي ان ڪشمڪش سان گڏوگڏ ٻنهي بينڪن جي درميان زياده اڪثر ۽ زياده پائيدار "ناهه" به ٿيندا رهيا). بينڪ جي ڪاروبار جي ماهرن اهڙيءَ طرح جي ارتقا مان هيٺ ڏنل نتيجا اخذ ڪيا آهن جيڪي معاشي سوالن کي اهڙي نقط نظر سان ڏسن ٿا جيڪو انتهائي معقول ۽ محتاط بورجوا اصلاح پرستي جي حدن کان ذرو به تجاوز نه ٿو ڪري:

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

"ڊيسڪونتو گيسيل شافٽ" جو سرمايو ٽيهه ڪروڙ مارڪ تائين وڌي وڃڻ تي جرمن رسالي "بينڪ" پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکيو "ٻيون بينڪون به ان رستي جي پيروي ڪنديون ۽ وقت سان گڏ اهي 300 ماڻهو جيڪي جرمني تي هن وقت معاشي لحاظ کان حڪمران آهن، پنجاهه پنجويهه يا ان کان به گهٽ رهجي ويندا. ان ڳالهه جي توقع نه ڪرڻ گهرجي ته ارتڪاز جي تازه ترين تحريڪ صرف بينڪ جي ڪاروبار تائين محدود رهندي. جدا جدا بينڪن جي درميان جيڪي گهرا تعلقات آهن اهي قدرتي طور تي انهن صنعتي سينڊيڪيٽن کي يڪجا ڪري ڇڏيندا، جن جي اهي بينڪون سرپرستي ڪن ٿيون..... ڪنهن حسين صبح جڏهن اسان اٽنداسين ته اسان جي حيرت زده اکين جي آڏو بس ٽرسٽ ئي ٽرسٽ هوندا ۽ اسان کي انهن جي ضرورت هوندي ته نجي اجاريدارين جي جاءِ تي رياستي اجاريداريون آڻيون. بهرحال اسان کي ان کان سواءِ پاڻ مڙان ٻي ڪا ملامت ڪانهي ڪرڻي ته اسان حالتن جي ارتقا کي آزاديءَ سان هلڻ ڏنو جيڪو حصن جي ڪري ٿورو تيز ٿي ويو."([1])

اهو آهي بورجوا صحافت جي ناڪارا پٽي جو مثال جيڪو بورجوا سائنس کان صرف ان ڳالهه ۾ مختلف آهي ته مؤخرالذڪر گهٽ پر خلوص آهي ۽ اها سڄي معاملي جي نچوڙتي ئي پردو وجهڻ گهري ٿي. جهنگل کي وٽن جي ٻويان لڪائڻ گهري ٿي. ارتڪاز جي نتيجن تي حيران ٿيڻ، سرمائيدار جرمني جي حڪومت کي يا سرمائيدار "سماج" ("اسان") کي "ملامت" ڪرڻ، اهو خوف ته اسٽاڪ ۽ حصن جو رواج ارتڪاز کي اهڙيءَ طرح "تيز ڪري ڇڏيندو جيئن "ڪارٽيلن" جو جرمن ماهر چيرشڪي آمريڪي ٽرسٽن کان ڊڄي ٿو ۽ ان بنياد تي جرمن ڪارٽيلن کي "ترجيح ڏئي ٿو" ڇو ته "ممڪن آهي ته اهي ٽرسٽن وانگر ٽيڪينڪي ۽ معاشي

---

[1] لاسنبرگ "30 ڪروڙ واري بينڪ" بينڪ (ص 426، 1914ع واليوم 1).

ترقيءَ کي ايترو غير معمولي طورتي تيز نہ ڪن".([1]) ڇا اهو سپ ڪجهہ ناڪاره پٽي جي علامت ڪانهي؟.

پوءِ بہ واقعات تہ واقعات ئي رهندا آهن. جرمني ۾ ٽرسٽ ڪونهن اتي "صرف" ڪارٽيل آهن. ليڪن جرمني تي سرمائيدار سينئين جي حڪمراني آهي جن جو تعداد 300 کان وڌيڪ ڪونهي ۽ اهو تعداد لڳاتار گهٽجي رهيو آهي. هر صورت ۾، سمورن سرمائيدار ملڪن ۾ بينڪن جي ڪاروبار جي قوانين ۾ گهٽي فرق جي باوجود بينڪون سرمائي جي ارتڪاز ۽ اجاريدارين جي تشڪيل جي عمل کي تمام گهٽو مضبوط ۽ تيز ڪن ٿيون. "بينڪون سماجي ڍانچي تي صورت جي تخليق ڪن ٿيون. ليڪن محض عام حساب ڪتاب ۽ پيداواري ذريعن جي عام ورڇ جي صورت جي تخليق ڪن ٿيون". مارڪس پنهنجي ڪتاب "سرمايو" ۾ اڌ صدي اڳي لکيو آهي (روسي ترجمون جلد ٽيون) حصو ٻيو ص 144) بينڪن واري سرمائي ۾ اضافي، سيني کان وڌين بينڪن جي شاخن ۽ آفيسن جي تعداد ۾ اضافي، انهن جي اڪائونٽن جي اضافي وغيره جي باري ۾ جن انگن اکرن جو حوالو اسان ڏنو آهي اهي پوري سرمائيدار طبقي جي ان "عام حساب ڪتاب" جي تز تصوير پيش ڪن ٿا ۽ صرف سرمائيدارن جي ئي نہ پر تہ بينڪون، ڪٽي اهي عارضي ئي پر نہ هجن هر قسم جون نقد آمدنيون جمع ڪن ٿيون. ننڍن ڪاروباري ماڻهن، آفيس جي ڪلارڪن ۽ مزدور طبقي جي تمام ننڍي مٿين پرت جي آمدني. "پيداواري ذريعن جي عام ورڇ" اها آهي جيڪا رسمي لحاظ کان جديد بينڪن مان پيدا ٿيندي آهي جيڪي اربها ارب جون رقمون ڪنٽرول ڪن ٿيون (جن جو تعداد فرانس ۾ سيني کان وڌين بينڪن ٿن کان ڇهن تائين ۽ جرمني ۾ ڇهن کان اٺن تائين آهي). بهرحال مافيه ۾ پيداواري ذريعن جي اها ورڇ قطعي "عام" ڪانهي بلڪ

---

[1] S. Techierskhky جاڻايل ڪتاب، ص 128.

نجي آهي. يعني اها وڏي سرمائي جي ۽ سيني کان پهرين زبردست، اجاريدارانہ سرمائي جي مفادن سان مطابقت رکي ٿي جيڪا اهڙين حالتن ۾ ڪارفرما آهي جن ۾ ڪثير تعداد ۾ آبادي نيم بُکاري رهي ٿي، جن ۾ زراعت جي ترقي، صنعت جي ترقي کان ڪافي گهٽي پسمانده آهي. جڏهن جو صنعت جي اندر خود "وڏيون صنعتون" صنعت جي ٻين سمورن شاخن کان محصول وصول ڪندیون آهن.

سرمائيدار معيشت جي سماج ڪاري جي معاملي ۾ سيونگ بينڪن، ۽ پوسٽ آفيسون بينڪن سان مقابلو ڪرڻ لڳيون آهن. اهي زياده "غير مرڪوز" آهن يعني انهن جي دائره اثر ۾ مختلف مقامن جو وڏو تعداد آهي، زياده دور دراز جڳهين جي. آبادي جي زياده وسع حصن جي. اها آهي اها معلومات جيڪا بينڪن ۽ سيونگ بينڪن جي امانتن جي تناسبي اضافي جي متعلق هڪ آمريڪي ڪميشن گڏ ڪئي آهي.([1])

امانتون (ارب مارڪ جي اعداد ۾)

	برطانيہ		فرانس		جرمني		
	بينڪن ۾	سيونگ بينڪن ۾	بينڪن ۾	سيونگ بينڪن ۾	بينڪن ۾	ڪريڊٽ سوسائٽين ۾	سيونگ بينڪن ۾
1880ع	8.4	1.6	؟	0.9	0.5	0.4	2.6
1888ع	12.4	2.0	1.5	2.1	1.1	0.4	4.5
1908ع	23.2	4.2	3.7	4.2	7.1	2.2	13.9

جئين تہ اهي امانتن تي 4 سيڪڙو ۽ 4.35 سيڪڙو وياج ڏين ٿا تنهنڪري سيونگ بينڪن کي پنهنجو سرمايو لڳائڻ جي لاءِ نفعي بخش ڪم تلاش ڪرڻو پوي ٿو. هنن کي هُنڊين ۽ ڏراوت طور رکيل رقمن وغيره جو ڪاروبار ڪرڻو پوي ٿو. بينڪن ۽ سيونگ بينڪن جي درميان

---

[1] آمريڪي قومي مالياتي ڪميشن (National Monetary Commission) جا انگ اکر جن جو حوالو رسالي "بينڪ"، 1910ع، شمارو 2، صفحو 1200 ۾ ڏنو ويو آهي.

سرحدون "وڏ کان وڏ ڏنڊليون ٿي وڃن ٿيون". مثلاً بو حوم ۾ ايرفورٽ جا ايوان تجارت مطالبو ڪن ٿا تہ سيونگ بينڪن جي لاءِ "خالص" بينڪ جا ڪاروبار "ممنوع" قرار ڏنا وڃن. مثلاً هُنديين جو حساب ڪتاب ڪرڻ اهي پوسٽ آفيس جي بينڪ جي ڪاروبار کي محدود ڪرڻ جو مطالبو ڪن ٿا [1] بينڪن جا سيٽ جهڙوڪر تہ ان ڳالهہ کان ڊڄن ٿا تہ ڪنهن غير متوقع سمت کان اچي رياستي اجاريداري کين گهٽي وڌندي. بهرحال اهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ اهو خوف هڪ ئي آفيس جي ٻن شعبن جي مينيجرن جي وچ ۾ رقابت جي اظهار کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ناهي. ڇو تہ هڪ تہ اها اربن جي رقم جيڪا سيونگ بينڪن ۾ هوندي آهي آخري تجزئي ۾ اهي ئي بينڪن جا سرمائيدار سيٽ ڪنٽرول ڪندا آهن. جڏهن جو ٻئي طرف سرمائيدار سماج ۾ رياستي اجاريداري صنعت جي ڪنهن بہ شاخ ۾ ڏيوالو ٿيڻ جي نوبت کي پهچڻ وارن ارب پتين جي آمدني وڌائڻ ۾ ان آمدني جي ضمانت جو ذريعو آهي.

پراڻي قسم جي سرمائيداري کان، جنهن ۾ آزاد مقابلي جو زور هو نئين سرمائيداري ۾ تبديلي، جنهن ۾ اجاراداري جي حڪمراني آهي، ٻين شين کان علاوه اسٽاڪ ايڪسچينج جي زوال مان بہ ظاهر ٿئي ٿي. رسالو "بينڪ" لکي ٿو "وقت ٿيو جو اسٽاڪ ايڪسچينج گردش جو لازمي ذريعو نہ رهيو آهي جيئن اهو اڳي هو. جڏهن جو بينڪون ان قابل نہ هيون تہ اهي پنهنجي گراهڪن ۾ قابل اجرا ڪاغذات زر جو وڏو حصو تقسيم ڪري سگهن".[2]

هر بينڪ اسٽاڪ ايڪسچينج آهي" هيءَ جديد چوٽي ايتري ئي سچي ثابت ٿئي ٿي جيتري زياده وڏي بينڪ هوندي آهي ۽ جيترو زياده

---

[1] آمريڪي National Monetary commission جا اعداد شمار جن جو حوالو رسالہ "بينڪ"

[2] "Die Bank" 1914ع، شمارو-1، صفحو 316.

ڪامياب بينڪ جي ڪاروبار جو ارتڪاز ٿيندو آهي".([1]) "جڏهن جو اڳي، انين ڏاهڪي ۽ جواني جي ولولي سان لبريز استاڪ ايڪسچينج (1873ع ۾ استاڪ ايڪسچينج جي ڏايوالي پٽي ڏانهن "نازڪ" ڪناية، گريويندير جي شرمناڪ واقعات (17) ڏانهن وغيره) "جرمني جي صنعت ڪاري جي دور جي ابتدا هئي تہ اڃڪلهہ بينڪ ءِ صنعت " تنها ان جو انتظام ڪري سگهن ٿا." اسان جي وڏين بينڪن جو استاڪ ايڪسيچينج تي تسلط مڪمل طور تي منظم جرمن صنعتي رياست جي اظهار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. جيڪڏهن خود ڪارانہ عمل ۾ ايندڙ معاشي قوانين جي ڪارڪردگي جو دائرو ايئن محدود ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن بينڪن جي باشعور ڪنٽرول جو دائرو ڪافي وسيع ٿئي ٿو تہ چند رهنما شخصن جي قومي معاشي زميواري تمام گهٽو وڌي وڃي ٿي". اهو لکيو آهي جرمن پروفيسر شولتسي گيويرنيتس([2]) جيڪو جرمن سامراج جو وڪيل آهي، جنهن کي سيني ملڪن جا سامراجي مستند مجين ٿا ۽ جيڪو هن "حقير ڳالهہ" جي پرده پوشيءَ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ بينڪن جي ذريعي معاشي زندگيءَ جو "باشعور ڪنٽرول" ان ڳالهہ تي مشتمل آهي تہ "مڪمل طور تي منظم" ٿئ جيترا اجاريدار پبلڪ کي ڦري وڻن. ڪنهن بورجوا پروفيسر جو فريضہ اهو ڪونهي تہ هو پوري مشينري کي عريان ڪري ڇڏي يا بينڪ جي اجاريدارن جي سمورن شرارتن کي وائکو ڪري بلڪ ان جو ڪم آهي تہ ان کي وڏائي ڇڙهائي بيان ڪري.

اهڙيءَ طرح ريسر، جيڪو اڄا بہ وڏيڪ مستند ماهر معاشيات ۽ خود بہ بينڪر آهي، بي معنيٰ لفظن کي گهمائيندو رهي ٿو تہ جيئن ناقابل ترديد واقعات جي توجيہ ڪري سگهي: "استاڪ ايڪسچينج لڳاتار اها خوبي

---

[1] ڊاڪٽر اوسڪر شتيلخ "پئسو ۽ بينڪ جو ڪاروبار، برلن، 1907ع، ص 169.

[2] Schulze-Gaevauitz "Die Deustchekredit bank" "Gaudrib der Tub, 1915, S.101 ۾ "Sozialokonomik

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ويڪائي رهي آهي جيڪا مجموعي طور تي سموري معيشت جي لاءِ خاص طور تي ڪاغذات زر جي گردش جي لاءِ قطعي ضروري آهي. يعني نہ صرف نيڪ طور تي ماپڻ جو اوزار هجڻ جي خوبي بلڪ انهن معاشي تحريڪن جو تقريباً پاڻ مرادو ڪنٽرول ڪرڻ وارو هجڻ جو جيڪي ان تي هَجوم ڪن ٿا([1])

ٻين لفظن ۾ پراڻي سرمائيداري آزاد مقابلي جي سرمائيداري پنهنجي قطعي ضروري ڪنٽرول ڪرڻ وارن سميت، اسٽاڪ ايڪسچينج جي ماضيءَ جي ڳالهه ٿيندي پئي وڃي. ان جي جاءِ والارڙ جي لاءِ هڪ نئين سرمائيداري آئي آهي جنهن جا نمايان خدوخال ڪجهه عارضي آهن. آزاد مقابلي ۽ اجاريداري جو ڪو مرڪب. قدرتي طور تي هي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اها تازه ترين سرمائيداري "عبور" ڪري ڪهڙي شئي ٿي رهي آهي؟ ليڪن بورجوا عالم اهو سوال اڻاريڙ ڪان ڏڃن ٿا.

"ٽيهه سال اڳ بزنس مين جيڪي هڪ ٻئي سان آزاديءَ سان مقابلو ڪندا هئا، پنهنجي ڪاروبار جي متعلق اهي 90 سيڪڙو ڪم پاڻ ڪندا هئا جيڪو "مزدورن" جي جسماني پورهئي جي دائري ۾ نہ ايندو هو. اڇڪلهه اهو 90 سيڪڙو ڪارواري دماغي ڪم ملازم ڪن ٿا. بينڪ جو ڪم ان ارتقا ۾ سربراهه هوندو آهي".([2]) شوليستي گيورينتس جو اهو اعتراف وري اسان کي ان سوال ڏانهن وٺي اچي ٿو تہ تازه ترين سرمائيداري، يعني سرمائيداري پنهنجي سامراجي منزل ۾ عبور ڪري ڪهڙي شئي ڏانهن وڃي رهي آهي؟

ارتڪازي عمل جي نتيجي ۾ سرمائيدار معيشت ۾ جيڪي چند بينڪون چوٽيءَ تي باقي رهجي ويون آهن. تن ۾ قدرتي طورتي اجارياراڻہ

---

[1] ريسر جاٽايل ڪتاب مان حوالو چوٽون ايڊيشن صفحو 629.

[2] Schulze Gasvernitz "Die deutche kredit Bank" GrundriB Der Socialokonomik، Tub, 1915, S_151.

ناهه ڏانهن بينڪن جي ٽرسٽ ڏانهن وڌندڙ نمايان رجحان ڏٺو ويجي ٿو. آمريڪا ۾ 9 نه بلڪ به سيني کان وڏيون بينڪون، ارب پتين راڪ فيلر ۽ مورگن جون بينڪون 11 ارب مارڪ جو سرمايو ڪنٽرول ڪن ٿيون [1] جرمني ۾ "ديسڪونتو گيسِل شافٽ" ۾ "شاف هاؤزين شير بينڪ ويرين" جي ضم ٿيڻ تي، جنهن جو حوالو اسين مٿي ڏيئي چڪا آهيون، استاڪ ايڪسچينج جي مفادن جي ترجمان اخبار "فرينڪفورٽر تيستونگ" هن ريت راءِ زني ڪئي آهي:

"بينڪن جي ارتڪازي تحريڪ انهن ادارن جي دائري کي سوڙهو ڪري رهي آهي جن کان قرض حاصل ڪرڻ ممڪن آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ بينڪ جي گروپن جي هڪ ننڍي تعداد تي وڏي صنعت جو انحصار وڌي رهيو آهي. صنعت ۽ مالياتي دنيا جي درميان قريبي رابطي جي ڪري صنعتي ڪمپنين جي جن کي بينڪ جي سرمائي جي ضرورت آهي، آزاد نقل و حرڪت محدود ٿي وڃي ٿي. ان ئي سبب جي ڪري وڏي صنعت بينڪن جي وڌندڙ ٽرسٽ ڪاري کي (اتحاد يا ٽرسٽ ۾ تبديلي، کي **مخلوط** احساس سان ڏسي رهي آهي. دراصل، اسين وڏين بينڪن جي الڳ الڳ اتحادن جي درميان بعض ناهن جي ابتدا ڏسي رهيا آهيون، جن جو مقصد مقابلي کي محدود ڪرڻ آهي". [2]

هر دفعي بينڪ جي ڪاروبار جي ارتقا ۾ آخري لفظ اجاريداري آهي. جيتري قدر بينڪن ۽ صنعت جي درميان قريبي رابطي جو سوال آهي تہ اهوئي شعبو آهي جتي بينڪن جو نئون ڪردار تمام گهٽو نمايان طور تي محسوس ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ڪا بينڪ ڪنهن فرم جي لاءِ هنڌين جو حساب ڪتاب ڪري ٿي تہ ان جو ڪرنٽ اڪائونٽ کولي ٿي وغيره تہ اهي ڪاروايون وغيره، جيڪڏهن الڳ الڳ ورتيون وڃن، ان جي آزادي کي

---

[1] "Die Bank" 1912، 1، صفحو 435.

[2] "Gard.d.s Dek" ۾ شولستي گي ويرينتس جو پيش ڪيل حوالو، ص 155.

گهٽ نہ ٿيون ڪن ۾ بينڪ بچت جي معتدل ڪردار کان تجاوز نہ ٿي ڪري ليڪن جڏهن اهي ڪاروايون ڪافي گهڻيون ۾ مستحڪم بنجي وڃن ٿيون ، جڏهن بينڪ پنهنجي هٿ ۾ سرمائي جون وڏيون رقمون "جمع ڪري ونڊي ٿي، جڏهن ڪنهن فرم جو ڪرنٽ اڪائونٽ رکڻ سان بينڪ ان قابل ٿي وڃي ٿي (۾ اهوئي ٿئي ٿو) تہ اها پنهنجي مؤڪل جي معاشي پوزيشن جي باري ۾ زياده تفصيلي ۾ پوري معلومات حاصل ڪري سگهي تہ نتيجو اهو ٿو ٿئي تہ صنعتي سرمائيدار ايجا وڏيڪ مڪمل طورتي بينڪ جو محتاج ٿي وڃي ٿو.

ان سان گڏ ئي بينڪن ۾ سڀ کان وڏن صنعتي ۽ واپاري ادارن جي درميان تعلقات پيدا ٿي وڃن ٿا. حصن جي حصول جي ذريعي، صنعتي ۽ واپاري ادارن جي نگران بوردن (يا ڊائريڪٽرن جي بوردن) ۾ بينڪ ڊائريڪٽرن جي تقرر (۾ ان جي برعڪس) جي ذريعي بينڪ ۽ اهي ادارا هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي وڃن ٿا. جرمن ماهر معاشيات يئڊيلس سرمائي ۽ ڪارخانن جي ارتڪاز جي صورت جي باري ۾ تفصيلي معلومات گڏ ڪئي آهي. برلن جي ڇهن سڀني کان وڏين بينڪن جي نمائندگي پنهنجي ڊائريڪٽرن جي ذريعي 344 صنعتي ڪمپنين ۾ ۽ بوردن جي پنهنجي ميمبرن جي ذريعي 407 ٻين ڪمپنين ۾ يعني مجموعي طور تي 751 ڪمپنين ۾ هئي. انهن ۾ 289 ڪمپنين مان يا تہ هر هڪ جي نگران بوردن ۾ انهن بينڪن جا ٻہ نمائندا هئا يا اهي صدر جي عهدي تي هئا. اسان کي اهي صنعتي ۽ واپاري ڪمپنيون صنعت جي انتهائي قسم قسم جي شاخن ۾ ملن ٿيون. انشورنس، ٽرانسپورٽ، ريسٽورنٽ، ٿيٽر، آرٽ جي صنعت وغيره. ٻئي طرف انهن ڇهن بينڪن جي نگران بوردن ۾ (1910ع ۾) 51 سڀ کان وڏا صنعتڪار هئا. جن ۾ فرم ڪروپ، طاقتور استيمر ڪمپني "هاپاگ" (هيمبرگ- آمريڪا لائين) وغيره وغيره جا ڊائريڪٽر شامل هئا. 1895ع کان 1910ع تائين انهن ڇهن بينڪن مان هر هڪ سوين صنعتي

ڪمپنين جي لاءِ (جن جو تعداد 281 کان 419 تائين هو) حصا ۾ بانڊ جاري ڪرڻ ۾ شرڪت ڪئي.([1])

بينڪن ۽ صنعت جي درميان "نجي تعلقات" ۾ انهن ٻنهي حڪومتن جي درميان "نجي تعلقات" جو اضافو ٿئي ٿو. ئڊيليس لکي ٿو ته "نگران بورڊن جون سيٽون آزاديءَ سان خطاب يافته ماڻهن، اڳوڻن سرڪاري ملازمن کي پيش ڪيون وڃن ٿيون جيڪي اقتداري صاحبن سان تعلقات پيدا ڪرڻ ۾ آسانيون!! فراهم ڪري سگهن ٿا"..... "عام طورتي ڪنهن وڏي بينڪ جي نگران بورڊ ۾ پارليامينٽ جو ڪو ميمبر يا برلن جي شهري ڪائونسل جو ميمبر هوندو آهي".

هينئن چوڻ گهرجي ته ان جي نتيجي ۾ وڏين سرمائيدا اجاربدارين جي تعمير ۽ ترقي پوري زور شور سان سان "فطري" ۽ "مافوق الفطري" طريقن سان ٿيندي پئي وڃي. انهن ڪيئي سو مالڪيات جي بادشاهن جي درميان جيڪي موجوده سرمائيدار سماج تي حڪمران آهن باقائدگيءَ سان هڪ قسم جي پورهئي جي ورڇ قائم ٿي رهي آهي: "ڪن وڏن صنعت ڪارن جي سرگرمين جي دائري جي توسيع" جيڪي بينڪ جي بورڊن ۾ شامل هوندا آهن وغيره) ۽ صوبائي بينڪن جي ميئنيجرن جي لاءِ هڪ خاص صنعتي علائقو مقرر ڪرڻ سان گڏ وڏن بينڪ ڊائريڪٽرن جي درميان خصوصيت وڌندي پئي وڃي. عام طورتي اها خصوصيت صرف ان وقت ڏني وڃي ٿي جڏهن بينڪ جو ڪاروبار وڏي پئماني تي ٿئي ٿو ۽ خصوصاً جڏهن صنعت سان گڏ ان جو تعلق ڪافي وسيع ٿئي ٿو. پورهئي جي اها ورڇ بن لائينن تي هلي ٿي: هڪ طرف ته مجموعي طور تي صنعت سان تعلقات هڪ ڊائريڪٽر کي ان جي مخصوص فرض جي حيثيت سان سونپيا وڃن ٿا ۽ ٻئي طرف هر ڊائريڪٽر گهٽن الڳ الڳ ڪارخانن يا

---

[1] ڪئڊيلس ۽ ريسر جي ڇاڙايل ڪتابن جا حوالا.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

صنعت جي هڪ ئي شاخ ۾ يا هڪجهڙا مفاد رکڻ وارن ڪارخانن جي هڪ گروپ جي نگراني پنهنجي ذمي ونئي ٿو".....(سرمائيداري انفرادي ڪارخانن جي منظم **نگرانيءَ** جي منزل تائين پهچي چڪي آهي)....." ڪوئي جرمن صنعت ۾ ڪنهن ڪنهن صرف مغربي جرمني جي صنعت ۾ ئي" جرمني جو مغربي حصو سڀ کان وڌيڪ صنعت بند حصو آهي) "خصوصي مهارت پيدا ڪري ٿو ته ٻين غير ملڪي رياستن ۾ غير ملڪي صنعت ۾ صنعت ڪارن ۾ ٻين جي ڪردارن جي معلومات ۾ ۽ استاڪ ايڪسچينج جي سوالن وغيره ۾. ان کان علاوه، اڪثر بينڪ جي هر ڊائريڪٽر کي هڪ خاص جاءِ يا صنعت جي ڪا خاص شاخ سونپي ويئي ٿي. ڪو خاص طورتي بجلي جي ڪمپنين جي نگران بورڊن ۾ ڪم ڪري ٿو ته ٻيو ڪيميائي فيڪٽرين ۾، ٻيئر ناهڻ يا ڪنڊ تيار ڪرڻ وارن ڪارخانن ۾، ٽيون چند ڏورانهن صنعتي ڪارخانن ۾، ليڪن گڏوگڏ انشورنس ڪمپنين جي نگران بورڊن ۾ به ڪم ڪري ٿو..... مختصر اهو ته ان ۾ ڪوشڪ نه ٿو ٿي سگهي ته وڏين بينڪن جي ڪاروابن جي وسعت ۽ گوناگوني ۾ اضافي سان گڏوگڏ انهن جي ڊائريڪٽرن جي درميان پورهئي جي ورڇ ۾ به اضافو ٿئي ٿو جنهن جو مقصد (۽ نتيجو) ان کي بينڪ جي خالص ڪاروبار مان مٿي کڻڻ، صنعت جي عام مسئلن ۽ صنعت جي هر شاخ جي خاص مسئلن جو بهتر جج ۽ بهتر ماهر ٻڌائڻ هوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان ان کي واسطيدار بينڪ جي صنعتي حلقه اثر ۾ وڌيڪ ڪم ڪندڙ بنائڻ آهي. بينڪ پنهنجي نگران بورڊن ۾ اهڙن ماڻهن کي منتخب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ان سسٽم ۾ اضافو ڪري ٿي جيڪي صنعتي معاملن جا ماهر آهن. مثلاً صنعت ڪار، اڳوڻو آفيسر، خصوصاً اهڙا ماڻهو جيڪي اڳي ريلوي يا معدنيات جي ڪاتن وغيره ۾ هئا".([1])

---

[1] يئڊيلس، جاٽايل ڪتاب، صفحا 158_157.

اسين اهوئي سسٽم فرانس جي بينڪن جي ڪاروبار ۾ ٿوري فرق سان ڏسون ٿا. مثلاً فرانس جي ٽن سيني کان وڌين بينڪن مان هڪ "ڪريڊٽ ليونيءَ هڪ خاص "مالياتي تحقيقاتي سروس" منظم ڪئي آهي. جنهن ۾ مستقل طورتي 50 کان وڌيڪ انجنيئر، اعداد شمار جا ماهر، معاشيات جا ماهر ۽ قانون دان وغيره ڪم ڪن ٿا. انهن تي سالياتو ڇهه ست لک فرانڪ خرچ ٿين ٿا. وري اها سروس اٽن شعبن ۾ ورهايل آهي. هڪڙو صنعتي ادارن جي باري ۾ خاص طور تي معلومات حاصل ڪري ٿو ٻيو عام اعداد شمار جو مطالعو ڪري ٿو ٽيون ريلوي ۽ اسٽيمر ڪمپنين جو. چوٿون ڪاغذات زر جو ۽ پنجون مالياتي رپورٽن وغيره جو.([1])

ان جو نتيجو هڪ طرف تہ برابر وڏندڙ ميل هجي ٿو يا جيئن ن. اي. بوخارين ان کي بجا طور تي چيو آهي تہ بينڪ ۽ صنعتي سرمائي جو انضمام ٿئي ٿو. ٻئي طرف بينڪون وڏي واقعي "همہ گير نوعيت" جا ادارا بنجي وڃن ٿا. ان سوال تي اسين ضروري سمجهون ٿا تہ انهن نئين اصطلاحن جو حوالو ڏيون جيڪي يئدبيلس استعمال ڪيا آهن، جنهن ان مضمون جو بهترين طريقي سان مطالعو ڪيو آهي. "صنعتي تعلقات جي مجموعي نچوڙ جو جائزو ونڊ سان صنعت جي لاءِ ڪم ڪرڻ وارن مالياتي ادارن جي همہ گير نوعيت جو پتو پوي ٿو. ٻئي قسم جي بينڪن جي برعڪس ۽ ان مطالبي جي بر خلاف، جيڪو اڪثر تحريرن ۾ ڪيو وڃي ٿو تہ بينڪن کي هڪ قسم جي ڪاروبار ۾ يا صنعت جي هڪ شاخ ۾ خصوصي مهارت پيدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن انهن جي پيرن هيٺان زمين نہ نڪري سگهي، وڏيون بينڪون صنعتي ڪارخانن سان پنهنجا تعلقات پيداوار جي جاءِ وقوع ۽ ان جي قسم جي لحاظ کان امڪاني طور تي طرح طرح سان قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اهي مختلف جڳهين

---

[1] فرانسيسي بينڪن جي باري ۾ Eng.kanfmann جي مضمون کي رسالي "Dic Bank" ۾ ڏسو 1909ع، شمارو-2، صفحو 851.

۽ صنعت جي شاخن ۾ سرمائي جي ناهموار ورڇ کي دور ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪا نجي ڪارخانن جي تاريخي ارتقا جو نتيجو آهي". "هڪ رجحان صنعت سان عام تعلقات قائم ڪرڻ جو آهي ۽ ٻيو رجحان ان کي پائيدار ۽ قريبي بنائڻ جو آهي. ڇهن وڏين بينڪن ۾ ٻنهي رجحانن جي تڪميل پوريءَ ريت نه ٿي پر ڪافي ٿي ۽ مساوي درجي تائين ٿي".

اڪثر صنعتي ۽ واپاري حلقا بينڪن جي "دهشت پسندي" جي شڪايت ڪن ٿا ۽ اهڙين شڪايتن جو ٿيڻ ڪا حيرت جي ڳالهه ڪانهي. ڇو ته وڏيون بينڪون "حڪم ڏيندڙ" آهن. جيئن هينئين مثال مان ڏسي سگهجي ٿو. 19 نومبر 1901ع تي برلن جي "ڊ" نالي هڪ وڏي بينڪ (جئن سيني کان وڏين بينڪن جا نالا "ڊ" سان شروع ٿين ٿا) جرمني وسطي ڏکڻ اولهه سيمنٽ سينڊيڪيٽ کي هي خط لکيو: "جيئن ته اسان کي هڪ اخبار جي 18 تاريخ جي شماري ۾ شايع ٿيل اوهان جي نوٽيس مان معلوم ٿيو ته اسان کي ان جو امڪان سمجهڻ گهرجي ته اوهان جي سينڊيڪيٽ جو اڳيون عام جلسو هن مهيني جي 30 تاريخ تي ٿيندو ۽ اهڙي اقدامات جو فيصلو ڪندو جيڪو توهان جي ڪارخاني ۾ اهڙيون تبديليون ڪري سگهي ٿو جيڪي اسان جي لاءِ قبولڻ جوڳا نه هوندا. اسان کي نهايت افسوس آهي ته انهن سببن جي ڪري اسين هينئر کان اهو قرض بند ڪرڻ تي مجبور آهيون جيڪو هن وقت تائين اوهان کي ڏنو پي ويو..... پر جيڪڏهن اهو عام جلسو اهڙي اقدامات جو فصلو نه ڪري جيڪي اسان جي لاءِ قبولڻ جوڳا نه آهن ۽ جيڪڏهن مستقبل جي لاءِ ان معاملي ۾ اسان کي مناسب ضمانت ملي ٿي ته اسان نئين قرض جي منظوري تي گفتگو شروع ڪرڻ جي لاءِ خوشيءَ سان تيار ٿينداسين".([1])

---

[1] Dr. Oscan Stillich "Geld_und Bankwasen" Berlin, 1907, S.147.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

حقيقت ۾ ننڍي سرمائي جي اها پراڻي شڪايت آهي ته وڏو سرمايو ان کي ڌٻائي ٿو. ليڪن هتي ته پورو سينڊيڪيٽ ان "ننڍي" سرمائي جي گروهه ۾ اچي ويو! ننڍي ۽ وڏي سرمائي جي وچ ۾ پراڻي ڪشمڪش هاڻي هڪ نئين ۽ ارتقا جي تمام بلند منزل تي جاري ٿي وئي آهي. اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته وڏين بينڪن وارا ارب پتي ڪاراخانا اهڙن ذريعن سان ٽيڪنيڪي ترقيءَ کي تيزي سان اڳتي وڌائي سگهن ٿا جن جو مقابلو ماضيءَ جي ذريعن سان نه ٿو ڪري سگهجي. مثلاً بينڪون مخصوص ٽيڪنيڪي تحقيقاتي سوسائٽيون قائم ڪن ٿيون ۽ واقعي صرف "دوست" صنعتي ڪارخانن کي ان جي ڪم مان فائدو رسي ٿو. هن گروهه ۾ "برقي ريلوي تحقيقاتي انجمن" ۽ "سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي تحقيقات جو مرڪزي بيورو" وغيره اچن ٿا.

وڏين بينڪن جا ڊائريڪٽر خود به اهو ڏسڻ جي بغير نه ٿا رهي سگهن ته قومي معيشت جي لاءِ نيون حالتون پيدا ٿي رهيون آهن. ليڪن اهي انهن مظهرن جي آڏو بيوس آهن.

يئڊيلس لکي ٿو: "جنهن به هلندڙ سالن ۾ ڊائريڪٽرن ۽ وڏين بينڪن جي نگران بورڊن جي ميمبرن ۾ تبديلي جو مطالعو ڪيو آهي تنهن ضرور اهو ڏٺو هوندو ته آهستي آهستي اختيار انهن ماڻهن جي هٿن ۾ ويجي رهيا آهن جيڪي صنعت جي عام ترقيءَ ۾ وڏين بينڪن جي عملي مداخلت کي ضروري ۽ وڏندڙ اهميت جو حامل سمجهن ٿا. انهن نون ماڻهن ۽ پراڻن بينڪ ڊائريڪٽرن جي وچ ۾ هن موضوع تي ڪاروباري ۽ اڪثر ذاتي نوعيت جا اختلاف وڌي رهيا آهن. سوال اهو آهي ته آيا بينڪون قرض ڏيڻ وارن ادارن جي حيثيت سان صنعت ۾ ان مداخلت جي ڪري خساري ۾ رهنديون يا نه. آيا اهي اهم اصول ۽ يقيني نفعي کي قربان ڪري رهيا آهن تاڪ سرگرمين جي اهڙي نئين ميدان ۾ داخل ٿين جيڪو قرض فراهم ڪرڻ ۾ ان جي بچت واري ڪردار سان ذرو به مشابهت نه رکندو هجي ۽

بينڪن کي اهڙي هنڌ وٽي وڃي رهيو آهي جتي اهي واپاري لاهي چاڙهي جي انڊين طاقتن جي رحم ڪرم تي اڳي کان وڌيڪ هوندا. اها راءِ تمام گھٽن پراڻن بينڪ ڊائريڪٽرن جي آهي، جڏهن ته زياده تر نوجوان ماڻهو صنعت جي سوالن ۾ سرگرم مداخلت ايتري ئي وڌي ضرورت سمجهن ٿا، جنهن، موجوده وڌي صنعت سان گڏ، وڏين بينڪن ۾ جديد صنعت جي بينڪ جي ڪاروبار کي جنم ڏنو آهي. ٻئي فريق صرف هڪ ڳالهه تي متفق آهن ته وڏين بينڪن جي نين سرگرمين ۾ نه ته ڪي پختا اصول آهن ۽ نه وري تز مقصد".([1])

پراڻي سرمائيداري جو زمانو ختم ٿي چڪو آهي. نيئن سرمائيداريءَ جو ڪهڙي شئي ڏانهن عبور آهي، اها ڳالهه يقيناً فضول آهي ته اجاريداري جو آزاد مقابلي سان "ميلاپ" ڪرائڻ جي لاءِ "پختہ اصول ۽ تز مقصد" تلاش ڪيا وڃن. عملي ماڻهن جو اعتراف ائين بلڪل ڪونهي جيئن اهي سرڪاري تعريفون جيڪي "منظم" سرمائيداري جي دلڪشي جي باري ۾ ان جا وڪيل شولتسي گي. ويرنيتس، ليفمان ۽ اهڙي قسم جا نظريہ دان ڪن ٿا.

وڏين بينڪن جون "نيون سرگرميون" حتمي طور تي نيڪ ڪڏهن چالو ٿيون؟ يئڊيلس ان اهم سوال جو ڪافي نيڪ جواب ڏنو آهي:

"صنعتي ادارن جي درميان تعلقات پنهنجي نئين مواد، پنهنجين نين شڪلين ۽ پنهنجي ادارن جا يعني وڏين بينڪن جا جيڪي مرڪوز ۽ غير مرڪوز ٻنهي بنيادن تي منظم ڪيا ويا آهن، سميت مشڪل سان ڏهين ڏهاڪي کان اڳ ۾ هڪ خاص قومي معاشي مظهر جي حيثيت سان قائم ٿيا آهن. هڪ معنيٰ ۾ اها ابتدائي تاريخ 1897ع تائين ضرور وٽي وڃي سگهجي ٿي جڏهن ڪارخانن جا اهم "انضمام" ٿيا ۽ جڏهن پهريون پيرو

---

[1] يئڊيليس، جاڻايل ڪتاب، صفحا 184_183.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

غير مرڪوز تنظيمن جي نئين شڪل بينڪن جي صنعتي پاليسي جي مطابق رائج ڪئي وئي. ان ابتدائي نقطي ان کان به پوءِ جي بينڪ جي ڪاروبار جي ارتڪاز جي عمل کي وڌيءَ حد تائين اڳتي وڌايو ۽ تيز ڪيو. ان عمل کي مضبوط ڪيو. پهريون پيرو صنعت سان لاڳاپي کي وڌين بينڪن جي اصلي اجارداري ۾ تبديل ڪيو ۽ ان لاڳاپي کي زياده قريبي ۽ سرگرم عمل بڻايو.([1])

اهڙيءَ طرح ويهين صدي. پراڻي مان نيئن سرمائيداري ۾ داخل ٿيڻ جو. عام طور تي سرمائي جي تسلط کان مالياتي سرمائي جي تسلط ۾ داخل ٿيڻ جو موڙ بنجي وئي.

❊❊

[1] يڈبيلس. جاڻايل ڪتاب. صفحو 181.

مالياتي سرمايوءِ مالياتي حڪمراني
(Financial Oligarchy)

هيلفرڊنگ لکيو ٿو: "صنعتي سرمائي جي وڌندڙ حصي مان انهن صنعتڪارن جي ملڪيت ختم ٿيندي پئي وڃي، جيڪي ان کي استعمال ڪن ٿا. اهي ان کي صرف بينڪ جي ذريعي استعمال ڪري سگهن ٿا جيڪا انهن صنعتڪارن جي لاڳاپي سان ان سرمائي جي مالڪيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. ٻئي پاسي بينڪ ان ڳالهه تي مجبور آهي ته اها پنهنجو وڌ ۾ وڌ سرمايو صنعت ۾ لڳائي. تنهنڪري بينڪر وڌ کان وڌ صنعتي سرمائيدار بنجندو پيو وڃي. بينڪ جي ان سرمائي کي يعني نقد پئسن جي شڪل ۾ سرمائي کي جيڪو اهڙيءَ ئي طرح عملي طور تي صنعتي سرمائي ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو تنهن کي مان مالياتي سرمايو چوان ٿو". "مالياتي سرمايو اهو سرمايو آهي جنهن کي بينڪون ڪنٽرول ڪن ٿيون ۽ صنعت ڪار استعمال ڪن ٿا".([1])

ان تعريف ۾ اها ڪمي آهي ته اها هڪ نهايت ئي اهم ڳالهه نه ٿي ڏيکاري. يعني پيداوار ۽ سرمائي جي ارتڪاز ۾ ان شديد حد تائين اضافو جڏهن ارتڪاز اجاريداري تائين پهچي وڃي ٿو ۽ پهچي ويو آهي. ليڪن پنهنجي سڄي ڪتاب ۾ ۽ خاص طور تي انهن ٻن بابن ۾ جيڪي هن باب کان پهرين آهن جن مان اها تعريف ورتي وئي آهي. هيلفرڊنگ سرمائيدار اجاريداريءَ تي زور ڏنو آهي.

---

[1] هيلفرڊنگ، "مالياتي سرمايو" ماسڪو 1912ع صفحا 339_338.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

پيداوار جو ارتڪاز، ان مان پيدا ٿيندڙ اجاريداري، بينڪن جو صنعتن سان انضمام يا ميل ميلاپ. اها آهي مالياتي سرمائي جي نمودار ٿيڻ جي تاريخ ۽ ان اصطلاح جي مافيه.

هاڻي اسان کي اهو ٻڌائڻو اهي ته متاسٽا جي شين جي پيداوار ۽ نجي ملڪيت جي حالتن ۾ سرمائيدار اجاريدارين جون "ڪاروباري ڪاروايون" لازمي طور تي مالياتي حڪمراني (Financial oligarchy) جي تسلط ڏانهن وڃي ويون. ان ڏانهن ڏيان ڏيڻ گهرجي ته جرمن بورجوا عالم (۽ صرف جرمن ئي نه جهڙوڪ ريسر، شولتسي، کي ويرينتس ۽ ليفمان وغيره سڀ جا سڀ سامراج ۽ مالياتي سرمائي جي وڪالت ڪرڻ وارا آهن. مالياتي حڪمراني (Oligrachy) جي تشڪيل جي "مشينري"، ان جي طريقن، ان جي "جائز ۽ ناجائز آمدنين جي حد، پارليامنٽ سان ان جا تعلقات وغيره وغيره جو راز فاش ڪرڻ جي بجاءِ اهي يا ته انهن تي ڌڪ رکن ٿا يا وري مرچ مصالا وجهي ان کي بيان ڪن ٿا. اهي انهن "منحوص سوالن" کان وڌي واڪي ۽ مبهم جملن، بينڪ ڊائريڪٽرن کان "احساس ذميواري" جون اپيلون، پروشيائي آفيسرن جي "احساس فرض" جي تعريف جي ذريعي لنوائين ٿا ۽ اجاريدارين جي "نگراني" ۽ "باضابتگي" جي لاءِ انتهائي ڪل جهڙي پارليامينٽري قانوني مسودن جي معمولي تفصيلات جو سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪن ٿا ۽ نظرين سان گڏ وقت ضايع ڪن ٿا. جيئن مثال طور پروفيسر ليفمان جي هيٺ ڏنل "عالمانه" تعريف آهي "..... واپار اها صنعتي ڪارڪردگي آهي جنهن جو مقصد سامان جو گڏ ڪرڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ سپلاءِ ڪرڻ آهي" ([1]) (ليڪ ڏنل لفظ پروفيسر جا آهن) ان جو مطلب اهو ٿيو ته قديم انسان جي دور ۾ به واپار هو جيڪو شين جي متاسٽا جي باري ۾ نه ڄاڻندو هو ۽ سوشالسٽ سماج ۾ به هوندو.

---

[1] R.liefmann جاڻايل ڪتاب، ص 476.

ليڪن مالياتي حڪمراني (Oligarchy) جي زبردست تسلط جي باري ۾ زبردست واقعات نگاهن کي خيره (ائين چمڪاٽ ٿين بعد کين اڳيان اونداهي وارو اثر) ڪرڻ وارا آهن جو سيني سرمائيدار ملڪن ۾ آمريڪا ۾، فرانس ۾ جرمني ۾ اهڙو ادب ظهور ۾ آيو جيڪو بورجوا نقطہ نظر سان لکيو ويو پوءِ بہ ان مالياتي اوليگارشيءَ (اميرن جي حڪمراني) جي تقريباً حقيقت آميز تصوير پيش ڪئي ۽ ان تي (ضرور پيٽي بورجوا) تنقيد ڪئي.

ان "شرڪت داري جي سسٽم" کي تمام گهٽي اهميت حاصل آهي جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. جرمن ماهر معاشيات، هيئمان، جنهن غالباً هن معاملي ڏانهن پهريون پيرو توجہ ڏياريو ان جي مافيه کي هينئن پيش ڪري ٿو:

"سربراهہ بنيادي ڪمپني کي ڪنٽرول ڪري ٿو (لفظي معنيٰ ۾ "ماءُ ڪمپني" کي) ۽ وري اها پنهنجي ماتحت ڪمپنين ("ڌيءَ ڪمپنيون") کي ڪنٽرول ڪري ٿي. جيڪا پنهنجي واري ۾ انهن کان زياده ماتحت ڪمپنين- "ڏوهٽيون ڪمپنيون" کي ڪنٽرول ڪندين آهن وغيره. ائين نسبتاً گهٽ سرمائي سان پيداوار جي وسيع حلقن کي ڪنٽرول ڪرڻ ممڪن آهي. دراصل، جيڪڏهن 50 سيڪڙو سرمائي جي ملڪيت ڪنهن جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپني کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هميشہ ڪافي آهي تہ سربراه کي ڏهٽين ڪمپنين" جو 80 لک جو سرمايو ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ ڏهہ لک جو سرمايو ڪافي آهي ۽ جيڪڏهن ان جوڙ ٽوڙ کي وڌيڪ وسعت ڏني وڃي تہ انهن ڏهہ لکن سان هڪ ڪروڙ ست لک، ٽي ڪروڙ ويهہ لک وغيره جو سرمايو ڪنٽرول ڪرڻ ممڪن آهي([1])

---

1 Hans Gideon Heymann, "Die genischten werke im deutchen Grobeiseng werbe" st 1904, S.S.268_269

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

حقيقت ۾ تجربو ڏيکاري ٿو تہ جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپني جي معاملات جو انتظام هٿ ۾ ونڊ جي لاءِ 40 سيڪڙو حصن جو مالڪ هجڻ ڪافي آهي([1]) پوءِ تہ عملي طور تي ننڍن، منتشر حصيدارن جي هڪ تعداد جي لاءِ عام جلسن وغيره ۾ حاضر هجڻ ناممڪن هوندو آهي. حصن جي ملڪيت جي "جمهوريڪاري"، جنهن مان بورجوا صوفي ۽ موقع پرست "نام نهاد سوشل ڊيموڪريٽ" اها توقع رکندا آهن (يا اهو چوندا آهن تہ هو توقع رکن ٿا) تہ "سرمائي جي جمهوريڪاري" ٿيندي ۽ ننڍي پئماني تي پيداوار جو ڪردار ۽ اهميت وغيره وڌندو دراصل شاهوڪارن جي مالياتي حڪمراني جي طاقت وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي. تنهنڪري برسبيل تذڪرو زياده ترقي يافتہ يا زياده پراڻن ۽ زياده "تجربيڪار" سرمائيدار ملڪن ۾ قانون ان ڳالهہ جي اجازت ڏئي ٿو تہ گهٽ قيمت جا حصا جاري ڪيا وڃن. جرمني ۾ قانون ان ڳالهہ جي اجازت نہ ٿو ڏئي تہ هڪ هزار مارڪ کان گهٽ حصا جاري ڪيا وڃن ۽ جرمن مالیات جا سيڙ برطانيہ کي رشڪ جي نگاه سان ڏسن ٿا، جتي هڪ پائونڊ (= 20 مارڪ، تقريباً 10 روبل) جا حصا جاري ڪرڻ جي اجازت آهي. سيمينس، جيڪو جرمني جو هڪ وڏو صنعت ڪار ۽ "مالياتي بادشاهن" مان آهي، 7 جون 1900ع تي ريشتاغ ۾ اعلان ڪيو تہ "هڪ پائونڊ جو حصو برطانوي سامراج جو بنياد آهي" ([2]) هي واپاري ان بي ادب اديب جي پيٽ ۾ سامراج جي باري ۾ تمام گهري ۽ زياده "مارڪسي" سوچ سمجهہ رکي ٿو جيڪو روسي مارڪسزم جو باني (18) سمجهيو وڃي ٿو ۽ يقين ڪري ٿو تہ سامراج ڪنهن قوم جي بري عادت آهي.....

ليڪن "پائيچاري جو سسٽم" صرف اجاريدارن جي طاقت ۾ زبردست اضافي جي خدمت ئي نہ ٿو انجام ڏئي بلڪ انهن کي ان لائق بہ بڻائي ٿو تہ

---

[1] "Liefmann, "Beteitigungs, etc S.258 پهريون ايڊيشن

[2] "Godr.d.s.Oe" (Vol.2.s.110) شولتسي گي ويرنيتسجو پيشڪيل حوالو.

اهي بي ڏڙڪ قوم کي ٺڳيءَ سان ڦرڻ جي لاءِ هر طرح جون تاريڪ ۽ گنديون چالون کيڏن ٿو ته باضابطه طور تي، قانون جي مطابق "ماءُ ڪمپني" جا ڊائريڪٽر "ڏيءُ ڪمپنيءَ" جي لاءِ ذميوار ڪونهن، جيڪا "خود اختيار" سمجهي وڃي ٿي ۽ جنهن جي ذريعي سڀ ڪجهه "رهڙي" سگهجي ٿو. هتي جرمن رسالي "بينڪ" جي مئي 1914ع جي ڪتابڙي مان هي مثال پيش ڪجي ٿو: ڪاسيل جي "اسپرنگ اسٽيل ڪمپني" چند سال پهرين تائين جرمني ۾ هڪ انتهائي نفع بخش ڪمپني سمجهي ويندي هئي. بدانتظامي جي ڪري ڪمپني جو منافعو 15 سيڪڙو کان گهٽجي ٻڙي سيڪڙو تائين پهچي ويو. ائين معلوم ٿيو ته بورڊ ڊائيوارن سان مشورو ڪرڻ کان سواءِ 60 لک مارڪ پنهنجي هڪ "ڏيءَ ڪمپني"، "هاسيا ڪمپني" کي قرض ڏيئي ڇڏيا جنهن وٽ صرف چند لک مارڪ جو معروف سرمايو هو. ان قرض جو جنهن جي رقم "ڏيءَ ڪمپني" جي سرمائي جي لڳ ڀڳ ٽيهين هئي، ڪاتن ۾ ڪا داخلا ڪانه هئي. قانوني طور تي اها خاموشي بلڪل جائز هئي ۽ ٻن سالن تائين رهي سگهي پئي ڇو ته ان سان واپاري قانون جي ڪنهن قلم جي خلاف ورزي نه پئي ٿئي. نگران بورڊ جي صدر جنهن ذميدار سربراه جي حيثيت سان ڪوڙن ڪاتن تي صحيحون ڪيون هيون، ڪاسيل جي ايوان تجارت جو صدر هو ۽ ايجا به آهي. ڊائيوارن کي "هاسيا ڪمپني" کي ان قرض جي باري ۾ ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ معلوم ٿيو جڏهن اهو قرض غلطي ثابت ٿيو....." (مصنف کي گهرجي ها ته هو لفظ غلطي کي واوين ۾ لکي) ۽ جڏهن "اسپرنگ اسٽيل ڪمپني" جي حصن جي قيمت تقريباً سو سيڪڙو ڪري پئي ڇو ته جن ماڻهن کي جاڻ هئي، سي ان کان چوٽڪارو حاصل ڪري رهيا هئا.....

"ڪاتن ۾ مداري پٽي جي اهو نمونو جو مثال جيڪو جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين ۾ <u>ڪافي عام آهي</u> اها وضاحت ڪري ٿي ته ان جي ڊائريڪٽرن جا بورڊ نجي ڪاروبارين جي پيٺ ۾ اهڙي خطرناڪ ڏيتي ليتي تمام گهٽي

ٿڌي دل سان چو ٿا ڪن. ڪاتن کي ناهڻ جا جديد طريقا صرف اهو ئي امڪان ڪونہ ٿا ڏين تہ مشڪوڪ ڪاروبار کي معمولي حصيدارن کان لڪائي سگهجي بلڪ ان جي بہ اجازت ڏين ٿا تہ انتهائي واسطو رکندڙ ماڻهو بروقت پنهنجا حصا ڪپائي ناڪامياب ستي بازي جي نتيجن کان بچي نڪرن جڏهن جو نجي ڪاروباري جيڪو ڪجهہ بہ ڪري ٿو پنهنجو پاڻ کي خطري ۾ وجهي ڪري ٿو.....

"ڪيترن ئي جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين جا ڪاتا اسان کي وچين دور جي انهن پاليمپسيسٽن جي ياد ڏيارين ٿا جن مان نظر ايندڙ لکيت اڳ ۾ متائي ويندي هئي تہ جيئن ان جي هيٺان واري تحرير دريافت ڪئي وڃي جيڪا دستاويز جي اصل معني ٻڌائيندي هئي" (پاليمپسيسٽس اهي روغني جهلي[1] جا ڪاغذ آهن جن تي اصل تحرير کي ڍڪي پي لکي وئي هجي).

"ڪاتن کي ناقابل فهم بڻائڻ جو سڀ کان زياده سادو ۽ ان ئي لاءِ انتهائي عام طور تي استعمال ٿيڻ وارو طريقو هي آهي تہ واحد ڪاروبار کي "ڏيءُ ڪمپنيون" قائم ڪري يا انهن جو الحاق ڪري ڪيترن حصن ۾ ورهايو وڃي. مختلف قانوني ۽ غير قانوني مقصدن جي لاءِ ان سسٽم جا فائدا ايترا صاف آهن جو وڏيون ڪمپنيون جيڪي ان کي استعمال نہ ٿيون ڪن، اهي بلڪل استثنا سمجهيون ويندیون آهن." ([2])

هڪ وڏي ۽ اجاريدار ڪمپني جي مثال جي حيثيت سان جيڪا وڏي پئماني تي اهو سسٽم استعمال ڪري ٿي، مصنف مشهور "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (اي. اي. جي)، جنهن جي باري ۾ بعد ۾ اسين ذڪر ڪنداسين) جو نالو پيش ڪيو آهي. 1912ع ۾ اهو حساب لڳايو ويو هو تہ ان ڪمپني جا حصا ٻين 175 کان وٺي 200 تائين ڪمپنين ۾ آهن ۽

---

[1] جهلي رهندي مونث، انسان ۽ حيوان جي گوشت مٿان سنهي کل، چمڙيءَ جو اندريون سنهون تهہ. پيٽ اندر سنهون پردو جهلي، اک جو سنهون پردو تنتي پردو. (مرتب)

[2] ايشويگي "دختر ڪمپنيون" رسالو "بينڪ" 1914ع نمبر-1 صفحو 445 ايڊيٽر.

ظاهر آهي تہ انهن تي ان جو تسلط آهي ۽ اهڙيءَ طرح اُها مجموعي طور تي ڏيڍ **ارب مارڪ** جو سرمايو ڪنٽرول ڪري ٿي. ([1])

هتي ڪنٽرول جي سيني قائدن، بيلنس شيٽ جي اشاعت، ان جي لاءِ مقرر ڪيل اسڪيم جي ترتيب، اڪائونٽ جي جانچ پڙتال وغيره جي ڪا اهميت ڪانهي جن ڏانهن نيڪ نيت پروفيسر ۽ ڪامورا يعني اهي ماڻهو جيڪي سرمائيداري جي وڪالت ۽ تعريف ڪرڻ جي لاءِ نيڪ نيت رکن ٿا عوام جو ڏيان ڇڪائين ٿا. ڇو تہ نجي ملڪيت مقدس آهي ۽ ڪنهن کي بہ حصا خريد ڪرڻ، وڪڻڻ، انهن جي مٽاسٽا ڪرڻ يا گروي ڪرڻ جي ممانعت وغيره نہ ٿي ڪري سگهجي.

وڏين روسي بينڪن ۾ جنهن حد تائين اهو "پائيچاري جو سسٽم" وڏيو آهي، تنهن جو اندازو اي. آگاد جي ڏنل انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪو پندرنهن سالن تائين روسي- چيني بينڪ جو آفيسر هو ۽ مئي 1914ع ۾ هڪ ڪتاب ٿورو هن غلط عنوان سان شايع ڪيو "وڏيون بينڪون ۽ عالمي منڊيءَ" ([2]). مصنف وڏين روسي بينڪن کي ٻن بنيادي گروپن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي: (الف) اهي بينڪون جيڪي "پائيچاري جي سسٽم" ۾ اچن ٿيون ۽ (ب) "خود اختيار" بينڪون بهرحال "خود اختيار" بينڪون جي مرضي جي معني اها ورتي وئي آهي تہ اهي غير ملڪي بينڪن کان خود اختيار آهن. مصنف پهرئين گروپ کي واسطيدار قوم جي وڏين غير ملڪي بينڪن جي "پائيواري" ۽ تسلط کي نظر ۾ رکندي ٽن ماتحت گروپن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي (1) جرمن پائيواري (2) برطانوي

---

[1] ڪورت هيئينگ "الیکترک ٹرسٹ جو رستو" رسالو نئون زمانو" 1912ع، اشاعت جو ٽيهون سال- ايڈيٽر.

[2] آگاد، "وڏيون بينڪون ۽ عالمي منڊي" عالمي منڊي ۾ وڏين بينڪن جي معاشي ۽ سياسي اهميت، روسي عوامي معيشت ۽ جرمن- روسي تعلقات تي ان جا اثر جي نقطہ نظر سان" برلن، 1914ع)

پائيواري (3) فرانسيسي پائيواري مصنف بينڪن جي سرمائي کي لڳل "پيداواري" سرمائي (صنعت ۾ واپار ۾) ۽ "ستي بازاني" لڳل سرمائي (اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مالياتي ڪاروبار ۾ ورهايو آهي ۽ پنهنجي پيٽي بورجوا اصلاح پرست نقطه نظر سان اهو فرض ڪيو آهي ته سرمائيدارانه نظام جي تحت اڳي وانگر لڳل سرمائي کي هيءَ طرح جي سرمائي کان الڳ ڪري سگهجي تو ۽ هي شڪل کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

هتي مصنف جا اعداد شمار پيش ڪيا ويا آهن:

بينڪن جا اثاثا

آڪٽوبر ـ نومبر 1913ع جي رپورٽن مطابق

10 لک روبل ۾

روسي بينڪن جا گروپ	لڳل سرمايو		
	پيداواري	ستي بازاني	ڪل جوڙ
الف (1) چار بينڪون: سائيبريائي واپاري، روسي، انٽرنيشنل ۽ ڊسڪائونٽ بينڪ	413.7	859.1	1272.8
الف (2) ٻه بينڪون: واپاري ـ صنعتي ۽ روسي- برطانوي	239.3	169.1	408.4
الف (3) پنج بينڪون: روسي ايشيائي، سينٽ پيٽرس برگ پرائيويٽ، آزوف دون، يونين ماسڪو، روسي – فرانسيسي تجارتي	711.8	661.2	1373.0
(11 بينڪون) جوڙ – الف=	1364.8	1689.4	3954.2

ب_ اٺ بينڪون: ماسڪو جي واپارين جو والگا_ ڪاما يونڪر اينڊ ڪمپني، سينٽ پيٽرس برگ واپاري (اڳوٽو واويل برگ) ماسڪو بينڪ (اڳوٽو (ريابوشينسڪي)، ماسڪو ڊسڪائونٽ، ماسڪو تجارتي ماسڪو پرائيوٽ	504.2	391.1	895.3
(19 بينڪون) جوڙ=	1869.0	2080.5	3949.5

انهن اعداد شمار جي مطابق "تقريباً" چار ارب روبل مان، جيڪو وڏين بينڪن جو "سرگرم ڪار" سرمايو آهي، تي چوٽائي کان وڌيڪ يعني ٽي ارب کان وڌيڪ انهن بينڪن جي ملڪيت آهن، جيڪي دراصل غير ملڪي بينڪن جون "ڏي ڪمپنيون" آهن ۽ خصوصاً پيرس جي بينڪن جون (ٽي مشهور بينڪون: "يونين پيرس" پيرس ۽ نيدرلينڊ ۽ "سوسائٽي جنرالي" ۽ برلن جي بينڪن جي (خاص طور تي "جرمن بينڪ" ۽ "ديسڪونتو گيسيل شافٽ") ۾ سيني کان وڌيون روسي بينڪون "روسي" ("غير ملڪي واپار جي لاءِ روسي بينڪ" ۽ انٽرنيشنل (سينٽ پيٽرس برگ انٽرنيشنل ڪمرشل بينڪ 1906ع ۽ 1912ع جي دوران پنهنجو سرمايو چار ڪروڙ چاليهه لک روبل مان وڌائي 9 ڪروڙ 80 لک روبل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو محفوظ سرمايو ڏيڍ ڪروڙ مان وڌائي 3 ڪروڙ 90 لک ڪري ڇڏيو. پنهنجي ڪم ۾ "ٽي چوٽائي جرمن سرمايو استعمال ڪري". پهرين بينڪ برلن جرمن بينڪ "ڪنسرن" ۾ پائيوار آهي ۽ هي برلن "ريسڪونتو گيسيل شافٽ" ۾ نيڪ آڪاد ان ڳالهه کان سخت ناراض آهن ته حصن جي

اڪثريت برلن بينڪن وٽ آهي ۽ ان سبب جي ڪري روسي پائيوار بيوس آهن. ظاهر آهي ته جيڪو ملڪي سرمايو برآمد ڪري ٿو سو بالائي لاٽ وٽي ٿو. مثال طور برلن "جرمن بينڪ" سائبيريائي تجارتي بينڪ جا حصا برلن مارڪيٽ ۾ آٽڻ کان پهرين ان کي سڄي سال تائين پنهنجي بيگ ۾ رکيو ۽ پوءِ ان کي 100 جي لاءِ 193 جي شرح سان ڪپائي چڏيو. يعني تقريباً ٻيڻ تي ۽ تقريباً 60 لک روبل ڪمايا. جن کي هيلفرڊنگ "بانين جو نفعو" چوي ٿو.

اسان جو مصنف سينٽ پيٽرس برگ جي وڏين بينڪن جي "طاقت" 8 ارب 23 ڪروڙ 50 لک روبل، تقريباً سوا اٺ ارب ٻڌائي ٿو ۽ "پائيوارين" يا جنهن حد تائين غير ملڪي بينڪون انهن تي تسلط رکن ٿيون تن جي لاءِ هي تخمينو ڏئي ٿو: فرانسيسي بينڪ 55 سيڪڙو، برطانوي 10 سيڪڙو، جرمن 35 سيڪڙو. مصنف جي حساب مطابق ڪم ۾ لڳل ڪل 8 ارب 23 ڪروڙ 50 لک روبل جي سرمائي مان 3 ارب، اٺهڻ ڪروڙ ستر لک يا 40٪ سيڪڙو ڪان وڌيڪ پرواڳول ۽ پروداميت (19) سينديڪٽن ۾ ۽ تيل، ڌات سازي ۽ سمينٽ جي صنعت جي سينديڪٽن ۾ اڇن ٿا. اهڙيءَ طرح سرمائيدارانہ اجاريدارين جي تشڪيل جي ڪري روس ۾ بينڪن ۽ صنعت جي سرمائي جي انضمام ۾ زبردست قدم وڌايا آهن.

مالياتي سرمايو چند هٿن ۾ مرڪوز ٿي ۽ عملي طور تي اجاريداري استعمال ڪندي ڪمپنيون قائم ڪري، ڪاغذات زر جاري ڪري ۽ رياستي قرضن وغيره مان زبردست ۽ لڳاتار وڏندڙ نفعو ڪمائي مالياتي اوليگارشي (Oligarchy) جي تسلط کي مضبوط ڪري ٿو ۽ اجاردارن جي نفعي جي لاءِ پوري سماج تي محصول مڙهي ٿو. آمريڪي ترسٽن جي "ڪاروباري" طريقي جي ڪثير تعداد مثالن مان هتي هڪ مثال پيش ڪجي ٿو جنهن جو حوالو هيلفرڊنگ ڏنو آهي. (1887ع) ۾ هاوي ميئر 15 ننڍين فرمن کي ملائي، جن جو مجموعي سرمايو 65 لک ڊالر هو. ڪنڊ جو

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ٽرسٽ قائم ڪيو. آمريڪي محاوري مطابق مناسب طريقي سان "سيراب" ٿي ٽرسٽ جي سرمائي جو اعلان. 5ڪروڙ ڊالر ڪيو ويو. افراط سرمايو" (Over Capitalisation) مستقبل جي اجاريدارانہ نفعي جو بہ تخمينو اهڙيءَ طرح لڳائي ورتو جيئن آمريڪا جي فولاد جي ڪارپوريشن امڪاني طور تي وڏ ڪان وڏ لوهہ جون ڪاڻيون خريد ڪرڻ ۾ مستقبل جي اجاريدارانہ نفعي جو ڪاڦو لڳائي ونڊي ٿي. حقيقت ۾ ڪنڊ جي ٽرسٽ اجاريدارانہ قيمٿون قائم ڪري چڏيون. جن مان ان کي ايترو نفعو ٿيو جو هو حصن تي 10 سيڪڙو نفعو ستوڻ "سيراب" سرمائي يا ٽرسٽ جي تشڪيل جي وقت لڳل سرمائي تي تقريباً 70 سيڪڙو نفعو پائيوارن ۾ ورهائي سگهي پيو! 1909ع ۾ ڪنڊ جي ٽرسٽ جو سرمايو 9 ڪروڙ ڊالر هو. 22 سالن ۾ ان پنهنجو سرمايو وڌائي ڏهوڻ کان وڌيڪ ڪري چڏيو آهي.

فرانس ۾ "مالياتي اوليگارشي" (Oligarchy) جي تسلط (فرانس ۾ مالياتي اوليگراشي جي خلاف" ليزس جي مشهور ڪتاب جو نالو جنهن جو پنجون ايڊيشن 1908ع ۾ شايع ٿيو). اهڙي صورت اختيار ڪئي جيڪا ٿورو مختلف هئي. چار انتهائي طاقتور بينڪون ڪاغذات زر جاري ڪرڻ ۾ رڳو نسبتي نہ بلڪ "قطعيَ اجاريداري" رکن ٿيون. درحقيقت اهو وڏين بينڪن جو ٽرسٽ آهي ۽ اجاريداري ڪاغذات زر جي اجراءَ سان اجاريدارانہ نفعي جي ضمانت ڏئي ٿو. عام طور تي قرض ونڊ واري ملڪ کي قرض جي رقم جو 90 سيڪڙو ملي ٿو بقايا 10 سيڪڙو بينڪ ۽ بين دلالن کي ملي وڃي ٿو. روسي چيني قرض جي 40 ڪروڙ فرانڪ جي رقم مان بينڪن 8 سيڪڙو نفعو ڪمايو. 80 ڪروڙ فرانڪ جي روسي قرض (1904ع) کان 10 سيڪڙو نفعو ٿيو ۽ 6 ڪروڙ 25 لک فرانڪ جا مراڪشي قرض (1904ع) کان هي نفعو 18.75 سيڪڙو هو. سرمائيداري جنهن پنهنجي ارتقا معمولي وياج خوري سان شروع ڪئي هئي هاڻي پنهنجي ارتقا جو خاتمو زبردست وياج خور سرمائي سان ڪري رهي آهي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ليزس لکيو آهي "فرانسيسي يورپ جا وياج خور شاهوکار آهن" سرمائيداري جي ان تبديلي جي ڪري معاشي زندگيءَ جي سمورين حالتن ۾ گهري تبديلي اچي رهي آهي.

آبادي ۾ جمود ۽ صنعت، واپار ۽ جهاز راني ۾ جمود جي صورت ۾ "ملڪ" وياج خوريءَ مان امير ٿي سگهي ٿو. "پنجاهه شخص 80 لک فرانڪ سرمائي جي نمائندگي ڪندي چئن بينڪن ۾ جمع ڪيل به ارب فرانڪ ڪنٽرول ڪري سگهن ٿا". "پائيچاري" جي سسٽم جو به جنهن کان اسين واقف ٿي چڪا آهيون، اهوئي نتيجو ٿئي ٿو: مثال طور هڪ سيپ کان وڏي بينڪ "سوسائٽي جنرالي" (Society Generale) پنهنجي "ڏي ڪمپنيءَ" "ڪنڊ جي مصري ڪارخانن" جي لاءِ 64 هزار بانڊ جاري ڪري ڇڏي ٿو. اهي بانڊ 150 سيڪڙو تي جاري ڪيا وڃن ٿا يعني بينڪ کي هڪ روبل ۾ 50 ڪوپڪ جو نفعو ٿئي ٿو. نيئن ڪمپني جي نفعي جا حصا جعلي نڪتا ۽ "پبلڪ" کي 9 ڪروڙ کان 10 ڪروڙ فرانڪ تائين جو نقصان ٿيو. "سوسائٽي جنرالي" جو هڪ ڊائريڪٽر "ڪنڊ جي ڪارخانن" جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ جو ميمبر هو." اها حيرت جي ڳالهه ڪانهي ته مصنف ان نتيجي تي پهتو ته "فرانسيسي ريپبلڪ هڪ مالياتي شاهي" آهي، "اها مالياتي حڪمراني (Oligarchy) جو مڪمل تسلط آهي، مؤخر الذڪر پريس ۽ حڪومت تي حاوي آهي"([1])

ڪاغذات زر جي اجرا سان، جيڪو مالياتي سرمائي جو هڪ خاص ڪم آهي، حاصل ٿيندڙ غير معمولي نفعي جي شرح مالياتي اوليگارشيءَ جي ارتقا ۽ استواري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. "هن قسم جو واحد ڪاروبار ملڪ ۾ ڪونهي جيڪو غير ملڪي قرض جاري ڪرڻ جي دلالي

---

[1] ليزس "فرانس ۾ مالياتي حڪمراني جي خلاف" پنجون ايڊيشن، پيرس، 1908ع ص. ص. 11، 12، 26، 39، 40، 48.

مان حاصل ٿيندڙ ايتري وڏي نفعي جي تقريباً برابر بہ پهچندو هجي" جرمن رسالو "بينڪ" چوي ٿو.([1])

"بينڪ جي ڪاروبار م ڪوبہ ڪم مقابلتاً ايترو نفعي بخش ڪونہ هوندو آهي جيترو ڪاغذات زر جو اجرا". "جرمن ايڪونومسٽ جي بيان مطابق صنعتي ڪاغذات زر جاري ڪرڻ سان سالياتو نفعو سراسري هيٺيون ٿئي ٿو.

1895ع ..... 38.6 سيڪڙو

1896ع ..... 36.1 سيڪڙو

1897ع ..... 66.7 سيڪڙو

1898ع ..... 67.7 سيڪڙو

1899ع ..... 66.9 سيڪڙو

1900ع ..... 55.2 سيڪڙو

"ڏهن سالن م 1891ع کان 1900ع تائين جرمن صنعتي ڪاغذات زر جاري ڪرڻ سان هڪ ارب کان وڌيڪ مارڪ "ڪمايا" ويا". ([2])

صنعتي عروج جي دورن م مالياتي سرمائي جا نفعا تمام گهٽا ٿي وڃن ٿا. ليڪن زوال جي دورن م ننڍين ۽ غير مضبوط ڪاروبارن جو خاتمو ٿي وڃي ٿو ۽ وڏيون وڏيون بينڪون انهن کي تمام سستو خريد ڪري "پائيچارو" حاصل ڪري وٺن ٿيون يا انهن جي "نئين تعمير" ۽ "نئين تنظيم" جي نفعي بخش اسڪيمن م حصو وٺن ٿيون. انهن ڪاروبارن جي نئين تعمير م، جيڪي نقصان م هلي رهيا آهن، "حصن جو سرمايو گهٽجي وڃي ٿو يعني نفعو گهٽ سرمائي تي ورهائجي ٿو ۽ ان ئي گهٽ بنياد تي ان جو حساب ٿيندو رهي ٿو. يا جيڪڏهن نفعو وڏي تائين ڪري پوي ٿو تہ نئون سرمايو ورتو وڃي ٿو جيڪو پراڻي ۽ گهٽ نفعو ڏيڻ واري سرمائي سان ملي

---

[1] Die Bank 1913 No. 7.S.630

[2] رزومبرٽ "19 صدي م جرمن قومي معيشت" ٻيون ايڊيشن 1909ع ص 526، ضميمو 8.

مناسب نفعو ڏيندو. هيلفرڊنگ اضافو ڪري ٿو "برسبيل تذڪرو اهو ته هي سمورن نئين تعمير ۾ نين منظم بينڪن جي لاءِ ٻئي اهميت رکن ٿا. اول ته نفع بخش ڏيتي ليتي جي حيثيت سان ۾ ٻيو ڏکين حالتن ۾ مبتلا ڪمپنين تي ڪنٽرول جا موقعا حاصل ڪرڻ جي لاءِ".([1])

هتي هڪ مثال آهي- دور ٽمنڊ جي "يونين" مائيننگ ڪمپني 1872ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. حصن جو سرمايو تقريباً چار ڪروڙ مارڪ جو جاري ڪيو ويو ۾ جڏهن ان پنهنجي پهرئين سال جي لاءِ 12 سيڪڙو نفعو ورهايو ته حصن جي بازاري قيمت 170 سيڪڙو تائين وڌي وئي. مالياتي سرمائي بالائي لاهي ورتي ۾ ڪي ٻه ڪروڙ اسي لک مارڪ ڪمائي ورتا. ان ڪمپنيءَ جو خاص باني اهائي وڏي جرمن "ديسڪو نتوگيسيل شافٽ" بينڪ هئي، جيڪا ايتري ڪاميابي سان 30 ڪروڙ مارڪ جي سرمائي تائين پهتي هئي، بعد ۾ "يونين" ڪمپني جي حصن جو نفعو گهٽجي ٻڙي ٿي ويو. حصيدار کي سرمايو "گهٽ ڪرڻ" تي راضي ٿيٽو پيو يعني ان جي ڪجهه حصن تان دست بردار ٿيڻ تي، ته جيئن سمورو سرمايو نه وڃائي ويهن. "نيئن تعمير" جي پورن سلسلن جي ٿيهن سالن دوران 7 ڪروڙ ٿيهه لک کان وڌيڪ مارڪ "يونين" ڪمپني جي کاتن مان ڪڍيا ويا. "في الحال ان ڪمپنيءَ جا اصل حصيدار پنهنجي حصن جي ابتدائي قيمت جي صرف 5 سيڪڙو جا مالڪ آهن". ([2]) ليڪن بينڪ هر نئين تعمير کان ڪجهه نه ڪجهه ڪمائڻ جاري رکيو."

تيز رفتاريءَ سان وڌندڙ وڏن شهرن جي آس پاس ۾ زمين جي ٽڪرن جي سٽي بازي مالياتي سرمائي جي لاءِ خاص طور تي مفيد آهي. هتي بينڪن جي اجاريداري، زمين جي ڏل جي اجاريداري ۾ آمدرفت جي ذريعن جي اجاريداري سان گڏجي وڃي ٿي ڇو ته زمين جي قيمت ۾ اضافو ۾ ان کي

---

[1] "مالياتي سرمايو" ص – 172.

[2] "stillich"، حاڪايل ڪتاب، ص 138 ۾ Liefmann ص 51.

الڳ الڳ ٽڪرن ۾ نفعي سان وڪڙڻ جي امڪانن وغيره جو گهٽي ياڻي انحصار شهر جي مرڪز سان سڀني نقل حمل جي ذريعن تي آهي ۽ اهي آمدرفت جا ذريعا وڏين سسٽم ۽ بوربن ۾ سيٽون ورهائڻ جي ذريعي مربوط آهن. ان جي نتيجي ۾ اسان کي اهو ملي ٿو جنهن کي رسالي "بينڪ" جا ڪارڪن، جرمن مصنعف ل-ايشويگي، جن زمين جي ٽڪرن جي ڪاروبار ۽ گروي رکڻ وغيره جو خاص طور تي مطالعو ڪيو آهي، "دلدل" چون ٿا. شهري پسگردائيءَ جي عمارتي قطعات جي لاءِ انڌاڌنڌ ستي بازي، تعميراتي فرمن جي تباهي جهڙوڪ جرمن فرم "بوسوائو" ۽ "ڪناؤاير" جي جنهن انتهائي ٿوس ۽ وڏي جرمن بينڪ جي مدد سان ڏهه ڪروڙ مارڪ حاصل ڪيا. ظاهر آهي ته "جرمن بينڪ" پائيواري جي سسٽم ذريعي ڪم ڪيو يعني خفيه طور تي، پس پرده ۽ ان مان صرف هڪ ڪروڙ ويهه لک مارڪ جو نقصان برداشت ڪري نڪري آيو. ان کان پوءِ ننڍن ڪارخانيدارن ۽ مزدورن جي تباهي آئي جن کي جعلي تعميراتي فرمن کان ڪجهه نه ٿو ملي. برلن جي "ايماندار" پوليس ۽ عملي سان گڏ جعلي سمجهوتا ڪيا ويا هئا جن جو مقصد زمين جي قطعات جي باري ۾ سرٽيفڪيٽن جو اجرا ۽ شهري ڪائونسل کان عمارتون تعمير ڪرڻ جي اجازت ونڊ جو ڪم وغيره پنهنجي هٿ ۾ ونڊ هو.

"آمريڪي رسم رواج" جن جي خلاف يورپي پروفيسر ۽ نيڪ نيت بورجوا ماڻهو وڏي مڪاري سان ناراضگيءَ جو اظهار ڪن ٿا، مالياتي سرمائي جي دور ۾ هر ملڪ ۾ قطعي طور تي هر وڏي شهر جا رسم رواج بنجي ويا آهن.

1914ع جي ابتدا ۾ برلن ۾ "ٽرانسپورٽ ٽرسٽ" جي تشڪيل يعني برلن جي ننهي ٽرانسپورٽ ڪاروبارن: شهر جي برقي ريلوي، ٽرام وي ڪمپني ۽ بس ڪمپني جي درميان "گڏيل مفادن" جي قيام جي ڳالهه هلي رهي هئي. "بينڪ" لکيو: "اسان کي معلوم ٿيو ته اهو منصوبو ان ئي وقت

کان موجوڊ هو جڏهن اها خبر پئي تہ بس ڪمپني جا زياده تر حصا ٻين ٻن ٽرانسپورٽ ڪمپنين حاصل ڪري ورتا آهن... جيڪي ماڻهو ان مقصد سان ڪم ڪري رهيا آهن([1]) اسان کي انهن جي ان ڳالهہ تي پوريءَ طرح يقين ڪرڻ گهرجي تہ ٽرانسپورٽ سروسن کي متحد ڪري اهي ڪفايت جي اميد ڪن ٿا جيڪا نتيجي ۾ پبلڪ لاءِ نفعي بخش ٿيندي. ليڪن ان واقعي سان ڳالهہ الجهي وڃي ٿي تہ ٽرانسپورٽ ٽرسٽ جي ناهڻ پويان بينڪون آهن. جيڪي جيڪڏهن چاهين تہ ٽرانسپورٽ جي ذريعن کي جن تي انهن اجاريداري قائم ڪري ورتي آهي پنهنجي زمين جي قطعات جي ڪاروبار جي مفادن جي تحت وٺي سگهن ٿا. ان قياس جي معقول هجڻ جو يقين ڪرڻ جي لاءِ اسان کي صرف اهو ياد رکڻ جي ضرورت آهي تہ ان وڏي بينڪ جا مفاد جنهن اليڪٽرڪ ريلوي ڪمپني جي تشڪيل جي همت افزائي ڪئي هئي، ڪمپني جي نهڻ وقت وقت ان ۾ شامل ٿي چڪا هئا. يعني ٽرانسپورٽ جي ان ڪاروبار جا مفاد زمين جي قطعات جي ڪاروبار جي مفادن سان ملي جلي چڪا هئا. ڳالهہ اها آهي تہ ان ريلوي جي مشرقي لائين جنهن زمين تي نڪرڻ واري هئي سا ان بينڪ پنهنجي لاءِ ۽ ان ڏيتي ليتيءَ جي ٻين حصيدارن جي لاءِ تنهن وقت ئي زبردست نفعي تي وڪڻي ڇڏي. جڏهن اها ڳالهہ يقيني ٿي وئي تہ اها لائين ناهي ويندي.....“([2])

اجاريداري جي جڏهن هڪ وار جوڙجڪ وجي ٿي ۽ ڪروڙن جون رقمون ڪنٽرول ڪرڻ لڳي ٿي تہ اها قطعي طور تي عام زندگيءَ جي هر شعبي ۾، سياسي ڏانچي يا سموري ٻي ”تفصيلات“ جو لحاظ ڪرڻ جي بغير، داخل ٿي وڃي ٿي. جرمن معاشي ادب ۾ عام طور تي پروشيائي نوڪر شاهي جي ايمانداريءَ جي خود پنهنجي واتان تعريف، فرانسيسي

---

[1] ”بينڪ“ 1913ع، صفحو 952، ايشويگي ”دلدل“، ”بينڪ“ 1912ع، صفحا 223 ۽ اڳيان صفحا.

[2] ٽرانسپورٽ ٽرسٽ“ ”دي بينڪ“، 1914ع، شمارو 1، ص 89.

اسڪينڊل (20) يا آمريڪا ۾ سياسي بدعنوانين ڏانهن اشارن سان گڏ ملي ٿي. ليڪن واقعو هي آهي ته بورجوا ادب تائين کي جيڪو جرمني جي بينڪ جي ڪاروبار سان گهرو تعلق رکي ٿو خالص بينڪ جي ڪاروبار جي ميدان مان متواتر اڳتي وڌو پوي ٿو. مثلاً هو "بينڪن جي دلڪشي" جو ذڪر ان سلسلي ۾ ڪندي ته ڪيئن به سرڪاري آفيسرن جو وڏندڙ تعداد بينڪن جي نوڪرين ۾ وڃي رهيو آهي، چوي ٿو: "ان سرڪاري آفيسر جي ايمانداري جي باري ۾ ڇاڻو چئي سگهجي جيڪو دل ئي دل ۾ ان جي خواهش رکي ٿو ته ان کي بيرين اشتراسي ۾ برلن جو اهو روڊ جتي "جرمن بينڪ" جي هيڊ آفيس آهي) ڪا سٺي جاءِ ملي وڃي؟"([1]) 1909ع ۾ "بينڪ" جي پبلشر الفريد لانسبرگ هڪ مضمون "بازنظين ازم جي معاشي اهميت" جي عنوان سان لکيو جنهن ۾ هن برسبيل تذڪرو ولهلم ثاني جي فلسطين جي دوري ۽ " ان سفر جا ترت نتيجا، بغداد ريلوي جي تعمير "جرمن ڪاروبار جي مهم جوئي جي ان عظيم مهلڪ پيداوار" جي باري ۾ لکيو "جيڪو اسان جي سمورين غلطين کي ملائي ڪري به اسان جي "محاصري" جي لاءِ وڌيڪ ذميوار آهي"([2]) (هتي محاصري مان مراد ايڊورڊ ستين جي پاليسي آهي، جيڪا جرمني کي الڳ ڪري ان کي سامراجي جرمن دشمن اتحاد جي گهيري ۾ آڻڻ جي پاليسي هئي). 1911ع ۾ ان ئي رسالي جي ڪارڪن ايشويگي، جنهن جو ذڪر اسين ڪري چڪا آهيون، هڪ مضمون "امير حڪمرانن جو طبقو (پلوٽوڪريسي) ۽ نوڪر شاهي" لکيو جنهن ۾ ان مثال جي طور تي فيلڪيرنامي جرمن آفيسر جي معاملي کي بي نقاب ڪيو جيڪو هڪ ڪارٽيل ڪميشن جو سرگرم ميمبر هو ۽ بعد ۾ ائين ٿيو جو ان سيني کان وڏي ڪارٽيل، فولاد سينڊيڪيٽ ۾ هڪ سٺي آمدني واري نوڪري حاصل ڪري ورتي. اهڙي قسم جي بين معاملن

---

[1] "بينڪ جي دل ڪشي"، رسالو بينڪ 1909ع، شمارو 1 ص 79

[2] "بينڪ جي دل ڪشي"، رسالو بينڪ 1909ع، شمارو 1 301.

جيڪي ڪنهن بہ لحاظ کان اتفاقي نہ هئا ان بورجوا مصنف کي اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪيو تہ "معاشي زندگي جي ڪيترن ئي شعبن ۾ جنهن معاشي آزاديءَ جي ضمانت جرمن آئين ڏني آهي، بي معنيٰ بنجي وئي آهي" ۽ موجوده امير حڪمران طبقي جي تحت، وسيع ترين سياسي آزادي بہ اسان کي غير آزاد ماڻهن جي قوم ۾ تبديل ٿيڻ کان نٿي بچائي سگهي. ([1])

جيستائين روس جو تعلق آهي، اسان پاڻ کي صرف هڪ مثال تائين محدود رکنداسين. ڪجهہ سال ٿيا سيني اخبارن اعلان ڪيو تہ خزاني جي ڪريڊٽ شعبي جي ڊائريڪٽر داويدوف استعيفا ڏيئي ڇڏي آهي تہ جيئن هو هڪ وڏي بئينڪ جي نوڪري اهڙي پگهار تي اختيار ڪري سگهي جيڪا سمجهوتي مطابق ڪيترن سالن دوران ڏهہ لک روبل کان وڌيڪ هوندي. ڪريڊٽ شعبو هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن جو ڪم "ملڪ جي سمورن ڪريڊٽ ادارن جي سرگرمين ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ آهي" ۽ جيڪو سينٽ پيٽرس برگ ۽ ماسڪو جي بينڪن کي 80 ڪروڙ مارڪ کان هڪ ارب روبل تائين امدادي رقمون ڏئي ٿو([2])

اها عام طور تي سرمائيداريءَ جي خصوصيت آهي تہ سرمائي جي ملڪيت کي پيداوار جي لاءِ سرمائي جي استعمال کان الڳ رکيو وڃي ٿو. جو نقد سرمائي کي صنعتي ۽ پيداواري سرمائي کا الڳ رکيو وڃي ٿو ۽ اهو تہ منافع خور کي جيڪو بلڪل نقد سرمائي مان حاصل ٿيل آمدني تي رهي ٿو ڪاروبار جي منتظم کان ۽ انهن سمورن ماڻهن کان عليحده رکيو وڃي ٿو جن جو سرمائي جي انتظام سان سڌو سنئون تعلق آهي. سامراج يا مالياتي سرمائي جو تسلط سرمائيداري جي اها اعليٰ ترين منزل آهي جنهن ۾ اها علحدگي وسيع حدون اختيار ڪري وئي ٿي. سرمائي جي سمورن پين صورتن تي مالياتي سرمائي جي برتري جي معنيٰ منافع خور ۽ مالياتي اوليگارشي جو تسلط آهي. ان جو مطلب آهي تہ مالي طور تي "طاقتور" چند رياستون باقي رياستن کان نمايان ٿي وڃن ٿيون. ڪهڙي پئماني اهو عمل ٿي

---

[1] حوالو ساڳيو 1911ع شمارو-2 ص 825، 1913ع شمارو2، ص962.

[2] E.Agald، ص 202.

هيو آهي ان جو اندازو هر قسم جي ڪاغذات زر جي اجرا جي انگن اکرن مان ڪري سگهجي ٿو.

"اعداد شمار جي بين الاقوامي انسٽي ٽيوٽ جي رسالي " ۾ 1- نيئمارڪ ([1]) تمام گهڻو تفصيلي، مڪمل ۽ موازني وارا اعداد و شمار شايع ڪيا آهن جيڪي سڄي دنيا ۾ ڪاغذات زر جي اجرا کي وٺن ٿا جن جو معاشي ادب ۾ جزوي طور تي هر هر حوالو ڏنو ويو اهي. انهن چئن ڏهاڪن جي لاءِ جيڪي ميزان ڏنا آهن، سي هتي پيش ڪيا وڃن ٿا:

ڪاغذات زر جي اجرا جي مجموعي رقم ڏهه سالن ۾

(ارب فرانڪ ۾)

1880ع- 1871ع 76.1

1890ع- 1881ع 64.5

1900ع- 1891ع 10.4

1910ع- 1901ع 197.8

19 هين صديءَ جي انهن ڏهاڪي ۾ سڄي دنيا ۾ ڪاغذات زر جي اجرا جي ڪل رقم وڌي وئي. خصوصاً انهن قرضن جي ڪري جيڪي فرانسيسي پروشيائي جنگ جي سلسلي ۾ جاري ڪيا ويا هئا ۽ ان کانپوءِ جڏهن جرمني ۾ جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين جي قيام جي زور جي دور جي ڪري مجموعي طور تي اهو اضافو ويهين صديءَ جي آخري ٽن ڏهاڪن ۾ نسبتاً زياده تيز نه هو ۽ صرف 20 صديءَ جي پهرئين ڏهن سالن ۾ 100 سيڪڙو جو زبردست اضافو ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح 20 صديءَ جي ابتدا نه صرف اجاريداري (ڪارٽيلن، سينڊيڪيٽن ۽ ٽرسٽن) جي ترقيءَ ۾ هڪ موڙ هو. جنهن جي باري ۾ اسين اڳ ۾ چئي چڪا آهيون بلڪ مالياتي سرمائي جي ترقي ۾ به.

---

[1] "اعداد شمار جي بين الاقوامي انسٽي ٽيوٽ جو اعلان" جلد-19، حصو ٻيون، شهر هيگ، ننڊين رياستن جي باري ۾ معلومات (ٻيو ڪالم) جو اندازو 1902ع جي اعداد شمار ۾ 20 سيڪڙو جو اضافو ڪري لڳايو ويو آهي. ايڊيٽر.

نيئمارڪ جو تخمينو آهي تہ 1910ع ۾ سڄي دنيا ۾ جاري ٽيل ڪاغذات زر جي مجموعي رقم لڳ ڀڳ اٺ کرب، 15 ارب فرانڪ هئي. اهي رقمون انهن مان گهٽائيندي جن جي ڏهرائڻ جو امڪان آهي هي ميزان پنج کرب، 75 ارب- ڇهه کرب رهجي وڃي ٿو جيڪو مختلف ملڪن ۾ هيٺئين طريقي سان ورهايل آهي (اسين ڇهه کرب ونون ٿا):

1910ع ۾ ڪاغذات زر جي رقم.

(ارب فرانڪ ۾)

برطانيہ	142	479
آمريڪا	132	
فرانس	110	
جرمني	95	
روس	31	
آسٽريليا هنگري	24	
اٽلي	14	
جپان	12	
هالينڊ	12.5	
بيلجم	7.5	
اسپين	7.5	
سئزرلينڊ	6.25	
ڊينمارڪ	3.75	
سويڊن، ناروي ۽ رومانيہ وغيره	2.5	
جوڙ	600	

انهن انگن اکرن مان صاف طور تي اسان کي چار انتهائي اميير سرمائيدار ملڪ نمايان نظر اچن ٿا. جن مان هر هڪ وٽ هڪ کرب کان

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ڏيڍ ڪرب فرانڪ تائين جا ڪاغذات زر آهن. انهن ڇئن ملڪن مان ٻه، برطانيہ ۽ فرانس، سيني کان پراڻا سرمائيدار ملڪ آهن ۽ جيئن تہ اسين ڏسنداسين تہ سيني کان وڌيڪ نوآبادين رکن ٿا. باقي ٻہ، آمريڪا ۽ جرمني اهڙا سرمائيدار ملڪ آهن جيڪي صنعت ۾ سرمائيدار اجاريدارين جي ترقيءَ جي تيز رفتاري ۽ توسيع جي لحاظ کان اڳتي آهن. ڪُل ملائي هي چار ملڪ چار کرب، 79 ارب فرانڪ جا مالڪ آهن. يعني عالمي مالياتي سرمائي جي 80 سيڪڙو جا. ڪنهن نہ ڪنهن طرح تقريباً باقي سڄي دنيا انهن بين الاقوامي بينڪر ملڪن، عالمي مالياتي سرمائي جي انهن ڇئن "ٽنين" جا لڳ ڀڳ قرضدار يا محصول پريندڙ آهن.

هن ڪردار جو جائزو ونڍ خاص طور تي اهم آهي جيڪو مالياتي سرمائي جي محتاجي ۽ ان جي تعلقات جي لاءِ بين الاقوامي جار ڦهلائڻ ۾ سرمائي جي برآمد ادا ڪري ٿو.



سرمائي جي برآمد

آزاد مقابلي جي راج جي زماني ۾ پراڻي سرمائيداريءَ جي خصوصيت سامان جي برآمد هئي. سرمائيداريءَ جي تازه ترين منزل جي خصوصيت، جڏهن اجاريدارين جو راج آهي، سرمائي جي برآمد آهي.

ارتقا جي اعليٰ ترين منزل ۾ شين جي متاستا جي پيدوار سرمائيداري آهي جڏهن محنت جي طاقت به واپار جي شيءِ بنجي وڃي ٿي. اندروني متاستا جي ۽ خصوصاً بين الاقوامي متاستا جي ترقي سرمائيداريءَ جي هڪ نمايان خصوصيت آهي. الڳ الڳ ڪارخانن، الڳ الڳ صنعتي شاخن ۽ الڳ الڳ ملڪن جي ناهموار ۽ لاهه چاڑهه واري ارتقا سرمائيدار نظام ۾ اٽٽر آهي. انگلستان ڪنهن ٻئي ملڪ کان اڳ ۾ سرمائيدار ملڪ بڻيو ۽ 19 هين صديءَ جي وچ تائين آزاد واپار اختيار ڪري "دنيا جو ورڪشاپ" ۽ سمورن ملڪن کي مصنوعات فراهم ڪرڻ جي دعوا ڪرڻ لڳو جن کي تبادلي ۾ انگلستان کي ڪچيون شيون مهيا ڪرڻيون هيون. پر 19هين صديءَ جي آخري چوٿائي ۾ انگلستان جي اها اجاريداري ٽوڙي وئي هئي جو ته ڪيترن ٻين ملڪن "حفاظتي" محصولن ۾ پناهه ونڊي پاڻ کي آزاد سرمائيدار رياستون بڻائي ورتو هو. 20 صديءَ جي چائنڊ تي پهچندي اسان هڪ نئين قسم جي اجاريداري جي تشڪيل ڏسون ٿا. اول سرمائيدارانه طريقي سان ترقي ڪرڻ وارن سمورن ملڪن ۾ سرمائيدارن جون اجارادارانه انجمنون، ٻيو چند تمام گهڻو امير ملڪن جي اجاريدارانه پوزيشن جنهن ۾ تمام گهڻو سرمايو جمع ٿي ويو آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ تمام گهڻو "فاضل سرمايو" پيدا ٿي ويو آهي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ظاهر آهي تہ جيڪڏهن سرمائيدار زرعي نظام کي ترقي ڏيئي سگهي ها، جيڪا هينئر هر هنڌ صنعت کان تمام گهٽو پسمانده آهي. جيڪڏهن اها عوام جي معيار زندگي بلند ڪري سگهي ها جيڪي حيرت انگيز ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي باوجود اڄا بہ پيٽ بکيا ۽ غربت جا ماريل آهن تہ واڌو سرمائي جو ڪو سوال ئي نہ هجي ها. اهو دليل. اڪثر سرمائيدار نظام جا پيٽي بورجوا نقاد پيش ڪن ٿا. ليڪن جيڪڏهن سرمائيدار نظام ائين ڪري ها تہ اهو سرمائيدار نظام نہ هجي ها، چو تہ ناهموار ترقي ۽ عوام جي اهڙي معيار زندگي جنهن ۾ پيٽ پري کاڌو نہ ٿو ملي. ٻئي، پيداوار جي ان طريقي جون بنيادي ۽ لازمي حالتون ۽ اولين شرط آهن. جيستائين سرمائيدار نظام ائين رهندو جيئن اهو آهي واڌو سرمايو ڪنهن ملڪ ۾ عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ جي لاءِ استعمال نہ ڪيو ويندو چو تہ ان جو مطلب سرمائيدارن جي منافعي ۾ ڪمي نہ بلڪ ان کي پسمانده ملڪن کي برآمد ڪري وڌيڪ نفعو ڪمائڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو. انهن پسمانده ملڪن ۾ نفعو عام طور تي زياده هوندو آهي چو تہ سرمائي جي قلت آهي، زمين جي قيمت نسبتاً گهٽ آهي، اجرتون بہ گهٽ آهن ۽ ڪچيون شيون سستيون آهن. سرمائي کي برآمد ڪرڻ جو امڪان اڀرڻ ڪري مان پيد ٿئي ٿو تہ اڄا تائين متعدد پسمانده ملڪن کي عالمي سرمائ ر نظام جي چڪر ۾ گهليو ويو آهي، وڌيون وڌيون ريلوي لائينون انهن ملڪن ۾ ناهيون ويون آهن يا نهڻ شروع ٿيون آهن ۽ صنعتي ترقي جي لاءِ ابتدائي حالتون وغيره پيدا ڪيون ويون آهن. سرمائي کي برآمد ڪرڻ جي ضرورت ان واقعي مان پيدا ٿئي ٿي تہ چند ملڪن ۾ سرمائيدار نظام "گهٽو پچي ويو" آهي ۽ (زراعت جي ڏڪريل حالت ۽ عوام جي غربت جي ڪري) سرمائي کي "نفعي بخش" طريقي سان لڳائڻ جي لاءِ ميدان نہ ٿو ملي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هتي اهي انگ اکر تقريباً ڏنا ويا آهن جيڪي ڏيکارين ٿا تہ ٽن خاص ملکن جو ڪيترو سرمايو باهرين ملکن ۾ لڳايو ويو آهي. [1]

باهرين ملکن ۾ لڳل سرمايو

(ارب فرانڪ ۾)

سال	برطانيہ	فرانس	جرمني
1822ع	3.6	_	_
1876ع	15	10 (1869ع)	_
1882ع	22	15 (1880ع)	
1893ع	42	20 (1890ع)	
1902ع	62	27_37	12.5
1914ع	75_100	60	44

---

[1] جاڻايل ڪتاب Rieser Hohson "Imperialisum" London 1902, P_58, Rieser ص 395, 404, Weltwirtch ftliches Archiv" Bd. 7, (عالمي معاشيات جو محافظ خان ۾ ارندت جو مضمون 1916ع، ص 35)؛ Neymarck in "Bulletin", Hilferding, "Finance Capital's 492, ILoyed George, Speech in the house of Commans. May, 4 1915, reported in the "Daily Telegraph May 5, 1915; B. Harms. "Problem der. weltwertschoft" Jana, 1912, S.235 et Seq. (ب. هرمس "عالمي معاشيات جا مسئلاجينا، 1912، ص 235" ايڈيٽر. ڊاڪٽر زيگمنر شيلڊرڊ "عالمي معاشيات جي ترقي جا رجحان، برلن، 1912، Bd.1 S.150.

Georqe paish "Great Birtains Capital Investments etc in Journal of Royal Standard Society" Vol. Lxx12, 1910. Page 167 at seq. (اعداد شمار جي رائل سوسائٽي جي جرنل ۾" ج. بيٽش جو مضمون "برطانيہ جو لڳايل سرمايو".

Georges Diouritch "L_Expansion des bankues allemandes a I etranger, Ses rapports avecle development economique de I' Allemagne" Pavis, 1909, P_84

(زورز ديوريچ "غير ملکن ۾ جرمن بينڪ جي توسيع ۽ جرمن معاشي ترقيءَ سان ان جو تعلق- پيرس، 1909ع ص 84، ايڈيٽر.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هي خاڪو ڏيکاري ٿو تہ سرمائي جي برآمد اها زبردست صورت صرف 20 صديءَ جي ابتدا ۾ اختيار ڪئي. جنگ کان پهرين خاص ملڪن ۾لڳل سرمائي جي رقم هڪ کرب، 75 ارب مان ۾ کرب فرانڪ تائين هئي. 5 سيڪڙو جي معتدل شرح سان ان رقم مان سالياني آمدني 8 ارب مان 10 ارب فرانڪ تائين هجڻ گهرجي جيڪا مُٺ جيترن امير رياستن جي سرمائيدارانہ مفت خوري جي لاءِ ۽ دنيا جي زياده تر قومن ۽ ملڪن تي سامراڄي جبر، تشدد ۽ استحصال جي لاءِ ٺُز بنياد آهي!

غير ملڪن ۾ لڳل اهو سرمايو ڪيئن مختلف ملڪن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي؟ اهو ڪٽي لڳايو ويندو آهي؟ انهن سوالن جو صرف تقريباً جواب ڏيئي سگهجي ٿو. پر اهو موجوده سامراج جي بعض عام تعلقات ۽ رابطن تي روشني وجهڻ لاءِ ڪافي هوندو.

ڪرهء ارض جي مختلف حصن ۾ غير ملڪي سرمائي جي (تقريباً) تقسيم (تقريباً 1910ع ۾)

جوڙ	جرمني	فرانس	برطانيہ	
	(هڪ ارب مارڪ ۾)			
45	18	23	4	يورپ
51	10	4	37	آمريڪا
44	7	8	29	ايشيا، آفريڪا ۽ آسٽريليا
140	35	35	70	جوڙ

برطانوي سرمايو لڳائڻ جا خاص حلقا برطانوي نوآبادين آهن جيڪي ايشيا وغيره جي ذڪر ڇا آمريڪا ۾ بہ ڪافي وڏيون آهن (مثلاً ڪينيڊا). هن معاملي ۾ سرمائي جي زبردست برآمد وسيع نوآبادين سان مضبوطي سان سلهاڙيل آهي. سامراج جي لاءِ ان جي اهميت جي باري ۾ اسين بعد ۾ ٻڌائينداسين. فرانس جي معاملي ۾ صورتحال بي آهي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

فرانسيسي سرمائي جي برآمد گهٽي پاڻي يورپ کي آهي ۽ سيني کان پهرين روس کي (گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ارب فرانڪ). اهي گهٽي پاڻي قرض ڏنل سرمايو سرڪاري قرض آهن ۽ صنعتي ڪاروبار ۾ لڳايل سرمايو ڪونهي. برطانوي نوآباديات سامراج جي برعڪس فرانسيسي سامراج کي وياج خور سامراج چئي سگهجي ٿو. جرمني جي معاملي ۾ اسان کي ٽيون قسم ملي ٿو. ان جون نوآباديون وڏيون ڪونهن ۽ غير ملڪن ۾ لڳايل سرمايو يورپ ۽ آمريڪا ۾ زياده متوازن طور تي تقسيم ڪيو ويو آهي.

سرمائي جي برآمد انهن ملڪن ۾ جتي اهو وڃي ٿي. سرمائيداري جي ارتقا تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ ان جي رفتار تمام تيز ڪري ڇڏي ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن هڪ حد تائين اهو ممڪن آهي ته سرمائي جي برآمد ان ملڪ جي ترقيءَ کي روڪي جنهن مان اهو برآمد ڪيو وڃي ٿو ليڪن اهو صرف تڏهن ٽيندو آهي جڏهن سرمايو سڄي دنيا ۾ سرمائيدارانه نظام جي مزيد ترقيءَ کي وسيع ۽ گهرو ڪري ڇڏيندو آهي.

سرمايو برآمد ڪرڻ وارا ملڪ تقريباً هميشه کي "سهوليتون" حاصل ڪري سگهندا آهن جن جو ڪردار مالياتي سرمائي ۽ اجاريداري جي دور جي خصوصيت تي روشني وجهي ٿو. مثلاً آڪٽوبر 1913ع ۾ برلن جي رسالي "بينڪ" هي لکيو:

"سرمائي جي عالمي منڊي ۾ ڪجهه ڏينهن کان اها ڪاميڊي پيش ٿي رهي آهي جيڪا آريستوفان جي لکڻ جي قابل آهي. متعدد غير ملڪ، اسپين کان وٺي بلقان جي رياستن تائين. روس کان وٺي ارجنٽائن . برازيل کان وٺي چين تائين ظاهرظهور يا ڳجهي نموني سان ڪيترن پئسي وارن منڊين ۾ قرض گهرڻ جي لاءِ اڇي رهيا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان مطالبي تي انتهائي ضد ڪندا آهن. پئسي جون منڊيون هن وقت باڙائي جو شڪار آهن ۽ سياسي حالتون به اميد افزا ڪونهن. پر پيسن جي واحد منڊي به ان خوف وچان قرض ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جي جرئت نه ٿي ڪري ته ڪٿي

هن جو پاڙيسري اڳيرائي نہ ڪري وڃي. قرض ڏيڻ تي راضي ٿي وڃي ۽ معاوضي ۾ ڪجھ خدمتون حاصل ڪري وٺي. ان بين الاقوامي ڏي وٺ جي معاملن ۾ قرض ڏيڻ وارو هميشہ ڪو اضافي فائدو حاصل ڪري وٺندو آهي. ڪنهن واپاري معاهدي ۾ ڪا مفيد قانوني شق، ڪوٽلي جي اسٽيشن، سامونڊي گودي ناهڻ جو ڪانٽريڪٽ، ڪا وڏي رعايت يا اسلحي جو ڪوآرڊر."([1])

مالياتي سرمائي اجاريدارين جو دور پيدا ڪيو آهي ۽ اجاريداريون هر هنڌ اجاريدارانہ اصول رائج ڪري رهيون آهن: نفعي بخش ڏيتي ليتي جي لاءِ ڪليل بازار ۾ مقابلي جي جاءِ تعلقات وٺن ٿا. سيٽي ڪان زيادہ عام ڳالھ اهو شرط هوندو اهي تہ جيڪو قرض منظور ڪيو ويو آهي تنهن جو هڪ حصو قرض ڏيڻ واري ملڪ ۾ خريدارين تي خرچ ڪيو ويندو. خصوصاً جنگي سامان جي آرڊرن تي. يا جهازن وغيره تي. پويين پن ڏهاڪن جي دوران (1890_1910) فرانس اڪثر هي طريقو اختيار ڪيو. سرمائي جي برآمد اهڙيءَ طرح شين جي واپار جي برآمد جي همت افزائي جو ذريعو بنجي وڃي ٿي ان سلسلي ۾ خصوصاً وڏين فرمن جي درميان ڏيتي ليتي اهڙي صورت اختيار ڪري ٿي جنهن کي شيلڊر ([2]) "ترم" طريقي سان "بدعنواني جي سرحد چھڻ وارو" چيو آهي. جرمني ۾ ڪروپ، فراتس ۾ شنائڊر برطانيہ ۾ آرم اسٽرونگ انهن فرمن جا مثال آهن جيڪي طاقتور بينڪن ۽ حڪومتن سان ويجها لاڳاپا رکن ٿيون ۽ جڏهن ڪو قرض جاري ڪيو وڃي ٿو تہ ان کي آساني سان "نظرانداز" نہ ٿو ڪري سگھجي.

فرانس جڏهن روس لاءِ قرض منظور ڪيا تہ 16_ سيپٽمبر 1905ع جي واپاري معاهدي ۾ 1917ع تائين جاري رهندڙ رعايتن جو شرط لڳائي ان کي "نچوڙي" ڇڏيو. هن اهوئي جاپان سان 19_ آگسٹ 1911ع جي واپاري

---

[1] "دي بينڪ" 1913ع شمارو_2، صفحا 1025_1024.

[2] Schelde بيان ڪيل ڪتاب، صفحا 346، 350، 371.

معاهدي ۾ ڪيو. سرحدي محصولن جي جيڪا جنگ آسٽريليا ۽ سائيبريا جي درميان 1906ع کان 1911ع تائين، ستن مهينن جي وقفي سان هلندي رهي، تنهن جو هڪ حد تائين سبب اهو مقابلو هو جيڪو آسٽريليا ۽ فرانس جي درميان سيربيا کي جنگي سامان فراهم ڪرڻ جي لاءِ هليو رهيو هو. جنوري 1912ع ۾ پول ديشانيل نمائندن جي ايوان ۾ چيو تہ 1908ع کان 1911ع تائين فرانسيسي فرمن سيربيا کي سادا چار ڪروڙ فرانڪ جو جنگي سامان فراهم ڪيو.

سان پائولو (برازيل) ۾ آسٽريلياائي هنگريائي قونصل جي هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي: "برازيلي ريلوي خاص طور تي فرانس، بيلجم، برطانيہ ۽ جرمن سرمائي سان ٺاهيون وڃن ٿيون. اهي ملڪ انهن ريلوي لائينن جي متعلق مالياتي سمجهوتن ۾ ضروري ريلوي سامان جا آرڊر حاصل ڪرڻ جا شرط لڳائن ٿا".

اهڙيءَ طرح مالياتي سرمائي صحيح معنيٰ ۾ دنيا جي سمورن ملڪن ۾ پنهنجو ڄار وڇائي ٿو. ان عمل ۾ نوآبادين ۾ قائم ٿيل بينڪونَ ۽ انهن جون شاخون اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. جرمن سامراجي انهن "پراڻن" نوآبادياتي ملڪن کي وڏي حسد وچان ڏسن ٿا جيڪي هن لحاظ کان پاڻ کي ڪفيل بڻائڻ ۾ خاص طور تي "ڪامياب" آهن: 1904ع ۾ برطانيہ جون 50 نوآبادياتي بينڪون هيون، جن جون 2279 شاخون هيون (1910ع ۾ 72 بينڪون هيون جن جون 5449 شاخون هيون)، فرانس جون 20 بينڪون ۽ 136 شاخون، هالينڈ جون 16 بينڪون ۽ 68 شاخون ۽ جرمني جون "صرف" 13 بينڪون ۽ 70 شاخون هيون.[1] ٻئي طرف آمريڪي سرمائيدار انگريزن ۽ جرمنن سان حسد ڪن ٿا. 1915ع ۾ انهن شڪايت ڪئي: "ڏکڻ آمريڪا ۾ پنج جرمن بينڪن جون 40 شاخون ۽ پنج

---

[1] Riesser جاڻايل ڪتاب، صفحو 375، چوٿون ايڊيشن ۽ Diouritch، صفحو 283.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

برطانوي بينڪن جون 70 شاخون آهن... گذريل 25 سالن ۾ برطانيه ۽ جرمني ارجنٽائن، برازيل ۽ اوروگوئي ۾ تقريباً چار ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ اهي مجموعي طور تي انهن ٽن ملڪن جي واپار جو 46 سيڪڙو نفعو حاصل ڪري رهيا آهن.([1])

سرمايو برآمد ڪرڻ وارن ملڪن دنيا کي پنهنجي درميان لفظي مفهوم ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ليڪن مالياتي سرمائي جو نتيجو ته دنيا براه راست ورهاڱو ٿيو آهي.

❊❊

"سياسي ۽ سماجي معلومات جي آمريڪي اڪيڊمي جي سالياني جرنل- جلد- 49، مئي 1915ع، صفحو 301، ان ئي جلد ۾ صفحي 331 تي اسين پڙهون ٿا ته انگن اکرن جي مشهور ماهر پيئنس مالياتي رسالي " "The Statics جي پوئين شماري ۾ ان سرمائي جو ڪاڦو 40- ارب ڊالر يعني ۾ ڪرب ترانڪ لڳايو آهي، جيڪو برطانيه جرمني، فرانس، بيلجم ۽ هالينڊ برآمد ڪيو آهي.

سرمائيدار ڪمپنين جي درميان دنيا جي ورڇ

سرمائيدارن جون اجاريدار نه ڪمپنيون- ڪارٽيل، سينڊيڪيٽ ۽ ٽرسٽ پنهنجي ملڪ جي صنعت ۾ لڳ ڀڳ مڪمل ملڪيت حاصل ڪري ويهرين ان جي اندروني منڊي کي پاڻ ۾ ورهائين ٿا. پر سرمائيدار نظام ۾ اندروني منڊي جو تعلق لازمي طور تي بيروني منڊيءَ سان هوندو آهي. سرمائيدار تظلم کو وقت ٿيو هو عالمي منڊي قائم ڪئي هئي ۽ جنهن حد تائين سرمائي جي برآمد وڌندي ويندي هئي ۽ وڏين اجاريدار ڪمپنين جي غير ملڪي نوآبادياتي تعلقات ۽ "حلقہ اثر" ۾ هر قسم جي توسيع ٿيندي ويندي هئي "قدرتي" طور تي انهن ڪمپنين جي درميان بين الاقوامي سمجهوتي ڏاڪاهن. بين قوامي ڪارٽيلن جي تشڪيل ڏانهن معاملا وڌندا ويندا هئا.

هيءَ سرمائي ۽ پيداوار جي عالمي ارتڪاز جي نيئن منزل آهي جيڪا ويهرين منزلن کان گهٽي مٽي آهي. اچو ڏسون تہ ان اعليٰ اجاريداري جو ارتقا ڪيئن ٿو ٿئي.


يجليءَ جي صنعت تازه ترين ٽيڪنيڪي ڪارنامن جي لاءِ 19 هين صديءَ جي آخر ۽ 20 هين صديءَ جي ابتدا جي سرمائيدار نظام جي لاءِ تمام مناسب مثال آهي. هن صنعت سڀ کان وڌيڪ نون سرمائيدار ملڪن جي بين الڪليئر ملڪن يعني آمريڪا ۽ جرمني ۾ ترقي ڪئي آهي. 1900ع جي بحران خاص طور تي جرمني ۾ ان شعبي جي ارتڪاز جي اضافي تي وڏو اثر وڏو. بحران جي دوران بينڪن جيڪي ان وقت صنعت سان ڪافي ملي جلي چڪيون هيون تسيتاً تنڊين فرمن جي تباهي ۽ وڏين فرمن ۾ انهن

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جي انضمام کي وڏي پيماني تي تيز ۽ زوردار بنائي ڇڏيو. يئڊيلس لکي ٿو: "بينڪن انهن فرمن کي امداد ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جن کي سرمائي جي تمام گهٽي ضرورت هئي ۽ اهڙيءَ طرح پهرين انهن ڪمپنين ۾ زبردست اپار پيدا ڪيو ۽ پوءِ انهن کي مايوس ڪن تباهي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جيڪي انهن سان ڪافي قريبي تعلقات نه پيون رکن".([1])

ان جو نتيجو اهو ٿيو جو 1900ع کان پوءِ ارتڪاز زبردست قدم اڳتي وڌايا. 1900ع تائين بجليءَ جي صفت ۾ ست يا اٺ "گروپ" هئا. هر هڪ گروپ ۾ ڪيئي ڪمپنيون هيون (ڪل ملائي ڪري 28 هيون) ۽ هر هڪ جي پشت پناهي 2 کان 11 تائين بينڪون ڪري رهيو هيون. 1908ع ۽ 1912ع جي درميان هي سمورا گروپ ٻن يا هڪ ۾ ضم ٿي ويا. هيٺ ڄاڻايل خاڪي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته اهو عمل ڪيئن ٿيو:

بجلي جي صنعت جا گروپ



مشهور اي. اِي. جي ("جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني") جنهن ان طريقي سان ترقي ڪئي. 175 کان 200 تائين ڪمپنين تي تسلط رکي ٿي ("پائيواريءَ جي سسٽم جي ذريعي") ۽ مجموعي طور تي تقريباً هڪ ارب 50 ڪروڙ مارڪ جي سرمائي کي ڪنٽرول ڪري رهي آهي. صرف باهرين ملڪن ۾ ان جون 34 براهِ راست ايجنسيون آهن جن مان 12 جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيون آهن ۽ اهي سڀ ڏهن کان وڌيڪ ملڪن ۾

---

[1] يئڊيلس. ڄاڻايل ڪتاب. ص 232.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

آهن. 1904ع ۾ ئي اهو ڪاٿو هو تہ بجلي جي جرمن صنعت جو باهرين ملڪن ۾ لڳل سرمايو 23 ڪروڙ ٽيهہ لک مارڪ آهي. ان مان ڇهہ ڪروڙ 20 لک مارڪ روس ۾ لڳل آهن. اهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" هڪ زبردست "متحده" ادارو آهي (صرف ان جون مصنوعات استعمال ڪرڻ وارين ڪمپنين جو تعداد 16 کان گهٽ نہ آهي)، جيڪا ڪيتريون ئي مختلف شيون ٺاهي ٿي، ڪيبلن Cablesءِ حاجزن کان وٺي موٽرڪارن ۽ اڏامندڙ مشينن تائين.

پر يورپ ۾ ارتڪاز بہ آمريڪا ۾ ارتڪاز جي عمل جو هڪ جُز هو. جنهن جي هيٺئين طريقي سان ارتقا ٿي.

"جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (General Electric Co)

آمريڪا	ٽامسن- هائوسٽن ڪمپني يورپ ۾ هڪ فرم قائم ڪئي	ايڊيسن ڪمپني يورپ ۾ "فرانسيسي ايڊيسن ڪمپني" قائم ڪئي جنهن پنهنجو پيٽنٽ جرمن فرم کي منتقل ڪري ڇڏيو آهي
جرمني	"يونين اليڪٽرڪ ڪمپني"	"جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (اي اِي جي).
"جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (اي اِي جي).		

اهڙيءَ طرح بہ برقي "عظيم طاقتون" ٺاهيون ويون. هيئينگ پنهنجي مضمون "برقي ترست جو رستو" ۾ لکيو: "دنيا ۾ ڪي پيون بجلي جون ڪمپنيون ڪونهن جيڪي ان کان مڪمل طور تي آزاد هجن". انهن ۾ ترسٽن جي ڪاروبار ۽ انهن جي ڪارخانن جي وسعت جو تصور جيڪو مڪمل ڪونهي هيٺ ڏنل اعداد و شمار مان ڪري سگهجي ٿو.

	سامان جي پيداوار (ڏهہ لک مارڪ ۾)	ملازمن جو تعداد	خالص نفعو (ڏهہ لک مارڪ ۾)

آمريڪا: "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني (جي. اِي. سي)	1907ع	252	28000	35.4
	1910ع	298	32000	45.6
جرمني: "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (اي. اِي. جي)	1907ع	216	30700	14.5
	1911ع	362	60800	21.7

ءِ وري 1907ع ۾ جرمن ءِ آمريڪي ٽرسٽن هڪ ٻاهه ڪيو جنهن مطابق انهن دنيا کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. هنن جي وچ ۾ مقابلو بند ٿي ويو. آمريڪي "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (جي. اِي. سي) کي آمريڪا ءِ ڪينادا "مليا". جرمن "جنرل اليڪٽرڪ ڪمپني" (اي. اِي. جي) کي جرمني، آسٽريليا، روس، هالينڊ، ڊنمارڪ، سئزرلينڊ، ترڪي ءِ بلقان "مليا". صنعت جي نين شاخن ۾ انهن "نون" ملڪن ۾ جيڪي باقاعده طور تي اجا الات نه ڪيا ويا هئا "ڏي ڪمپنين" جي داخل ٿيڻ جي لاءِ خاص ٻاهه ٿيا، جيڪي قدرتي طور تي ڳجها هئا. ٻنهي ٽرسٽن درميان ايجادن ءِ تجربن جي متاستا طي ٿي.([1])

هيءَ ڳالهه خود صاف ظاهر آهي ته ائين درحقيقيت واحد ڪل عالمي ٽرسٽ جي خلاف مقابلو ڪرڻ ڪيترو ڏکيو آهي جيڪو اربن جو سرمايو ڪنٽرول ڪندو هجي ءِ جنهن جون "شاخون"، ايجنسيون، نمائندا ءِ رابطا وغيره دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هجن. پر ٻن طاقتور ٽرسٽن جي درميان دنيا جي ورڇ ڪنهن <u>ٻيهر ورڇ کي</u> ناممڪن نه ٿي ٻڌائي، جيڪڏهن ناهموار ارتقا، جنگ ءِ ڏيوالپٽي وغيره جي ڪري طاقتن جي تناسب ۾ تبديلي پيدا ٿئي ٿي.

---

[1] Rieser جاڻايل ڪتاب، Diouritch، جاڻايل ڪتاب، ص 239.

اهڙي قسم جي بيهر ورڇ جي ڪوشش بيهر ورڇ جي جدوجهد جو سبق آموز مثال تيل جي صنعت مان ملي ٿو

يڊيلس 1905ع ۾ لکيو هو: عالمي تيل مبني اڄ به بن وڏن مالياتي گروپن جي درميان ورهايل آهي. راڪ فيلر جي آمريڪن "استينڊرڊ آئل ڪمپني" ۽ باڪو ۾ روسي تيل جي چشمن جي مالڪن روٿشليڊ ۽ نوبل جي درميان. پئي گروپ پاڻ ۾ گهرا لاڳاپا رکن ٿا. ليڪن ڪيترن سالن کان پنج دشمن انهن جي اجاريداري جي لاءِ خطرو بنجي ويا آهن.[1] (1) آمريڪي تيل جي چشمن جو خالي ٿي وڃڻ. (2) باڪو ۾ مانتاشيف جي فرم سان مقابلو. (3) آسٽريليائي تيل جا چشما. (4) رومانيه جي تيل جا چشما (5) سمنڊ پار جا تيل جا چشما. خاص طور تي هالينڊ جي نوآبادين ۾ (سمبوئل ۽ شيل جون انتهائي اميد فرمون جيڪي برطانوي سرمائي سان به لاڳاپيل آهن). آخري ٽي گروپ وڏين جرمن بينڪن سان تعلق رکن ٿا جن جي قيادت تمام وڏي "جرمن بينڪ" ڪري ٿي. انهن بينڪن آزادي ۽ باقائدگيءَ سان تيل جي صنعت کي ترقي ونرائي. مثلاً رومانيه ۾ تاڪ "خود" پنهنجا پير جمائي سگهن. 1907ع ۾ رومانيه جي تيل جي صنعت ۾ جيڪو غير ملڪي سرمايو لڳو هو تنهن جو تخمينو 18 ڪروڙ 50 لک فرانڪ هو جنهن مان 7 ڪروڙ 40 لک ته جرمن سرمائي جا هئا.[2]

"دنيا جي ورهاڱي" جي لاءِ جيئن واقعي ان کي معاشي ادب ۾ چون ٿا هڪ جدوجهد شروع ٿي. هڪ طرف ته راڪ فيلر جي "استينڊرڊ آئل ڪمپني" هر شيءِ تي پنهنجو قبضو جمائڻ چاهي پئي. ڊچ انڊيز ۾ تيل جا چشما خريد ڪري ان ٻيڪ هالينڊ ۾ هڪ "ڈچ ڪمپني" قائم ڪري ورتي ته جيئن پنهنجي خاص دشمن اينگلو ڊچ "شيل" ٽرسٽ تي وار ڪري سگهي. پئي طرف "جرمن بينڪ" ۽ بين برلن جي بينڪن جو مقصد رومانيه

---

[1] Kurt Heinig, جاڻايل ڪتاب

[2] يڊيلس، صفحا 193 ـ 192.

کي "پنهنجي لاءِ برقرار رکڻ" ۽ راڪ فيلر جيّ خلاف ان کي روس سان ملائڻ هو. مؤخرالذڪر وٽ ڪافي گهٽو سرمايو ۽ تيل جي منتقلي ۽ ورهاست جو تمام سنو سسٽم هو.([1]) ان ڪشمڪش جو خاتمو ٿيڻو ئي هو ۽ اها 1907ع ۾ ختم ٿي وئي جنهن ۾ "جرمن بينڪ" کي هڪ شڪست ٿي ۽ ان وٽ به رستا رهجي ويا: يا ته هو پنهنجي "تيل جي مفادن" جو ڏيوالو ڪيڻي چڏي ۽ اربن جو نقصان سهي يا اطاعت اختيار ڪري ان اطاعت جي چونڊ ڪئي ۽ "استينڊرڊ آئل ڪمپني" سان تمام گهٽو نقصانده معاهدو ڪيو. "جرمن بينڪ" ان ڳالهه تي راضي ٿي وئي ته "اها ڪنهن اهڙي ڳالهه جي ڪوشش نه ڪندي جيڪا آمريڪي مفادن کي مجروح ڪندي هجي." بهرحال اهو شرط به رکيو ويو ته جيڪڏهن جرمني تيل جي رياستي اجاريداري قائم ڪندو ته هي معاهدو رد ٿي ويندو.

تڏهن "تيل جي ڪاميڊي" شروع ٿي. هڪ جرمن مالياتي بادشاهه فان گوينير جيڪو "جرمن بينڪ" جو ڊائريڪٽر هو پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽري شتائوس جي ذريعي تيل جي رياستي اجارداري جي قيام جي لاءِ مهم شروع ڪري چڏي. طاقتور جرمن بينڪ جي ديوپيڪر مشينري ۽ ان جا سمورا وسيع "تعلقات" استعمال ۾ آندا ويا. پريس آمريڪي ٽرسٽ جي "جوا" جي خلاف "وطن دوستانه" ناراضگيءَ سان مچرجي پئي ۽ 15 مارچ 1911ع تي رٽستاغ تقريباً گڏيل ووٽ سان ٺهراءُ منظور ڪيو جنهن ۾ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته اها تيل جي اجاريداري جي قيام جي لاءِ هڪ قانون جو مسودو پيش ڪري. حڪومت ان "مقبول" عام خيال کي جلدي ۾ پنهنجو ڪري ورتو ۽ "جرمن بينڪ" جي اها چال ته پنهنجي آمريڪي مد مقابل کي دوکو ڏئي ۽ سرڪاري اجاريداري جي ذريعي پنهنجي ڪاروبار کي فروغ ڏئي، ڪامياب معلوم ٿئي پئي. تيل جا جرمن

---

[1] Diouritch, صفحا 246_245.

بادشاهه زبردست منافعي جا خواب ڏسڻ لڳا جيڪو روسي ڪنڊ ناهيندڙن جي نفعي کان گهٽ نه هجي ها... پر هڪ ته وڏين جرمن بينڪن جي درميان ان مال غنيمت جي ورهاست جي باري ۾ جهيڙو ٿيو- ۽ "ديسڪونتوگيسيل شافٽ"، جرمن بينڪ جي خود غرضانه مفادن جو پردو چاڪ ڪيو. ٻيو حڪومت راڪ فيلر سان ٽڪر کائڻ کان ڊڄي وئي. اها ڳالهه انتهائي مشڪوڪ هئي ته جرمني کي ٻين ذريعن سان تيل ملي سگهندو (رومانيه جي پيداوار انتهائي گهٽ هئي). ٽيون ته نيڪ ان ئي وقت 1913ع جو هڪ ارب مارڪ جو قرض جرمني کي جنگي تياري جي لاءِ منظور ڪيو ويو هو. تيل جي اجاريداري جو منصوبو ملتوي ڪيو ويو. عارضي طور تي راڪ فيلر جي "استينڊرڊ آئل ڪمپنيءَ کي ان ڪشمڪش تي فتح حاصل ٿي.

برلن جي رسالي "بينڪ" ان سلسلي ۾ لکيو ته جرمني "استينڊرڊ آئل ڪمپني "سان ائين وڙهي سگهي پيو ته اها بجلي جي اجاريداري قائم ڪري ها ۽ پاڻي جي طاقت کي سستي بجلي ۾ تبديل ڪري چڏي ها. رسالي "بينڪ" اڳتي لکيو: ليڪن بجلي جي اجاريداري تڏهن قائم ٿيندي جڏهن پيدا ڪرڻ وارن ڌي ان جي ضرورت هجي. يعني بجلي جي صنعت ۾ آئينده کا وڏي تباهي نمايان ٿيندي ۽ جڏهن اهي وڏا ۽ بيش بها بجلي گهر نفعي تي نه هلي سگهندا جن کي هر هنڌ برقي صنعت جا خانگي "ڪنسرن" ناهي رهيا آهن ۽ جن جي لاءِ انهن "ڪنسرن" کي شهرن ۽ رياستن وغيره کان ڪجهه الڳ الڳ اجاريداريون ملي ٻه چڪيون آهن. هن وقت پاڻي جي طاقت کي استعمال ڪرڻو پوندو. پر ان کي سرڪاري خرچ تي سستي بجلي ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن هوندو. ان کي ٻه "رياست جي زير ڪنٽرول بنجي اجاريداري" ۾ ڏيڻو پوندو. ڇو ته نجي صنعت هينئر تائين ڪيترائي ناهه ڪري چڪي آهي ۽ ڳري معاوضي جو شرط رکيو آهي. اها صورت نائيٽريٽ جي اجاريداري ۾ ٿي هئي ۽ اهائي تيل جي اجاريداري ۾ آهي ۽ اهائي صورت برقي طاقت جي اجاريداري ۾ ٿيندي. هاڻي وقت اچي

ويو آهي تہ اسان جا رياستي سوشلسٹ، جن پاڻ کي حَسين اصول سان انڊو ٹيڻ ڏنو آهي. آخر ڪار اهو سمجهڻ تہ جرمني ۾ اجاريدارين جو نہ تہ اهو ڪڏهن مقصد رهيو آهي ۽ نہ اهي ان نتيجي تي پهتيون آهن تہ صارفين کي فائدو پهچائين يا رياست کي ڪارخانيدار جي نفعي جو ئي هڪ حصو ڏيئي ڇڏين. انهن صرف اها خدمت انجام ڏني آهي تہ رياست جي خرچ تي اهي نجي صنعتون وري بحال ٹين جيڪي تقريباً ڏيوالو ٹيڻ جي حد تائين پهچي ويون آهن.([1])

اهي آهن اُهي بيش بها اعتراف جيڪي جرمن بورجوا معاشي ماهر ڪرڻ تي مجبور آهن. اسين هتي صاف طور تي ڏسون ٿا تہ ڪيئن نجي ۽ سرڪاري اجاريداريون مالياتي سرمائي جي دور ۾ پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ آهن، اهي عملي طور تي، وڏن اجاريدارن جي درميان دنيا جي ورچ جي سامراجي جدوجهد ۾ صرف بہ الڳ ڪڙيون آهن.

واپاري جهازراني ۾ بہ ارتڪاز جي زبردست اضافي جو نتيجو دنيا جي ورهاست ٹي آهي. جرمني ۾ بہ طاقتور ڪمپنيون نمايان ٹي ويون آهن: "هيمبرگ- آمريڪا" ۽ نورد ڈيوئيچرلائڊ" جن مان هر هڪ 20 ڪروڙ مارڪ جو سرمايو (حصن ۽ بانڊن ۾) ۽ 18 ڪروڙ 50 لک مان 18 ڪروڙ 90 لک مارڪ جا جهاز رکي ٹي. ٻئي طرف آمريڪا ۾ پهرين جنوري 1903ع تي "انٹرنيشنل ميرڪينٹائيل ميرين ڪمپني" جي تشڪيل ٹي، جنهن کي مورگن ٹرسٹ چون ٿا. ان نون آمريڪي ۽ برطانوي اسٹيمر ڪمپنين کي متحد ڪيو ۽ 12 ڪروڙ ڈالر (48 ڪروڙ مارڪ) جو سرمايو رکندي هئي. 1903ع ۾ ئي جرمن ڈيوزادن ۽ ان آمريڪي برطانوي ٹرسٹ نفعي کي تقسيم ڪرڻ جي سلسلي ۾ دنيا کي تقسيم ڪرڻ جو معاهدو ڪيو. جرمن ڪمپنين برطانوي آمريڪي آمد رفت جي ڪم ۾ مقابلو

---

[1] "Die Bank" 1912ع، شمارو-2، صفحا 629، 1036، 1913ع، شمارو ص- 388.

ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان ۾ صاف صاف لکيو ويو هو ته ڪهڙو بندر گاهه ڪنهن کي "الاٽ" ڪيو ويو آهي ۽ ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ هڪ گڏيل ڪمپني قائم ڪئي وئي هئي وغيره. اهو معاهدو ويهن سالن لاءِ ڪيو ويو هو ۽ ان ۾ اهو پيش بندي وارو شرط رکيو ويو هو ته جنگ جي صورت ۾ اهو معاهدو ڪالعدم هوندو.([1])

انٽرنيشنل ريل ڪارٽيل جي تشڪيل جي تاريخ به نهايت ئي سبق آموز آهي. برطانوي، بيلجيائي ۽ جرمن ريل ناهڻ وارن ڪارخانن 1884ع ۾ ئي انتهائي سخت صنعتي سرد بازاري جي دوران اهڙو ڪارٽيل ناهڻ جي پهرين ڪوشش ڪئي هئي. هنن اهو طئي ڪيو ته اهي واسطيدار ملڪن جي اندروني منڊي ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو نه ڪندا ۽ غير ملڪي منڊين کي هن تناسب سان ورهائيندا: برطانيه-66 سيڪڙو. جرمني-72 سيڪڙو. بيلجم 7 سيڪڙو. هندوستان کي مڪمل طور تي برطانيه جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو. هڪ برطانوي فرم جي خلاف جيڪو ڪارٽيل کان ٻاهر رهجي ويو هو مشترڪ جنگ ڪئي وئي. جنهن تي ايندڙ خرچ مجموعي وڪري تي مقرر سيڪڙو محصول لڳائي ڪيا ويندا هئا. پر 1886ع ۾ جڏهن به طرطانوي فرمون ان کان ڌار ٿي ويون ته ڪارٽيل ختم ٿي ويو. خاص ڳالهه اها آهي ته بعد ۾ ايندڙ صنعتي ايار جي وقت ۾ معاهدو نه ٿي سگهيو.

1904ع جي ابتدا ۾ جرمن فولاد سينڊيڪيٽ جي جوڙجڪ ٿي. نومبر 1904ع ۾ انٽرنيشنل ريل ڪارٽيل کي ٻيهر هن تناسب سان بحال ڪيو ويو: برطانيه 53.5 سيڪڙو. جرمني 28.83 سيڪڙو. بيلجم 17.67 سيڪڙو. فرانس بعد ۾ ان ۾ شامل ٿيو ۽ ان جو حصو 4.8 سيڪڙو 5.8 سيڪڙو ۽ 6.4 سيڪڙو ترتيبوار پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين سال ۾ 100 سيڪڙو کان مٿي مقرر ٿيو. يعني 104.8 سيڪڙو جي ڪل ميزان مان. آمريڪا جو

---

[1] ريسر، جاڻايل ڪتاب، ص 125.

"فولاد کارپوريشن" کارٽيل ۾ شامل ٿي ويو ۽ پوءِ آسٽريليا ۽ اسپين. 1910ع ۾ فوگيل شٽيئن لکيو: هن وقت دنيا جي ورهاست مڪمل آهي ۽ وڏا صارفين خصوصاً سرڪاري ريلوي لائينون شاعر وانگر جوپيٽر جي افلاڪ ([1]) ۾ رهي سگهن ٿيون جو تہ دنيا انهن جي مفادن جو لحاظ ڪرڻ جي بغير تقسيم ٿي چڪي آهي".([2])

اسان ان سلسلي ۾ انٽرنيشنل زنڪ سينڊيڪيٽ جو بہ ذڪر ڪنداسين جيڪو 1909ع ۾ قائم ڪيو ويو هو ۽ جنهن ڪارخانن جي پنج گروپن ۾ پيداوار کي ٽيڪ ورهائي ڇڏيو. جرمن، بيلجيائي، فرانسيسي ۽ برطانوي ۽ انٽرنيشنل ڊائنامائيٽ ٽرسٽ بہ جنهن جي باري ۾ ليفمان چوي ٿو: "آتشگير سامان ناهڻ وارين انهن سمورن جرمن فيڪٽرين جي درميان پرپور ۽ جديد اتحاد آهي جيڪي بعد ۾ فرانسيسي ۽ آمريڪي ڊائنامائيٽ فيڪٽرين سان ملي ڪري اهڙيءَ طرح منظم آهن جو سموري دنيا کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو اٿن".([3])

ليفمان حساب لڳايو آهي تہ 1897ع ۾ مجموعي طور تي تقريباً 40 بين الاقوامي کارٽيل اهڙا هئا جن ۾ جرمني جو حصو هو جڏهن جو 1910ع ۾ انهن جو تعداد تقريباً 100 ٿي ويو.

ڪِن بورجوا قلم ڏٽين (جن ۾ هاٽي کارل ڪائوتسکي بہ شامل ٿي ويو آهي جنهن ان مارڪسي پوزيشن کي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيو آهي جنهن ان مارڪسي پوزيشن کي بلڪ ترڪ ڪري ڇڏيو. جيڪو اڳي هن اختيار ڪيو هو مثلاً 1909ع ۾) ان راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ بين الاقوامي کارٽيل سرمائي کي بين الاقوامي بڻائڻ جو انتهائي نمايان اظهار ٿيندي سرمائيدار نظام تحت قومن جي درميان امن جي اميد پيدا ڪن ٿا. نظرياتي

---

[1] افلاڪ (ع) فلڪ جو جمع (مرتب)

[2] ريسر، بيان ڪيل ڪتاب، صفحو 125.

[3] Liefmann, kavtelle und Trusts" 2.A S_161

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

طور تي اها راءِ بلڪل بيهودي آهي جڏهن جو عمل ۾ اها ڏانڊلي ۽ انتهائي بُري موقع پرستيءَ جي بي **ايمانداراڻ** واري وکالت آهي: بين الاقوامي ڪارٽيل ڏيکارين ٿا تہ سرمائيدار اجاريداريءَ جي ارتقا ڪيتري حد تائين ٿي آهي ۽ مختلف سرمائيدار انجمنن جي درميان جدوجهد **ڪهڙي ڳالهہ جي لاءِ آهي**. مؤخرالذڪر صورتحال سڀ کان زياده اهم آهي. صرف اها ئي ٽيندڙ ڳالهين جي تاريخي معاشي معنيٰ ڏيکاري ٿي ڇو تہ جدوجهد جون **صورتون** بدلجي سگهن ٽيون ۽ مختلف، مقابلتاً مخصوص ۽ عارضي اسباب جي مطابق برابر بدلجنديون رهن ٽيون. ليڪن جدوجهد جو مواد، ان جو طبقاتي مافيہ رڳو اهڙيءَ طرح **نہ ٿو** بدلجي **سگهي** جيستائين طبقن جو وجود آهي. ظاهر آهي هي مثال جي لاءِ جرمن بورجوازي جي مفادن جي حق ۾ آهي، جنهن ڏانهن دراصل ڪائوتسڪي پنهنجي نظرياتي دليلن ۾ (مان ان جي باري ۾ پوءِ ڳالهائيندس) هليو ويو آهي. تہ موجوده معاشي جدوجهد جي ما فيہ (دنيا جي ورهاڱي تي) پردو وڌو وڃي ۽ ان جدوجهد جي ڪڏهن هڪ صورت ۾ تہ ڪڏهن ٻي صورت ۾ زور ڏنو وڃي. ڪائوتسڪي بہ اهائي غلطي ڪري ٿو. اهو سچ آهي تہ اسان جي ذهن ۾ صرف جرمن بورجوازي نہ بلڪ سڄي دنيا جو بورجوازي آهي. سرمائيدار دنيا کي ڪنهن خاص بغض جي ڪري نہ ٿا تقسيم ڪن بلڪ ان ڪري جو ارتڪاز جي جيڪا حد پهچي چڪي آهي اها کين نفعي جي حصول جو اهو طريقو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ اهي ان کي "سرمائي جي مناسبت سان، "طاقت جي مناسبت سان" تقسيم ڪري وٺن ٿا ڇو تہ جي مٿاسٿا جي شين جي پيداوار ۽ سرمائيدار نظام جي تحت ورڇ جو ٻيو ڪو طريقو ٿي ئي نہ ٿو سگهي. ليڪن طاقت معاشي ۽ سياسي ترقي سان گڏوگڏ بدلجندي رهي ٿي. اهو سمجهڻ جي لاءِ تہ چا ٿي رهيو آهي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ طاقت ۾ تبديلين جي ڪري ڪهڙا سوال طئي ٿي وڃن ٿا. اهي سوال آيا اهي تبديليون "خاص" معاشي يا غير معاشي (مثلاً فوجي) آهن، ثانوي ڳالهہ آهي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جيڪا سرمائيددار نظام جي تازه ترين دور جي باري ۾ بنيادي نظرين کي ذرو بہ نہ ٿي تبديل ڪري سگھي. سرمائيدار انجمنن جي درميان جدوجهد ۽ معاهدن (اج پرامن، سياٽي جنگي ۽ پرينءَ وري جنگي) جي صورت جي سوال کي ان جدوجهد ۽ انهن معاهدن جي مواد جي سوال جي جاءِ ڏيڻ ڏانڊلي ڪرڻ واري جي ڪردار تائين ڪري پوڻ آهي.

سرمائيدار نظام جي تازه ترين منزل جو دور اسان کي ڏيکاري ٿو تہ سرمائيدار اتحادن جي درميان معين تعلقات دنيا جي معاشي ورچ جي بنياد تي پيدا ٿين ٿا، جڏهن جو ان جي پهلو بہ پهلو ۽ ان جي سلسلي ۾ ڪي معين تعلقات سياسي اتحادن جي درميان، رياستن جي درميان دنيا جي علاقائي ورچ، نوآبادين جي لاءِ جدوجهد، "معاشي علاقن جي جدوجهد" جي بنياد تي قائم آهن.

❊❊

عظيم طاقتن جي درميان دنيا جي ورڇ

جاگرافيدان سوپان پنهنجي ڪتاب "يورپي نوآبادين جي علائقائي نشونما" ([1]) ۾ اٽويهين صديءَ جي آخر ۾ ان نشونما جو هيٺيون مختصر خاڪو پيش ڪيو آهي:

نوآبادیون رکندڙ يورپي طاقتن (آمريڪا سميت) جي قبضي ۾ جيڪي علائقا آهن تن جو سيڪڙو

	1876ع	1900ع	اضافو يا گهٽتائي
آفريڪا ۾	10.8 سيڪڙو	90.4 سيڪڙو	79.6 سيڪڙو (+)
پولينيزيا ۾	56.8 سيڪڙو	98.9 سيڪڙو	42.1 سيڪڙو (+)
ايشيا ۾	51.1 سيڪڙو	56.6 سيڪڙو	5.1 سيڪڙو (+)
آسٽريليا ۾	100 سيڪڙو	100 سيڪڙو	_
آمريڪا ۾	27.5 سيڪڙو	27.2 سيڪڙو	0.3 سيڪڙو

آخر ۾ سوپان نتيجو ڪڍي ٿو "لهاڏا آفريڪا ۽ پولينيزيا جي ورهاست هن دور جي نمايان خصوصيت آهي". ۽ جيئن ته ايشيا ۽ آمريڪا ۾ هن وقت غير مقبوضہ علائقا ڪونهن. يعني اهڙا علائقا جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن رياست جي ماتحت نہ هجن. تنهنڪري سوپان جي نتيجي کي ٿورو ايڏا ڦهلائي اهو چوڻ ضروري آهي ته ڏرتي جي گولي جي حتمي ورهاست بحث هيٺ دور جي نمايان خصوصيت آهي. حتمي ان معنيٰ ۾ ڪونهي ته نئين سر ورهاڱو ٿيڻ ناممڪن آهي. ان جي ابتڙ نئين تقسيم ممڪن بہ آهي

---

[1] A. Supan "Die_teriloriate Entwicklug der europaischen kolonien" 1966, S_254.

ءِ اٽڻ بہ. بلڪ حتمي ان معنيٰ ۾ تہ سرمائيدار ملڪن جي نوآبادياتي پاليسي جي ذريعي علائقن تي قبضي جو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي- پهريون پيرو دنيا جو مڪمل طور تي ورهاڳو ٿي چڪو آهي، سو مستقبل ۾ فقط نئين تقسيم ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، يعني هاڻي مختلف علائقا بنا مالڪ واريَ علائقي جي حيثيت سان "مالڪ" جي هٿن ۾ نہ ٿا پهچي سگهن بلڪ هاڻي اهي علائقا هڪ "مالڪ" جي هٿان ٽڪري ٻئي جي هٿن ۾ پهچي سگهن ٿا.

تنهنڪري اسين عالمي نوآبادياتي پاليسيءَ جي هڪ خاص دور مان گذري رهيا آهيو جنهن جو "سرمائيداري جي ارتقا جي جديد ترين دور "کان" مالياتي سرمائي سان نهايت قريبي تعلق آهي. ان ئي سبب کان اها ڳالهہ تمام ضروري آهي تہ سڀ کان پهرين واقعن ءِ حقيقتن جو زياده تفصيلي مطالعو ڪيو وڃي تہ جيئن حتي الا مڪان گهٽي ۾ گهٽو صحيح ءِ صاف طور تي ان ڳالهہ جي وضاحت ڪري سگهجي تہ هن دور ۾ ءِ ان کان پوين دورن ۾ ڪهڙو فرق ءِ امتياز آهي ءِ اهو واضح ٿي وڃي تہ موجوده صورتحال ڇا آهي. سڀ کان پهرين هن موقعي تي ٻہ سوال پيدا ٿين ٿا جن جو لاڳاپو واقعن ءِ حقيقتن سان آهي: ڇا نوآبادياتي پاليسي جي وڌندڙ تيزي ءِ شدت ءِ نين آبادين جي لاءِ ڪشمڪش جي تيزي ٻيڪ ان ئي مالياتي سرمائي جي دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي؟ ءِ ان لحاظ کان دنيا هن وقت ڪهڙيءَ طرح ورهايل آهي؟

آمريڪي مصنف موريس نيون آباديون ناهڻ (آبادڪاري) جي تاريخ[1] تي جيڪو ڪتاب لکيو آهي تنهن ۾ هن ان سموري مواد جو خلاصو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جو تعلق اوڻويهين

---

[1] Henry C. Morris "The History of Colonization, N.Y 1990 Vol: II P_88

(هينري موريس نيئن آبادڪاري جي تاريخ) نيويارڪ، 1900ع جلد _2، ص 88، جلد_1، ص 419، جلد _2، ص 304، 304 II، 419_1 Vol

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

صديءَ جي مختلف دورن ۾ برطانيہ، فرانس ۽ جرمني جي نوآبادياتي مقبوضات سان آهي. ان جي مطالعي مان جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا تن جا مختصر انگ اکر هيٺ ڏنا وڃن ٿا.

قبضي ۾ ڪيل نوآبادين

سال	برطانيہ		فرانس ،		جرمني	
	پکيڙ (لک چورس ميل)	آبادي لک	پکيڙ (لک چورس ميل)	آبادي لک	پکيڙ (لک چورس ميل)	آبادي لکُ
1815ع 1830ع	؟	1264	0.2	5	_	_
1860ع	25	1451	2	34	_	_
1880ع	77	2679	7	75	_	_
1899ع	93	3090	37	564	10	147

برطانيہ جو اهو زمانو جنهن ۾ هن جي نوآباديات فتحن ۾ زبردست اضافو ٿيو 1860ع ۽ 1880ع جو وچون زمانو ۽ اوڻويهين صديءَ جا آخري ويهہ سال بہ نهايت اهم آهن. فرانس ۽ جرمنيءَ جو اهڙو زمانو نيڪ آهي ئي ويهہ سال آهن. فرانس ۽ جرمني جو اهڙو زمانو نيڪ اهي ئي ويهہ سال آهن. اسين مٿي ڏسي چڪا آهيون تہ اجاريدارانہ سرمائيداريءَ کان اڳ جي ارتقا يعني ان سرمائيداري جي ارتقا جنهن ۾ آزاد مقابلي جو غلبو هو سا اوڻويهين صديءَ جي ستين ۽ انين ڏهاڪي ۾ پنهنجي آخري حد کي پهچي چڪي هئي. هاڻي اسين ڏسون ٿا تہ نيڪ ان زماني کان پوءِ نوآباديات فتحن جي غيرمعمولي "گرم بازاري" شروع ٿئي ٿي ۽ دنيا جي علاقائي ورڇ جي ڪشمڪش بيحد تکڙي ۽ تيز ٿي وڃي ٿي. تنهنکري ان باري ۾ ڪو شڪ شبهو باقي نہ ٿو رهي تہ سرمائيداري جو اجاريدارانہ سرمائيداري يا

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

مالياتي سرمائي جي دور ۾ قدم رکڻ جو دنيا جي ورهاڱي جي ڪشمڪش جي زياده تيز ۽ شديد ٿيڻ سان تعلق آهي.

"سامراج جي مضوع تي پنهنجي تصنيف ۾ هوبسن 1884ع کان 1900ع تائين جي زماني کي يورپ جي اهم رياستن جي شديد "علاقائي توسيع" (Expansion) جو دور قرار ڏنو آهي. هن جي تخميني مطابق ان زماني ۾ 37 لک چورس ميل جو علاقو برطانيہ جي قبضي ۾ آيو جنهن جي مجموعي آبادي 5 ڪروڙ 70 لک هئي، فرانس 36 لک چورس ميلن تي قبضو ڪيو جنهن جي مجموعي آبادي 3 ڪروڙ 65 لک هئي، جرمني 10 لک چورس ميل ۽ هڪ ڪروڙ 47 لک آبادي ۽ کي پنهنجي ماتحت ڪيو 9 لک چورس ميل ۽ ٽي ڪروڙ انسانن جي آبادي بيلجم کي هٿ لڳي، اٺ لک چورس ميل ۽ ست لک انسانن جي آبادي پرتگال جي قبضي ۾ آئي. اوڻوهين صديءَ جي آخر ۾، ۽ خاص طور تي 1880ع کانپوءِ سمورن سرمائيدار ملڪن جو نوآبادين جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ ڊپلوميسي ۽ خارجہ پاليسي جي آزادي جي تاريخ جي هڪ جاتل سچاتل حقيقت آهي.

جنهن زماني ۾ برطانيہ ۾ آزاد مقابلي جو عروج هو يعني 1840ع ۽ 1860ع جي وچ واري دور ۾، برطانيہ جا ممتاز بورجوا سياستدان نوآبادياتي پاليسي جي خلاف هئا. انهن جو خيال هو تہ نوآبادين جي آزادي، انهن جي برطانيہ کان مڪمل عليحدگي، هڪ لازمي ۽ اٽٽر چيز آهي ۽ سڀ بہ آهي. بيئرني پنهنجي هڪ مضمون "جديد برطانوي سامراج".([1]) ۾ جيڪو 1898ع ۾ ڇپيو هو لکيو آهي تہ 1852ع ۾ سياستدان ڊيزرائيليءَ، جيڪو عام طور تي اهو چوڻ گهرجي تہ سامراج ڏانهن گهڻو مائل هو اعلان ڪيو" نوآبادين تہ اسان جي لاءِ ائين آهن جڻ نانگ جي وات ۾ ڇڇوندر ([2])پر

---

[1] Die Nene Zeit" XVI, I, 1998, S_302 "

[2] جامع فيروز اللغات (اردو) رنگين ايڈيشن صفحو 581

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

اٽويهين صديءَ جي آخر ۾ انگلستان ۾ سيسل روڊس ۽ جوزف چيمبرلين جي هاڪ هئي ۽ اِهي اُهي ماڻهو هئا جيڪي ظاهرظهور سامراج جا حامي هئا ۽ انتهائي ڪُليڻائي سان سامراجي پاليسي هلائيندا هئا.

هيءَ ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي ڪانهي تہ ان وقت بہ برطانيہ جا اهي ممتاز بورجوا سياستدان جديد سامراج جي سياسي سماجي ۽ نج معاشي بنيادن جي باهمي تعلق کي ڏسي ۽ سمجهي سگهن پيا. چيمبرلين اهو چئي سامراج جي حمايت ڪئي هئي تہ اها هڪ "سچي، سمجهداري جي ۽ ڪفايت شعارانہ پاليسي" آهي ۽ خاص طور تي جرمني، آمريڪا ۽ بيلجيم جي مقابلي ڏانهن اشارو ڪيو جنهن سان برطانيہ کي عالمي منڊي ۾ منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. سرمائيدارن، ڪارٽيل، سينڊيڪيٽ ۽ ٽرسٽ قائم ڪندي اهو چيو تہ اجاريداري نجات جو واحد وسيلو آهي ۽ جڏهن بورجوا طبقي جي سياسي ليڊرن دنيا جي انهن حصن تي تڙتڪڙ ۾ پَنهنجو قبضو جمائڻ شروع ڪيو جن جو اڃا تائين ورهاڱو نہ ٿيو هو تہ انهن بہ اها ڳالهه ورجائي تہ اجاريداري نجات جو واحد وسيلو آهي. ۽ جيئن سيسيل روڊس جي گهري دوست، اخبار نويس استيڊ ٻڌايو آهي. اول الذڪر 1895ع ۾ ان جي اڳيان پنهنجي سامراجي خيالن جو اظهار هيٺين لفظن ۾ ڪيو هو "ڪلهه مان لنڊن جي مشرقي حصي East end مزدورن جي محلي) ۾ ويو هوس ۽ اتي بيروزگارن جي هڪ جلسي ۾ شريڪ ٿيس. مون اهي جنوني وحشيانہ تقريرن ٻڌيون جيڪي "ماني، ماني، جي پڪار کان سواءِ ٻيو ڪجهه نہ هيون ۽ گهر ورڻ وقت مون ان منظر تي غور ڪيو تہ مان سامراج جي اهميت جو اڳي کان بہ وڌيڪ قائل ٿي ويس..... سماجي مسئلي جو حل منهنجو وڏو پيارو ۽ عزيز خيال آهي، يعني اهو تہ سلطنت متحده جي 4 ڪروڙ باشندن کي خونريز گهرو ويڑهہ کان بچائڻ جي لاءِ اسان ماڻهن کي، نوآبادياتي سياستدانن کي گهرجي تہ پنهنجي واڌو آبادي کي آباد ڪرڻ جي لاءِ ڪارخانن ۽ ڪاٽين ۾ تيار شده شين کي نين منڊين تائين پهچائڻ

جي غرض سان نوان علائقا هٿ ڪيون. مون هميشہ اهو چيو تہ سلطنت پيٽ جو سوال آهي جيڪڏهن اوهان گهرو ويڙهہ کان بچڻ چاهيو ٿا تہ اوهان کي سامراجي ٽيٽو پوندو"([1])

مالیات جي بادشاهہ ڪروڙ پتي سيسل روڊس جيڪو انگريزن ۽ بوئرن جي جنگ جو سبب کان وڌو مجرم هو 1895ع ۾ اها ڳالهہ چئي. اهو صحيح آهي تہ هن ادنگي، غير شائستہ ۽ انسانيت بيزار انداز ۾ سامراج جي حمايت ڪئي آهي ليڪن بنيادي طور تي اهي حضرات ماسلوف، زبوديڪوم، پوتريسوف، ڊيوڊ، روسي مارڪسزم جا باني([2]) ۽ بين ماڻهن جي پيش ڪيل "نظرئي" کان قطعي مختلف ڪونهي. سيسل روڊسي نسبتاً ٿورو ايماندارانہ قسم جو سوشلسٽ شاونسٹ هو.....

دنيا جي علائقائي ورهاڱي ۽ ان سلسلي ۾ پوين چند ڏهاڪي ۾ جيڪي تبديليون رونما ٿيون آهن تن جي وڌ ۾ وڌ صاف ۽ صحيح تصوير پيش ڪرڻ جي غرض سان اسين ان مواد کي استعمال ڪنداسين جيڪو سوپان پنهنجي ڪتاب ۾ (جنهن جو حوالو ڏيئي چڪا آهيون) دنيا جي سمورن طاقتن جي نوآبادياتي مقبوضات جي باري ۾ فراهم ڪيو آهي. سوپان 1876ع ۽ 1900ع کي ونڊي ٿو. اسين 1876ع کي ونڊنداسين. ان سال جو انتخاب تمام مناسب آهي چو تہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ ٺيڪ ان زماني ۾ مغربي يورپ جي سرمائيداري جي ارتقا جي اجاريداري کان پهرين جي منزل مجموعي طور تي مڪمل ٿي چڪي آهي. ان کان علاوه اسين 1914ع کي بہ ونڊنداسين ۽ سوپان جي انگ اکرن جي بجاءِ هيوبنر جي "جاگرافيائي اعداد شمار جي جدولن" جي زياده تازن انگن اکرن جو حوالو ڏينداسين. سوپان صرف نوآبادين جا اعداد شمار ڏئي ٿو. اسين سمجهون ٿا تہ دنيا جي ورهاست جي هڪ مڪمل تصوير پيش ڪرڻ جي لاءِ غير نوآبادين ۽ نيم

---

[1] Die wenezect: xvi.1 1898, S_304"

[2] روسي مارڪسزم جاباني گ. و. پليخا نوف هو(ايڊيٽر)

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

نوآبادين جي باري ۾ ٻه مختصر طور تي اعداد شمار شامل ڪيا ويجن. ۽ اسان ايران، چين ۽ ترڪي جو شمار نيم نوآبادين جي زمري ۾ ڪيون ٿا. ايران تہ هاڻي ڪان ئي تقريباً مڪمل طور تي نوآبادي بنجي چڪو آهي باقي ٻئي ملڪ نوآبادیون بڻجي رهيون آهن.

سو ان طرح اسان کي هيٺيون خلاصو ملي ٿو:

(هتي لينن جي ڪتاب ۾ هڪ خاڪو آهي جنهن کي اوهان 108صفحي تي ڏسي سگهو ٿا. ايڊيٽر)

❊❊

عظيم طاقتن جون نوآبادياتي مقبوضات (لک چورس ڪلوميٽر ۾ لک رهواسي)

	نوآبادیون				سامراجي ملڪ		ڪل جوڙ	
	1876		1914		1914		1914ع	
	رقبو	آبادي	رقبو	آبادي	رقبو	آبادي	رقبو	آبادي
برطانيہ	225	2519	335	3935	3	465	338	4400
روس	170	159	174	332	54	1362	228	1694
فرانس	9	60	106	555	5	396	111	951
جرمني	-	-	29	123	5	649	34	772
آمريڪا جون گڏيل رياستون	-	-	3	97	94	970	97	1067
جپان	-	-	3	192	4	530	7	722
ڇھ عظيم طاقتن جو ڪل جوڙ	404	2738	650	5234	165	4372	815	9606
ٻين طاقتن جون نوآبادیون (بيلجم، هالينڊ وغيره)	---	---	---	---	----	----	99	453
نيم نوآبادیون (ايران، چين، ترڪي)	---	---	---	---	----	----	145	3612
باقي ملڪ	---	---	---	---	----	----	280	2899
پوري دنيا جو ڪل جوڙ							1339	16570

اهي اعداد شمار ڏسي اسان کي چڱيءَ طرح اندازو ٿي وڃي ٿو ته اوڻويهين صديءَ جي خاتمي ۾ ويهين صديءَ جي آغاز ۾ دنيا جو ورهاڱو ڪيتري قدر "مڪمل ٿي چڪو هو". 1876ع کانپوءِ نوآبادياتي مقبوضات جي پکيڙ بي انتها وڌي وڃي ٿي. يعني ان ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿئي ٿو. ڇهه سيني کان وڌين طاقتن جي نوآبادين جي ايراضي چار ڪروڙ کان سادا ڇهه ڪروڙ چورس ڪلوميٽر ٿي وڃي ٿي. اهو اضافو ڪل ادائي ڪروڙ چورس ڪلوميٽر آهي يعني سامراجي ملڪن جي پکيڙ کان پنجاه سيڪڙو وڌيڪ. (آخر الذڪر جي پکيڙ هڪ ڪروڙ 65 لک چورس ڪلو ميٽر آهي). 1876ع ۾ ٽن طاقتن وٽ نوآبادين بلڪل ئي ڪونه هيون ۽ هڪ وٽ يعني فرانس وٽ رڳو نالي ماتر هيون. 1914ع تائين انهن ڇئن طاقتن کي به نوآبادين ملي چڪيون هيون، جن جي پکيڙ هڪ ڪروڙ 41 لک چورس ڪلوميٽر، يعني يورپ جي پکيڙ کان تقريباً 50 سيڪڙو وڌي آهي. ۽ انهن نو آبادين جي مجموعي آبادي لڳ ڀڳ ڏهه ڪروڙ آهي. نوآبادياتي مقبوضات جي توسيع ۽ اضافي جي رفتار ۾ تمام وڏو فرق آهي. مثال طور جيڪڏهن اسين فرانس، جرمني ۽ جپان جو مقابلو ڪريون جيڪي پکيڙ ۽ آبادي جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان ڪو گهٽو مختلف ڪونهن ته اسان ڏسنداسين ته جيترو نوآبادياتي علائقو جرمني ۽ جپان ملي ڪري حاصل ڪيو آهي، تنهن کان تقريباً ٽيڻو اڪيلي فرانس جي قبضي ۾ آيو آهي. ميالياتي سرمائي جي لحاظ کان به ان زماني جي شروع ۾، جنهن جو اسين مطالعو ڪري رهيا آهيون فرانس شايد جرمني ۽ جپان ٻنهي کي گڏائي ڪري ڪيئي ڀيرا وڌيڪ دولتمند هو. نج معاشي حالتن کان علاوه، اهڙن معاشي حالتن تي مبني جاگرافيائي ۽ ٻئي قسم جون حالتون به نوآبادياتي مقبوضات جي رقبي تي اثرانداز ٿين ٿيون. وڏي پئماني جي صنعت، متا سٽا ۽ مالياتي سرمائي جي دپاءُ جي نتيجي ۾ پوين چند ڏهاڪن

۾ سڄي دنيا جو هڪ سطح تي اچڻ جو مختلف ملڪن ۾ معاشي حالتون ۽ حالات زندگي کي هڪ سطح ۽ معيار تي آڻڻ جو عمل کٽي ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي، پر پوءِ به اڄا تائين ڪافي فرق باقي آهي. اسين ڏسون ٿا ته انهن ڇهن مٿي بيان ڪيل طاقتن جي درميان اول ته نوان اسرندڙ سرمائيدار ملڪ آهن (آمريڪا جرمني، جپان) جن جي ترقيءَ جي رفتار عير معمولي تيز رهي آهي، ٻيا اهي ملڪ آهن، جن ۾ مدتن کان سرمائيدارانه ترقي ٿي چڪي اهي (فرانس ۽ برطانيا) ۽ پوين ڏينهن ۾ انهن جي ترقيءَ جي رفتار اول الذڪر ملڪن جي ترقيءَ جي رفتار کان گهٽي سست رهي آهي. ٽيون اهو ملڪ آهي، جيڪو معاشي لحاظ کان سڀ کان گهٽو پٺ تي پيل آهي (روس) جتي جديد سرمائيدارانه سامراج ما قبل سرمائيدارانه تعلقات ۽ رشتن جي هڪ نهايت ئي باريڪ جار ۾ جڪڙيو پيو آهي.

وڏين طاقتن جي نوآبادياتي مقبوضات جي پهلو ب پهلو اسان ننڍين رياستن جي ننڍين نوآبادين کي رکيو آهي جيڪي ڇڪ نوآبادين جي امڪاني ۽ قرين قياس "نئين ورهاست" جو اڳيون تختو مشق ٽيڻ واريون آهن. انهن ننڍين رياستن مان گهٽي ياڳي رياستون صرف ان ڪري پنهنجين نوآبادين کي برقرار رکي سگهيون آهن جو وڏين طاقتن درميان مفادن جا تضاد، باهمي ڪشمڪش ۽ جهڳڙن مان ئي انهن طاقتن ۾ مال غنيمت جي ورهاست جي باري ۾ ڪو اتفاق راءِ نه ٿو ٿي سگهي. "نيم نوآبادياتي" رياستون انهن عبوري ۽ درمياني شڪلين جو مثال پيش ڪن ٽيون جيڪي فطرت ۽ سماج جي هر ميدان ۽ هر شعبي ۾ نظر اچن ٽيون. اهو چئي سگهجي ٿو ته مالياتي سرمايو تمام معاشي ۽ بين الاقوامي تعلقات جي سلسلي ۾ ايتري قدر عظيم ۽ ايتري قدر فيصلہ ڪن قوت آهي جو اهو رياستن کي پنهنجو مطيع ۽ محڪوم بڻائڻ جي سگهہ رکي ٿو ۽ حقيقت ۾ مطيع ۽ محڪوم بڻائي ب ٿو جيڪي سياسي لحاظ کان 100 سيڪڙو خودمختيار آهن. اسين جلدئي ان جا مثال ڏسنداسين. ظاهر آهي ته مالياتي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

سرمائي جي لاءِ اهڙي ئي محڪومي ۽ اطاعت سڀ کان زياده "مناسب ۽ فائديمند" آهي ۽ اهو اهڙي ئي محڪومي مان وڌ ۾ وڌ منافعو لٽي سگهي ٿو جيڪو مطيع ۽ محڪوم قومن ۽ ملڪن کي سياسي آزادي کان بلڪل محروم ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ نيم نوآبادياتي ملڪ "وچئين دور" جو معياري مثال پيش ڪن ٿا. اها بلڪل قدرتي ڳالهه آهي ته مالياتي سرمائي جي دور ۾، جڏهن باقي دنيا جي اڳي ئي ورهاست ٿي چڪي آهي، انهن نيم محڪوم ملڪن جي لاءِ ڇڪ ڇڪان ۽ ڪشمڪش خاص طور تي شديد ۽ تيز ٿي وئي.

سرمائيداريءَ جي جديد دور کان بلڪ سرمائيداري کان به پهرين نوآبادياتي پاليسي ۽ سامراج جو وجود هو. روم جيڪو غلاميءَ جي بنيادن تي قائم ٿيو هو، نوآبادياتي پاليسي ۽ سامراج تي ڪاربند هو. ليڪن سامراج جي باري ۾ "عمومي" مقالن جو انجام جيڪي سماجي ۽ معاشي نظامن جي بنيادي فرق کي نظرانداز ڪن ٿا يا پنڌيءَ ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا، هميشه اهوئي ٿيندو آهي ته اهي يا ته خشڪ، بي مزه ۽ نهايت معمولي ڳالهين جي سطح تائين وڃي ڪرن ٿا يا انهن جي حيثيت ٻتاڪيءَ کان وڌيڪ نه هوندي آهي. "عظيم روم ۽ عظيم برطانيه" ([1]) جو مقابلو ان جو هڪ مثال آهي. حتاڪ سرمائيداري جي گذريل دورن جي سرمائيدار نوآبادياتي پاليسي تائين، مالياتي سرمائي جي نوآبادياتي پاليسي کان بنيادي طور تي مختلف آهي.

سرمائيداريءَ جي جديد دور جي سڀ کان اهم ۽ نمايان خصوصيت آهي وڏن سرمائيدارن جي اجاريدار اتحادن جو غلبو. جڏهن ڪچي سامان جا سمورا وسيلا هڪڙي هٿ ۾ اچي وڃن ٿا ته اهي اجاريداريون بيحد مضبوطي سان جڙ پڪڙي وٺن ٿيون ۽ اسان ڏٺو ته بين الاقوامي سرمائيدارانه

---

[1] C.P. Luacs "Greater Rome and Greater Britain" Oxfand, 1912, orthe Earl of cromer's" "Ancient and Modern Imperlism" London, 1910.

انبوهہ ان سلسلي ۾ ڪيتري قدر لگن ۽ جوش ڏيکارين ٿا ۽ ان لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا آهن ته جيئن سندن حريفن جي لاءِ سانڊن مقابلو ڪرڻ ناممڪن ٿي وڃي ۽ ان ئي غرض سان اهي مثلاً تيل ۽ ڪڇي لوهہ جي ڪاٽين جا سڄا سارا علائقا خريد ڪري ڇڏين ٿا. صرف نوآبادياتي قبضو ئي اهڙي چيز آهي جيڪو حريفن جي خلاف اجاريدارن جي جدوجهد ۾ تمام امڪاني ۽ اتفاقي حادثن کان انهن جي بچاءُ جي ضمانت ڏيئي سگهي ٿو ۽ انهن ۾ اهو امڪان جي حد تائين شامل آهي ته اجاريدارن جا حريف رياستي اجاريداري قائم ڪرڻ جو قانون ناهي پنهنجي حفاظت جي ڪوشش ڪن. جيئن جيئن سرمائيداريءَ کي فروغ حاصل ٿئي ٿو ڪچي سامان جي گهٽتائي زياده شدت سان محسوس ٿئي ٿي، مقابلي جي شدت ۽ تيزيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو سڄي دنيا ۾ ڪچي سامان جي ذريعن جي تلاش ايجا بہ وڌي وڃي ٿي، تيئن تيئن نوآبادين حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ايجا بہ بي تحاشا ٿيندي وڃي ٿي.

شيلڊر لکيو آهي "ممڪن آهي ته ڪن ماڻهن کي اهو هڪ بي معنيٰ ۽ ابترڙ قول معلوم ٿئي ليڪن اها ڳالهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي ته ٿورو گهڻو مستقبل قريب ۾ خوراڪ جي قلت جي بنسبت غالباً صنعت لاءِ ڪچي سامان جي قلت شهري ۽ صنعتي آبادي جي اِضافي ۾ غالباً وڌيڪ مزاحمت ڪندڙ ٿيندي" مثلاً هن وقت عمارتي ڪاٺ جي قلت وڌندي پئي وڃي ۽ ان جي قيمت ۾ لڳاتار اضافو ٿي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪپڙي ناهڻ جي صنعت جي ڪچي سامان جي ۽ چمڙي جي گهٽتائي بہ وڌي رهي آهي. "ڪارخانيدارن جون تنظيمون دنيا جي معيشت ۾ زراعت ۽ صنعت جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. مثال طور اسين ڪيترن اهم ترين صنعتي ملڪن جي ڏاڳي ناهڻ وارن جي تنظيمن جي بين الاقوامي وفاق جو نالو پيش ڪري سگهون ٿا جيڪو 1904ع ۾ قائم ٿيو

هو ۽ اهڙيءَ طرح سن بافون جي تنظيمن جي يورپي وفاق جو نالو پيش ڪري سگهجي ٿو جيڪو ان ئي ڏينگ سان 1910ع ۾ قائم ٿيو هو.([1])

ظاهر آهي ته بورجوا اصلاح پسند ۽ انهن ۾ به خاص طور تي ڪائوتسڪي جا موجوده حمايتي اهو چئي ڪري هن قسم جي حقيقتن جي اهميت گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته هڪ "مهانگي ۽ خطرناڪ" نوآبادياتي پاليسي جي بغير ڪليل منڊي ۾ ڪجو سامان حاصل ڪرڻ "ممڪن هوندو" ۽ اهو ته عام طور تي زراعت جي حالتن ۾ "معمولي" بهتري پيدا ڪري ڪجي سامان جي رسد ۾ بي انتها اضافو ڪرڻ "ممڪن هوندو" ليڪن اهڙي قسم جا دليل سامراج جي تائيد ۽ حمايت ۽ ان کي دلفريب رنگن ۾ پيش ڪرڻ جي مترادف ٿي وڃن ٿا جو ته اهي سرمائيداريءَ جي آخري دور جي اولين ۽ اهم خصوصيت- يعني اجاريداري- کي نظرانداز ڪن ٿا. ڪليل منڊيون روز بروز پراڻا قصا ٿيندڙيون وڃن پيون، اجاريدار سينڊيڪيٽ ۽ ترسٽ انهن کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ محدود ڪندا ٿا وڃن پيا ۽ عام طور تي زراعت جي حالتن ۾ "معمولي" بهتري پيدا ڪرڻ جو مطلب آهي جنتا جي حالت کي بهتر بنائڻ، اجرت ۾ اضافو ڪرڻ ۽ منافعو گهٽائڻ ۽ انهن جذباتي اصلاح پسندن جي تخيل کان سواءِ اهڙن ترسٽن جو وجود پلا ڪيو ٿي سگهي ٿو جيڪي نوآبادياتي فتوحات جي بجاءِ جنتا جي حالت ۾ دلچسپي وٺڻ جي صلاحيت رکندا هجن؟

مالياتي سرمائي جي لاءِ ڪچي سامان جي صرف انهن ذريعن جي اهميت ڪانهي جيڪي دريافت ٿي چڪا آهن بلڪ انهن جي لاءِ امڪاني ذريعن جي به اهميت آهي جو ته موجوده ٽيڪنيڪي ترقي انتهائي تيز رفتار آهي ۽ جيڪا زمين اڄ بنجر ۽ بيڪار آهي سياڻي ان کي سرمائي جون وڏيون وڏيون رقمون لڳائي ۽ نون طريقن جي مدد سان زرخيز بڻائي سگهجي

---

[1] Schilder ساڳيو ڪتاب، صفحا 42_38.

ٿو (ڀ هڪ وڏي بينڪ اهي نوان طريقا دريافت ڪرڻ واسطي انجنيئرن ڀ زرعي ماهرن جي هڪ خاص مهر تيار ڪري سگهي ٿي). معدنيات جي کاڻين جو سراغ لڳائڻ، ڪچو سامان تيار ڪرڻ ڀ ان کي ڪم ۾ آڻڻ جي نون طريقن تي ب ان جو اطلاق ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مالياتي سرمائي جا معاشي علائقا ڀ عام طور تي علائقي جي توسيع جي ڪوشش ڪرڻ هڪ اٽل ڀ لازمي چيز آهي. جهڙيءَ طرح ٽرسٽ پنهنجي ملڪيت جي سموري آئيندي جي "امڪاني" منافعي جو (موجوده منافعي جو نه) ڀ اجاريداري جي آئيندہ جي نتيجن جو حساب ڪتاب لڳائي، ان ملڪيت جي اصلي قيمت کان ٻيڻي يا ٽيڻي قيمت لڳائين ٿا، بلڪل اهڙيءَ طرح مالياتي سرمايو ب ڪچي سامان جي سمورن امڪاني ذريعن کي نظر ۾ رکندي عام طور تي هر ممڪن طريقي سان، هر هنڌ ڀ هر قسم جي زمين تي قبضو ڪرڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي ڇو ته ڪيس ڪٽڪو لڳل رهندو آهي ته ڪٽي اڻ ورهايل علائقي جي آخري رقبي تائين جي لاءِ يا جن علائقن جي اڳي ئي ورڇ ٿي چڪي آهي انهن جي نئين سر ورهاست جي لاءِ ٽيندڙ تيز ڀ تکي چٽاييٽي ۾ هوبين کان پنتي نه رهجي وڃي.

برطانوي سرمائيدار پنهنجي نوآبادي- مصر ۾ ڪپهه جي پوک کي فروغ ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. 1904ع ۾ 23 لک هيڪٽر[1] پوک هيٺ زمين ۾ 6 لک هيڪٽر يعني هڪ چوٿائي ڪان وڌيڪ زمين تي ڪپهه جي پوک ٽيندي هئي. روسين جي ب پنهنجي آبادي- ترڪستان ۾ اهائي ڪوشش آهي ڇو ته اهڙيءَ طرح ڪين پنهنجي پر ڏيهي حريفن کي شڪست ڏيڻ، ڪچي سامان جي وسيلن تي پنهنجي اجاريداري قائم ڪرڻ ڀ ڪپڙي سازي جي هڪ ڪفايت شعار قسم جو زياده منافعو ڀ گهٽ لاڳت وارو "گڏيل" پيداوار جو اهڙو ٽرسٽ ناهڻ ۾ زياده

---

[1] هڪ هيڪٽر برابر آهي 2.471 ايڪڙ جي. (ملوڪ)

سهوليت ٿيندي جنهن ۾ ڪپهه جي پوک ۽ ڪپڙو اُٽڻ جي صنعت جا سمورا درجا مالڪن جي هڪ گروه جي هٿن ۾ گڏ ٿيل ۽ مرتڪز ٿيندا.

سرمائي جي برآمد ۾ جيڪي مفاد مضمر آهن اهي نوآبادياتي فتوحات ۽ تسلط جي لاءِ مزيد محرڪ جو ڪم ڏين ٿا ڇو ته نوآبادياتي منڊين ۾ مقابلن جو قلع قمع ڪرڻ، نيڪن کي يقيني بڻائڻ ۽ ضروري "رابطن" وغيره کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ اجاريداري جا طريقا استعمال ڪرڻ زياده آسان آهي (۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اتي صرف اهي ئي طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا.

اهو غير معاشي مٿيون ڏانچو جيڪو مالياتي سرمائي جي بنياد تي کڙو ٿئي ٿو يعني مالياتي سرمائي جي سياست ۽ فڪرونظر- نوآبادياتي فتوحات ۽ تسلط جي لاءِ اُڪسائي ٿو ۽ لالچ ڏئي ٿو. "مالياتي سرمايو آزاديءَ جو خواهشمند ڪونهي. اهو ته غلبي ۽ حڪمراني جو خواهان آهي". هيلفرڊنگ اها ڏاڍي سچي ڳالهه چئي آهي ۽ هڪ فرانسيسي بورجوا مصنف جيڪو ائين معلوم ٿئي ٿو جيئن مٿي بيان ڪيل سيسل روڊس جي خيالات ([1]) جي توسيع ۽ تڪميل ڪري رهيو هجي. لکي ٿو ته: جديد نوآبادياتي پاليسي جي معاشي سببن ۾ سماجي سببن جو اضافو ٻه ڪرڻ گهرجي: "زندگيءَ جي ڏينهنون وڏندڙ پيچيدگين ۽ مشڪلاتن جي باعث جيڪي صرف مزدورن کي ئي نه بلڪ متوسط طبقن کي ٻه ڏهايو ۽ جڪڙيو وينا آهن. پراڻي تهذيب جي حامل سمورن ملڪن ۾ 'بي صبري' ڪاوڙ ۽ نفرت وڌندي پئي وڃي ۽ وڏي ڪري امن عامه جي لاءِ خطرو بڻجي رهي آهي- ۽ اها توانائي جيڪا مخصوص طبقاتي راهن مان ڦٽي نڪري

---

[1] هن ايڊيشن جو صفحو 98 ڏسو (ايڊيٽر)

رهي آهي. تنهن جو استعمال ڳولڻ گهرجي ۽ تن کي ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڏيڻ گهرجي ته جيئن وطن ۾ ڪو شورش نه برپا ٿي پوي".([1])

جيئن ته اسان سرمائيدارانه سامراج جي دور جي نوآبادياتي پاليسي جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون تنهنڪري اهو چوڻ ضروري آهي ته مالياتي سرمائي ۽ ان سان مطابقت رکندڙ پرڏيهي پاليسي جيڪا دنيا جي معاشي ۽ سياسي ورهاڱي جي لاءِ عظيم طاقتن جي وچ ۾ هرس، لالچ ۽ هوس جي شڪل اختيار ڪري وئي ٿي، اهي ٻئي رياستي محڪومي ۽ محتاجي جي متعدد درمياني عبوري شڪلين کي جنم ڏين ٿا. هن دور جي خصوصيت رڳو ملڪن جا ٻه خاص وڏا گروه ڪونهن. يعني نوآبادين جا مالڪ ملڪ ۽ نوآبادیون. محڪوم ۽ محتاج ملڪن جون مختلف شڪليون به ان دور جي خصوصيت آهن جيڪي چوڻ لاءِ ته سياسي لحاظ کان خود مختيار آهن ليڪن دراصل مالي ۽ ڊپلوميٽڪ محڪوميءَ جي جار ۾ بريءَ طرح ڦاٽا پيا آهن. اسان محڪوميءَ جي هڪ شڪل- يعني نيم نوآبادي جو تذڪرو ڪري ئي چڪا آهيون. ارجنٽائن ان جي هڪ ٻي شڪل جو مثال پيش ڪري ٿو. شولتسي گي ويرنيتس برطانوي سامراج تي جيڪو ڪتاب لکيو آهي ان ۾ هو لکي ٿو "سڄو ڏکڻ آمريڪا ۽ خاص طور تي ارجنٽائن مالي لحاظ کان لنڊن جو ايتري قدر محتاج آهي جو ان کي تقريباً برطانيه جي واپاري نوآبادي چوڻ گهرجي.([2]) 1909ع ۾ بيونس آئرس ۾ آسٽريليا ۽

---

[1] Wahl "Lafrancea"Colonies" ان جو حوالو هينري روسٽر پنهنجي تصنيف "سمنڊن جو ورهاڱو" ۾ ڏنو آهي. Aewi Russier "LePartage. De l'Oceanie" Paris 1905, P_ 165.

[2] Schulze_Gaernitz. "Britischer Imperialisms and englisher Freihandel 24 Beginn des 20_ten Tahnhunderts eipzig, 1906, P_318. (ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ برطانوي سامراج ۽ انگريزي آزاد تجارت)" سارتوري اوس فون والٽيرس هاؤزين پنهنجي ڪتاب ٻاهرين ملڪن ۾ سرمايو لڳائڻ جو معاشي نظام" ۾ اهائي ڳالهه چوي ٿو. (Sartorius V. Walter

هنگري جي قونسل جي رپورٽ جي بنياد تي شيلبر تخمينو لڳائي ٿو تہ ارجنٽائن ۾ تقريباً اٺ ارب 75 ڪروڙ فرانڪ جي برابر برطانوي سرمايو لڳل آهي. اهو تصور ڪرڻ کو خاص ڏکيو ڪونهي تہ اهڙيءَ طرح برطانوي مالياتي سرمايو ۽ (ان جي وفادار "دوست" ڊپلوميسي) جي ارجنٽائن جي بورجوا طبقي سان گڏ، يعني ان حلقي سان گڏ جنهن جي هٿ ۾ ان جي پوري معاشي ۽ سياسي زندگيءَ جي واڳ ڏور آهي، ڪيتري قدر مضبوط بندڻ ۽ رابطا قائم ٿي وڃن ٿا.

پرتگال هڪ ئي وقت مالي ۽ ڊپلوميٽڪ محڪومي ۽ سياسي آزاديءَ جو ٻورو مختلف مثال پيش ڪري ٿو. پرتگال هڪ آزاد ۽ خود مختيار رياست آهي ليڪن حقيقت اها آهي تہ ٻن سوسالن کان وڌيڪ عرصي کان يعني وراثت جي جنگ (1714_1701) کان پوءِ اها برطانوي حڪومت جي سائي هيٺ (Protectorate) آهي. برطانيہ برابر پرتگال ۽ ان جي نوآبادين جي حفاظت ڪئي آهي تہ جيئن هو پنهنجي رقبين اسپين ۽ فرانس جي خلاف جنگ ۾ خود پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري سگهي. ان جي بدلي برطانيہ کي واپاري سهوليتون پرتگال ۽ ان جي نوآبادين ۾ شين جي ۽ خاص طور تي سرمائي جي در آمد جي لاءِ رعايت ۽ ترجيح. پرتگال جا جزيرا ۽ بندرگاهون، ان جا تار وغيرہ استعمال ڪرڻ جو حق- اهي سڀ شيون حاصل ٿيون آ- برطانيہ ۽ پاڻين رياستن جي درميان ان قسم جا تعلقات هميشہ موجود رهيا آهن. ليڪن سرمائيدار سامراج جي دور ۾ اهي تعلقات هڪ عمومي نظام جي شڪل اختيار ڪري ونن ٿا. اهي "دنيا جو ورهاڱو ڪرڻ" تي مبني تعلقات جو خلاصو ۽ عالمي مالياتي سرمائي جي عمل سلسلي جي هڪ ڪڙي بنجي وڃن ٿا.

Shansen :Das Volks wirtsehaftiiche Syest der Kapitalanlage im Auslande" Berlin 1907 S_46)

[1] شيلبر، ساڳيو ڪتاب، پهريون جلد، ص 161_160.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

دنيا جي وهاڱي جي سوال سان پوريءَ طرح نبرڻ جي لاءِ اسان کي هيٺين ڳالهه جو اڃا اضافو ڪرڻ گهرجي. هي سوال بلڪل ڇٽو ۽ ٽُڙ طريقي سان صرف اسپين ۾ آمريڪا جي جنگ کان پوءِ آمريڪي تصنيفن ۾ ۽ انگريزن ۾ بوئرن جي جنگ کانپوءِ انگريزي تصنيفن ۾ 19 هين صديءَ جي بلڪل آخر ۾ 20 صديءَ جي ابتدا ۾ نه ئي اٽاريو ويو آهي ۽ نه ئي جرمن تصنيفون، جيڪي "برطانوي سامراج" کي ڏاڍي "رشڪ ۽ حسد" پريل نظرن سان ڏسنديون هيون، هن سوال تي باقائده ۽ منظم طور تي پنهنجي راءِ ڏني آهي. انهن سيني کان علاوه اهو سوال فرانسيسي بورجوا تصنيفن ۾ به اٽاريو ويو آهي، ۽ ڪافي وسيع، واضح ۽ ٺيڪ ناڪ طريقي سان اٽاريو ويو آهي، يعني جيتري قدر بورجوا نقطه نظر سان ممڪن هو. اسان مؤرخ دري او جا قول نقل ڪنداسين. هن پنهنجي ڪتاب "اوٽوهين صديءَ جي آخر جا سياسي ۽ سماجي مسئلا" جي ان باب ۾ جنهن جو عنوان آهي "عظيم طاقتون ۽ دنيا جو ورهاڱو" لکيو آهي "پوين چند سالن جي عرصي ۾ چين کان سواءِ ڪره عرض جي باقي سموري آزاد علاقي تي يورپ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي طاقتن قبضو ڪري ورتو آهي. ان سلسلي ۾ هنيئر کان ئي ڪيتريون ئي لڙايون ۽ جهيڙا ٿي چڪا آهن. ڪنهن جو اثر گهٽيو آهي ته ڪنهن جو وڌيو آهي ۽ اهي شيون مستقبل قريب ۾ اڃا به خوفناڪ هنگامن جي اڳڪٿي ڪن ٿيون جڏ ته عجلت کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. جن قومن اڃا تائين پنهنجي پوزيشن نه ناهي آهي انهن لاءِ اهو انديشو آهي ته کين ڪڏهن به پنهنجو حصو ڪونه ملندو ۽ اهي ڪره ارض جي ان بي حد وڏي پئماني جي ڦرمار مان حصو وٺڻ کان محروم رهنديون. جيڪا ايندڙ صدي، (يعني ويهين صديءَ) "جي سيني کان زياده بنيادي خصوصيتن مان هڪ هوندي. اهوئي سبب آهي جو گذريل ڏينهن ڪِن سڄي يورپ ۽ آمريڪا تي نوآبادياتي توسيع ۽ اضافي جو يعني "سامراج" جي جيڪا اوٽويهين صديءَ جي آخري زماني جو سڀ کان وڌيڪ قابل ذڪر ۽ نمايان

خصوصيت آهي. اهڙي بريءَ طرح چڪر پيل آهي". ۽ مصنف ايترو وڌيڪ اضافو ڪري ٿو ته "دنيا جي ان حصا پتيون ڪرڻ ۾ ڪره ارض جي وڏين وڏين منڊين ۾ خزانن جي ان ديوانہ وار ڳولا ۾ تلاش ۾ اوٽوهين صديءَ ۾ قائم ڪيل سلطنتن جي تقابلي طاقت ۾ ۽ ان مقام ۾ قطعي ڪو تناسب ڪونهي جيڪو انهن سلطنتن کي قائم ڪرڻ وارين قومن کي يورپ ۾ حاصل آهي. يورپ جي تقدير جو فيصلو ڪرڻ واريون، غالب ۽ با اثر طاقتون پوري دنيا ۾ ايتري ئي قدر غالب ۽ با اثر ڪونهن. سو جڏهن نوآبادياتي طاقت جو رد عمل، ان سموري دولت جو (جنهن جو اڃا اندازو بہ نہ لڳايو ويو آهي) مالڪ ٿيڻ جي اميد جو رد عمل، يورپي طاقتن جي تقابلي قوت تي نمايان طور سان اثر انداز ٿيندو ته هي نوآبادياتي سوال – يا اوهان چاهيو ته ان کي "سامراج" چئو ڪٽي، جنهن هن مهل تائين پاڻ يورپ جي سياسي حالتن ۾ تبديليون پيدا ڪيون آهن ۽ آئيندي اڃا وڌيڪ تبديليون ڪندو. ([1])

❊❊

---

[1] J.E. Driault. "Problems Politiques et Sociaux" Paris 1900, P_299. (دري او "سياسي ۽ سماجي مسئلا" پيرس (ايڊيٽر)

سامراج ـ سرمائيداريءَ جي هڪ خاص دور جي حيثيت سان

هاڻي اسان کي انهن سيني ڳالهين جو خلاصو پيش ڪرڻ، انهن کي يڪجا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪي سامراج جي موضوع تي چيون ويون آهن. سامراج جو اُپار سرمائيداريءَ جي عام بنيادي خصوصيتن جوئي سڏو سنئون تسلسل ۽ ارتقا جي حيثيت سان ٿيو. ليڪن سرمائيداري پنهنجي ارتقا جي هڪ مخصوص ۽ تمام متاهين منزل تي پهچي ئي سرمائيدارانہ سامراج ٻڌجي سگهي، يعني جڏهن ان جون ڪي بنيادي خصوصيتون پنهنجي ضد ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿيون، جڏهن سرمائيداريءَ مان گذري ان کان متئين سماجي ۽ معاشي نظام تائين وٺي ويندڙ درمياني ۽ عبوري دور جون سموريون خصوصيتون سيني شعبن ۾ ايري ظاهر ٿي ويون. معاشي لحاظ کان ان عمل ۾ سڀ کان اهم شيءِ هيءَ آهي تہ سرمائيدارانہ اجاريداريءَ سرمائيدارانہ آزاد مقابلي جي جاءِ والاري ڇڏي. آزاد مقابلو سرمائيداريءَ جي، ۽ عام طور تي متا سٽا جي جنس جي پيداوار جي بنيادي خصوصيت آهي، ۽ اجاريداري آزاد مقابلي جي عين ضد آهي. ليڪن اسان پنهنجي اکين آڏو آزاد مقابلي کي اجاريداري ۾ تبديل ٿيندي، ننڍي صنعت کي ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪندي ۽ وڏي صنعت جي تخليق ڪندي، وڏي پئماني جي صنعت جي جڳهہ ايا وڏي پئماني جي صنعت کي ڏيڻ ۽ سرمائي ۽ پيداوار جي ارتڪاز کي ان حد تائين وٺي ويندي ڏٺو آهي جتان ان مان اجاريداري يعني ڪارٽيل، سينڊيڪيٽ ۽ ٽرسٽ – جي تخليق ٿيندي آهي ۽ ٿي رهي آهي. ۽ ان جي اندر ڪن ڏٺن جيترن بينڪن جي سرمائي کي

ضم ٿيندي ڏٺو آهي جيڪي اربن جو ڪاروبار ڪن ٿيون. گڏوگڏ اهو به آهي ته اجارداريون جيڪي آزاد مقابلي مان ئي ايريون ۽ وڏيون آهن آزاد مقابلي جو قلع قمع بلڪل نه ٿيون ڪن. بلڪ ان جي مٿان ۽ ان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي موجود رهن ٿيون ۽ اهائي شي متعدد شديد ۽ تند و تيز مخالفتن، جهگڙن، ٽڪرن ۽ لڙاين کي جنم ڏئي ٿي. اجاريداري، سرمائيداري کان زياده مٿاهين مقام تائين جو عبوري دور آهي.

جيڪڏهن سامراج جي حتي الامڪان مختصر ترين تعريف ڪرڻ جي ضرورت هجي ته اسان کي اهو چوڻ گهرجي ته سامراج سرمائيدداري جي اجاريدارانه منزل آهي. ان تعريف ۾ سيني کان وڌيڪ اهم ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. ڇو ته هڪ طرف ته مالياتي سرمايو مٽ جيترن وڏين وڏين اجاريدار بينڪن جو بينڪ وارو سرمايو آهي جيڪو صنعت جي مالڪن جي اجاريدار انبوهه جي سرمائي ۾ ضم ٿي ويو آهي، ٻئي پاسي دنيا جو ورهاڱو هڪ نوآباديياتي پاليسيءَ مان گذري ٻي نوآباديياتي پاليسي جي منزل ۾ قدم رکڻ جو عبوري دور آهي. يعني ان نوآباديياتي پاليسي مان گذري، جيڪا بغير ڪنهن مزاحمت ۽ جهل پل جي انهن علائقن ۾ عمل دخل پيدا ڪري سگهي آهي جن تي ڪنهن سرمائيدار طاقت پهرين کان قبضو نه ڪري رکيو هو. دنيا جي مڪمل طور تي تقسيم شده علائقي تي اجاريدارانه قبضو ڪرڻ جي نوآباديياتي پاليسي ڏانهن قدم رکڻ آهي. تمام گهٽو مختصر تعريفون جيئن ته خاص ۽ اهم نڪتن جو تت پيش ڪري ڇڏين ٿيون، تنهنڪري اهي ڪافي مفيد ته ضرور هونديون ليڪن ان جي باوجود ناڪافي به ٿين ٿيون. ڇو ته جنهن مظهر جي تعريف ڪرڻي هجي تنهن جي تمام اهم خصوصيتن جي خاص طور تي تلاش ڪرڻي پئي ٿي. تنهنڪري عام طور تي سمورن تعريفن جي اضافي ۽ مشروط قدر و قيمت کي وسارڻ جي بغير جيڪي ڪڏهن به ڪنهن مظهر جي مڪمل ارتقا جي سموري ترتيب کي محيط نه ٿيون ڪري سگهن. اسان کي سامراج جي هڪ اهڙي تعريف

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

پيش ڪرڻ گھرجي جنھن ۾ ان جون پنج هينيون خصوصيتون شامل هجن: (1) ([1])پيداوار ۾ سرمائي جو ارتڪاز وڌي ڪري پنھنجي ارتقا جي ايتري قدر مٿاھين منزل تي پھچي چڪو آھي جو ھاڻي ان اجاريدارين کي جنم ڏنو آھي جيڪي معاشي زندگي ۾ فيصلہ ڪن رول ادا ڪن ٿيون. (2) بينڪ جو سرمايو ۽ صنعتي سرمايو ھڪ ٻئي ۾ ضم ٿي ويا آھن ۽ ان "مالياتي سرمائي" جي بنياد تي مالياتي اوليگاريشي وجود ۾ آئي آھي. (3) سرمائي جي برآمد جيڪا جنسن جي برآمد کان مختلف شيءِ آھي. غير معمولي اھميت اختيار ڪري ونڊي ٿي (4) سرمائيدارن جي بين الاقوامي اجاريدار انبوھ جي تشڪيل ٿئي ٿي جيڪي ٻاڻ ۾ دنيا جا حصا پتيون ڪن تا ۽ (5) سيني کان وڏين سرمائيدار طاقتن جي درميان دنيا جو علاقائي ورھاڱو مڪمل ٿي چڪو آھي. سامراج سرمائيداريءَ جي ارتقا جو اھو دور آھي جنھن ۾ اجاريدارين ۽ مالياتي سرمائي جو راج قائم ٿي چڪو آھي. جنھن ۾ سرمائي جي برآمد نمايان اھميت اختيار ڪري چڪي آھي. جنھن ۾ بين الاقوامي سرمائي جي ترستن جي درميان دنيا جو ورھاڱو شروع ٿي ويو آھي ۽ جنھن ۾ سيني کان وڏن سرمائيدار ملڪن جي درميان ڪره ارض جي سمورن علاقن جي ورچ بلڪل مڪمل ٿي چڪي آھي.

اڄتي هلي اسان ڏسنداسين تہ جيڪڏھن اسان صرف بنيادي نج معاشي تصورات ئي کي مد نظر نہ رکون (۽ مٿي بيان ڪيل تعريف انھن تائين ئي محدود آھي) بلڪ مجموعي طور تي سرمائيداري ۾ سرمائيداري جي ان دور جي تاريخي مقام کي، يا سامراج ۽ مزدور تحريڪ جي ٻن خاص بنيادي رجحانن جي تعلق کي ۾ پيش نظر رکون تہ سامراج جي ان کان مختلف تعريف ٿي سگھي ٿي ۽ ٽيڪ گھرجي. ھن وقت ان ڳالھ تي ڌيان ڏيڻ گھرجي تہ سامراج جو جيڪو مطلب مٿي بيان ڪيو ويو آھي جيڪڏھن ان

---

[1] (1) Oligarchy (اوليگارڪي) ڪن خاص ماڻھن جي حڪومت، اھا حڪومت جنھن ۾ چند امير ماڻھو حڪومت ڪن، اميرن جي حڪومت (سنڌيڪار)

جي روشني ۾ ڏنو وجي ته سامراج بلاشبہ سرمائيداري جي ارتقا جو هڪ خاص دور آهي. پڙهندڙ کي سامراج جو هڪ اهڙو تصور ڏيڻ جي غرض سان جن جا بنياد وڌ کان وڌ مضبوط هجن اسان حتي المقدور معاشيات جي بورجوا ماهرن جي بيانن جو حوالو ڏيڻ جي کوشش ڪئي آهي جيڪي جديد ترين سرمائيدارانہ معيشت جي خاص طور تي ناقابل ترديد حقيقتن جو اعتراف ڪرڻ تي مجبور آهن. ان ئي مقصد جي پيش نظر اسان تفصيلي اعداد شمار نقل ڪيا آهن جن مان اهو اندازو ٿي سگهي ٿو ته بينڪ جي سرمائي ۾ ڪيتري حد تائين اهو اضافو ٿيو آهي وغيره، ۽ مقدار جي ڪيفيت ۾ تبديل ٿيڻ جو ترقي يافته سرمائيداري جو سامراج ۾ تبديل ٿيڻ جو اظهار ڪهڙي شيءِ ۾ ٿيو آهي. اها اجائي ڳالهہ آهي ته فطرت ۽ سماج جون سموريون حدون مشروط ۽ تغير پذير آهن مثلاً ان باري ۾ بحث مباحثو ڪرڻ سراسر حماقت آهي ته ڪنهن خاص سال يا ڪنهن خاص ڏهاڪي ۾ سامراج "قطعي طور تي" جنم ورتو هو.

پر سامراج جي تعريف جي سلسلي ۾ اسان کي سڀ کان پهرين ڪائوتسڪي سان بحث ڪرڻو آهي جيڪو نام نهاد بي انٽرنيشنل جي دور جو يعني 1889ع ۽ 1914ع جي وچ جي پنجيوهہ سالن جي زماني جو سڀ کان وڏو مارڪسي نظريہ ساز هو. اسان سامراج جي تعريف ۾ جن بنيادي خيالن جو اظهار ڪيو هو تنهن تي ڪائوتسڪي 1915ع ۾ بلڪ نومبر 1914ع ۾ ئي وڏي پختي عزم سان حملو ڪيو. هن چيو ته سامراج کي معيشت جو هڪ "دور" يا منزل نہ سمجهڻ گهرجي بلڪ هڪ پاليسي سمجهڻ گهرجي- هڪ مخصوص پاليسي جنهن کي مالياتي سرمايو ۽ ٻين تي "ترجيح ڏئي ٿو". هن چيو ته سامراج کي "موجوده سرمائيداري" جي ٻہ "مرادف" نہ سمجهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهو ته سامراج جو اهو مطلب سمجهيو وڃي ته "اها موجوده سرمائيداريءَ جي سمورن مظهرن" ڪارٽيل- درآمدي سامان تي ڀري ڪسٽم ڊيوٽي جي پاليسي، سرمايو لڳائڻ وارن

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

(Financiers) جي حڪومت، غلبي ۽ نوآباديات پاليسي- جي هم معنيٰ آهي تہ پوءِ ان سوال جي حيثيت تہ سامراج سرمائيداري لاءِ ضروري آهي يا رڳو "هڪ سطحي قسم جي تڪراري معنيٰ" کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ رهندو ڇو تہ ان صورت ۾ تہ "سامراج قدرتي طور تي سرمائيداريءَ جي لاءِ بيحد ضروري شيءِ آهي" وغيره وغيره. ڪائوتسڪي جي خيال کي پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ اسان سامراج متعلق خود سندس ئي تعريف هتي نقل ڪري ڇڏيون جيڪو اسان جي پيش ڪيل خيالن جي اصلي معنيٰ جو عين ضد آهي (ڇو تہ جرمن مارڪسوادين جي خيمي جا اعتراض، جيڪي ڪيئي سالن کان اهڙي قسم جي خيالن جي علم برادري ڪري رهيا آهن، ڪائوتسڪي جي لاءِ نوان ڪونهن ۽ هو انهن کي مارڪسزم جي هڪ مخصوص رجحان جي اعتراضن جي حيثيت سان هڪ عرصي کان ڄاڻي ٿو).

ڪائوتسڪي جي تعريف هيءَ آهي:

"سامراج تمام گهڻو ترقي يافتہ صنعتي سرمائيداري جي پيداوار آهي. اهو صنعتي لحاظ کان انتهائي ترقي يافتہ هر سرمائيدار قوم جي وڏي کان وڏي زرعي (ڪائوتسڪي ان لفظ تي زور ڏنو آهي) علائقن کي پنهنجي ماتحت آڻڻ ۽ انهن جو بزور الحاق ڪرڻ جي ڪوشش تي مشتمل آهي، توڙي انهن علائقن ۾ ڪهڙيون بہ قومون رهنديون هجن".([1])

هيءَ تعريف بلڪل بيڪار ۽ ناقص آهي ڇو تہ اها هڪ طرفي آهي يعني حسبِ منشا صرف قومي سوال کي چونڊي ونڊي تي (حالانڪہ اهو سوال بجاءِ خود بيحد اهم آهي ۽ سامراج سان پنهنجي تعلق جي لحاظ کان بہ) اها تعريف حسبِ منشا ۽ غلط طور تي ان سوال جو صرف انهن ملڪن جي صنعتي سرمائي سان ناتو جوڙي تي جيڪي ٻين قومن جو جبري علائقائي

---

[1] Die Neuezeit "1914, 2 (Vol.32), S_909, Sept: 11, 1914. Cf, 1915, 2. S_ 107 Seq.

الحاق ڪن ٿا ۽ اوتري ڌار مسبب منشا ۽ اوتروئي غلط طور تي اها تعريف زرعي علائقن جي جبري الحاق کي سيني کان اڳيان آڻي بيهاري ٿي.

سامراج جبري علائقائي اتحاد جي ڪوششن جو نالو آهي. اهو آهي ڪائوتسڪي جي تعريف جي سياسي حصي جو لب لباب. اها ڳالهه ٺيڪ ته آهي پر نامڪمل آهي. ڇو ته سياسي لحاظ کان سامراج عام طور تي رجعت پسنديءَ تشدد جي ڪوششن جو نالو آهي. بهرحال هن وقت اسان کي پنهنجي سوال جي معاشي پهلو سان دلچسپي آهي جنهن کي خود ڪائوتسڪي پنهنجي تعريف ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. ڪائوتسڪي جي تفسير جون ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون گهڻو نمايان آهن. صنعتي سرمايو نه بلڪ مالياتي سرمايو سامراج جي بنيادي ۽ نمايان خصوصيت آهي. اها ڪا اتفاقي ڳالهه ڪانهي ته فرانس ۾ مالياتي سرمائي جي غير معمولي تيز رفتار ترقي، نشونما ۽ صنعتي سرمائي جي ڪمزوري ٺيڪ اها شيءِ هئي جنهن گذريل صدي جي نائين ڏهاڪي جي آغاز کان جبري علاقائي الحاق جي (نوآبادياتي) پاليسي ۾ انتهائي شدت ۽ تيزي پيدا ڪئي. ٺيڪ اهائي شيءِ سامراج جي نمايان ۽ بنيادي خصوصيت آهي ته اها صرف زرعي علائقن جو ئي نه پر صنعتي لحاظ کان گهڻو ترقي يافته علائقن جو به جبري الحاق ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو (جرمني جو بيلجم کي هڙپ ڪرڻ جي خواهش)، فرانس جو لارين کي هڙپ ڪرڻ جي خواهش)، ڇو ته اول ته اها ڳالهه ته دنيا جو اڳئي ورهاڳو ٿي چڪو آهي نئين ورهاست ڪرڻ جو ارادو ڪرڻ وارن کي ان ڳالهه تي مجبور ڪري ٿي ته اهي هر قسم جي علائقي ڏانهن هٿ وڌائين ۽ ٻيو فرمان روائي (Hegemony) جي ڪوشش جي سلسلي ۾. يعني سڌو سنئون پنهنجي لاءِ علائقا فتح ڪرڻ کان وڌيڪ پهرين مقصد جي لاءِ علائقا فتح ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ته جيئن پنهنجي حريف کي ڪمزور ڪن ۽ ان جي فرمانروائي جي پاڙ پٽي ڇڏين. ڪيترين وڏين طاقتن جي درميان رقابت ٽيڙ سامراج

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جي هڪ بنيادي خصوصيت آهي (انگلستان جي خلاف جنگي ڪارواين ڪرڻ جي اڏي جي حيثيت سان جرمني لاءِ بيلجم وڏي اهميت رکي ٿو' انگلستان کي جرمني جي خلاف جنگي ڪارواين ڪرڻ جي لاءِ اڏي طور تي بغداد جي ضرورت آهي، وغيره وغيره).

ڪائوٽسڪي خاص طور تي ۽ وري وري انگريزن جو حوالو ڏئي ٿو جن جڻ لفظ سامراج کي نج سياسي مفهوم ڏنو آهي. يعني اهو مفهوم جنهن ۾ خود ڪائوٽسڪي سمجهي ٿو. اسان انگريز مصنف هوبسن جي ڪتاب "سامراج" کي، جيڪو 1902ع ۾ شايع ٿيو هو، کٽون ٿا تہ ان ۾ اسان کي هيءَ عبارت ملي ٿي:

"نئون سامراج پراڻي سامراج کان مختلف آهي. هڪ تہ ان لحاظ کان تہ اهو هڪ واحد وڏندڙ ويجهندڙ سلطنت جي حوصلن ۽ امنگن جي جاءِ هڪ ٻئي جي مد مقابل سلطنتن جي نظرئي ۽ عمل کي ڏيئي چڏي ٿو جن مان هڪ تي سياسي اقتدار جي توسيع ۽ واپاري فائدي جي هڪ جهڙي هوس ۽ لالچ جو غلبو آهي ۽ ٻيو ان لحاظ کان تہ نئين سامراج ۾ مالڪيات يا لڳل سرمائي جا مفاد (Investing Interest) واپاري مفادن تي غالب آهن".([1])

اسين ڏسون ٿا تہ عام طورتي انگريزن جو حوالو ڏيڻ ۾ ڪائوٽسڪي بلڪل غلطي تي آهي (سواءِ ان جي تہ ان جو اشارو ڪريل انگريز سامراجين جي يا سامراج جي ڪليل حمايتين ڏانهن هجي). اسين ڏسون ٿا تہ توڙي جو ڪائوٽسڪيءَ جي دعوا تہ اهائي آهي تہ هو هاڻي بہ مارڪسزم جي تائيد ۽ علمبرداري ڪري رهيو آهي ليڪن حقيقت اها آهي تہ سوشل ليبرل هوبسن جي پيٺ ۾ هو هڪ قدم پنتي هٽي وڃي ٿو جيڪو زياده صحيح طريقي سان جديد سامراج جي "تاريخي اعتبار کان" ٻن تز خصوصيتن کي

---

[1] Hebson "Imperialism" London, 1902, P_324.

پيش نظر رکي ٿو. (کائوتسکيءَ جي تعريف ته تاريخي تز پٽي جو مذاق اڏائڻ جي برابر آهي!) ۽ اهي خصوصيتون آهن: (1) گهٽن سامراجين جو پاڻ ۾ مقابلو ۽ زردار جو واپاريءَ تي غالب ٿيڻ. جيڪڏهن اهو خاص طور تي صنعتي ملڪن جي هٿان زرعي ملڪن جو جبري الحاق ڪرڻ جو سوال آهي ته واپاري جو ڪردار سڀ کان وڌيڪ مقدم ٿي وڃي ٿو.

کائوتسکيءَ جي تعريف صرف غلط ۽ مارکسزم جي خلاف ئي ڪانهي. اها ان سموري نقطه نگاه جي هڪ پوري نظام جي لاءِ بنياد جو ڪم انجام ڏئي ٿي جن جو شروع کان آخر تائين مارکسوادي نظريي ۽ مارکسوادي عمل سان اختلاف ۽ بگاڙ ٿي ويو آهي. ان جو ذکر اڳتي ايندو. کائوتسکي لفظن جي باري ۾ جيڪو بحث شروع ڪري ٿو ته سرمائيداريءَ جي جديد ترين منزل کي "سامراج" چوڻ گهرجي يا "مالياتي سرمائي جو دور" سا بلڪل سطحي ۽ غير سنجيده شيءِ آهي. ان کي جيڪو اوهان جي دل چئي چئو ان سان ڪو فرق نه ٿو پوي. هن مسئلي جو حاصل مطلب اهو آهي ته کائوتسکي سامراج جي سياست کي ان جي معيشت کان بلڪل الڳ ڪري ڇڏيو آهي، هو جبري علائقائي الحاق جي پاليسي جو هنن لفظن ۾ ذکر ڪري ٿو ته هي اها پاليسي آهي جنهن کي "مالياتي سرمايو "ترجيح ڏئي ٿو" ۽ کائوتسکي ان جي پيٽ ۾ هڪ ٻي بورجوا پاليسي کي رکي ٿو جيڪو هن جي چوڻ مطابق مالياتي سرمائي جي بلڪل ان ئي بنياد تي ممڪن ٿي سگهي ٿو. ته ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته معيشت جي ميدان ۾ اجاريدارين جو ۽ سياست جي ميدان ۾ جبري الحاق کان پاڪ، غير اجاريداري ۽ اهنسا تي مبني طريقن جو گڏ هجڻ ممڪن آهي. جڏ ان جو مطلب اهو ٿيو ته دنيا جو علائقائي ورهاڱو جيڪو نيڪ مالياتي دور ۾ مڪمل ٿيو آهي ۽ جيڪو سيني کان ڏن سرمائيدار ملڪن جي باهمي رقابتن جي موجوده، مخصوص شڪلين جو بنياد آهي، ان جو ۽ هڪ غير سامراجي پاليسي جو سات ٿي سگهي ٿو. ان جو نتيجو اهو ٿئي ٿو

تہ غير سرمائيداري جي جديد ترين منزل جي انتهائي بنيادي ۽ تضادن جي گهرائي کي بي نقاب ڪرڻ بدران ان تي پردو وڌو وڃي ٿو ان کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. نتيجو اهو آهي تہ مارڪسزم جي بجاءِ بورجوا اصلاح پرستي هٿ اچي ٿي.

ڪائوتسڪي سامراج ۽ جبري علائقائي الحاق جي جرمن حمايتي ڪونوف سان بحث ڇيڙي ڇڏي ٿو جيڪو وڏي بي حيائي ۽ بداخلاقيءَ سان چوي ٿو تہ سامراج موجوده سرمائيداريءَ جو ئي نالو آهي ۽ سرمائيداري جي ارتقا اتل، لازمي ۽ ترقي پسند شيءِ آهي. تنهنڪري سامراج ترقي پسند شيءِ آهي، تنهنڪري اسان کي ان جي اڳيان نهايت عاجزي ڪرڻ ۽ گوڏا کوڙڻ گهرجن ۽ ان جي شان ۾ قصيدا پڙهڻ گهرجن! هي روسي مارڪسوادين جي ان بگاڙيل خاڪي سان ملندڙ جلندڙ شيءِ آهي جيڪو 95_1894ع ۾ نرودنڪن پيش ڪيو هو. انهن هيئن استدلال ڪيو هو: جيڪڏهن مارڪس وادين کي يقين آهي تہ روس ۾ سرمائيداري جو اچڻ اٽنر آهي ۽ سرمائيداري ترقي پسند چيز آهي تہ انهن کي هڪ شراب خانو کولي سرمائيداري جا ٻج پوکڻ شروع ڪري ڏيڻ گهرجي. ڪائوتسڪي، ڪونوف کي هيئنيون جواب ڏنو آهي: نہ سامراج موجوده سرمائيداري کانهي، اها تہ فقط موجوده سرمائيداري جي پاليسي جي مختلف صورتن مان هڪ صورت آهي. ان پاليسي سان، سامراج سان، جبري علائقائي الحاق وغيره سان اسين وڙهي سگهون ٿا ۽ اسان کي وڙهڻ گهرجي.

اهو جواب بظاهر معقول معلوم ٿئي ٿو ليڪن درحقيقت اهو سامراج سان مفاهمت جي وڪالت ۽ حمايت جو هڪ وڏيڪ لڪل ۽ مخفي (۽ ان ئي ڪري وڏيڪ خطرناڪ ٻہ آهي) زياده گهرو ۽ پرفريب ڀهروپ آهي ڇو تہ ٽرسٽن ۽ بينڪن جي پاليسي جي خلاف اهڙي "لڙائي" جيڪا ان جي معاشي بنياد سان ڪا مزاحمت نہ ڪري، بورجوا اصلاح پرستي ۽ امن پسندي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. اهو رڳو بلند ۽ نيڪ ارادن جو نيڪ

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

دلي ۾ معصوميت سان پريل اظهار آهي. موجوده تضادن جي مڙني گهرائين کي بي نقاب ڪرڻ جي بجاءِ ان جي اعتراف کان گوڙ ناڻ ڪرڻ ۾ انهن مان سڀ کان اهم تضاد کي وساري ڇڏڻ- اهو آهي ڪائوتسڪي جو نظريو جنهن ۾ ۽ مارڪسزم ۾ ڪو بہ قدرمشترڪ ڪونهي. قدرتي ڳالهہ آهي تہ اهڙو "نظريو" ڪونوف سان تحاد جي حمايت جو ڪم انجام ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي!.

ڪائوتسڪي لکي ٿو "خالص معاشي نقطہ نظر کان اها ڳالهہ ناممڪن ڪانهي تہ سرمائيداري ايجا هڪ نئين دور مان، يعني پرڏيهي پاليسي تي بہ ڪارٽيلن جي پاليسي جي مهر هڻڻ جي، مها سامراج (Ultraimperialism) جي دور مان گذرندي" ([1]). ٻين لفظن ۾ مها سامراج جو دور سڄي دنيا جي سامراجن جي باهمي جدوجهد جي بجاءِ انهن جي درميان دوستي ۽ ايڪتا جو دور. هڪ اهڙو دور جڏهن سرمائيدار نظام ۾ ئي جنگيون اڻ لڀ ٿي ويندیون. "بين الاقوامي طور تي متحد ٿيل دنيا تي سرمائي جي ملي جلي ڪري دنيا جو استحصال ڪرڻ جو دور هوندو([2]).

اسين اڳتي هلي ان "مها سامراج جي نظرئي" تي بحث ڪنداسين تہ جيئن تفصيلي طور تي اهو ڏيکاري سگهون تہ ڪيتري قدر مڪمل طور تي ۽ همیشہ جي لاءِ هي نظريو مارڪسزم کان ٽٽي الڳ ٿي ويو آهي. في الحال تہ پنهنجي ان تصنيف جي عام خاڪي جي مطابق اسان کي گهرجي تہ ان سوال تي جيترو ٿڙ معاشي مواد موجود آهي تنهن جو معائنو ڪيون. "خالص معاشي نقطہ نظر کان" "مها سامراج" ممڪن آهي يا اها شيءِ مها بکواس آهي؟.

---

[1] Die Neue Zeit "1914, 2 (Vol.32), S_921, Sept: 11, 1914. Cf, 1915, 2. S_ 107 seq.

[2] Die Neue Zeit", 1915. 1, S_144, April 30, 1915.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جيڪڏهن خالص معاشي نقطہ نظر جو مطلب آهي "خالص" تجريد تہ ڏيئي وڃي فقط ايتري ڳالهہ چئي سگهجي ٿي: ارتقا جو رخ اجاريدارين ڏانهن آهي. جنهن جو مطلب آهي هڪ واحد عالمي اجاريداري جي. هڪ واحد عالمي ٽرسٽ ڏانهن. ان ڳالهہ ۾ بحث جي ڪا گنجائش ئي ڪانهي. پر ساڳئي وقت اها ايتري ئي بي معنيٰ بہ آهي جيترو اهو چوڻ تہ "ارتقا جو رخ" ليبارٽرين ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون تيار ڪرڻ طرف آهي. ان مفهوم ۾ مها سامراج جو "نظريو" بہ ايتري قدر بيڪار ۽ بي معنيٰ آهي جيترو "مها زراعت" جو نظريو ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن اسان مالياتي سرمائي جي دور کي تاريخي لحاظ کان تز دور جي حيثيت سان وٺي رهيا آهيون جيڪو ويهين صديءَ جي آغاز ۾ شروع ٿيو آهي. جيڪڏهن اسان ان جي "خالص معاشي" حالتن سان بحث ڪري رهيا آهيون تہ "مها سامراج" جي بي جان تجريدن جو (جيڪي صرف هڪ بيحد رجعت پسند مقصد. يعني موجوده جهگڙن ۽ تضادن جي گهرائي ۽ شدت جي طرف کان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش کي تقويت ڏيندين آهن) بهترين جواب اهوئي ٿي سگهي ٿو تہ انهن مجرد ڳالهين جو موجوده عالمي معيشت جي ٺوس معاشي حقيقتن سان مقابلو ۽ پيٽ ڪئي وڃي. مها سامراج جي باري ۾ ڪائوتسڪي جي انتهائي بي معنيٰ گفتگو کان علاوه بين ڳالهين جي ان انتهائي غلط خيال کي تقويت ملي ٿي جنهن ۾ سامراج جي حمايتن جو سراسر فائدو ئي فائدو آهي. يعني اهو خيال تہ مالياتي سرمائي جي حڪمراني عالمي معيشت جي اندر تضادن ۽ عدم تناسب کي گهٽ ڪري ٿي. حالانڪ حقيقت اها آهي تہ اها انهن کي وڌائي ٿي.

ر۔ڪالوير پنهنجي ڪتابڙي "عالمي معاشيات جو تعارف" ([1]) ۾ اهم ترين خالص معاشي مواد جو خلاصو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

---

[1] R. Calwer "Einfulrny in die Weltwirstch asft" Berlin, 1906.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جنهن مان اڻويهين صدي جي آخري ۾ ويهين صديءَ جي ابتدائي زماني ۾ عالمي معاشيات جي اندروني تعلقات جي نئوس تصوير ملي سگهي ٿي. هو دنيا کي هيٺين پنج "اهم ترين معاشي علائقن" ۾ ورهائي ٿو: (مرڪزي يورپ) (روس ۽ برطانيہ کان سواءِ باقي سڄو يورپ)، (2) برطانيہ، (3) روس، (4) يورپ ايشيا، (5) آمريڪا ـ هو نوآبادين کي انهن رياستن جي "علائقن" ۾ شامل ڪري ٿو" جن تي انهن جو قبضو آهي ۽ چند ملڪن کي "ڇڏي ڏئي ٿو" جن جي علائقہ وار ورڇ اڃا نہ ٿي آهي. مثلاً ايشيا ۾ ايران، افغانستان، عرب ۽ آفريڪا ۾ مراڪش ۽ حبش وغيره.

انهن علائقن جي باري ۾ هن جيڪو معاشي مواد پيش ڪيو آهي، تنهن جو خلاصو هيٺين ريت آهي: (خاڪي کي اڳئين صفحي تي ڏسو) "ايڊيٽر"

اسان ٿي علائقا اهڙا ڏسون ٿا جتي سرمائيداري تمام گهڻي ترقي يافتہ آهي (بين لفظن ۾ ٽرانسپورٽ جا ذريعا واپار ۽ صنعت تمام گهڻي ترقي يافتہ آهن: يعني مرڪزي يورپ، برطانيہ ۽ آمريڪا جا علائقا. انهن ۾ اهي ٿي رياستون شامل آهن جن جو دنيا تي غلبو ۽ تسلط آهي، يعني جرمني، برطانيہ ۽ آمريڪا. انهن ملڪن جي درميان سامراجي رقابت ۽ ڪشمڪش بي انتها شديد ۽ تيز ٿي وئي آهي ڇو تہ جرمني جو پڪيڙ تمام ننڍي آهي ۽ ان وٽ نوآبادیون بہ تمام ٿوريون آهن. "مرڪزي يورپ" جي تخليق اڃا پري جي ڳالهہ آهي، اهو انتهائي سرٽوڙ ڪوششن ۽ جدوجهد جي درميان جنم وڻي رهيو آهي. هن وقت تہ سياسي انتشار سڄي يورپ جي نمايان ۽ ممتاز خصوصيت آهي. ان جي برخلاف برطانوي ۽ آمريڪي علائقن ۾ سياسي ارتڪاز گهڻو وڌيل آهي. پر هتي هڪ ملڪ جي وسيع و عريض نوآبادين ۽ ٻئي جي تمام ننڍين ننڍين نوآبادين جي درميان تمام وڏو تفاوت آهي پر نوآبادين ۾ سرمائيداريءَ جي ارتقا اڃا هاڻي شروع آهي. ڏکڻ آمريڪا جي لاءِ ڇڪتاڻ روز بروز وڌيڪ تُند ۽ تيز ٿيندي وڃي ٿي.

دنيا جا خاص خاص معاشي علائقا	رقبو	آبادي	نقل وحمل		تجات		صنعت	
	لک چورس ڪلوميٽر	لک	ريلون (هزار ڪلوميٽر)	تجارتي بيڙا (لک ٽن)	برآمدءِ درآمد (ارب مارڪ)	ڪوئلي جي پيداوار (لک ٽن)	ڪچي لوهه جي پيداوار (لک ٽن)	ڏاڪي جي چرخين جو تعداد (لک)
(1) مرڪزي يورپي	276	3880	204	80	41	2510	150	260
	*(236)	(1460)						
(2) برطانوي	289	3980	140	110	25	2490	90	510
	(286)	(3550)						
(3) روسي	220	1310	63	10	3	160	30	70
(4) اوپر ايشيائي	120	3890	8	10	2	80	0.2	20
(5) آمريڪي	300	1480	379	60	14	2450	140	190

*بريڪٽين جي اندر جيڪي انگ آهن سي نوآبادين جي پکيڙءِ آبادي ڏيکارين ٿا.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

ٻہ علائقا اِهڙا آهن جتي سرمائيداريءَ جي ارتقا تمام گهٽ آهي. يعني روس ۽ مشرقي ايشيا. پهرئين علائقي ۾ آبادي ڇڊي آهي ۽ ٻئي تمام گهٽي ڳُتيل آهي. پهرئين علائقي ۾ سياسي ارتڪاز مٿاهين سطح تي آهي. ٻئي ۾ ناپيد آهي. چين جي ورهاست ايجا هاڻي هاڻي شروع ٿي آهي ۽ ان جي لاءِ جاپان ۽ آمريڪا وغيره جي جدوجهد ڏينهون ڏينهن تيز ۽ شديد ٿيندي ٻئي وڃي.

هن حقيقت جو- يعني معاشي ۽ سياسي حالتن جي بيحد وڏي فرق. مختلف ملڪن جي ارتقا جي رفتار جي درميان زبردست تفاوت ۽ سامراجي ملڪن جي پاڻ ۾ جنوني ڪشمڪش ۽ جمهوريت جو مقابلو "پرامن" مها سامراج جي متعلق ڪائوتسڪي جي احمقانہ ۽ بي بنياد داستان سان ڪيو. ڇا هي ڪنهن حقيقت کان هڪ ڏنل هيسيل تنگ نظر شخص جي فرار جي رجعت پسند ڪوشش ڪانهي؟ ڇا بين الاقوامي ڪارٽيل. جن کي ڪائوتسڪي "مها سامراج" جي ابتدائي شڪل تصور ڪري ٿو (بلڪل ائين جيئن ڪنهن ليبارٽري ۾ ٽڪيون (Tablet) تيار ڪرڻ کي مها زراعت جي ابتدائي شڪل جو نالو ڏيڻ "ممڪن" آهي). ها اهي ئي بين الاقوامي ڪارٽيل دنيا جي ورهاست ۽ نئين سر ورهاست جو مثال. پر امن ورهاست کان پر تشدد ورهاست ڏانهن ۽ پرتشدد ورهاست کان پر امن ورهاست ڏانهن قدم رکڻ جو مثال ناهن؟ آمريڪي ۽ ٻيو مالياتي سرمايو جنهن. جرمني جي شرڪت سان گڏ. سڄي دنيا کي پر امن طريقي سان. مثلاً بين الاقوامي ريل سينڊيڪيٽ يا بين الاقوامي واپاري جهاز راني جي ٽرسٽ ۾ ورهايو هو ڇا هاڻي اهو ئي سرمايو دنيا جي نئين سر ورهاست ڪرڻ ۾ مصروف ڪونهي جيڪو قوتن جي نئين باهمي تعلقات تي مبني آهي ۽ اهي تعلقات قطعي پر تشدد طريقي سان تبديل ٿي رهيا آهن.

عالمي معيشت جي مختلف حصن جي نشونما جي رفتار ۾ جيڪو تفاوت هجي ٿو تنهن کي مالياتي سرمايو ۽ ٽرسٽ گهٽ نہ ٿا ڪن بلڪ

[سامراج- سرمائيداريءَ جو آخري منزل]

التو اجا وڌائيندا آهن. هڪ پيرو قوتن جو توازن بدلجي وڃي تہ پوءِ سرمائيدارانہ نظام جي تحت تضادن کي حل ڪرڻ جو زور ۽ قوت جي سوا ٻيو ڪهڙو طريقو ٿي سگهي ٿو؟ ريلوي جا اعداد و شمار[1] عالمي معيشت ۾ مالياتي سرمائي ۽ سرمائيداري جي نشونما جي رفتار جي فرق جي باري ۾ بي حد نيڪ مواد مهيا ڪن ٿا. سامراج جي ارتقا جي آخري ڏهاڪن ۾ ريلوي جي لمبائي ۾ هيٺيون طرح تبديليون ٿيون آهن:

(ريلون هزار ڪلو ميٽر)

	1890ع	1913ع	اضافو
يورپ	224	346	122
آمريڪا جون گڏيل رياستون	268	411	143
سموريون نوآبادیون	82	210	128
ايشيا ۽ آمريڪا جاخود	125		122
مختيار ۽ نيم خود مختيار ملڪ	43	347	94
ڪل جوڙ	617	1104	

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ نوآبادين ۽ ايشيا ۽ آمريڪا جي خود مختيار ۽ (نيم خود مختيار) رياستن ۾ ريلن جي ترقي سڀ کان زياده تيز رفتار رهي هئي. هتي، جيئن اسين ڄاڻون ٿا، ڇهن يا پنجن سڀ کان وڏن سرمائيدار ملڪن جي مالياتي سرمائي جو مڪمل راڄ آهي. نوآبادين ۾ ۽ ايشيا ۽ آمريڪا جي بين ملڪن ۾ ٻہ لک ڪلوميٽر نيون ريلوي لائينون آهن جن ۾ 40 ارب مارڪ جو سرمايو حال ۾ ئي خاص طور تي منافع بخش شرطن تي لڳايو ويو آهي ۽ ان ۾ ڇڪي خاصي آمدني ۽ فولاد جي ڪارخانن جي منافعي بخش آرڊرن وغيره جي گارنٽي آهي وغيره وغيره.

---

[1] جرمن رياست جي اعداد شمار جو ساليانو ڪتاب"، 1915ع. "ريلوي جو محافظ خانو" 1892ع۔ (ايڊيٽر) 1890ع ۾ مختلف ملڪن جي نوآبادين جي درميان ريلن جي تقسيم جي باري ۾ ڪوڙين ۽ غير اهم تفصيلن جو ٽورو گهٽو اندازو لڳائڻو پيو هو.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

نوآبادين ۾ سمنڊ پار ملڪن ۾ سرمائيداري سڀ کان وڌيڪ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. آخر ۾ بيان ڪيل ملڪن جي درميان نيون سامراجي طاقتون ايري رهيون آهن (مثلاً جپان). عالمي سامراجن جي باهمي ڪشمڪش وڌيڪ تيز ۽ شديد ٿيندي پئي وڃي. مالياتي سرمائي نوآبادين ۾ سمنڊ پار ملڪن جي سڀ کان وڌيڪ نفعي بخش ڪاروبار (enter prises) تي جيڪو محصول لڳايو آهي سو وڌندو ئي وڃي ٿو. ان "مال غنيمت" جي ورهاست ۾ بي حد وڏو حصو انهن ملڪن کي ملي ٿو جيڪي پيداواري قوتن جي نشونما جي تيزي جي لحاظ کان هميشہ سڀني کان اڳتي نہ هوندا آهن. سڀني کان وڏن ملڪن کي، جيڪڏهن انهن جي نوآبادين سان ملائي ڏٺو وڃي تہ انهن ۾ ريلن جي لمبائي هينئن ريت آهي.

	1890ع هزار ڪلوميٽر	1913ع	اضافو
آمريڪا جون گڏيل رياستون	268	413	145
سلطنت برطانيہ	107	208	101
روس	32	78	46
جرمني	43	68	25
فرانس	41	63	22
پنجن طاقتن جو ڪل جوڙ	491	830	339

تہ موجوده ريلن جو 80 سيڪڙو حصو سڀ کان پنج وڏين طاقتن جي هٿن ۾ مرڪوز آهي. ليڪن انهن ريلن جي ملڪيت جو ارتڪاز يعني مالياتي سرمائي جو ارتڪاز ان کان گهٽو وڌيڪ آهي، جو تہ مثال طور تي فرانسيسي ۽ برطانوي ڪروڙپتي آمريڪي، روسي ۽ ٻين ريلن جي بيشمار حصن ۽ باندن جا مالڪ آهن.

پنهنجي نوآبادين جي طفيل برطانيہ "پنهنجين" ريلن جي لمبائي هڪ لک ڪلو ميٽر اجا وڌائي سگهيو آهي، يعني جرمني کان چئوڻ تي وڌيڪ.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

حالانڪ ان ڳالهه کان سيئي واقف آهن ته ان زماني ۾ جرمني ۾ پيداواري قوتن، خصوصاً ڪوئلي ۽ لوهه جي صنعت جي ارتقا جي رفتار انگلنڈ کان ڪافي تيز رهي آهي ۽ فرانس ۽ روس جو ته ذڪر ئي ڇا. 1912ع ۾ جرمني 49 لک ٽن ڪچو لوهه تيار ڪيو ۽ برطانيہ 68 لک ٽن. 1912ع ۾ جرمني هڪ ڪروڙ ڇاهتر لک ٽن ۽ برطانيہ 90 لک ٽن. تنهنڪري هن سلسلي ۾ جرمني کي برطانيہ تي بي انتها فوقيت حاصل هئي[1] سوال اهو آهي: پيداواري قوتن جي نشونما ۽ سرمائي جي اجتماع جا ۽ مالياتي سرمائي جي لاءِ "حلقہ اثر" ۽ نوآبادين جي تقسيم جي درميان جيڪو تفاوت آهي. سرمائيداري تحت تنهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ جنگ کان علاوه ٻيو ڪهڙو ذريعو ٿي سگهي ٿو؟

❊❊

[1] (ايڈگار ڪراموند جو مضمون "برطانوي ۽ جرمن سلطنتن جا معاشي تعلقات" "اعداد شمار جي رائل سوسائٽي جي رسالي" ۾ جولاءِ 1914ع، صفحو 777 (ايڈيٽر).

سرمائيداريءَ جي مفتخوريءِ پُراڻائي

هاڻي اسان کي سامراج جي هڪ ٻي نهايت اهم پهلو جو معائنو ڪرڻو آهي جنهن کي هن موضوع تي سمورن بحث مباحثن ۾ عام طور تي تمام گهٽي ناڪافي اهميت ڏني وڃي ٿي. مارڪسوادي هيلفرڊنگ جي هڪ خامي اها آهي ته هو غير مارڪسي هوبسن جي پيٽ ۾ هڪ قدم پنڌ هٽي وڃي ٿو. اسان جو اشارو مفت خوري ڏانهن آهي. جيڪا سامراج جي نمايان خصوصيت آهي.

جيئن ته اسين ڏسي چڪا آهيون ته اجاريداري سامراج جو سڀ کان گهرو معاشي بنياد آهي. هيءَ سرمائيدارانه اجارداري آهي. يعني اها اجاريداري جنهن سرمائيداري جي ڪک مان جنم ورتو آهي ۽ جيڪا سرمائيداريءَ جي مٿاستا واري جنس جي پيداوار ۽ مقابلي جي عام ماحول ۾ موجود رهي ٿي ۽ ان عام ماحول ۽ اجاريداري جي درميان هڪ دائمي ۽ ڪڌهن به حل نه ٿيڻ وارو تضاد به رهي ٿو. ليڪن ان جي باوجود ٻي هر قسم جي اجاريداري وانگر هيءَ اجاريداري به لازمي طور تي جمود ۽ پراڻ پڻي جي رجحان کي جنم ڏيندي آهي. جنهن حد تائين اجاريدارانه قيمتون مقرر ٿي وڃن ٿيون. ڪٽي عارضي طور تي ئي چو نه هجن انهيءَ حد تائين ٽيڪنيڪي ترقي ۽ نتيجتاً هر قسم جي ترقي جو محرڪ ختم ٿي وڃي ٿو ان ئي حد تائين ٽيڪنيڪي ترقي ۾ جاڻي واڻي رندڪون وجهڻ جو **معاشي** امڪان به پيدا ٿي وڃي ٿو. مثلاً آمريڪا ۾ ڪنهن اووينس هڪ مشين ايجاد ڪئي جنهن بوتل ساز صنعت ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. جرمن بوتل سازن جي ڪارٽيل اووينس جو پيٽنٽ خريد ڪري ورتو ليڪن خريد ڪري ان کي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

وساري ڇڏيو ۽ ان جي استعمال کان نتائج لڳو. ظاهر آهي ته سرمائيداريءَ جي تحت اجاريداري مڪمل طور تي گهٽي طويل مدت جي لاءِ مقابلي کي عالمي منڊي مان ڪڍهن بہ نيڪالي نہ ٿي ڏيئي سگهي (۽ ضمناً اهو چيو وڃي ته هين سببن کان علاوه ان هڪ سبب کان بہ مها سامراج جو نظريو ايتري قدر بيڪار آهي). اهو ظاهر آهي ته بهتر ٽيڪنڪ جي استعمال جي ذريعي پيداوار جي لاڳت گهٽائڻ ۽ منافعو وڌائڻ جو امڪان تبديليءَ جي سمت ڏانهن وڃي ٿو پر جمود ۽ پراڻ پڻي جو رجحان جيڪو اجاريداريءَ جي نمايان خصوصيت آهي، مسلسل مصروف عمل رهندو آهي. ۽ صنعت جي ڪن شعبن ۾ ڪن ملڪن ۾ ۽ ڪن دورن ۾ اهو رجحان غالب اچي وڃي ٿو.

تمام گهڻو وسيع و عريض، دولتمند يا مناسب محل وقوع وارين نوآبادين تي قبضو بہ ان ئي سمت تي وڌي وڃي ٿو.

ان کان علاوه سامراج صرف چند ملڪن ۾ زر نقدُ جي سرمائي جي بيحد وڏي اجتماع جو نالو آهي، جيڪو ڪاغذات زر ۾ هڪ ڪرب کان هڪ ڪرب پنجاه ارب فرانڪ تائين جي برابر آهي. ان جي نتيجي ۾ منافعي خورن جي طبقي، بلڪ اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته منافع خورن جي هڪ سماجي حلقي جو فروغ آهي، يعني اهڙن ماڻهن جو فروغ جيڪي "ڪُوپَنُ ڪٽي" روزي ڪمائين ٿا، جيڪي ڪنهن ڪاروبار ۾ ڪو حصو ڪونہ ٿا وٺن ۽ جن جو پيشو ئي بيڪاري آهي. سرمائي جي برآمد جيڪا سامراج جي سڀ کان زياده اهم ۽ بنيادي معاشي بنيادن مان هڪ آهي، انهن منافع خورن جو پيداوار کان اڳ بہ مڪمل طور تي ناتو ٽوڙي ڇڏي ٿي ۽ ان جو پوري ملڪ تي، جيڪو سمنڊ پار جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نوآبادين جي محنت جي استحصال تي گذر سفر ڪري ٿو۔ مفت خوري جي مهر هڻي ڇڏي ٿي.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

"1893ع ۾" هوبسن لکي ٿو "پر ڏيهه ۾ لڳل برطانوي سرمايو سڄي سلطنت برطانيه جي مجموعي دولت جي 15% سيڪڙو جي برابر هو".([1]). اسين پڙهندڙن کي ياد ڏيارينداسين ته 1915ع تائين ان سرمائي ۾ ايڊائي دفعا اضافو ٿي چڪو هو. اڳتي هلي هوبسن چوي ٿو ته "جارحانه سامراج جيڪو ٽيڪس ادا ڪرڻ وارن کي ايتري قدر مهانگو پوي ٿو ۽ جيڪو ڪارخانيدار ۽ واپاري جي لاءِ ايتري قدر گهٽ فائديمند ٿئي ٿو..... اهڙن سرمائيدارن لاءِ وڏي پئماني تي دولت جي حصول جو ذريعو آهي، جيڪي پنهنجو سرمايو لڳائڻ جي تلاش ڪن ٿا..... (انگريزي ۾ ان جي لاءِ هڪ اصطلاح آهي Investor يعني منافع خور) "جيڪا سالياني آمدني برطانيه کي پنهنجي سموري پرڏيهي ۽ نوآبادياتي واپار برآمد ۽ درآمد مان حاصل ٿئي ٿي، اها آمدني سڙڳفن جي تخميني مطابق 1899ع ۾ قدري هڪ ڪروڙ اسي لک پائونڊ استرلنگ (تقريباً هڪ ڪروڙ ستر لک روپل) آهي. اها رقم اسي لک پائونڊ استرلنگ وڪري جي حاصلات جي رقم (Turnover) تي ايڊائي سيڪڙو جي حساب سان حاصل ٿي آهي. "اها رقم جيتوڻيڪ تمام وڏي آهي ليڪن ان مان برطانيه جي جارحانه سامراج جي توضيح نه ٿي ٿي سگهي. ان جي توضيح ته ٿئي ٿي 9 کان 10 ڪروڙ پائونڊ استرلنگ تائين جي ان آمدني مان جيڪا" لڳايل سرمائي" مان حاصل ٿئي ٿي، يعني منافع خورن جي آمدني مان.

منافع خورن جي آمدني دنيا جي سڀ کان وڏي "تاجر" ملڪ جي سموري پرڏيهي واپار مان حاصل ٿيندڙ آمدني کان پنجوڻي آهي! اهو آهي سامراج ۽ سامراجي مفت خوري جو خلاصو.

ان ئي سبب جي ڪري "منافع خور رياست" (Rentnerstaat) يا وياج خور رياست جو اصطلاح سامراج جي موضوع تي لکيو ويندڙ معاشي

---

[1] Hobson، حوالو ساڳيو صفحو 59، 62.

تصنيفن ۾ ڏينهون ڏينهن زياده استعمال ٿيندو پيو وڃي. دنيا ائين ورهائجي وئي آهي جو هڪ طرف مُٺ جيترين وياج خور رياستون آهن ۽ ٻئي طرف قرضدار رياستن جي تمام وڏي اڪثريت آهي. سولتسي گي ويرينتس لکي ٿو "جن پرڏيهي ملڪن ۾ سرمايو لڳايو ويو آهي تن جي فهرست ۾ سڀ کان پهرين سياسي لحاظ کان محڪوم ۽ محتاج ملڪ اچن ٿا يا اتحادي ملڪ". يعني برطانيہ مصر، جاپان، چين ۽ ڏکڻ آمريڪا کي قرض ڏئي ٿو ۽ انهن ملڪن ۾ هن جو بحري جنگي ٻيڙو ضرورت مهل عدالتي ڪارندي جو ڪم انجام ڏئي ٿو. برطانيہ جي سياسي طاقت کيس قرضدارن جي غيض و غضب کان محفوظ رکي ٿي"([1]). سارتوري اوس فون والٽيئرس هائوزين پنهنجي ڪتاب "پرڏيهہ ۾ سرمايو لڳائڻ جو قومي معاشي نظام" ۾ هالينڊ جو ذڪر "مثالي منافع خور رياست" جي طور تي ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ برطانيہ ۽ فرانس جي بہ هاڻي اهائي نوعيت ٿيندي پئي وڃي([2]). شيلڊر جو خيال آهي تہ پنج صنعتي ملڪ- برطانيہ، فرانس، جرمني، بيلجم ۽ سئزرلينڊ هاڻي "خاص طور تي نمايان قرض ڏيڻ وارا ملڪ" بڻجي ويا آهن. هو ان فهرست ۾ هالينڊ کي رکڻ لاءِ شامل نہ ٿو ڪري تہ اهو "صنعتي لحاظ کان گهٽ ترقي يافتہ" آهي.([3]) رياست متحده آمريڪا صرف آمريڪي ملڪن کي قرض ڏيڻ وارو آهي.

شولتسي گي ويرنيتس لکي ٿو تہ "برطانيہ هوريان هوريان صنعتي رياست کان قرض ڏيندڙ رياست ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. صنعتي پيداوار ۽ مصنوعات جي برآمد ۾ يقيني ۽ قطعي اضافي جي باوجود، پوري قومي معيشت ۾ ان آمدني جي نسبتي اهميت روز بروز وڌندي پئي وڃي جيڪا

---

[1] Schulze_Gaevernitz. "britischer Imperlismus", S_320 etseq.

[2] Sartorius Von Waltenshausen "Volkswritsch oftliche system etc "Berlin 1907, buch IV.

[3] شيلڊر، حوالو ساڳيو ص 393

وياج، ڪمپنين جي ڳڏيل سرمائي منافعي، ڪاغذات زر جو اجرا ـ دلالي، ڪميشنن ۽ سٽي بازن جي ذريعي حاصل ٿئي ٿي. منهنجي راءِ ۾ ٽيڪ اهائي ڀگالهه سامراج جي عروج ۽ فوقيت جو معاشي بنياد آهي. قرض ڏيندڙ ۽ قرضدار جو بنڌڻ وڪرو ڪندڙ ۽ خريدار جي بنڌڻ کان وڌيڪ مضبوط هوندو آهي". ([1]) لانسبرگ، جيڪو برلن جي رسالي "بينڪ" جو پبلشر آهي، 1911ع ۾ هڪ مضمون "جرمني ـ هڪ منافع خور رياست" ۾ جرمني جي باري ۾ هيٺين ڀگالهه لکي "جرمني جا ماڻهو منافع خور ٽيڻ جي ان آرزو جو مذاق اڏائڻ جي لاءِ هميشه تيار رهندا آهن، جيڪا فرانس ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ليڪن اهي اهو وساري ويهن ٿا ته جيتري قدر بورجوا طبقي جو تعلق آهي، جرمني ۾ به ڏينهون ڏينهن اها ئي صورتحال ٽيندي پئي وڃي، جيڪا فرانس ۾ آهي([2]).

منافع خور رياست، مفت خور ۽ تنزل پذير سرمائيداريءَ جي رياست آهي ۽ اها صورتحال عام طور تي هن ضمن ۾ ايندڙ ملڪن جي سمورن سماجي ۽ سياسي حالتن تي، ۽ خاص طور تي مزدور تحريڪ جي ٻن بنيادي رجحانن تي اثر انداز ٿئي بغير، نه ٿي رهي سگهي. ان شيءِ کي گهٽي کان گهٽو صاف طور تي ڏيکاريڻ جي عرض سان اسان هوبسن جا لفظ نقل ڪنداسين، جيڪو سڀ کان وڌيڪ "قابل اعتبار" گواهه آهي. ڇو ته ان تي "مارڪسوادي راسخ الاعتقادي" ڏانهن لاڙو رکڻ جو ڪو مطلق شڪ ڪونه ٿو ٿي سگهي، ٻئي طرف اهو ته، هوبسن انگريز آهي ۽ ان ملڪ جي صورتحال کان تمام چڱيءَ طرح واقف آهي جيڪو نوآبادين جي لحاظ کان به، ۽ سامراجي تجربي ۽ مالياتي سرمائي جي اعتبار کان به سڀ کان وڌيڪ دولتمند ملڪ آهي.

---

[1] Schulze Gacvernitz "Britische" Imperialisum uss S_122.

[2] Dei Bank" 1911, پهريون شمارو صفحا 10 ـ 11.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هوبسن، جنهن جي ذهن ۾ انگريزن ۽ بوئرن جي جنگ جا تاثرات تازا هئا، سامراج ۽ "سرمايو لڳائڻ وارن" جي مفاد جي درميان تعلق، ۽ نيڪن وغيره مان حاصل ٿيندڙ انهن منافعن جو نقشو چيٽندي لکي ٿو "جيتوڻيڪ ان قطعي مفت خوريءَ جي پالسي جا ڪرتا ڏرتا نه سرمائيدار ئي آهن ليڪن اهي ئي محرڪ مزدورن جي مخصوص حلقن تي به اثرانداز ٿين ٿا. ڪيترن شهرن ۾ سڀ کان اهم صنعتن جو انحصار حڪومت جي نيڪن تي ٿئي ٿو. ڏاتو ۽ جهاز سازي جي مرڪزن جو سامراج وڏي حد تائين ان حقيقت جو احسانمند آهي". هن مصنف جي راءِ ۾ پراٽين سلطنتن کي ڪمزور ڪرڻ وارا سبب ٻن قسمن جا آهن: (1) معاشي مفت خوري ۽ (2) اهڙين فوجن جي تشڪيل جيڪي محڪوم قومن جي ماڻهن تي مشتمل هيون. "پهرين شيءِ معاشي مفت خوري جو رواج آهي، جنهن تحت حڪمران رياست پنهنجي اثر وارن حلقن، نوآبادين ۽ محڪوم ملڪن کي پنهنجي حڪمران طبقي جي مال ۽ دولت ۾ اضافو ڪرڻ ۽ پنهنجي هينئين طبقي کي رشوت ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري ٿي ته جيئن اهي خاموشي ۽ مسڪينيءَ سان رهندا رهن." ۽ اسان ان ۾ ايترو وڌيڪ اضافو ڪريون ٿا ته ان رشوت جي ڪٽي ڪهڙي به شڪل هجي، بهرحال ان کي معاشي لحاظ کان ممڪن بڻائڻ جي لاءِ وڌين وڌين اجاريدارانه منافعن جي ضرورت ٿئي ٿي.

۽ ٻئي سبب جي باري ۾ هوبسن لکي ٿو "جنهن چريائپ جي حد تائين بي نيازي سان برطانيه، فرانس ۽ ٻيا سامراجي ملڪ ان خطرناڪ محتاجيءَ جي عادت اختيار ڪري رهيا آهن، اها سامراج جي بي وقوفيءَ جي سڀ کان وڌيڪ عجيب ۽ غريب علامتن مان هڪ آهي. برطانيه سيني کان اڳتي نڪري ويو آهي. اهي لڙايون، جن جي مدد سان اسان پنهنجي هندوستاني سلطنت حاصل ڪئي، گهٽي ياڳي ڏيهي ماڻهن ئي وڙهيون آهن. هندوستان ۾ ۽ اهڙيءَ طرح حال ئي ۾ مصر ۾ به، تمام وڏيون وڏيون مستقل فوجون برطانوي ڪمانڊرن جي سپرد ڪيون ويندیون آهن. ڏاڪٽي حصي کان سواءِ

اسان جي آفريڪي مقبوضات جي متعلق تقريباً سيئي لڙايون اسان جي لاءِ ڏيهي ماڻهن لڙيون آهن."

چين جي امڪاني ورهاڱي جي باري ۾ هوبسن هيٺيون معاشي اندازو پيش ڪري ٿو "ان صورت ۾ ممڪن آهي ته مغربي يورپ جو زياده تر حصو اها صورت ۾ اهوئي ڪردار اختيار ڪري، وٺي جيڪو هن وقت انهن ملڪن جا چند علائقا اختيار ڪن ٿا: ڏکڻ انگلستان ۾ ريويرا ۾ ۽ اتلي ۾ سئٽزرلينڊ جي سياحن ۾ دولتمندن سان پريل رهائشي حصن ۾ نظر اچي ٿو. اهو اميرن ۾ رئيسن جو ننڍو ٽولو آهي جيڪي دوردراز مشرق کان وياج ۾ پينشن جون رقمون حاصل ڪن ٿا، جن وٽ پيشيور ساڻين ۾ سوداگرن جو خاصو وڏو تعداد، گهريلو ملازمن جو وڏو تعداد ۽ اهڙيءَ طرح انهن مزدورن جو وڏو تعداد آهي. جيڪي باربرداري جي ڪمن ۾ مصروف آهن ۽ جيڪي پيداواري عمل جي آخري مرحلن ۾ خدمتون انجام ڏيندا آهن. ممڪن آهي، سموريون وڏيون ۽ بنيادي صنعتون غائب ٿي وڃن. ۽ عام واهپي جون شيون ۽ نيم مصنوعات ايشيا ۽ آمريڪا مان محصول جي طور تي اچڻ لڳن".

"اسان کي مغربي رياستن جي هڪ ايجا به زياده وسيع اتحاد جو عظيم طاقتن جي هڪ يورپي وفاق جو، امڪان نظر اچي رهيو آهي، جيڪو عالمي تهذيب جي لاءِ فائديمند ٿيڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ درڪنار، الٽو هن ڳالهه جو تمام گهڻو خطرو آهي ته ڪٿي اها مغربي مفت خوريءَ کي جنم نه ڏئي: ڪٿي اها ترقي يافته صنعتي قومن جي هڪ گروه کي جنم نه ڏئي، جن جي مٿين طبقن کي ايشيا ۽ آمريڪا کان تمام گهڻا محصول ملن ٿا، جن جي مدد سان اهي مصاحبن ۽ ملازمن جي هڪ تمام وڏي انگ جي پرورش ڪن ٿا، جيڪي هاڻي عام زراعتي ۽ صنعتي شين جي پيداوار ۾ مشغول نه ٿا رهن بلڪ نئين زردار اشرافيه جي ماتحت ۽ ماتحتيءَ ۾ نجي خدمتون يا ثانوي اهميت جي صنعتي ڪمن ۾ وقت گذارين ٿا. اهي ماڻهو جيڪي، هن نظرئي کي" (اهو چوڻ بهتر ٿيندو ته ان امڪان) کي "قابل لحاظ نه ٿا سمجهن، انهن

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

کي گهرجي تہ اهي. موجوده ڏکڻ انگلستان جي انهن ضلعن جي معاشي ۽ سماجي حالتن جو مطالعو ڪن. جيڪي ان حالت کي پهچي چڪا آهن. ۽ انهن کي گهرجي تہ. اهي ٿورو ان ڳالهہ تي سوچ ويچار ڪن. تہ جيڪڏهن زردارن يا "سرمايو لڳائڻ وارن" ۽ انهن جي سياسي ۽ ڪاروباري ملازمن جي اهڙي قسم جي هجومن جو چين تي معاشي غلبو ۽ تسلط ٿي ويجي تہ هن نظام ۾ ڪيتري زبرست توسيع ۽ ترقيءَ جو امڪان پيدا ٿي ويندو. اهڙي قسم جي هجومن جو يورپ ۾ خرچ ڪرڻ جي غرض سان. اهڙن وڏن امڪاني سرچشمن مان منافعا وصول ڪندا. جنهن جو مثال دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي. ظاهر آهي تہ موجوده صورتحال. ايتري تہ پيچيده آهي. ۽ عالمي طاقتن جي ڪردار جو اندازو لڳائڻ ايترو ڏکيو آهي. جو مستقبل جي لاءِ صرف ڪنهن واحد سمت جي باري ۾ يقين سان نہ ٿو چئي سگهجي. پر اڄ مغربي يورپ جو سامراج جن اثرن هيٺ آهي. سي ان ئي رُخ تي هلي رهيا آهن ۽ جيڪڏهن انهن جو رخ ڪنهن ٻئي طرف نہ موڙيو ويو يا ان جو ڪو ٿوڙ نہ ڪيو ويو تہ ان جو اهو ئي انجام ٿيندو".([1])

مصنف بلڪل صحيح چيو آهي: جيڪڏهن سامراجي قوتن جو ٿوڙ نہ ٿيو هجي ها تہ اهي نيڪ ان ئي سمت تي وڃي ها. موجوده سامراجي صورتحال ۾ "يورپ جي گڏيل رياستن" جي اهميت جي باري ۾ هتي بلڪل درست راءِ قائم ڪئي وئي آهي. ليڪن مصنف کي ايتري ڳالہ اڃا چوڻ ڪيي ها تہ مزدور تحريڪ ۾ بہ موقع پرست. جيڪي هن وقت زياده تر ملڪن ۾ فتحمند آهن. تمام گهٽي باقائدگي ۽ ثابت قدميءَ سان نيڪ ان رُخ تي "ڪم ڪري رهيا آهن". سامراج. جنهن جو مطلب آهي دنيا جو ورهاڱو جيڪو چين کان علاوه ٻين ملڪن جي استحصال جو نالو بہ آهي. جنهن جو مطلب آهي مٺ جيترن. بيحد دولتمند ملڪن جي لاءِ وڏا وڏا اجاريدارانہ

---

[1] هوبسن. صفحا 103. 205. 144. 335. 386.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

منافعا. اهو پرولتاريہ جي وڏن حلقن کي رشوت ڏيڻ جو معاشي امڪان پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح موقعي پرستي کي جنم ڏئي ٿو ان جي تعمير ڪري ٿو ۽ ان کي مضبوط ڪري ٿو. ليڪن اسان کي انهن قوتن کي نہ وساريڻ گهرجي، جيڪي عام طور تي سامراج جو ۽ خاص طور تي موقع پرستي جو ٽوڙ ڪن ٿيون ۽ جن کي ڏسڻ کان قدرتي طور تي سوشل لبرل هوبسن قاصر آهي.

جرمن موقع پرست گيرهارڊ هيلڊ براند، جنهن کي سامراج جي حمايت ڪرڻ جي ڪري پارٽي مان ڪڍيو ويو هو ۽ جيڪو اڄ جرمني جي نامنهاد "سوشل ڊيموڪريٽڪ" پارٽي جو ليڈر ٿي سگهي ٿو. مغربي يورپ جي گڏيل رياستن" (روس کانسواءِ) جي تشڪيل جي حمايت ڪري ٿو. هوبسن جي ڳڻي تمام سهڻي نموني سان پوري ڪئي آهي، جنهن جو مقصد آفريڪي حبشين، "عظيم الشان اسلامي تحريڪ" ۽ "چين جاپاني اتحاد" جي خلاف ۽ هڪ "سگهاري زميني ۽ بحري فوج" رکڻ جو "گڏيل" عمل ٿيندو.([1])

شولتسي گي ويرنيتس جي ڪتاب ۾ "برطانوي سامراج" جي جيڪا تصوير پيش ڪئي وئي آهي، تنهن مان بہ سامراج جي اهڙي ئي مفت خوريءَ جي خصوصيت جو اظهار ٿئي ٿو. 1865ع کان 1898ع تائين برطانيہ جي قومي آمدني، تقريباً ٻيڻي ٿي وئي ۽ ان ئي زماني ۾ "پرڏيهہ مان" ٿيندڙ آمدني نائوڻ ٿي وئي. جيڪڏهن سامراج جي "خوبي" اها آهي تہ "حبشيءَ کي محنت ۽ مشقت سيکاري ٿو" (ظاهر آهي زور زبردستي کان سواءِ نہ.....) تہ ٻئي طرف سامراج ۾ "خطرو" اهو آهي تہ "يورپ جسماني پورهئي جو بوجهہ- پهرين تہ زراعت ۽ ڪاٽين کوٽڻ جي ڪمن جو ۽ وري

---

[1] Gerhand Hiderband "Die Erschutterung der Industrieherrst haft und des industerie sozialisum" 1910, S-229 et seq (گيرهارڊ هيلڊبراند "صنعت 7 صنعتي سوشلزم جي حڪمراني جو صد موڙ(ايڊيٽر)

صنعت جي زياده ڳرين ڪمن جو بوجھ. غير سفيد رنگ وارن نسلن تي وجھي ڇڏيندو ۽ پاڻ منافع خور ٻڌجڻ تي قانع ٿي ويندو. ۽ اھڙيءَ طرح شايد پھرين ته انھن قومن جي معاشي آزاديءَ جي لاءِ ۽ بعد ۾ سياسيءَ آزادي جي لاءِ بہ زمين تيار ڪري ڏيندو".

برطانيہ ۾ زمين ڏينھنون ڏينھن پوک کان الڳ ڪري راندين جي لاءِ ۽ دولتمند ماڻھن جي سير تفريح جي لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي پئي. اسڪاٽلينڊ جي متعلق. جيڪو دنيا جو سڀ کان زياده رئيساڻي شان جو شڪار ۽ راندين جو ميدان آھي. ھي چيو وڃي ٿو ته "ھو پنھنجي ماضي ۽ آمريڪي ڪروڙپتي مسٽر ڪارينجي جي سھاري زنده آھي". صرف گھوڙن جي ڊوڙ ۽ لوڙين جي شڪار تي ئي برطانيہ ھڪ ڪروڙ چاليھ لک پائونڊ استرلنگ (ھڪ ڪروڙ ٽيھ لک روبل سالياڻو) خرچ ڪري ٿو. انگلستان ۾ منافع خورن جو تعداد لڳ ڀڳ ڏھ لک آھي. ڪل آبادي جو جيترو حصو پيداواري ڪمن ۾ مصروف رھي ٿو تنھن جو تعداد گھٽجندو پيو وڃي:

سال	برطانيہ جي آبادي (لک)	بنيادي صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جو تعداد (لک)	مجموعي آبادي جو سيڪڙو
1851ع	179	41	23 سيڪڙو
1901ع	325	49	15 سيڪڙو

۽ جڏھن برطانوي مزدور طبقي جو ذڪر ڪرٽو ھجي ته "ويھين صديءَ جي شروع ۾ برطانوي سامراج" جو بورجوا محقق ان ڳالھ تي مجبور ٿئي ٿو ته "مزدورن جي "مٿئين حلقي" ۽ اصلي پرولتاريہ ھينئين حلقي" ۾ باقائده امتياز ڪري امداد باھمي جون انجمنون (Co_operatives) ٽريڊ يونينون ۽ راند روند جي ڪلبن ۽ معتدد مذھبي فرقن جي ميمبرن جي اڪثريت ان مٿئين حلقي سان تعلق رکي ٿي. ۽ نظام انتخاب کي بہ. جيڪو برطانيہ ۾ اڃان تائين ڪافي محدود آھي جو ان ۾ اصلي پرولتاريہ جي

هينئين حلقي جي لاءِ ڪا گنجائش ڪانهي" ان ئي مٿئين حلقي جي سطح جي مطابق پلٽيو وڃي ٿو!! برطانوي مزدور طبقي جي حالت جو وٽندڙ ۽ سونهري نقشو چٽڻ جي لاءِ عام طور تي صرف ان ئي مٿئين حلقي جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو جيڪا پرولتاريہ جي اقليت آهي. مثال طور "بيروزگاريءَ جو مسئلو زياده تر لنڊن جو ۽ پرولتاريہ جي ان هينئين حلقي جو مسئلو آهي جنهن کي سياستدان تمام گهٽ اهميت ڏين ٿا....."([1]) هن کي چوڻ هي گهرجي ها: جنهن کي بُورجوا سياستدان ۽ "سوشلسٽ" موقع پرست تمام گهٽ اهميت ڏين ٿا.

سامراج جي هڪ خصوصيت اها ب آهي ۽ ان جو تعلق ان ئي حقيقت سان آهي، جنهن جو اسين ذڪر ڪري رهيا آهيون سامراجي ملڪن مان لڏپلاڻ ڪري ڪٽي ٻئي هنڌ وڃڻ ۾ تہ گهٽتائي ٿي آهي ۽ انهن ملڪن ۾ زياده پسمانده ملڪن مان، جتي مزدوريءَ جي شرح انتهائي گهٽ آهي، وطن تبديل ڪري اچڻ وارن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. جيئن هوبسن ٻڌايو آهي، برطانيہ مان لڏپلاڻ ڪري ڪٽي ٻئي هنڌ وڃڻ ۾ 1884ع کان لڳاتار گهٽتائي ٿي رهي آهي. 1884ع ۾ لڏپلاڻ ڪرڻ وارن جو تعداد 2لک 42 هزار هو ۽ 1900ع ۾ هڪ لک 69 هزار. جرمني مان 1881ع ۽ 1890ع جي درمياني عرصي ۾ سڀ کان زياده لڏپلاڻ ٿي ۽ ان زماني ۾ لڏپلاڻ ڪرڻ وارن جو مجموعي تعداد 14 لک، 53 هزار جيڪو ايندڙ ويهن سالن جي عرصي ۾ گهٽجي 5 لک 44 هزار رهجي وئي. ٻئي طرف آسٽريليا، اٽلي، روس ۽ ٻين ملڪن ۾ وطن تبديل ڪري جرمني اچڻ وارن مزدورن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو. 1907ع جي آدمشماري مطابق جرمني ۾ 1342،294 پرڏيهي هئا، جن مان 440800 صنعتي مزدور هئا ۽ 2،57،329 ڪيت مزدور ([2]).

---

[1] جرمن رياست جو اعداد و شمار جلد – 211 (ايڊيٽر) گورويچ "انتقال وطن ۽ محنت" نيويارڪ، 1913ع

[2] (جرمن رياست جا اعداد و شمار جلد 211_ايڊيٽر)

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

فرانس ۾ ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزدور زياده تر پرڏيهي- پولستاني، اطالوي ۽ اسپيني آهن. ([1]) آمريڪا ۾ مشرقي ۽ ڏکڻ يورپ کان اچي آباد ٿيندڙ مانهو اهڙا ڪم ڪن ٿا جن ۾ سيني کان گهٽ مزدوري ملي ٿي ۽ ٻئي طرف سمنڊ پار رهندڙن ۽ وڌيڪ اجرت ملندڙ مزدورن جي اڪثريت آمريڪي ([2]) آهي. سامراج ۾ مزدورن جي اندر به مخصوص حق رکندڙ حلقن کي جنم ڏيڻ جو ۽ ڪين عام پرولتاري جنتا کان الڳ ٽلڳ ڪري ڇڏڻ جو رجحان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته سامراج جو مزدورن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ جو انهن جي درميان موقع پرستي کي هوا ڏيڻ جو ۽ مزدور تحريڪ ۾ عارضي تنزل پيدا ڪرڻ جو رجحان برطانيه ۾ اوڻويهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي آغاز کان تمام گهڻو اڳي ئي ظاهر ٿيڻ لڳو هو ڇو ته برطانيه ۾ ته اوڻهين صديءَ جي وچ ۾ ئي سامراج جون به وڏيون امتيازي خصيتون نظر اچڻ لڳيون هيون. يعني وڏي پئماني تي نوآباديااتي مقبوضات ۽ عالمي منڊي ۾ ان جو هڪ اجاريدارانه مقام. مزدور تحريڪ ۾ موقع پرستي جي وجود ۽ برطانوي سرمائيداري جي سامراجي خصوصيتن ۾ جيڪو تعلق ۽ رابطو آهي، مارڪس ۽ انگلس کي ويهه سال اڳ وڏي باقائدگيءَ ۽ باضابتگيءَ سان ان جو مطالعو ڪيو ۽ ان تي تحقيق ڪئي. مثال طور 7- آڪٽوبر 1858ع تي اينگلس مارڪس کي لکيو ته "انگريز پرولتاريه عملي طور تي روز بروز بورجوا ٿيندو پيو وڃي ۽ معلوم ائين ٿئي ٿو ته دنيا جي سڀ کان زياده بورجوا قوم ان فڪر ۾ آهي ته آخر ڪار بورجوا طبقي کان علاوه ان جي پهلو به پهلو هڪ بورجوا اشرافيه ۽ هڪ بورجوا پرولتاريه به موجود هجي. ظاهر آهي ته هڪ اهڙيءَ قوم جي لاءِ جيڪا پوري دنيا جو استحصال ڪري ٿي هڪ حد تائين اها شيءِ جائز به آهي". تقريباً صديءَ جي چوٿين حصي

---

[1] Henger, "Die Kapitalsanlage der Franzsem" Stauttgart 1913 (هينگر "فراسيسي سرمايه گذاري (investment) اشتوتگارٽ، 1913 (ايڊيٽر)

[2] Hourwich, "Immigration and Labour, New Jork, 1913 (گورويچ "انتقال وطن ۽ محنت" نيويارڪ، 1913 (ايڊيٽر)

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

کان پوءِ اينگلس پنهنجي 11_آگسٽ 1881ع تي لکيل هڪ خط ۾ "بدترين برطانوي ٽريڊ يونينن" جو ذڪر ڪيو آهي "جيڪي بورجوا طبقن جي هٿان وڪاڻيل يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي نمڪخوار ماڻهن کي پنهنجي اڳواڻي ڪرڻ ڏين ٿا" ڪائوتسڪي جي نالي 12_سيپٽمبر 1881ع تي لکيل خط ۾ اينگلس لکيو "اوهان مون کان پڇو ٿا ته نوآبادياتي پاليسي جي باري ۾ انگريز مزدورن جو ڇا خيال آهي؟ بلڪل اهوئي جيڪو انهن جو عام طور تي سياست جي باري ۾ آهي. هتي ڪا مزدور پارٽي ڪانهي، هتي صرف قدامت پرست (Conserrative) ۽ لبرل ريڊيڪل آهن. ان سان گڏوگڏ انگلستان جي نوآبادين ۽ عالمي منڊي جي اجاريداري مان انگريز مزدور به کل خوشيءَ سان حصو پتي ونڻ ٿا"([1]) ("انگلستان ۾ مزدور طبقي جي حالت" جي ٻئي 1892ع واري ايڊيشن جي پيش لفظ ۾ اينگلس اشاعت جي لاءِ به انهن ئي خيالن جو اظهار ڪيو آهي).

هتي اسباب ۽ نتيجا صاف صاف ڏيکاريا ويا آهن. اسباب ته هي آهن: (1) هن ملڪ جي هٿان پوري دنيا جو استحصال (2) عالمي منڊي ۾ نوآبادياتي اجاريدارانه مقام ۽ حيثيت (3) ان جي نوآبادياتي اجاريداري- ۽ نتيجا هي آهن: (1) برطانوي پرولتاريه جو هڪ حصو بورجوا بنجي ويو آهي (2) برطانوي پرولتاريه جو هڪ حصو بورجوا طبقي جي هٿان وڪاڻيل يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي نمڪ خوار ماڻهن کي پنهنجي اڳواڻي ڪرڻ ڏئي ٿو. ويهين صديءَ جي آغاز جي سامراج مٽ جيترن رياستن جي درميان دنيا جي ورهاڱي کي مڪمل ڪري ڇڏيو. انهن رياستن مان هر هڪ "پوري دنيا" جي هڪ نه هڪ حصي جو استحصال ڪري ٿي (يعني اتان بيحد وڏو منافعو وصول ڪري ٿي) جيڪو ان حصي کان ٽورو ئي گهٽ هجي ته هجي جنهن جو انگلستان 1858ع ۾ استحصال ڪندو هو. ٽرسٽن، ڪارٽيلن، مالياتي سرمائي ۽ قرض ڏيندڙن ۽ قرضدارن جي تعلقات جي طفيل انهن مان هر

---

[1] (مارڪس ۽ اينگلس جي خط وڪتابت، جلد_2، صفحو 390 (ايڊيٽر) und colonial palitiks, Berlin ڪائوتسڪي، "سوشلزم ۽ نوآبادياتي سياست، برلن، 1907، ص. 79، ايڈيٽر، اهو ڪتابڙو ڪائوتسڪي ان پراڻي دور ۾ لکيو هو جڏهن هو مارڪسوادي هو.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

رياست جو عالمي مندبي ۾ هڪ اجاريدارانہ مقام آهي. انهن مان هر هڪ وٽ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين نوآباديات اجاريداري بہ آهي (اسان ڏٺو آهي تہ 7 ڪروڙ 50 لک چورس ڪلو ميٽر مان. جيڪو پوري نوآباديات دنيا جي پکيڙ آهي. 6 ڪروڙ 50 لک چورس ڪلوميٽر. يعني 86 سيڪڙو ڇهن طاقتن جي قبضي ۾ آهي. ۽ ان مان بہ 6 ڪروڙ 10 لک چورس ڪلوميٽر. يعني 81 سيڪڙو ٽن طاقتن جي قبضي ۾ آهي).

موجوده صورتحال جي امتيازي خصوصيت اها آهي تہ هن وقت اهڙيون معاشي ۽ سياسي حالتون موجود آهن. جيڪي موقع پرستي ۽ مزدور تحريڪ جي عام بنيادي مفادن جي درميان تضاد ۾ اضافو ڪرڻ جي بغير نہ ٽا رهي سگهن. يعني سامراج ابتدائي شڪل کان ترقي ڪري غالب نظام بنجي ويو آهي. سرمائيدارانہ اجاريدارين کي معيشت ۽ سياست ۾ اولين مقام حاصل آهي. دنيا جو ورهاڱو مڪمل ٿي چڪو آهي. ۽ ٻئي طرف برطانيہ جي مڪمل اجاريداري بجاءِ اسين هاڻي اهو ڏسون ٿا تہ چند سامراجي طاقتون ان اجاريداري ۾ حصو ورهائڻ جي حق لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. ۽ اها جدوجهد ويهين صديءَ جي ابتدا جي پوري دور جي نمايان خصوصيت آهي. هاڻي موقعي پرستي کي ويهن سالن تائين ڪنهن بہ ملڪ جي مزدور تحريڪ ۾ ائين ڪامران ۽ فتحمند نہ ٿي رهي سگهي. جهڙي طرح اها انگلستان ۾ اوڻويهين صدي جي آخري اڌ ۾ رهي. ليڪن ڪيترن ملڪن ۾ موقع پرستي پختو ٿي سڙي ڳري چڪي آهي ۽ هاڻي اها سوشل شائونزم جي شڪل ۾ بورجوا پاليسي ۾ پوريءَ طرح ضم ٿي وئي آهي.(1)

❊❊

---

[1] روسي سوشل شائونزم بہ. جنهن جي ڪليل ۽ واضح شڪل جا نمائندا حضرات پوتريسون. چينڪيلي. ماسلوف وغيره آهن ۽ ڏکيل ڇپيل شڪل جي نمائندگي حضرات چي ايدزي. اسڪوبيليف. اڪسيلرود ۽ مارتوف وغيره ڪن ٿا. موقع پرستي جي روسي قسم. يعني انسداد پرستي (Liquidationism) (21) مان ئي نڪتي آهي.

سامراج جي تنقيد

جيڪڏهن لفظ سامراج جي تنقيد کي وسيع مفهوم ۾ ورتو وڃي تہ ان مان اسان جي مراد آهي سماج جي مختلف طبقن جو سامراجي پاليسي ڏانهن رويو جنهن جو تعلق ان جي عام نظرين سان هجي ٿو.

بيحد وڏو ۽ وسيع مالياتي سرمايو جيڪو صرف چند هٿن ۾ مرڪوز آهي ۽ جنهن هڪ طرف تعلقات ۽ رابطن جو هڪ بيحد دُور دُور تائين ڦهليل ۽ باريڪ جار اُٽي رکيو آهي، جنهن جي وسيلي اهو صرف ننڍين ۽ وچولي سرمائيدارن کي ئي نہ، بلڪ تمام ننڍين سرمائيدارن ۽ ننڍين مالڪن کي بہ پنهنجي تابع ڪري وٺي ٿو ۽ ٻئي طرف دنيا جي ورهاڱي ۽ بين ملڪن تي تسلط خاطر سرمايو لڳائيندڙن جي، بين قومي رياستن جن جي خلاف ڏينهون ڏينهن شديد ۽ تيز جدوجهد ڪري ٿو. اهي ٻئي شيون ملڪيت دار طبقن کي سوسيڪڙو سامراج طرف ڪري ڇڏين ٿيون. سامراج جي ترقي جي امڪانن جي باري ۾ "عام" جوش و خروش، ان جي بيحد تيز ۽ تکڙي طرفداري ۽ ان کي وڏي حسين ۽ دلفريب رنگن ۾ پيش ڪرڻ، اهي آهن وقت جون نشانيون. سامراجي نظريا مزدور طبقي جي صفن ۾ بہ داخل ٿي وڃن ٿا. مزدور طبقي کي ڪا ديوار چين تہ بين طبقن کان جدا ڪري ڪانہ ٿي. جرمني جي موجوده نام نهاد "سوشل ڊيموڪريٽڪ" پارٽي جي ليڈرن کي بجا طور تي "سوشل سامراجي" چيو وڃي ٿو يعني زبان سان سوشلسٽ ۽ عمل ۾ سامراجي. پر 1902ع ۾ هوبسن انگلستان ۾ "فيبئن سامراجين" جي وجود جو ذڪر ڪري ڇڏيو هو جيڪي موقع پرست فينبئن سامراجين جي وجود جو ذڪر ڪري ڇڏيو هو جيڪي موقع پرست "فيبئن سوسائٽي" (22) سان تعلق رکندا هئا.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

بورجوا عالم ۾ اخبار نويس عام طورتي سامراج جي حمايت روماں ۾رويڙهي ڪن ٿا. اهي ان جي مڪمل غلبي، تسلط ۾ ان جي گهرن جڙن تي پردو وجهي ڇڏين ٿا. ۾ ڪن مخصوص ۾ ثانوي تفصيلات کي پيش پيش رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي "اصلاحات" جي انتهائي مضحڪ خيز اسڪيمن، مثلاً ٽرسٽن ۾ بينڪن تي پوليس جي نگراني وغيره ناهي بنيادي شين کان ڌيان هٽائڻ لاءِ پنهنجي پرپور ڪوشش ڪن ٿا ۾ انهن مان گهٽ تعداد ۾ اهڙا صاف گو ۾ انسانيت بيزار (cynical) سامراجي آڏو اچن ٿا، جن ۾ ايتري همت هجي ٿي ته اهي اعتراف ڪري ونن ته سامراج جي بنيادي خصوصيتن ۾ اصلاحات ڪرڻ جو خيال سراسر حماقت آهي.

اسين هڪڙو مثال پيش ڪريون ٿا. جرمن سامراجي "عالمي سامراج جو محافظ خانو" نالي رسالي ۾ اها ڪوشش ڪن ٿا ته نوآبادين جي ۾ خصوصاً انهن آبادين جي قومي آزادي جي تحريڪن جو مطالعو ڪن، جن تي جرمني جو قبضو ڪونهي. اهي هندوستان جي بيچيني، شورش ۾ احتجاج، نٽال (ڏکڻ آفريڪا) جي تحريڪ، ڊچ انڊيز وغيره جي تحريڪن کي غور سان ڏسن ٿا. 28-جون کان 30- جون 1910ع تائين ايشيا، آفريڪا ۾ يورپ جي انهن مختلف محڪوم قومن ۾ نسلن جي نمائندن جي هڪ ڪانفرنس ٿي، جن تي پرڏيهي راج آهي. ان ڪانفرنس جي هڪ انگريزي رپورٽ تي راءِ ڏيندي انهن جرمنن مان هڪ، ڪانفرنس ۾ ڪيل تقريرن ۾ هيئين راءِ ڏني: "اسان کي چيو وڃي ٿو ته اسان کي سامراج سان وڙهڻ گهرجي. اسان کي چيو وڃي ٿو ته حڪمران رياستن کي محڪوم قومن جي حق خود اختياري تسليم ڪرڻ گهرجي ۾ اهو چيو وڃي ٿو ته عظيم طاقتن ۾ ڪمزور قومن جي درميان ٽينڊرٽ معاهدن جي پابندي ۾ تعميل جي ديک ڀالَ هڪ بين الاقوامي عدالت کي ڪرڻ گهرجي. هيءَ ڪانفرنس انهن نيڪ خواهشن جي اظهار کان اڳتي ڪانه ٿي وڌي. اسان کي هتي ان حقيقت جي شناسائيءَ جي جهلڪ به نظر نه ٿي اچي ته سامراج سرمائيداري

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جي موجوده شڪل سان اڻ ٽٽ ٻندڻ ۾ ٻڌو پيو آهي ۽ ان ئي سبب جي ڪري (!!). سامراج جي خلاف ڪليل جنگ جي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوندو. سواءِ ان صورت جي ته هيءَ جدوجهد سامراج جي ڪن خاص طور تي قابل نفرت زيادتين جي خلاف احتجاج تائين محدود رهي".([1]) جيئن ته سامراج جي بنياد ۾ اصلاح ٿيڻ رڳو هڪ فريب آهي، هڪ نيڪ خواهش آهي ۽ چو ته مظلوم ۽ محڪوم قومن جا بورجوا نمائيندا "ايجا وڌيڪ" اڳتي نه وڌن ها، لهاذا ظالم ۽ زبردست قوم جو بورجوا نمائندو "ايجا وڌيڪ پوئتي" هليو وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ هو "سائنسي" هجڻ جي بهاني سامراج جي غلامانه خوشامد جي راه تي هلي پوي ٿو. واه ڇا ته "منطق" آهي!

اهو سوال ته سامراج جي بنياد ۾ اصلاح ممڪن آهي يا نه، ۽ اهو ته اڳتي وڌي سامراج جي پيدا ڪيل تضادن ۽ مخالفتن کي زياده شديد ۽ عميق بنائڻ جي راهه تي هلڻ گهرجي يا پوئتي هٽي، انهن تضادن ۽ مخالفتن کي جهڪو ڪرڻ جي راهه تي- اهي سامراج جي تنقيد ۾ بنيادي سوال آهن. جيئن ته سامراج جون مخصوص سياسي خصوصيتون پنهنجي سڃي لائين جي لحاظ کان رجعت پرستي آهي ۽ مالياتي اوليگارشي جي ظلم ۽ جبر ۾ شدت آهي، تنهنڪري 20 هين صديءَ جي شروع ۾ تقريباً سمورن سامراجي ملڪن ۾ سامراج جي هڪ پيٽي بورجوا جهوري مخالفت ايري ڪائوتسڪي ۽ ڪائوتسڪي ازم وسيع بين الاقوامي رجحان جي مارڪسواد سان غداريءَ جو سبب ٿيڪ اهائي حقيقت هئي ته ڪائوتسڪيءَ نه صرف پيٽي بورجوا سڌاروادي مخالفت جي مخالفت ڪرڻ جي تڪليف گوارا نه ڪئي جيڪا معاشي لحاظ کان پنهنجي بنياد ۾ رجعت پسندي آهي. نه صرف اهو ته هو ان مخالفت جو مقابلو نه ڪري سگهيو بلڪ عمل ۾ اهو ان سان بلڪل رلي ملي ويو.

---

[1] Wltirtschaftliches Archives" Bd.II, P_193 (عالمي معيشت جو محافظ خانو" جلد 2 (ايڊيٽر).

1898ع ۾ اسپين جي خلاف جيڪا سامراجي جنگ ٿي، ان آمريڪا ۾ "سامراج دشمنن" جي، بورجوا جمهوريت جي آخري نالي وٺڻ وارن جي مخالفت کي ايواري ڇڏيو هو جن ان کي "مجرمانہ" جنگ جو نالو ڏنو هو پرڏيهي علائقن جي جبري الحاق کي آئين جي خلاف ورزي سمجهندا هئا هنن اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ فلپائن جي ڏيهي باشندن جي ليڈر اگينالڈو سان جيڪو ورتاءُ ڪيو ويو آهي (آمريڪين ان جي ملڪ کي خود مختياري ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ليڪن بعد ۾ انهن اتي پنهنجون فوجون لاٿيون ۽ ملڪ جو جبري الحاق ڪري ڇڏيو) اهو هڪ "شائونسٽ فريب" آهي، ۽ اهي ماڻهو لنڪن جا الفاظ دهرائيندا هئا "جڏهن سفيد نسل جو ماڻهو خود پنهنجي مٿان حڪومت ڪري ٿو تہ اها حڪومت خود اختياري آهي، پر جڏهن اهو پنهنجي مٿان حڪومت ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين تي بہ حڪومت ڪري ٿو تہ پوءِ ان کي حڪومت خود اختياري نہ ٿو چئي سگهجي، اها شيءِ استبداديت ٿي وڃي ٿي"[1] پر جيستائين اها سڄي تنقيد سامراج ۽ ٽرسٽن جي درميان ۽ نتيجي طور سامراج ۽ سرمائيداريءَ جي بنيادن جي درميان اڻ ٽٽ ٻندڻن جي وجود کي ميڙ کان ڌڃندي رهي ۽ جيستائين اها وڏي پئماني جي سرمائيداري ۽ ان جي ارتقا جي پيدا ڪيل قوتن سان ٻڌي کان گهٻرائيندي رهي ان وقت تائين اها رڳو هڪ "نيڪ خواهش" رهي.

هوبسن بہ سامراج جي تنقيد ۾ اهوئي بنيادي رويو اختيار ڪيو آهي. هوبسن "سامراج جي اٽٽر هجڻ" جي دليل جي خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ ماڻهن کي خرچ ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻ جي (سرمائيندار تحت!) ضرورت تي اصرار ڪرڻ ۾ ڪائوتسڪي کان بہ گوءِ ڪٽي ويو. سامراج جي ۽ بينڪن ۽ مالياتي اوليگارشي جي بي انداز طاقت وغيره جي تنقيد ۾ انهن

---

[1] (پاتوئي "آمريڪي سامراج" ديزون (ايڊيٽر).

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

مصنفن جن جا قول اسان اڪثر نقل ڪيا آهن، پيٽي بورجوا نقط نظر اختيار ڪيو آهي. مثال طور آگاد، لانسبرگ، ايشويگي ۽ فرانسيسي مصنفن ۾ وڪٽر بيرار، جيڪو 1900ع ۾ شايع ٿيندڙ هڪ سطحي ڪتاب "انگلستان ۽ سامراج" جو مصنف آهي. اهي سمورا مصنف جن کي مارڪساوادي هجڻ جي ڪا دعوا ڪانهي، سامراج جي پيٺ آزاد مقابلي ۽ جمهوريت سان ڪن ٿا، بغداد ريلوي اسڪيم جي مذمت اهو چئي ڪن ٿا ته اها مخالفتن ۽ جنگ کي جنم ڏيندي ۽ امن وغيره جي متعلق "نيڪ خواهشن" جو اظهار ڪن ٿا. اهائي ڳالهه نيئمارڪ تي ٻه لاڳو ٿئي ٿي جيڪو بين الاقوامي ڪاغذات زر جي اعداد شمار جو ماهر آهي. ان "بين الاقوامي" ڪاغذات زر جي سلسلي ۾ 1912ع ۾ اربين فرانڪ جو تخمينو لڳايو ۽ ان ڪانپوءِ هلي پيو "ڇا اهو يقين ڪرڻ ممڪن آهي ته امن ۾ ڪو خلل پئجي سگهي ٿو؟..... جو ان بي انداز وڏي اعداد جي هوندي ڪير جنگ ڇيڙڻ جي همت ڪري سگهي ٿو؟"؟([1]).

معاشيات جي بورجوا ماهرن جي اها سادگي ڪا تعجب خيز ڪانهي ۽ ان کان وڌي ڪري اهو ته پنهنجو پاڻ کي ايتري قدر هولو پالو ظاهر ڪرڻ ۽ سامراج جي تحت امن جي باري ۾ "سنجيدگي سان" ڳالهه ڪرڻ انهن ماڻهن جي پنهنجي ئي فائدي جي شئي آهي. پر ڪائوتسڪي جو مارڪسزم ڪٽي غائب ٿي وڃي ٿو جڏهن 1914ع 1915ع ۽ 1916ع ۾ هو ٻه اهو ئي بورجوا سڌاروادي نقط نظر اختيار ڪري ٿو ۽ اهو يقين ڏياري ٿو ته امن جي سوال جي "سپ ماڻهو" (سامراجي، نالي جا سوشلسٽ ۽ سوشل امن پرست) "متفق آهن؟ هتي اسان کي سامراج جي تجزئي ۽ ان جي تضادن جي گهرائين جي پرده داري ڪرڻ بدران صرف انهن تضادن کي

---

[1] Bultetin de l' institute internet ianal de statstique" T. XIX, Liur. II P_225.

نظرانداز ڪرڻ ۾ انهن کان پاسو ڪرڻ جي سڌاروادي "نيڪ خواهش" کان سواءِ ٻيو ڪجهه هٿ نه ٿو اچي.

ڪائوتسڪيءَ سامراج جي جيڪا معاشي تنقيد ڪئي آهي تنهن جو هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو. هو 1872ع ۽ 1912ع ۾ برطانيہ ۽ مصر جي درميان درآمد ۾ برآمد جا اعداد شمار وٺي ٿو. معلوم اهو ٿو ٿئي ته برطانيہ جي مجموعي پرڏيهي واپار جي مقابلي ۾ اها درآمد ۾ برآمد زياده سست رفتاري سان وڌي آهي. ان ڳالهه مان ڪائوتسڪي اهو نتيجو ڪيڊي ٿو ته "اسان وٽ اهو فرض ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي ته مصر جي فوجي قبضي جي بغير، رڳو سادي معاشي عوامل جي اثر هيٺ، ان سان گڏ برطانيہ جي واپار ۾ گهٽ اضافو ٿئي ها"، "سرمائي جي توسيع جي ڪوشش ۽ خواهش... ڪي سامراج جي پرتشدد طريقن سان نه بلڪ پرامن جمهوريت جي ذريعي سڀني کان زياده تقويت پهچائي سگهجي ٿي"([1]).

ڪائوتسڪي جو اهو دليل، جنهن کي ان جا روسي علمبردار (۽ سوشل شاونسٽن جا روسي حمايتي) مسٽر اسپڪٽيٽر سوين مختلف سُرن ۾ ورجايو آهي، سامراج جي ڪائوتسڪي مارڪ تنقيد جو بنياد آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان کي ان جو زياده تفصيلي مطالعو ڪرڻ گهرجي. اسان هيلفرڊنگ جي ڪتاب جي هڪ اقتباس سان شروع ڪنداسين، جو ته ان جي نتيجن جي متعلق ڪائوتسڪيءَ اڪثر و بيشتر ۽ خاص طور تي اپريل 1915ع ۾ اهو اعلان ڪيو آهي ته سوشلسٽ نظرئي جي سڀني ماهرن ان کي منظور ڪري ورتو آهي".

هيلفرڊنگ لکي ٿو ته "پرولتاريہ جو ڪم اهو ڪونهي ته اها وڌيڪ ترقي پسند سرمائيدارانہ پاليسي جي پيٺ آزاد واپار ۽ رياست سان بغض ۽ دشمني واري پراڻي دور جي پاليسي سان ڪري. مالياتي سرمائي جي معاشي

---

[1] (ڪائوتسڪي، "قومي رياست، سامراجي رياست ۽ رياستن جي يونين" نيورنبرگ، 1915ع، ص 70,72) (ايڈيٽر)

پاليسي. يعني سامراج جو جواب پرولتاريہ طرفان آزاد واپار ڪونهي. بلڪ سوشلزم آهي. هاڻي آزاد مقابلي جي بحالي جي آدرش جي بجاءِ- جيڪو هڪ رجعت پسندآدرش بنجي چڪو آهي. سرمائيداريءَ جي خاتمي جي ذريعي مقابلي جو يڪسر خاتمو ئي پرولتاري پاليسيءَ جي منزل مقصود ٿي سگهي ٿو".([1])

ڪائوتسڪي. مالياتي سرمائي جي دور ۾ هڪ "رجعت پسند آدرش". "پرامن جمهوريت" ۽ "معاشي عوامل جا معمولي وزن" وغيره جي علمبرداري ڪري مارڪسزم سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو. ڇو ته خارجي لحاظ کان اهو آدرش اسان کي پنڌتي. اجاريدارانہ سرمائيداري کان غير اجاريدارانہ سرمائيداري ڏانهن ڇڪي آڻي ٿو ۽ اهو هڪ سڌاروادي فريب کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ ڪونهي.

مصر سان (۽ ڪنهن بہ ٻي نوآبادي يا نيم نوآبادي سان) واپار ۾ فوجي قبضي جي بغير. سامراج ۽ مالياتي سرمائي جي بغير زياده "اضافو ٿئي ها"- ان جو مطلب ڇاهي؟ ڇا ان جو مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن عام طور تي اجاريدارين يا مالياتي سرمائي جي جُوا يا "بندش" (۽ ان جو مطلب بہ اجارداري ئي ٿي) يا بعض ملڪن جي نوآبادين تي اجاريدارانہ قبضي آزاد مقابلي کي محدود نہ ڪري ڇڏيو هجي ها تہ سرمائيداريءَ جي نشونما وڌيڪ تيزي سان ٿي هجي ها؟

ڪائوتسڪي جي دليل جي ٻي ڪا معنا ٿي ئي نہ ٿي سگهي. ۽ اها "معنيٰ" بي معنيٰ بڪواس آهي. اچو تہ اسين فرض ڪري ونون تہ ڪهڙي قسم جي اجاريداري جي بغير آزاد مقابلو سرمائيداري ۽ واپار جي نشو نما کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي ها. ليڪن جيتري تيزيءَ سان سرمائيداري ۽ واپار کي ترقي ٿئي ٿي. پيدوار ۽ سرمائي جو ارتڪاز اوتروئي تيزي سان

---

[1] مالياتي سرمايو صفحو 567.

وڏندو وڃي ٿو ۽ اها شئي اجاريداري کي جنم ڏئي ٿي. اجاريداريون ته عالم وجود ۾ اچي به چڪيون آهن ۽ نيڪ آزاد مقابلي جي پيٽ مان ! جيڪڏهن هاڻي اجاريدارين ترقيءَ جون راهون بند ڪري به ڇڏيون آهن ته اها ڳالهه آزاد مقابلي جي حمايت ۾ ڪو دليل ڪونهي، جيڪو هاڻي اجاريدارين کي وجود ۾ آڻڻ کانپوءِ خود ناممڪن ٿي ويو آهي.

ڪائوتسڪي جي دليل کي ساڃي ڪاهي هيئان مٿان ڪنهن به پاسي ڪان ڏسو ان ۾ رجعت پسنديءِ ۽ بورجوا سڌاروادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ملندو.

جيڪڏهن اسين ان دليل کي درست ڪري اسپڪٽيٽر وانگر اهو چئون ته برطانوي نوآبادين جو واپار ٻين ملڪن سان جيترو تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي، ان جي پيٽ ۾ انهن جو واپار انگلستان سان سست رفتاريءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي، تڏهن به "ڪائوتسڪي جي لاءِ فرار جي ڪا راهه ڪانهي، چو ته برطانيه کي جيڪا شيءِ شڪست ڏيئي رهي آهي اها به ته اجاريداري ئي آهي. اها به ته اجاريداري ئي آهي. بس ايتري ڳالهه آهي ته اهي ٻئي ملڪ (آمريڪا، جرمني)، جي اجاريداري ۽ سامراج آهي. سڀ ڄاڻن ٿا ته ڪارٽيلن حفاظتي محصولن جي هڪ نيئن ۽ مخصوص شڪل کي جنم ڏنو آهي، يعني ان جي ذريعي انهن شين جي حفاظت ڪئي وڃي ٿي جيڪي برآمد جي لاءِ موزون آهن (اينگلس "سرمايو" جي جلد-3 ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي). اها به سيني کي خبر آهي ته ڪارٽيل ۽ مالياتي سرمائي جو هڪ مخصوص نظام آهي يعني "اڳهه گهٽائي شين جي برآمد ڪرڻ" يا جيئن انگريز چون ٿا Exporting goods at cut-rate-price "لاڳت کان گهٽ قيمت تي شين کي برآمد ڪرڻ" (dumping). پنهنجي ملڪ ۾ ته ڪارٽيل وڏين وڏين اجارادارانه قيمتن تي شيون وڪرو ڪري ٿو. ليڪن پر ڏيهه ۾ ان کان نهايت گهٽ اڳهه تي کپائي ٿو ته جيئن پنهنجي حريفن جي جڙ ڪپي ۽ پنهنجي پيداوار کي

وڏ کان وڏ توسيع ڏئي وغيره وغيره. جيڪڏهن برطانوي نوآبادياين سان جرمني جو واپار ان کان وڌيڪ تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي، جيتري تيزي سان خود برطانيہ جو واپار انهن سان وڌي رهيو آهي تہ ان مان فقط اهوئي ثابت ٿو ٿئي تہ جرمن سامراج برطانوي سامراج کان وڌيڪ نوعمر، وڌيڪ مضبوط ۽ ان کان بهتر طور تي منظم آهي. ان کان بهتر ۽ برتر آهي. ليڪن ان مان آزاد مقابلي جي "فوقيت" ڪنهن بہ طرح ثابت نہ ٿي ٿئي. ڇو تہ اها لڙائي ڪا آزاد مقابلي ۽ حفاظتي محصولن ۽ نوآبادياتي محڪومي جي درميان ٿوروئي آهي. اها تہ بن حريف سامراجن جي، بن اجاريدارين جي، مالياتي سرمائي جي بن گروهن جي درميان لڙائي آهي. جرمن سامراج جي برطانوي سامراج تي فوقيت نوآبادياتي سرحدن يا حفاظتي محصولن جي ديوار کان زياده مضبوط شيءِ آهي- ۽ ان کي آزاد واپار ۽ "پر امن جمهوريت" جي حمايت ۾ "دليل" جي طور تي استعمال ڪرڻ وڏي جٹڪي ڳالهہ آهي. اها سامراج جي بنيادي خصوصيتن کي وساري ويهڻ جي برابر آهي. اها مارڪسزم جي جاءِ، پيٹي بورجوا سڌارواد کي ڏيئي چڏڻ جي برابر آهي.

اها دلچسپ ڳالهہ آهي تہ بورجوا ماهر معاشيات لانسبرگ، تائين، باوجود ان جي تہ ان جي سامراج جي تنقيد، ڪائوٹسڪي جي تنقيد جيتري ئي پيٹي بورجوا تنقيد آهي، واپار جي اعداد وَ شمار جي سائنسي مطالعي سان نسبتاً وڌيڪ قريب اچي ويو آهي. ان فقط خيالي طريقي سان ڪنهن ملڪ کي چونڊي هن جي پيٹ يا صرف هڪ نوآبادي‌ءَ جي پيٹ باقي سموري ملڪن سان نہ ڪيو. هن هڪ سامراجي ملڪ جي ان سموري برآمد جي سلسلي جي واپار جو مطالعو ڪيو جيڪو هي خاص سامراجي ملڪ) انهن ملڪن سان ڪري ٿو جيڪي مالي لحاظ کان سنڊس محتاج آهن ۽ ان کان رقم قرض طور ونڻ ٿا ۽ وري2) انهن ملڪن سان پيٹ ڪري ٿو جيڪي مالي لحاظ کان محتاج ڪونهن. ان مطالعي جو نتيجو هيٺين‌ءَ ريت آهي.

جرمني جي برآمد (لک مارڪ)

		1889ع	1908ع	سيڪڙو اضافو
انهن ملڪن ۾ جيڪي مالي لحاظ کان جرمني جا محتاج آهن:	رومانيہ	482	708	47 سيڪڙو
	پرتگال	190	328	= 73
	ارجنٽائن	607	1470	= 143
	برازيل	487	845	= 73
	چلي	283	524	= 85
	ترڪي	209	640	= 114
	ڪل جوڙ	2348	4515	= 92

		1889ع	1908ع	سيڪڙواضافو
انهن ملڪن ۾ جيڪي مالي لحاظ کان جرمني جا محتاج ناهن	برطانيہ عظميٰ	6518	9974	53 سيڪڙو
	فرانس	2102	4379	= 108
	بيلجم	1372	3228	= 135
	سئٹزرلينڈ	1774	4011	= 127
	آسٽريليا	212	645	= 205
	ڊچ ايسٽ انڊيز	88	407	= 363
	ڪل جوڙ	12066	22644	= 87

لاسبرگ ان مان نتيجا ڪونہ ڪڍيا تنهنڪري هي اهو نہ ڏسي سگهيو (ءِ اها خاص تعجب خيز ڳالهہ آهي) تہ جيڪڏهن اهي اعداد ڪا ڳالهہ ثابت ڪن ٿا تہ اها تہ هو غلطي تي آهي، جو تہ مالي اعتبار کان، آزاد ملڪن جي مقابلي ۾، مالي لحاظ کان جرمني جي محتاج ملڪن کي جرمنيءَ جي برآمد وڌيڪ تيزي سان وڌي آهي، ڪٽي ٽورو وڌيڪ تيزي سان ئي سهي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

(اسان لفظ "جيڪڏهن" تي زور ڏنو آهي ڇو ته لانسبرگ جا اعداد قطعي مڪمل ڪونهن)

برآمد ۾ قرضن جي تعلق جي چنڊچاڻ ڪندي لانسبرگ لکي ٿو: "1891_1890ع ۾ انهن جرمن بينڪن جي ذريعي رومانيہ جي لاءِ قرض جاري ڪيو ويو جيڪي گذريل سالن ۾ ئي ان قرض تي پيشگي رقم ڏيئي چڪا هئا. اهو قرض گهٽي ياڳي جرمنيءَ ۾ ريلن جو سامان خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪيو ويو. 1891ع ۾ رومانيہ جي لاءِ جرمنيءَ جي برآمد پنج ڪروڙ پنجاه لک مارڪ جي برابر هئي. اڳئين سال اها گهٽجي 3 ڪروڙ 94 لک مارڪ جي برابر ٿي وئي، ۽ هير ڦير ڪانپوءِ 1900ع تائين گهٽجي 2 ڪروڙ 54 لک مارڪ جي برابر رهجي وئي. صرف چند سال اڳي ہن نون قرضن جي بدولت اها برآمد 1891ع جي سطح تي پهچي سگهي آهي.

"1889_1888ع جي قرضن کان پوءِ پرتگال جي لاءِ جرمن برآمد وڌي 2 ڪروڙ 11 لک مارڪ (1890ع) ٿي وئي. وري اڳين ہن سالن ۾ اها گهٽجي هڪ ڪروڙ 62 لک ۽ 74 لک مارڪ رهجي وئي ۽ صرف 1903ع ۾ پنهنجي پراڻي سطح تائين پهچي سگهي.

"ارجنٽائن سان گڏ جرمني جي واپار جا اعداد شمار ايڏا بہ وڏيڪ نمايان آهن. 1888ع ۽ 1890ع ۾ جاري ڪيل قرضن کان پوءِ 1889ع ۾ ارجنٽائن جي لاءِ جرمني جي برآمد 6 ڪروڙ ست لک مارڪ ٿي وئي، ہن سالن کانپوءِ اها صرف هڪ ڪروڙ 86 لک مارڪ رهجي وئي. يعني اڳي کان $1/3$ حصي کان گهٽ ۽ ڪٽي 1901ع تائين وڃي اها 1889ع جي سطح کان اڳتي نڪري سگهي. ۽ 1901ع تائين وڃي اها 1889ع جي سطح کان اڳتي نڪري سگهي ۽ هن وقت بہ فقط انهن نون، قرضن جي بدولت جيڪي رياست ۾ ميونسپالٽين جاري ڪيا هئا، جن مان بجلي گهرن جي تعمير جي لاءِ پيشگي رقم بہ ڏني وئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح قرض ڏيڻ جون ٻيون صورتون بہ اختيار ڪيون ويون هيون.

"1889ع جي قرض جي بدولت چلي جي لاءِ جرمني جي برآمد (1892ع ۾) 4 ڪروڙ 52 لک مارڪ تائين پهچي وئي ۽ هڪ سال ڪانپوءِ گهٽجي 2 ڪروڙ 25 لک مارڪ تائين رهجي 1906ع ۾ جرمن بينڪن چلي جي لاءِ هڪ نئون قرض جاري ڪيو جنهن ڪانپوءِ 1907ع ۾ برآمد وڌي اٺ ڪروڙ ستيتاليهه لک مارڪ تائين پهچي وئي. پر 1908ع ۾ وري گهٽجي 5 ڪروڙ 24 لک مارڪ رهجي وئي"([1])

لانسبرگ انهن واقعن مان هي دلچسپ پيٽي بورجوا اخلاقي نتيجو ڪڍي ٿو تہ جڏهن برآمد جو تعلق قرضن سان هجي تہ اها ڪيتري قدر بي قائده ۽ ناپائيدار ٿي وڃي ٿي. "فطري طور تي" ۽ "اتفاق ۽ هم آهنگي" سان پنهنجي ديس جي صنعتن کي فروغ ڏيڻ جي بجاءِ پرڏيهه ۾ سرمايو لڳائڻ ڪيتري قدر نہ بُري ڳالهه آهي، ڪروپ کي پرڏيهي قرض جاري ڪرڻ ۾ جيڪي لکين ڪروڙين مارڪ بخشش جا ڏيڻا هوندا آهن، اهي ڪيتري قدر "مهانگا" پون ٿا، وغيره وغيره. ليڪن حقيقتون بلڪل صاف طور تي ٻڌائن ٿيون تہ: برآمد ۾ اضافي جو تعلق نيڪ مالياتي سرمائي جي پرفريب چالُن سان آهي، جنهن کي بورجوا اخلاقيات جي ڪا ڳٺتي ڪانهي، هن کي تہ بس اها ئي ڳٺتي آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ٻئي هٿ هٽي. هو پهرين تہ قرض مان ٽيندڙ منافعي کي ڦٻائي وٺي ٿو ۽ وري ان ئي قرض مان حاصل ٽيندڙ ٻين منافعن کي هڙپ ڪري ٿو. جنهن کي قرض ونڻ وارو ڪروپ کان شيون خريدڻ يا فولاد جي سينڊيڪيٽ کان ريلن جو سامان خريد ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو.

اسين هڪ پيرو وري ورجايون ٿا تہ لانسبرگ جي اعداد شمار کي اسين هرگز مڪمل نہ ٿا سمجهون، پر اسان کي ان ڪري انهن کي نقل ڪرڻو پيو جو اهي ڪائوتسڪي ۽ اسپيڪٽيٽر جي اعداد شمار کان وڌيڪ سائنسي

---

[1] Die Bank" 1909, 2, S_819 etseq."

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

آهن ۾ لانسبرگ ان سوال جو مطالعو ڪرڻ جو صحيح دڳ ڏيکاري ٿو. برآمد وغيره جي سلسلي ۾ مالياتي سرمائي جي اهميت تي بحث ڪندي، اهو ضروري آهي ته اسان برآمد جي لاڳاپي کي خاص طور تي ۾ صرف سرمايو لڳائڻ وارن جي چالن سان گڏ ۾ خاص طور تي ۾ صرف ڪارٽيلن جون شيون وڪرو ڪرڻ سان گڏ الڳ سان ڏسڻ ۾ سمجهڻ جي صلاحيت رکندا هجن. رڳو نوآبادين جو غير نيم نوآبادين کان هڪ سامراج جو ٻيو سامراج سان، هڪ نيم نوآبادي يا نوآبادي (مصر) جو باقي سمورن ملڪن سان پيٽ ڪرڻ ته ان سوال جي اصل جوهر کي ڏانڊلائڻ ۾ ان طرفان گوٽ ناڻ ڪرڻ جي برابر آهي.

سامراج جي جيڪا نظرياتي تنقيد ڪائوتسڪيءَ ڪئي آهي، ان ۾ ۾ مارڪسزم ۾ ڪابه هڪ جهڙائي ڪانهي ۾ اها موقع پرستن ۾ سوشل شاونسٽن سان صلح، دوستي ۾ اتحاد جي پروپئگنڊا جي لاءِ رڳو تمهيد جو ڪم ڪري ٿي. جيئن ته اها سامراج جي ڪيترن ئي عميق ۾ بنيادي تضادن کي ڏنڊلو ڪري ٿي ۾ انهن کان نٽائي ٿي، مثلاً اجاريداري ۾ آزاد مقابلي جي درميان تضاد، جيڪو اول الذڪر سان گڏ گڏ موجود رهي ٿو مالياتي سرمائي جي بي حد وڏن وڏن "ڪاروبارن" (Operation) ۾ (بي حد وڏن وڏن منافعن) جا ۾ ڪليل مندي ۾ ٽيندڙ "ايماندارانه" واپار جي درميان تضاد ڪارٽيلن ۾ ٽرسٽن جا ۾ ان صنعت جي درميان تضاد جيڪو ڪارٽيلن کان الڳ آهي وغيره وغيره.

"مها سامراج" جو بلند بانگ نظريو جيڪو ڪائوتسڪي جي ايجاد آهي، اوتري قدر ئي رجعت پسند آهي. ان موضوع تي ڪائوتسڪي جي انهن دليلن جو جيڪي هن 1915ع ۾ پيش ڪيا هئا، هوبسن جي 1902ع جي دليلن سان پيٽ ڪيو.

ڪائوتسڪي لکي ٿو: "..... چا موجوده سامراجي پاليسيءَ جي جاءِ هڪ نئين مها سامراجي پاليسي نه ٿي وٺي سگهي جيڪا قومي مالياتي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

سرماين جي باهمي رقابتن جي بجاءِ بين الاقوامي طور تي متحد مالياتي سرمائي جي طرفان دنيا جي گڏيل استحصال کي رواج ڏيندي؟ سرمائيداريءَ جي ان نئين صورت جو گهٽ ۾ گهٽ تصور ته ڪري سگهجي ٿو. پر ڇا اهو قابل حصول به ٿي سگهي ٿو؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ جي لاءِ هينئر اسان وٽ ڪو خاص بنياد ڪونهي".(1)

هوبسن لکي ٿو "عيسائيت کي، جيڪا چند عظيم وفاقي سلطنتن ۾ قائم آهي، جن مان هر هڪ وٽ غير مهذب نوآبادين ۾ محڪوم ملڪن جي هڪ قطار موجود آهي، ڪيترائي ماڻهو موجوده رجحانن کي بجا، جائز ۽ اهڙي ارتقا سمجهن ٿا، جيڪا شيءِ هڪ مستحڪم بين سامراجي بنياد تي قائم مستقل امن جي سپ کان وڌيڪ اميد ڏياري سگهي ٿو"

ڪائوتسڪيءَ ان شيءِ کي مها سامراج (الٽراامپيريلزم) يا مهان سامراج (Super imperialism) جو نالو ڏنو جنهن کي تيرنهن سال اڳي هوبسن انترسامراج يا بين سامراج چيو هو. هڪ نئون ۽ هلندڙ لفظ ايجاد ڪرڻ، هڪ لاطيني لفظ جي جاءِ تي نئون لاطيني لفظ استعمال ڪرڻ کان علاوه ڪائوتسڪيءَ "سائنسي" فڪر جي ميدان ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي اها هيءَ آهي ته ان ان ئي شيءِ کي مارڪسزم جي نالي تي پيش ڪري ڇڏيو جنهن کي هوبسن اصل ۾ انگريز پادرين جي رياڪاري جي حيثيت سان ڏيکاريو آهي. انگريزن ۽ بوئرن جي جنگ کان پوءِ ان بي انتها معزز ۽ محترم پادري شاهيءَ جي لاءِ هيءَ بلڪل قدرتي ڳالهه هئي ته اها انگلستان جي وچولي طبقي ۽ مزدورن جاڳوڙها اکيون جي سرتوڙ ڪوشش ڪري جن جا ڪيترائي عزيز اُقارب ڏکڻ آفريڪا جي ميدان جنگ ۾ ماريا ويا هئا ۽ جن کي ان ڪري ايجا به ڳراتيڪس ادا ڪرڻا پيا هئا ته جيئن برطانوي سرمايو لڳائڻ وارا ايجا به وڌيڪ وڏا منافعا حاصل ڪري سگهن. ڳوڙها اکيون

---

[1] Nene Zeit" April, 30, 1915, S1144."

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جي لاءِ ان نظرئي کان بهتر شيءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته سامراج ايترو خراب ڪونهي ۽ اهو ته سامراج انتر (يا مها(سامراج جي ويجهو ئي ويجهو آهي، جيڪو مستقل امن جي ضمانت ڏيئي سگهي ٿو؟ انگريز پادرين يا شيرين زبان ڪائوتسڪي جا نيڪ ارادا ڪٽي ڪهڙا به هجن بهرحال جيڪڏهن ڪائوتسڪي جي "نظرئي" جي ڪا خارجي يعني حقيقي سماجي معنويت ٿي سگهي ٿي ته فقط اها ته اها مستقبل جي تخيلي "مها سامراج" جا سبز باغ ڏيکاري ڏيکاري جنتا جو ڏيان موجوده زماني جي تُند ۽ تيز مسئلن ۽ شديد اختلافن کان هٽائي ڇڏي ۽ اهڙيءَ طرح ان جي دل ۾ سرمائيداريءَ جي تحت، هڪ مستقل امن جي کوڙي امڪان جي آس جاڳائي انتهائي رجعت پسند طريقن سان ان جي تسلي ۽ تسڪين ڪندو رهي. جنتا جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ. بس اها آهي ڏيئي ونڊي ڪائوتسڪيءَ جي "مارڪسواديءَ" نظرئي جي حقيقت.

حقيقت ته اها آهي ته جاڻي ٻجهي ۽ مڇيل حقيقتن سان مقابلو ڪرڻ ئي ان ڳالهه جو قائل ٿيڻ جي لاءِ ڪافي آهي ته ڪائوتسڪي جرمن مزدورن (۽ سيني ملڪن جي مزدورن) کي جيڪو سبز باغ ڏياکاريڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سو پيرن کان مٿي تائين ڪوڙ ۽ فريب آهي. اچو اسين هندوستان، چين ۽ هند چين کي ونڊون. سيئي جاڻن ٿا ته اهي ٽي نوآبادیون ۽ نيم نوآبادیون، جن جي مجموعي آبادي 70_60 ڪروڙ آهي، ڪيترن سامراجي ملڪن يعني برطانيه، فرانس، جاپان ۽ آمريڪا وغيره جي مالياتي سرماين جي قرلٽ ۽ استحصال جو شڪار آهن. اچو اسين فرض ڪري ونڊون ٿا ته اهي سامراجي ملڪ انهن ايشيائي رياستن ۾ پنهنجي "حلقه اثر" پنهنجي مفاد ۽ پنهنجن مقبوضات جي توسيع يا حفاظت جي غرض سان هڪ ٻئي جي خلاف گٽ ([1]) ناهين ٿا. اهي فوجون "انتر سامراجي" يا "مها سامراجي"

---

[1] گٽ (هـ) فوج، مجموعو، انبوهه، هجوم (سنڌيڪار)

گٺ هوندیون. اسان فرض ڪري ونون ٿا تہ ايشيا جي انهن حصن جو "پرامن" "ورهاڱو" ڪرڻ واسطي سمورا سامراجي ملڪ پاڻ ۾ گٺ ٺاهيندا، تہ ان صورت ۾ اها گٺ بين الاقوامي طور تي متحد مالياتي سرمائي"جو گٺ هوندو. ويهين صديءَ جي تاريخ ۾ هن قسم جي گٺ ۾ واقعي مثال موجود آهن. وڏين طاقتن جو چين ڏانهن رويو ان جو هڪ مثال آهي (23) سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهو فرض ڪندي تہ سرمائيداري نظام جيئن جو تيئن برقرار رهندو (ڇ ڪائوتسڪي جو نيڪ اهوئي مُفروضو آهي) ڇا اها شي قابل تصور آهي تہ اهڙيون فوجون صرف عارضي نہ هونديون ڇ اهي هر ممڪن قسم جي جهڱڙن، تصادم، آويزشن ڇ اهي متحرڪ ڇ لطيف عنصريا مرڪب جيڪي ڪره ارض کي چئني پاسن کان گهيريو وينا آهن تن کي نيست ۽ نابود ڪري چڏيندیون؟

ان سوال کي صاف طور تي پيش ڪرڻ ئي ڪافي آهي، وري ان جو جواب نفي کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو ٿي سگهي. چو تہ مفاد، نوآبادين ڇ حلقہ اثر جي ورهاڱي جي لاءِ، سرمائيداري تحت ورهاڱو ڪرڻ وارن جي طاقت يعني انهن جي عام معاشي، مالي ڇ فوجي طاقت وغيره جي اندازي کان علاوه بيا سمورا بنياد ناقابل تصور آهن ڇ انهن ورهاڱو ڪندڙن جي طاقت ۾ هڪ جهڙي تبديلي ڪانہ ٿي ٿئي چو تہ سرمائيداري تحت مختلف ڪاروبارن، ترسٽن، صنعت جي شاخن يا ملڪن جي هڪ ڳڙي ارتقا ناممڪن آهي. اڄ صدي اڳ، ان وقت جي انگلستان جي مقابلي ۾ جرمني پنهنجي سرمائيدار طاقت جي لحاظ کان بيحد حقير ڇ غير اهم ملڪ هو ڇ روس جي مقابلي ۾ جپان جي اهائي حيثيت هئي. ڇا اها ڳالهہ "قابل تصور" آهي تہ ڏهن يا ويهن سالن جي عرصي ۾ سامراجي ملڪن جي نسبتي طاقت ۾ ڪا تبديلي نہ ٿئي؟ ان شيءِ جو قطعي تصور نہ ٿو ڪري سگهجي.

لهاذا "انتر سامراجي" يا "مها سامراجي" فوجون ڪٽي ڪهڙي بہ شڪل اختيار ڪري ونن۔ هڪ سامراجي اتحاد جي خلاف ٻئي سامراجيءَ جي

شڪل اختيار ڪن يا سمورن سامراجي طاقتن جي هڪ عام اتحاد جي شڪل اختيارڪن. بهرحال جيڪڏهن ڪين انگريز پادرين يا جرمن "مارڪس وادي" ڪائوتسڪيءَ جي تنگ نظر ۽ جڏڪي خيالي پروازن جي بجاءِ سرمائيداري نظام جي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي ته لازمي طور تي ان جي حيثيت ۾ جنگين جي درمياني مدت جي "عارضي صلح" کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ڪونهي. پر امن گٽ جنگين جي لاءِ زمين تيار ڪن ٿا ۽ ٻئي طرف اهي خود جنگ جي ئي پيدوار هجن ٿا. ٻئي شيون هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿيون. نتيجو اهو آهي ته هڪ ئي بنياد - تي يعني عالمي سياست ۽ عالمي معيشت ۾ سامراجي رابطن ۽ رشتن جي بنياد تي، ان جدوجهد جون پرامن ۽ پرتشدد شڪليون واري واري سان اپرنديون آهن. ليڪن مزدورن جي دلجوئي ڪرڻ ۽ سوشلسٽ شائونسٽن کان، جيڪي غداري ڪري بورجوازي سان ملي ويا آهن، تن جي صلح صفائي ڪرائڻ جي غرض سان، دانشمند ڪائوتسڪي زنجير جي هڪ ڪڙي کي ٻي کان جدا ڪري ڇڏي ٿو. هو چين ۾ "امن امان قائم ڪرڻ" خاطر (بوڪسر بغاوت دٻائڻ جو واقعو ياد ڪريو (24). سيني طاقتن جي موجوده پر امن (۽ مها سامراجي بلڪ مها مها سامراجي) گٽ کي ڪلهوڪي ان پر تشدد مخالفت ۽ ٽڪراءُ کان بلڪل الڳ ڪري ڇڏي ٿو جيڪو پَريهَن ترڪي جي ورهاڱي جي لاءِ هڪ ٻئي "پرامن" عام گٽ جي لاءِ زمين تيار ڪندي، وغيره وغيره. سامراجي امن ۽ سامراجي جنگ جي دورن درميان جيڪو جيئرو جاڳندو رابطو آهي اهو ڏيکارڻ بجاءِ ڪائوتسڪي مزدورن کي بيجان نظري ۽ مجرد شيون ڏئي ٿو ته جيئن اهڙيءَ طرح انهن جي بي جان ليڊرن سان انهن جي صلح صفائي ڪرائي ڇڏي.

هڪ آمريڪي مصنف هل پنهنجي تصنيف "يورپ جي بين الاقوامي ارتقا جي ڊپلوميسيءَ جي تاريخ" جي مهاڳ ۾ پوئين ڪجهه عرصي جي ڊپلوميسيءَ جي تاريخ جي هيٺين ٽن دورن جو ذڪر ڪري ٿو. (1) انقلاب

جو دور (2) آئيني تحريڪ ۽ (3) تجارتي سامراج" ([1]) جو موجوده دور. هڪ ٻيو مصنف 1870ع کان هينئر تائين برطانيہ جي "عالمي پاليسي" کي چئن دورن ۾ ورهائي ٿو: (1) پهريون ايشيائي دور (وچ ايشيا ۾ روس جي هندوستان ڏانهن وڌڻ جي خلاف جدوجهد جو دور) (2) آفريڪي دور (تقريباً 1885ع کان 1902ع تائين) آفريڪا جي ورهاڱي جي لاءِ فرانس جي خلاف جدوجهد جو دور (1898ع جو "فاشودا جو واقعو" (25). جنهن جي ڪري فرانس سان بس جنگ ٿيندي ٿيندي رهجي ويئي). (3) ٻيو ايشيائي دور (روس جي خلاف جپان سان معاهدو). ۽ (4) "يورپي دور" جيڪو خاص طور تي جرمني جي مخالفت جو دور آهي ([2]). "هر اول دستن جون سياسي جهڙپون مالیات جي ميدان ۾ ٿين ٿيون". اها ڳالهه 1905ع ۾ بينڪر ريسر اهو ڏيکاريڻ جي سلسلي ۾ لکي هئي ته فرانسيسي مالياتي سرمايو جيڪو اتلي ۾ مصروف عمل هو. ڪيئن انهن ٻنهي ملڪن جي درميان سياسي گٺ جي لاءِ زمين هموار ڪري رهيو هو ۽ ڪيئن جرمني ۽ برطانيہ ۾ ايران جي ڪري ۽ تمام يورپي سرماين ۾ چيني قرضن جي باعث مخالفت ۽ آويزش ايرڻ لڳي هئي وغيره وغيره. سو اها آهي عام سامراجي آويزشن سان لازمي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل پرامن "مها سامراجي" گٺن جي جيئري جاڳندي حقيقت.

ڪائوتسڪيءَ سامراج جي عميق ترين تضادن کي ڏنڊلائڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي آهي ۽ جيڪا لازمي طور تي سامراج جي چهري تي ملموڪاري جو ڪم ڪري ٿي. دراصل ان جي ان تنقيدتي ۽ پنهنجا نشان ڇڏي ٿي. جيڪا ان مصنف سامراج جي سياسي خصوصيتن تي ڪئي آهي. سامراج مالياتي سرمائي ۽ اجاريدارين جو دور آهي. جيڪي آزاديءَ جي سعي ۽ جستجو جي بجاءِ هر طرف غلبي ۽ تسلط جي سعي ۽ جستجو

---

[1] David jayne Hill, "A History of the Diplomacy in the International Development of europ" Vol.I P_x.

[2] Schilder, متذڪره ڪتاب، صفحو 178.

کي رواج ڏين ٿا. انهن رجحانن جو نتيجو آهي هر قسم جي سياسي نظام تحت سو سيڪڙو رجعت پسندي ۽ ٻين ميدانن جي علاوه هن ميدان ۾ ٻه مخالفتن ۽ آويزشن جي شدت ۾ اضافو. قومي ظلم ۽ جبر ۽ جبري علائقائي اتحاد جي خواهش ۽ ڪوشش. يعني قومي خود مختياري تي دست درازي (چو ته جبري علائقائي اتحاد قومن جي حق خود اختياري تي دست درازي کان علاوه ٻيو آهي ڇا). اهي ٻئي شيون خاص طور ٽُنڊ ۽ شديد ٿي وڃن ٿيون. هيلفرڊنگ سامراج ۽ شدت اختيار ڪندي قومي ظلم ۽ جبر جي باهمي لاڳاپن ڏانهن جيڪو اشارو ڪيو آهي سو بجا ۽ نيڪ ئي آهي. هو لکي ٿو "نون نون دريافت ٿيندڙ ملڪن ۾ سرمائي جي درآمد مخالفتن ۽ آويزشن جي پرواهه ئي نه ٿي ڪري انهن قومن جي دل ۾ جن ۾ قومي شعور بيدار ٿي رهيو آهي، دخل اندازن جي خلاف مدافعت جو جذبو ايارِي چڏي ٿي جيڪا لڳاتار وڌندي ئي وڃي ٿي ۽ اها مدافعت آسانيءَ سان پرڏيهي سرمائي جي خلاف خطرناڪ اقدام جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي. پراڻن سماجي رشتن ۾ مڪمل انقلاب اچي وڃي ٿو. "تاريخ کان محروم قومن" جي صديون پراڻي زرعي ڪناره ڪشي جو خاتمو ٿي وڃي ٿو ۽ اهي قومون سرمائيدارانه ڪُن ۾ ڇڪجي اچن ٿيون.سرمائيداري خود ئي آهستي آهستي محڪوم قومن کي آزاديءَ جا ذريعا ۽ وسيلا مهيا ڪري ڏئي ٿي ۽ آخر الذڪر ان منزل ڏانهن گامزن ٿي وڃن ٿيون. جيڪا هڪ زماني ۾ يورپي قومن کي بلند ترين منزل معلوم ٿيندي هئي. يعني معاشي ۽ تهذيبي آزاديءَ جي حصول جي لاءِ گڏيل قومي رياست جي تشڪيل خود مختياريءَ جي اها تحريڪ يورپي سرمائي جي لاءِ ان جي سڀ کان بيش قيمت ۽ چمڪندڙ امڪان رکندڙ استحصال جي ميدانن ۾ خطرناڪ آهي، ۽ يورپي

سرمايو صرف ان صورت ۾ پنهنجو غلبو ۽ تسلط قائم رکي سگهي ٿو تہ اهو مسلسل پنهنجي فوجي طاقت وڌائيندو رهي".([1])

ان ۾ ايتري ڳالهہ جو اضافو ايڊورڊ گهرجي تہ صرف نون نون دريافت ٿيندڙ ملڪن ۾ ئي نہ پر پراڻن ملڪن ۾ بہ سامراج جبري علائقائي الحاق، قومي ظلم ۽ جبر جي افرائش ۽ ان ئي ڪري گڏوگڏ ڏينهون ڏينهن مدافعت جو باعث بڻجي ٿو. سامراج جي سياسي رجعت پسندي کي وڌيڪ تُند شديد ۽ ڪرڻ تي تہ ڪائوتسڪي اعتراض ڪيو آهي ليڪن هو هڪ اهڙي سوال کي انڌيري ۾ ئي ڇڏي ڏئي ٿو جيڪو هن وقت خاص طور تي اهم ۽ ضروري ٿي ويو آهي. يعني سامراج جي دور ۾ موقع پرستن سان اتحاد ناممڪن ٿيڻ جو سوال. ڪائوتسڪي جبري علائقائي اتحاد تي اعتراض تہ ضرور ڪري ٿو پر هو پنهنجي اعتراضن کي اهڙي شڪل ۾ پيش ڪري ٿو جيڪي موقع پرستن جي لاءِ وڌ ۾ وڌ قابل قبول ۽ گهٽ ۾ گهٽ دل شڪن هجن. هو جرمن سان مخاطب ٿئي ٿو ليڪن سڀ کان زياده گرما گرم ۽ اهم نڪتي کي ڏنڊلو ڪري ڇڏي ٿو. مثال طور الزاس لارين جي جبري الحاق کي جيڪو جرمنيءَ ڪيو آهي، ڪائوتسڪي جي ان "ذهني انحراف" (Mental aberration) جي باري ۾ ٻيڪ ٻيڪ راءِ قائم ڪرڻ جي لاءِ اسين هيٺيون مثال ونون تا. فرض ڪريو تہ آمريڪين فلپائين جي جزيرن جو جيڪو جبري الحاق ڪيو آهي، ڪو جاپاني ان جي مذمت ڪري رهيو آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا تمام گهڻن ماڻهن کي يقين اچي ويندو تہ هو ان ڳالهہ جي مذمت ان ڪري ڪري رهيو آهي تہ ان کي عام طور تي جيري علائقائي الحاق کان ئي ايتري قدر زبردست نفرت آهي ۽ ان ڪري نہ تہ هو خود فلپائن جي جزيرن جو جبري الحاق ڪرڻ جو خواهشمند آهي؟ ۽ ڇا اسين اهو اعتراف ڪرڻ تي مجبور نہ ٿي ويندا سين تہ هي ڇپان جي

---

[1] "مالياتي سرمايو" صفحو 487.

[سامراج ۽ سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

جبري علائقائي الحاق جي خلاف جيڪا "جدوجهد" ڪري رهيو آهي، اها صرف ان ئي صورت ۾ مخلصانہ ۽ سياسي لحاظ ڪان ديانتداري وارو سمجهي سگهجي ٿو جڏهن جو جپان ڪوريا جو جيڪو جبري الحاق ڪيو آهي ان جي خلاف بہ جدوجهد ڪري ۽ ڪوريا کي جپان کان علحيدگيءَ جي آزدي ملڻ تي اصرار ڪري؟

ڪائوتسکي سامراج جو جيڪو نظرياتي تجزيو ڪيو آهي، اهو ۽ اهڙي طرح ان جي سامراج جي سياسي ۽ معاشي تنقيد ٻئي پيرن کان مٿي تائين سامراج جي بنيادي تضادن کي ڏنڊلائڻ ۽ ان تي پردو وجهڻ جي جڏبي سان (جنهن ۾ ۽ مارڪسزم ۾ بعد مشرقين اهي) ۽ يورپي مزدور تحريڪ ۾ موقع پرستي سان ايڪتا جي ڏهندڙ عمارت کي هر قيمت تي قائم رکڻ جي ڪوشش ۽ خواهش سان پريل آهن.

❊❊

تاريخ ۾ سامراج جو مقام

اسين ڏسي چڪا آهيون ته پنهنجي معاشي مافيه ۾ سامراج اجاريدارانه سرمائيداري آهي. اها پگالهه بجاءِ خود تاريخ ۾ سندس مقام جو تعين ڪري ٿي. جو ته جيڪا اجاريداري آزاد مقابلي جي زمين مان ۽ ٿيڪ آزاد مقابلي مان ايري ٿي اها سرمائيدارانه نظام کان هڪ وڌيڪ بلند سماجي ۽ معاشي نظام تائين عبور آهي. اسان کي چئن خاص قسم جي اجاريدارين يا اجاريدارانه سرمائيداري جي خاص مظهرن ڏانهن گهرو توجه ڪرڻ گهرجي جيڪي ان دور جون خصوصيتون آهن، جنهن جو جائزو اسين وٺي رهيا آهيون.

اول، پيداوار جي ارتڪاز جي ارتقا جي تمام گهڻي مٿاهين منزل کان اجاريداري جي نشونما ٿي. اهي هئا سرمائيدارن جا اجاريدارانه اتحاد، ڪارٽيل، سينڊيڪيٽ ۽ ٽرسٽ. اسين ڏسي چڪا آهيون ته موجوده معاشي زندگيءَ ۾ اهي ڪيترو اهم ڪردار رکن ٿا. 20 هين صديءَ جي ابتدا ۾ اجاريدارين ترقي يافته ملڪن ۾ مڪمل برتري حاصل ڪري ورتي هئي ۽ جيڪڏهن ڪارٽيلن جي تشڪيل جا پهريان اقدامات انهن ملڪن ڪيا، جيڪي آعليٰ محصولن جي حفاظت ۾ هئا (جرمني، آمريڪا) ته برطانيه پنهنجي آزاد واپار جي سسٽم جي هوندي، ان ئي بنيادي واقعي جو اظهار ٿورو پوءِ ڪيو يعني پيداوار جي ارتڪاز مان اجاريداريءَ جو جنم. پيو، اجاريداري خام مال جي انتهائي اهم وسيلن تي قبضو جمائڻ جي عمل کي ايا تيز ڪري ڇڏيو. خصوصاً سرمائيدار سماج ۾ بنيادي ۽ اڻ گڻين ڪارٽيل شده صنعتن جي لاءِ ڪوئلي جي اجاريدارانه ملڪيت، وڏي

سرمائي جي طاقت تمام گھٽو وڌائي چڏي آهي ۽ ڪارٽيل شده ۽ غير ڪارٽيل شده صنعتن جي درميان عداوت اڃا ب وڌائي چڏي آهي.

ٽيون، اجاريداري بينڪن مان پيدا ٿي آهي. بينڪون معمولي دلالن جي ڪاروبار کان وڌي مالياتي سرمائي جون اجاريدار بنجي ويون آهن. هر هڪ انتهائي ترقي يافته سرمائيدار قوم ۾ ٽن کان وڌي پنجن تائين، سڀ کان وڌين بينڪن صنعتي ۽ بينڪ جي سرمائي جي درميان "نجي تعلقات" قائم ڪري ورتا آهن. ۽ پنهنجي هٿن ۾ اربن جي رقم مرڪوز ڪري ورتي آهي جيڪا سڄي ملڪ جي سرمائي ۽ آمدني جو تمام وڏو حصو آهي. مالياتي اوليگارشي جيڪو محتاجگي جي تعلقات جو گھاٽو ڄار موجوده بورجوا سماج جي تمام معاشي ۽ سياسي ادارن تي بلا استثنا اڇلائي ٿو اهوئي ان اجاريداريءَ جو انتهائي نمايان اظهار آهي.

چوٿون، اجاريداري نوآبادياتي پاليسيءَ جي پيداوار آهي. نوآبادياتي پاليسي جي ڪثير تعداد "پراڻي" اسباب ۾ مالياتي سرمائي خام شين جي وسيلن، سرمائي جي برآمد، "حلقہ اثر" يعني نفع بخش ڪارويارن جي حلقن، مراعات، اجاريدارانہ منافع وغيره، ۽ آخر ۾ عام طور تي معاشي علائقي جي جدوجهد جو اضافو ڪيو آهي. مثال طور تي جڏهن يورپي طاقتن جون نوآبادیون آفريڪا جي صرف 10 سيڪڙو علائقي تي هيون (جيئن 1876ع ۾ هو) تہ نوآبادياتي پاليسي غير اجاريدارانہ طريقي سان ترقي ڪري سگھي ٿي، ائين چوڻ گھرجي تہ زمين تي "آزادانہ قبضي" سان. پر جڏهن 90 سيڪڙو آفريڪا تي قبضو جمايو ويو (1900ع تائين)، جڏهن سڄي دنيا کي ورهايو ويو تہ لازمي طور تي نوآبادين جي اجاريدارانہ ملڪيت جو دور اپريو. ۽ ان جي نتيجي ۾ دنيا جي ورهاڱي ۽ ٻيهر ورهاڱي جي جدوجهد خاص طور تي تيز ٿي وئي.

اجاريدارانہ سرمائي داري جنهن حدتائين سرمائيدارانہ نظام جي سمورن تضادن کي تيز ڪري چڏيو آهي اهو سيني کي معلوم آهي. زندگي

جي لاءِ ضروري شين جي مهانگائي ۽ ڪارٽيلن جا ظلم ئي ڏيکاريڻ ڪافي ٿيندو. تضادن ۾ اها تيزي تاريخ جي ان عبوري دور جي سڀ کان زبردست محرڪ طاقت آهي جيڪا عالمي مالياتي سرمائي جي حتمي فتح جي وقت کان شروع ٿي آهي.

اجاريداريون، اوليگارشي، آزاديءَ جي لاءِ نه بلڪ تسلط جي لاءِ ڪوشش ۽ خواهش، مٺ جيترن، سڀ کان وڌيڪ اميير يا طاقتور قومن جي هٿان وڌندڙ تعداد ۾ ننڍين يا ڪمزور قومن جو استحصال. انهن سڀني ڳالهين سامراج جي انهن امتيازي خصوصيتن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي مجبور ڪن ٿيون تہ سامراج جي ڪردار نگاري طفيلي يا زوال پذير سرمائيدار نظام سان ڪئي ويجي. سامراج جي هڪ رجحان جي حيثيت سان "منافع خور رياست"، وياج خور رياست جي تخليق وڌ کان وڌ نمايان ٿيندي پئي وڃي جنهن ۾ بورجوازي وڌ ۾ وڌ برآمدي سرمائي جي حاصلات سان، ۽ "ايراضي تي پوک ڪري" زندگي گذاري ٿو. اهو خيال ڪرڻ غلط ٿيندو تہ زوال جو اهو رجحان سرمائيدار نظم جي تيز رفتار نمود کي بحث کان خارج ڪري ڇڏي ٿو. نہ. سامراج جي دور ۾ صنعت جون ڪجهہ شاخون، بورجوازي جاکي پرت ۽ ڪي ملڪ، ڪم و بيش انهن رجحانن مان، ڪڏهن هڪڙي تہ ڪڏهن ٻئي جو اظهار ڪن ٿا. مجموعي طور تي سرمائيدار نظام اڳي کان ڪافي زياده تيز رفتاري سان وڌي رهيو آهي. ليڪن اها افزائش نہ صرف عام طور تي وڌ کان وڌ ناهموار هجي ٿي بلڪ ان جي ناهمواريءَ جو اظهار خصوصاً انهن ملڪن جي زوال ۾ ٿئي ٿو جيڪي سرمائي ۾ سڀ کان وڌيڪ دولتمند آهن (برطانيہ).

جرمني جي معاشي ترقيءَ جي تيز رفتاري جي باري ۾ وڌين جرمن بينڪن تي ڪتاب لکڻ وارو ريسر لکي ٿو: گذريل دور 70ـ1848ع) جي ترقي جو تعلق، جيڪو تمام گهڻو سست نہ هو، موجوده دور ۾ (1905ـ 1870ع) جرمني جي سموري قومي معيشت ۽ خاص ڪري اُن جي بينڪن

جي ترقي جي تيز رفتاري ائين ئي آهي جيئن نون پراڻن ڏينهن ۾ ڪنهن ٽپال جي گهوڙي گاڏي جي رفتار جو تعلق موجوده رماني جي تيز رفتار موٽر سان هجي. جيڪو ايتري تيزي سان زوزات ڪندي گذري ٿو جو ان جي رستي ۾ نه صرف ويچارن پيادل هلڻ وارن جي. بلڪ موٽرڪار ۾ ويهڻ وارن جي به زندگي خطري ۾ پئجي ويندي آهي". پنهنجي طرفان پنهنجي ان غير معمولي تيز رفتاري سان ترقي ڪرڻ وارو مالياتي سرمايو رڳوپنهنجي ان تيرز رفتار ترقي جي ڪري نوآبادين جي وڌيڪ "پرسڪون" ملڪيت جو خواهان آهي. جن کي هو زياده اميز قومن کان چنڊ گهري ٿو ۽ صرف پر امن طريقن سان ئي نه. آمريڪا ۾ پوين ڏهاڪن ۾ معاشي ترقي جرمني کان زياده تيز رفتار رهي آهي ۽ نيڪ ان ئي ڪري موجوده آمريڪي سرمائيدار نظام جو مفت خور ڪردار خاص طور سان نمايان ٿيو آهي. ٻئي طرف ميجي ڪٽي ته ريپبلڪن آمريڪي بورجوازي جو شاه پرست جپاني يا جرمن بورجوازي سان مقابلو ڏيڪاري ٿو ته. انتهائي نمايان سياسي امتياز سامراج جي دور ۾ انتهائي درجي تائين گهٽجي وڃي ٿو. ان ڪري نه ته اهو عام طور تي غير اهم آهي. بلڪ ان لاءِ ته انهن سيني صورتن ۾ اسان اهڙي بورجوازي جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. جيڪو طفيليت جو واضح ڪردار رکي ٿو.

صنعت جي گهٽين شاخن مان ڪنهن هڪ جا. ڪيترن ئي ملڪن مان. هڪ جي سرمائيدارن کي وڏي اجاريدارانه نفعي جو حصول ان جي لاءِ معاشي طور تي اهو ممڪن بنائي ٿو ته مزدورن جي ڪن پرتن کي ۽ في الوقت انهن جي ڪافي ڇڻي اقليت کي خريد ڪري ونيءِ ڪنهن صنعت يا ملڪ جي بورجوازي ڏانهن باقي ٻين جي خلاف ان کي مائل ڪن. سامراجي قومن جي درميان دنيا جي ورڇ جي لاءِ مخاصمت. ان خواهش کي ايا تيزيءَ سان وڌائي ٿي. اهڙيءَ طرح سامراج ۽ موقع پرستي جي درميان رابطو پيدا ٿئي ٿو. جنهن جو اظهار سيڀ کان پهريائين ۽ سڀ کان صاف

برطانيہ ۾ ان کري ٿيو جو ارتقا جي بعض سامراجي خط وخال جو مشاهدو ٻين ملکن کان تمام گهڻو اڳي هتي کيو ويو. کي مصنف مثلاً ل- مارتوف سامراج ۽ مزدور طبقي جي تحريڪ ۾ موقع پرستي جي درميان رابطي جي واقعي کي، جيڪو اڄکلهہ جو تمام گهڻو نمايان واقعو آهي، "سرڪاري رجاعيت پرستي" جي، (ڪائوتسڪي ۽ هيوسمانس جي اسپرٽ ۾) آڙ ونندي ان قسم جي دليلن سان رد ڪرڻ گهرن ٿا: سرمائيدار نظام جي مخالفن جو ڪاز مايوس ڪُن هوندو آهي، جيڪڏهن اڄتي وڌندڙ سرمائيدار نظام جي ئي کري موقع پرستي ۾ اضافو ٿئي ٿو يا جيڪڏهن سڀ کان زياده اجرت ونندڙ مزدور ئي موقع پرستي وغيره ڏانهن مائل ٿي وڃن ٿا، اسان کي ان قسم جي "رجائيت پرستي" جي باري ۾ ڪو بہ دوکو نہ ٿيڻ گهرجي. اها رجائيت پرستي موقع پرستي جي متعلق آهي، اها رجائيت پرستي، موقع پرستي سان واسطو رکي ٿي، اها رجائيت پرستي اها آهي جيڪا موقع پرستي کي لڪائڻ جو ڪم کري ٿي. حقيقت اها آهي تہ موقع پرستي جي ارتقا جي غير معمولي تيزي ۽ خاص ڊيجاريندڙ ڪردار ان جي ڪا ضمانت ڪانهي تہ ان جي فتح پائيدار ٿيندي، جيئن ڪنهن صحت مند جسم تي ڏکندڙ ڳڙ جو تيزيءَ سان وڌڻ صرف ان جو گهڻو جلدي قائم ۽ اهڙيءَ طرح جسم کي سڪون پهچائڻ جو ئي سبب ٿي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ سڀ کان زياده خطرناڪ اهي ماڻهو آهن جيڪي اهو سمجهڻ نہ ٿا گهرن تہ سامراج جي خلاف جدوجهد جيڪڏهن موقع پرستي جي خلاف جدوجهد سان لازمي طور تي جڙيل نہ آهي تہ اها رڳو سڪٽي ڪوڙي ڳالهہ آهي.

هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهہ سامراج جي مافيہ جي باري ۾ چيو ويو آهي، تنهن مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ اسان کي ان کي عبوري دور ۾ سرمائيدار نظام چوڻ گهرجي، يا ان کي مرندڙ سرمائيدار نظام چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو. ان سلسلي ۾ اهو ڏسڻ تمام گهڻو سبق آموز ٿيندو تہ معاشيات

جا بورجوا ماهر موجوده سرمائيدار نظام جي باري ۾ بيان ڪندي اڪثر "پاڻ ۾ الجهي پوڻ" ۽ "تنهائي جي غير موجودگي" وغيره جا الفاظ استعمال ڪندا آهن. پنهنجي عوامل ۽ ارتقا جي لحاظ کان" بينڪون "خالص نجي ڪاروباري ادارا ڪونهن. اهي وڏ کان وڏ خالص نجي ڪاروبار جي قائدن جي دائري کان نڪرندا ٿا وڃن پيا" ۽ اهوئي ريسر. جنهن جي الفاظ جو مون هينئر حوالو ڏنو آهي. پوري سنجيدگيءَ سان اعلان ٿو ڪري ته "سماج ڪاري" جي باري ۾ مارڪسوادين جي پيشن گوئي صحيح ثابت ڪانه ٿي آهي!".

پوءِ "پاڻ ۾ الجهي پوڻ" جو مطلب ڇاهي؟ هو صرف ان عمل جي انتهائي نمايان خط وخال جو اظهار ڪري ٿو جيڪو اسان جي اکين جي آڏو ٿي رهيو آهي. اهو ڏيکاري ٿو ته مشاهدو الڳ الڳ وٽن جو شمار ڪري ٿو ليڪن جهنگ کي نه ٿو ڏسي سگهي. هو غلامانه طور تي سطحي. هنگامي ۽ گڏوڇڙ حالت جي نقل ڪري ٿو. هو اهڙي مشاهدي کندڙ کي ڏسي جيڪو خام مال جي افراط کان بيحد متاثر ٿي ويو آهي ۽ ان جي معنيٰ ۽ اهميت کي سمجهڻ کان قطعي قاصر آهي. حصن جي ملڪيت. نجي ملڪيت جي مالڪن درميان تعلقات اتفاقي طور تي گڏوڇڙ" ٿين ٿا. ليڪن انهيءَ گڏوڇڙ تهه ۾. ان جي بنياد ۾ پيداوار جا بدلجندڙ سماجي تعلقات آهن. جڏهن ڪو وڏو ڪاروبار. تمام گهڻي وسيع صورت اختيار ڪري وڃي ٿو ۽ ڪثير معلومات جي ٺيڪ حساب ڪتاب جي بنياد تي منصوبي سان ڪم ڪرڻ لاءِ سمورن خام شين جي 2/3 يا ٽي چوٿائي سپلائي جو انتظام ڪري ٿو جيڪو ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ ضروري آهي. جڏهن اهي ڪچيون شيون انتهائي باقاعده ۽ منظم طريقي سان پيدا وار جي لاءِ مناسب جڳهين کي منتقل ڪيون وڃن ٿيون. جيڪي ڪڏهن هڪ ٻئي کان سوين يا هزارين ميل پري واقع هوندیون آهن. جڏهن واحد مرڪز کي سامان تيار ڪرڻ جي سلسليوار منزلن جي هدايت متعدد قسم جي تيار شده مصنوعات تائين ڏيڻ

لڳي ٿو جڏهن اهو تيار شده سامان واحد منصوبي جي مطابق ڪروڙين ۾ اربين صارفين (آمريڪا ۾ جرمني ۾ آمريڪي "اسٽينڊرڊ آئيل ڪمپني" جو تيل وڪرو ڪرڻ) ۾ ورهايو وڃي ٿو تڏهن اها ڳالهه صاف ٿي وڃي ٿي ته پيداوار جي سماج ڪاري ٿي آهي ۾ رڳو "گڏوڇڙ" نه. ته نجي معاشي ۾ نجي ملڪيت جا تعلقات هڪ اهڙو تهه ناهين ٿا. جنهن ۾ ان جو مواد نه ٿو سمائجي. اهڙو تهه جنهن کي لازمي طور تي سڙڻو آهي. جيڪڏهن ان جي هٽائڻ ۾ مصنوعي طور تي تاخير ڪئي وئي. اهڙو تهه جيڪو ڪافي طويل عرصي تائين سڙيل حالت ۾ رهي سگهي ٿو (بري انجام جي صورت ۾. جيڪڏهن موقع پرست ڳڙ جي علاج طول ورتو) پر اهو لازمي طور تي هٽايو ويندو.

جرمن سامراج جو پرجوش مداح شولتسي گي ويرنيتس چوي ٿو: "جيڪڏهن هڪ دفعو جرمن بينڪن جو اعليٰ انتظام ڏزن ڪن ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنو ويو ته اڄ انهن جي سرگرمي عوام جي پلائي جي لاءِ رياست جي وزيرن جي اڪثريت جي سرگرمين کان وڌيڪ اهم ٿي وئي". (هتي بينڪرن. وزيرن. صنعت جي سيڻين ۾ مفت خور صاحبن جائداد جي "گڏوڇڙ" کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏيو) "جيڪڏهن اسين انهن رجحانن جي ارتقا جو تصور ڪريون. جن کي اسان ڏنو آهي ۾ ان جي منطقي نتيجن تائين وڃون ته اسان کي ملندو: قوم جو نقد سرمايو بينڪن ۾ متحد آهي. خود بينڪون ڪارٽيلن ۾ متحد آهن. قوم جو لڳل سرمايو ڪاغذات ۾ جي صورت ۾ آهي تڏهن سين سائمن جا اهي انتهائي ذهانت آميز الفاظ عملي صورت اختيار ڪري ونندا "پيداوار ۾ موجوده لاقانونيت کي. جيڪو ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته معاشي تعلقات کنهن يڪسان قائدي جي مطابق ترقي نه ڪري رهيا آهن. پيدوار ۾ تنظيم کي پنهنجي جاءِ ڏيڻ گهرجي. پيدوار جي رهنمائي الڳ الڳ ڪارخانيددار نه ڪندا جو هڪ ٻئي جا پابند ڪونهن ۾ انسان جي معاشي ضرورتن کان اڻواقف آهن. هي ڪم

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هڪ مقرر ڪيل ادارو ڪندو. هڪ مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جيڪا سماجي معيشت جي وسيع ميدان جو زياده بلند نقط نظر سان جائزو وٺي سگهندي ۽ ان کي اهڙيءَ طرح ڪنٽرول ڪندي جيئن اها پوري سماج جي لاءِ فائديمند هجي. پيداواري ذريعن کي مناسب هٿن ۾ ڏيندي ۽ سڀ کان وڌيڪ ڏسندي ته پيداوار ۽ طلب جي درميان مُتواتر هم آهنگي رهي. اهڙا ادارا موجود آهن جن پنهنجي فرائض ۾ معاشي محنت جي هڪ مخصوص تنظيم کي شامل ڪري ورتو آهي. اهي آهن "بينڪون". سين سائمن جي لفظن کي عملي جامو پهرائڻ کان ايجا اسان گهڻو پري آهيون. پر اسين ان کي عملي جامو پهرائڻ جي رستي ڏانهن. يعني مارڪسزم ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جيڪا ان کان مختلف آهي جنهن جو مارڪس خود تصور ڪيو هو پر اهو صرف شڪل ۾ مختلف آهي".([1])

واقعي اها مارڪس جي لاجواب "تردید" آهي. جيڪا مارڪس جي بلڪل صحيح. سائنسي تجزئي کان هڪ قدم پوئتي هٽي. قياس آرائي جي طرف وڃي ٿي. ڪٽي اهو ذهانت آميز ئي چونہ هجي. پر بهرحال آهي ته اها سين سائيمن جي قياس آرائي.

❊❊

---

[1] Grundri B der sosialokonomik", S_146. جنوري- جون 1916ع ۾ لکيو ويو. 1917ع جي وچ ۾ پهريون پيرو پيٽروگراد جي اشاعت گهر "زيزن اي زنانيا "زندگي ۽ علم) الڳ پمفليٽ ۾ شايع ڪيو. پيش لفظ پهريون پيرو 1921ع ۾ رسالي "ڪميونسٽ انٽرنيشنل" شماري نمبر 18 ۾ شايع ٿيو.

تشريحي نوٽ

1ـ**سامراج، سرمائيداريءَ جي آخري منزل جي نالي جو ڪتاب جنوري** – جون 1916ع ۾ زوريخ ۾ "پاروس" اشاعت گھرجي لاءِ لکيو ويو. جيڪو ڊسمبر 1915ع ۾ "پيٽروگراد" ۾ قائم ڪيو ويو هو.

ولاديمبر ايلچ لينن سرمائيدار نظام جي ارتقا جي نون مظهرن جو ذڪر پهرين عالمي جنگ کان ڪافي اڳي ڪيو آهي. هن خاص طور تي ان جي اهڙين خصوصيتن جي تشريح ۽ تجزيو ڪيو جيڪي سامراجي دور لاءِ ڪرداري آهن. لينن وڏي توجہ سان سرمائيداري جي باري ۾ جديد ترين ادب جي تلاش ڪئي ۽ ان جو مطالعو ڪيو.

لينن سرمائيدار نظام جي ارتقا ۾ اجاريدارانہ منزل جي همہ پهلو تحقيق پهرين عالمي جنگ سان ڪئي. "سامراج- سرمائيداري جي آخري منزل" ("سامراج جي باري ۾ نوٽ بوڪ") جي تياري جي لاءِ تقريباً 50 Forms جو مواد هو ۽ ان جي لاءِ 148 ڪتابن مان (جن مان 106 جرمن، 23 فرانسيسي، 17 انگريزي ڪتاب ۽ ۾ روسي ترجما هئا) ۽ 232 مضمونن مان اقتباس ورتا ويا آهن.

1917ع جي وچ ۾ هي ڪتاب "سامراج- سرمائيداري جي جديد ترين منزل (مقبول عام مقالو)" جي نالي سان لينن جي پيش لفظ سان گڏ جن تي 26-اپريل 1917ع جي تاريخ هئي، شايع ٿيو (ص-9)

2ـ هتي ذڪر سوويت روس ۽ چئن طاقتن جي اتحاد (جرمني، آسٽريا هنگري، بلغاريہ ۽ ترڪي) جي درميان صلح جي معاهدي جو آهي جنهن تي بريست ليتوفسڪ ۾ 3ـ مارچ 1918ع تي صحيحون ٿيون ۽ سوويتن جي

چوٽين ڪل روس غير معمولي ڪانگريس 15_ مارچ 1918ع تي ان جي تصديق ڪئي. سوويت روس جي لاءِ ان صلح جا شرط انتهائي سخت هئا. معاهدي جي مطابق پولينڊ، تقريباً سمورا بالٽڪ علائقا ۽ بيلوروس جي هڪ حصي کي جرمني ۽ آسٽريا هنگري جي ڪنٽرول ۾ رهڻو هو ۽ يوڪرين کي سوويت روس کان الڳ ٿي جرمن رياست جي ماتحت ٿيڻو هو. ترڪي کي ڪارس، باتومي ۽ ارداگان جا شهر ڏنا ويا هئا. آگسٽ 1918ع ۾ جرمنيءَ سوويت روس تي هڪ ضمني معاهدي ۽ مالياتي ناهه جي لاءِ دٻاءُ وڌو. جنهن ۾ نوان لٽڻ جا نوان مطالبا هئا.

جرمني ۾ نومبر 1918ع جي انقلاب کانپوءِ جنهن شاهي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو 13_ نومبر 1918ع تي ڪل روس مرڪزي انتظاميه ڪميٽيءَ ان قزاقانه ۽ ناجائز بريسٽ ليٽوفسڪ معاهدي کي ڪالعدم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. (ص_13)

3_ 1918_ 1914ع جي عالمي سامراجي جنگ ختم ڪرڻ واري وارسائي ناهه تي 28 جون 1919ع تي هڪ طرف آمريڪا، سلطنت برطانيه، فرانس، اٽلي، جپان ۽ انهن طاقتن جون صحيحون ٿيون جيڪي جنگ ۾ ان سان گڏ هيون ۽ ٻئي طرف جرمني جون صحيحون ٿيون. وارسائي ناهه سرمائيدار دنيا جي ٻيهر ورهاڱي کي مستحڪم ڪرڻ جي مقصد کي فاتح طاقتن جي حق ۾ رکيو. ۽ اهڙيءَ طرح ملڪن جي درميان تعلقات جو هڪ اهڙو نظام قائم ڪرڻ ۾ به مضبوطي پيدا ڪئي. جنهن جو مقصد سوويت روس جو ڳلو گهٽڻ ۽ سڄي دنيا ۾ انقلابي تحريڪ جي تباهي هو. ص_13.

4_ **"ولسن ازم"** هي آمريڪا جي گڏيل رياستن جي صدر (1921_1913ع) جي نالي تي آهي. پنهنجي صدارت جي پهرئين سال ۾ ولسن ڪيترائي قانون (وڌيڪ آمدني تي وڌيڪ انڪم ٽيڪس جو قانون ۽ ٽرسٽن جي خلاف قانون وغيره) نافذ ڪيا جن کي نعري بازانه انداز ۾ "نيئن آزادي" جي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

دور جو نالو ڏنو ويو. آمريڪي سامراج جي ڦرلٽ ڪرڻ واري خارجہ پاليسيءَ کي ولسن ۽ ان جي حامين، "جمهوريت" ۽ "قومن جي انجمن" جي مڪارانہ نعرن ۽ جملن سان لڪايو. سوويت اقتدار جي پهرئين ڏينهن کان ولسن سوويت روس جي خلاف مداخلت جي تنظيم ۽ حوصلہ افزائي ڪئي. سوويت حڪومت جي پرامن پاليسيءَ سيني غير ملڪن جي ماڻهن تي جيڪو گهرو اثر وڌو هو تنهن جو توڙ ڪرڻ جي غرض سان ولسن نعري بازانہ "امن جو پروگرام" پيش ڪيو جنهن ۾ "14 نڪتا" رکيا. اهو پروگرام آمريڪا جي جارحانہ پاليسيءَ جي پرده پوشي جوئي ڪم ڪندو هو. آمريڪي پروپئگنڈا ۽ يورپ جي بورجوا پريس ولسن جي چوڌاري مجاهد امن جو ڪوڙو دائرو ناهيو. پوءِ بہ ولسن ۽ ان جي حامين جي مڪارانہ پيٽي بورجوا لفاظيءَ جو پاندو ستت ئي آمريڪا جي رجعت پرست مزدور دشمن اندروني پاليسي ۽ جارحانہ بيروني پاليسي جي ڪري ڦاٽي پيو (ص-13).

5- پي انٽرنيشنل جو بازيل مينيفستو:

25 نومبر 1912ع تي بين الاقوامي غير معمولي سوشلسٹ ڪانگريس ۾ منظور ٿيو جيڪا 25-24 نومبر 1912ع تي بازيل ۾ ٿي. مينيفسٽو قومن کي عالمي جنگ جي خطري کان آگاهہ ڪيو جيڪا سر تي لامارا ڏيئي رهي هئي ۽ ان جنگ جي ڦزاڪانہ مقصدن کي واڪو ڪري سمورن ملڪن جي مزدورن کي امن جي لاءِ اٽل جدوجهد ڪرڻ ۽ "پرولتاريہ جي بين الاقوامي يڪ جهتي جي طاقت سان سرمائيدار سامراجيت" جو مقابلو ڪرڻ جي اپيل ڪئي- بازيل مينيفستو ۾ اشتوت گارٽ ڪانگريس (1907ع) جي قرارداد جو لينن جو پيش ڪيل نڪتو بہ شامل هو جيڪو ان باري ۾ هو تہ سامراجي جنگ لڳڻ جي صورت ۾ سوشلسٹن کي گهرجي تہ اهي جنگ جي پيدا ڪيل معاشي ۽ سياسي بحران کي سوشلسٹ انقلاب جي جدوجهد جي لاءِ استعمال ڪن.

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هي انترنيشنل جي ليڊرن ان ميني فستو جي حق ۾ جنگ جي خلاف راءِ ڏني پر جنگ شروع ٿيڻ تي انهن بازيل ميني فستو کي به بين الاقوامي ڪانگريسن جي انهن فيصلن وانگر وساري ڇڏيو جيڪي جنگ جي خلاف جدوجهد جي لاءِ هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي سامراجي حڪومتن جي حمايت ڪئي ص-14.

6- **هي انٽرنيشنل:** سوشلسٽ پارٽين جي بين الاقوامي انجمن جيڪا 1889ع ۾ قائم ڪئي وئي. سامراجي دور جي ابتدا کان ان ۾ گهٽي ۾ گهٽا موقع پرست رجحان مٿي ايندا ويا. جڏهن 1914ع ۾ عالمي جنگ شروع ٿي ته هي انٽرنيشنل جي موقع پرست ليڊرن پنهنجي پنهنجي ملڪن جي بورجوا حڪومتن جي سامراجي پاليسيءَ جي ظاهر ظهور حمايت ڪئي. هي انٽرنيشنل ٽُٽي ذرا ذرا ٿي وئي.

7- **لينن جو مطلب** هتي هي (برن واري) انٽرنيشنل سان آهي، جيڪا برن ۾ سوشلسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ۾ فيبروري 1919ع ۾ مغربي يورپ جي سوشلسٽ پارٽين جي ليڊرن جي قيادت ۾ هي انٽرنيشنل جي جڳهه تي قائم ٿي هئي، جنهن جو وجود پهرين عالمي جنگ جي ابتدا کان ختم ٿي ويو هو. برن جي انٽرنيشنل عملي طور تي بين الاقوامي بورجوازيءَ جي خادم هئي.

8- **"جرمني جي انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي"**- مرڪزيت پسندن جي پارٽي اپريل 1917ع ۾ قائم ٿي. "انڊيپينڊنٽ" ماٺهن مرڪزيت پسند جملن جو ويس ڏيڪي سوشل شاونسٽن سان "اتحاد" جو پرچار ڪيو- ۽ طبقاتي جدوجهد کان انڪار جي حد تائين ڪري پيا. پارٽيءَ جو بنيادي حصو ڪائوتسڪيءَ جي تنظيم "محنتي دوستي" تي مشتمل هو.

آڪٽوبر 1920ع ۾ شهر هالي جي "انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي" جي ڪانفرنس ۾ ڏڪيڙ پئجي ويو ۽ ان جو ڪافي وڏو حصو ڊسمبر 1920ع ۾ جرمني جي ڪميونسٽ پارٽي سان ملي ويو. ساڃي ڏر جي

عناصر "جرمني جي انڊيپينڈنٽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي" جي پراڻي نالي سان الڳ پارٽي ناهي، جيڪا 1922ع تائين رهي. ص-16.

9- **ٽين انٽرنيشنل، يعني ڪميونسٽ انٽرنيشنل:** بين الاقوامي انقلابي پرولتاريہ جي تنظيم هئي. جنهن مختلف ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين کي پاڻ ۾ متحد ڪري ڇڏيو. اها 1919ع کان 1943ع تائين رهي.

ٽين انٽرنيشنل جو قيام مزدور تحريڪ ۾ نفاق پوڻ کان پوءِ تاريخي ضرورت بڻجي وئي، جيڪا پهرين عالمي جنگ جي ابتدا ۾ سوشلزم جي ڪاز سان گڏ ٻي انٽرنيشنل جي موقع پرست ليڈرن جي غداريءَ ٻي انٽرنيشنل جي تباهي جي ڪري ٿي. ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي قيام ۾ لينن نمايان ڪردار ادا ڪيو.

ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين ڪانگريس 2 کان 6 مارچ 1919ع تائين ماسڪو ۾ ٿي. ڪانگريس، سڄي دنيا جي پرولتاريہ جي لاءِ ميني فسٽو منظور ڪيو جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ ڪميونسٽ انٽرنيشنل مارڪس ۽ اينگلس جي نظرين جي وارث آهي، جنهن جو اظهار "ڪميونسٽ پارٽي جي ميني فستو ۾ ڪيو ويو هو.

ڪميونسٽ انٽرنيشنل سمورن ملڪن جي پورهيتن جي درميان رابطا بحال ۽ مضبوط ڪيا، بين الاقوامي مزدور تحريڪ ۾ موقع پرستيءَ کي بي نقاب ڪرڻ، نوخيز ڪميونسٽ پارٽين کي مضبوط ڪرڻ ۽ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جي حڪمت عملي ۽ طريقہ ڪار مرتب ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

مئي 1943ع ۾ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي انتظامي ڪاميٽي اهو نتيجو ڪيندي تہ مزدورن جي اتحاد جي تنظيمي شڪل جيڪا گذريل تاريخي دور جي تضادن جي مطابق هئي، هاڻي پنهنجي ضرورت کي پورو ڪري چڪي آهي، ڪميونسٽ انٽرنيشنل کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

10 ـ **مشويڪ**ـ سوشل ديموڪريسي ۾ موقع پرست رجحان. بين الاقوامي موقع پرستي جو هڪ رجحان. لينن جي "اسڪرا" جي مخالفن روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ جي بي ڪانگريس (1903) ۾ ان جو بنياد وڌو. ان ڪانگريس ۾ پارٽي جي مرڪزي ادارن جي انتخاب ۾ لينن جي حامين کي اڪثريت (بالشينستوو) جا ووٽ مليا ۽ اهي ماڻهو بالشويڪ سڏيا ويا ۽ موقع پرست اقليت (مينشستوو) ۾ آيا ۽ منشويڪ سڏيا ويا.

منشويڪن پارٽي جي انقلابي پروگرام، انقلاب ۾ پرولتاريہ جي قيادت، ۽ مزدور طبقي ۽ هارين جي اتحاد، جي مخالفت ڪئي. اهي اعتدال پرست بورجوازي سان ناهہ جي حق ۾ هئا.

1905_07ع جي انقلاب جي ناڪامي ڪانپوءِ منشويڪن اها ڪوشش ڪئي تہ پرولتاريہ جي غير قانوني انقلابي پارٽي کي ختم ڪري ڇڏين. جنوري 1912ع ۾ پارٽيءَ جي ڇهين ڪل روس ڪانفرنس ۾ منشويڪ انسداد پسندن (Liquidators) کي روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي مان ڪڍي ڇڏيو.

1917ع ۾ مينشويڪن جي نمائندن بورجوا عارضي حڪومت ۾ شرڪت ڪئي ۽ عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي فتح کان پوءِ مينشويڪن ۽ين انقلاب دشمن پارٽين سان ملي سوويت اقتدار جي خلاف جدوجهد ڪئي. ص_16.

11 ـ **سوشلسٽ انقلابي پارٽي**:- روس جي پيٽي بورجوا پارٽي جيڪا 1901ع جي آخر ۾ 1902ع جي ابتدا ۾ مختلف نرودنڪ گروپن ۽ حلقن جي اتحاد جي ڪري ظهور ۾ آئي.

سوشلسٽ انقلابي پرولتاريہ ۽ هارين جي درميان جيڪو طبقاتي فرق هو تنهن کي نہ ڏسي. هارين جي اندر طبقاتي تفريق ۽ تضاد جي پرده پوشي ڪندا هئا ۽ انقلاب، ۾ پرولتاريہ جي رهنما ڪردار کان انڪار ڪندا هئا.

پهرين عالمي جنگ جي سالن ۾ سوشلسٽ انقلابين جي اڪثريت سلوشلسٽ شاونزم جي پوزيشن اختيار ڪئي

1917ع جي فيبروري ۾ بورجوا جمهوري انقلاب جي ڪاميابي کانپوءِ سوسلسٽ انقلابي مينشويڪن سان ملي انقلاب دشمن بورجوا جاگيردار عارضي حڪومت جا زبردست حامي هئا ۽ ان جا ليڈر (ڪيرينسڪي، اوڪسين تيف ۽ چيرنوف) ان حڪومت ۾ شريڪ ٿيا. سوشلسٽ انقلابي پارٽي هارين جي ان مطالبي جي حمايت کان انڪار ڪري چڏيو تہ جاگيرداري کي ختم ڪيو وڃي ۽ ان جي حمايت ڪئي تہ زمين تي جاگيردارن جي ملڪيت برقرار رهي. عارضي حڪومت ۾ سوشلسٽ انقلابي وزيرن انهن هارين جي خلاف تعزيراتي دستا موڪليا، جن جاگيردارن جي زمين تي قبضو ڪري روتو هو.

غير ملڪي جنگي مداخلت ۽ گهرو ويڑهہ جي سالن ۾ سوسلشٽ انقلابين، انقلاب دشمن تباهہ ڪن اقدام ڪيا. سرگرمي سان مداخلت ڪرڻ وارن ۽ سفيد گارڊن جي حمايت ڪئي. انقلاب دشمن سازشن ۾ حصو ورتو ۽ سوويت رياست ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي ڪارڪنن جي خلاف دهشت آميز ڪارروايون منظم ڪيون۔صفحو 16).

12۔ **اسپارٽاڪ وارا:** جرمني جي ڪاپي ڏر جي سوشل ڊيموڪريٽڪن جي انقلابي تنظيم جا ميمبر هئا. "اپارٽاڪ" نالي گروپ جو بنياد پهرين عالمي سامراجي جنگ جي ابتدا ۾ ڪارل ليبڪ نيخت، روزالڪسمبرگ، فرانس ميرنگ، ڪلاراتسيتڪين، مارخليفسڪي، ايوگي هيس (تيشڪا) ۽ و۔ پيڪ وڏو. اسپارٽاڪ وارا عوام ۾ انقلابي پروپئگنڈا ڪندا هئا. جنگ جي خلاف عام جلسا منظم ڪندا هئا ۽ هڙتالن جي رهنمائي ڪندا هئا. پهرين عالمي جنگ جي سامراجي ڪردار ۽ سوشل ڊيموڪريسي جي موقع پرست ليڈرن جي غداري کي بي نقاب ڪندا هئا. پوءِ بہ انهن ماڻهن نظرين ۽ سياست جي مسئلن ۾ سنگين غلطيون ڪيون: هنن مزدور طبقي جي

جدوجهد ۾ پرولتاري پارٽي جي رهنما ڪردار جو تز اندازو نہ لڳايو ۽ موقع پرستن کان الڳ ٿيڻ کان ڊڄندا رهيا ۽ مزدور طبقي ۽ هارين جي اتحاد جي ضرورت ۽ قومي تحريڪ آزادي جي اهميت کي نہ سمجهيو. الڳ ٿيڻ ۽ خود مختيار رياست جي تشڪيل ڪرڻ جي حدتائين قومن جي حق خودارادیت جي مخالفت ڪئي.

اپريل 1917ع ۾ اسپارٽاڪ وارا مرڪزيت پسند "جرمني جي انڊيپينڊينٽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي" ۾ شامل ٿي ويا ليڪن ان ۾ پنهنجي تنظيم جي خود مختياري قائم رکي. نومبر 1918ع ۾ جرمني ۾ انقلاب جي زماني ۾ انهن "اسپارٽاڪ يونين" ناهي ۽ 14 ـ ڊسمبر 1918ع تي پنهنجو پروگرام شايع ڪيو ۽ "انڊيپينڊنٽن" کان الڳ ٿي ويا. پنهنجي تاسيسي ڪانگريس ۾ جيڪا 30 ـ ڊسمبر 1918ع کان پهرين جنوري 1919ع تائين ٿي، اسپارٽاڪ وارن جرمني جي ڪميونسٽ پارٽي جو بنياد رکيو. ص ـ 16).

13 ـ **وارسائي وارا:** ان فرانسيسي انقلاب دشمن بورجوا حڪومت جا حامي هئا، جنهن جو صدر مقام تيئر جي قيادت ۾ 1871ع جي پيرس ڪميون جي فتح کان پوءِ وارسائي کي بنايو ويو. ڪميون جي دٻاءَ جي وقت وارسائي وارن ڪميون جي حامين جي خلاف شديد ترين جبر ۽ تشدد ڪيو. 1871ع کان پوءِ "وارسائي وارن" جو مطلب بدترين انقلاب دشمن سمجهيو وڃڻ لڳو ص ـ 12).

14 ـ 1898ع جي **اسپين آمريڪي جنگ:** دنيا جي ٻيهر ورهاست جي لاءِ پهرين سامراجي جنگ هئي.

آمريڪي سامراجي چاهين پيا تہ وسطي آمريڪا ۾ اسپين جون نوآبادیون ـ ڪيوبا پوايرتوريڪو ۽ اهڙيءَ طرح اسپين جي ماتحت جزيري فلپائن تي قبضو ڪن. ان جنگ جو نتيجو اهو ٿيو جو اسپين کي پنهنجي ڪيترين ئي اهم نوآبادين کان هٿ کڻڻو پيو. فلپائن، پوايرتوريڪو ۽ ٻيا

جزيرا آمريڪا کي هٿ لڳا. ڪيوبا جي خود مختياري جو اعلان ڪيو ويو ليڪن عملي طور تي ان کي رياست آمريڪا جي نيمِ نوآبادي ۾ تبديل ڪيو ويو.

انگريزن ۽ بوئيرن جي جنگ: (آڪٽوبر 1899ع- مئي 1902ع) ۾ ڏکڻ آفريڪي ريپبلڪن ٽرانسوال ۽ اورينج فري اسٽيٽ جي خلاف برطانيہ جي نوآبادياتي قبضہ گير جنگ، جنهن ۾ اهي ٻئي جمهوريائون خود مختياري کان محروم ٿي ويون ۽ برطانيہ جون نوآباديون بنجي ويون. (ص-18)

15- هتي مراد جرمن سوشل ڊيموڪرٽين جي خيمنيتس ڪانگريس جي ان قرارداد مان آهي جيڪا سامراج ۽ جنگ ڏانهن سوشلسٽن جي رويي جي باري ۾ 20 سيپٽمبر 1912ع تي منظور ڪئي وئي. ان قرارداد ۾ سامراجي سياست جي مذمت ڪئي وئي ۽ امن جي جدوجهد جي اهيمت تي زور ڏنو ويو-(ص-18).

16- "Dei Bank" جرمن ماهرين ماليات جو رسالو جيڪو برلن مان 1908ع کان 1943ع تائين شايع ٿيندو رهيو-ص-35.

17- **گريوندير جا شرمناڪ واقعا**: ان دور ۾ ٿيا، جڏهن پوئين صدي جي انيين ڏهاڪي جي ابتدا ۾ جرمني ۾ جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين جو تاسيس (جرمن لفظ گريوندير (Grander) جو مطلب آهي (تاسيس) تيزي سان وڌي رهيو هو. جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين جي قيام ۾ اضافي جي ڪري اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ايراضي ۽ ڪاغذات زر جي ديوانگي واري سٽي بازي ۽ دوکي بازيءَ جي ڏيتي ليتي ٽيڙ لڳي، جنهن مان بورجوا ڪاروبارين جي دولت ۾ خوب اضافو ٿيو.

18- هتي لينن جو مقصد پليخانوف آهي.

19- **پروداوگول**: "دونيتس بيسن جي معدنياتي ٻارڻ جو واپار ڪرڻ واري روسي فرم" جو مختصر نالو آهي، جيڪا 1906ع ۾ قائم ٿي هئي،

پرودامیت "روسي ڏات ساز ڪارخانن جي ٺهيل شين جي وڪري جي لاءِ فرم" 1901ع ۾ قائم ڪئي وئي.

20_ **فرانسيسي پناما اسکينڈل**_ فرانس ۾ هي محاورو ان وقت رائج ٿيو جڏهن 1893_1892ع ۾ ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو ويو ته سرڪاري ۽ سياسي ڪارڪن، آفيسر ۽ اخبارون ان فرانسيسي ڪمپني جي هٿان وڪاڻيل آهن، جيڪا نهر پناما جي تعمير ڪري رهي آهي، ۽ ان مان غلط فائدو ورتو پيو وڃي.

21_ **انسداد پرستي**: مينشويڪن ۾ انتها پسند ساڃي ڏر جو موقع پرست رجحان، جيڪو روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي ۾ پهرين روسي انقلاب جي ناڪامي کان پوءِ 1912_1908ع ۾ پيدا ٿيو. انسداد پسندن مارڪسوادي پارٽي جي پروگرام ۽ طريقه ڪار کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڪوشش ڪئي ته پرولتاري انقلابي پارٽي ۾ بندش وجهجي پنهنجي اصلاح پرست پارٽي منظم ڪئي وڃي. جنهن جي سرگرمين کي زار جي حڪمراني جي حالتن جي حدن ۾ رکيو وڃي جنهن جو مطلب هي هو ته عملي طور تي پرولتاريه جي پارٽي جو رستو روڪيو وڃي.

22_ **فيبئن سوسائٽي**: انگلستان جي اصلاح پرست تنظيم جيڪا 1884ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. ان کي اهو نالو روم جي جنرل فيبي ميڪسم (ٽين صدي ق_م) کان مليو. ان جنرل جو پيو نالو "ڪونڪ تاتر" به هو. جنهن جي معني آهي "سست" چو ته ان هاني ٻال جي خلاف جنگ ڪرڻ ۾ فصلہ ڪن رويي کان منهن موڙيو_ ان سوسائٽيءَ جا ميمبر گهڻي پاڳي بورجوا دانشورن جا نمائندا_ عالم اديب ۽ سياسي ڪارڪن سڊني ۽ بيٽرس ويب، ريمزي ميڪڊانلوڊ ۽ برنارڊشا وغيره) هئا اهي پرولتار جي طبقاتي جدوجهد ۽ سوشلسٽ انقلاب جي ضرورت کي نه مڃيندا هئا ۽ يقين هو ته صرف ننڍا ننڍا اصلاح ڪري ۽ آهستي آهستي سماج جي نئين تشڪيل ڪري

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

سرمائيدار نظام کان سوشلزم تائين پهچڻ جو امکان آهي. 1900ع ۾ هيءَ سوسائٽي ليبر پارٽي ۾ ملي وئي.

23_ لينن جي مراد هتي نام نهاد "حتمي ناهه" مان آهي، جنهن تي 7_ سيپٽمبر 1901ع تي سامراجي طاقتن برطانيه آسٽريا هنگري، بيلجم فرانس، جرمني، اٽلي، جپان، روس، هالينڊ، اسپين ۽ آمريڪا) ۽ چين جي درميان 1901_1899ع جي بوڪسر بغاوت جي دٻاءَ جي نتيجي ۾ صحيحيون ٿيون هيون. ان سان غير ملڪي سرمائي کي چين جو استحصال ۽ لٽ مار ڪرڻ جو نئون امکان مليو.

24_ **بوڪسر بغاوت:** 1901_1899ع ۾ چين ۾ سامراج دشمن عوامي بغاوت، جيڪا "اي هي_ تسيوآن"ڏونشو انصاف، اتحاد ۽ اتفاق جي نالي تي" جماعت ڪئي. ان بغاوت کي سامراجي طاقتن جي متحده تعزيراتي دستن جرمن جنرل والديرزي) جي قيادت ۾ انتهائي سختيءَ سان دٻايو. بغاوت کي دٻائڻ ۾ جرمني، جپان، برطانيه ۽ روس جي سامراجين حصو روتو. چين کي مجبور ٿي 1901ع ۾ نام نهاد "حتمي ناهه" تي صحيحيون ڪرٽيون پيون جنهن جي مطابق چين غير ملڪي سامراج جي نوآبادي بنجي ويو. صفحو

25_**فاشودا:** مشرقي سوڊان جي هڪ جڳهه جتي سيٽمبر 1898ع ۾ انگريز ۽ فرانسيسي نوآباد ڪارن جي درميان فوجي تصادم جي ڪري بين الاقوامي صورتحال ۾ شديد بحران پيدا ٿي ويو. جنهن برطانيه ۽ فرانس جي درميان سوڊان تي تسلط جي لاءِ جدوجهد ۽ آفريڪا جون حصا پتيون ڪرڻ جي عڪاسي ڪئي.

نالن جي سچاڻ.

اريستوفان: الف پيدائش جو سال تقريباً 446 ق.م ۽ وفات 385 ق.م) قديم يونان جو نمايان ڪاميڊي لکڻ وارو.

اسپيڪٽيٽر: ڏسو ناحيمسن مـ اي.

اسپينسر (Spenser): هر برٽ (1903_1820ع) برطانوي فلسفي، ماهر نفسيات ۽ سماجيات- اسپينسر جي رجعت پسند فلسفيانہ ۽ سماجي خيالن کيس بورجوازي جو هڪ نهايت مقبول نظريہ دان بنائي ڇڏيو.

استرووي، پ ب: (1944_ 1870ع) روسي بورجوا ماهر معاشيات ۽ صحافي- 1905ع ۾ آئيني جمهوري (ڪيڊيٽ) پارٽي جي نهڙ کان وٺي هي ان جي مرڪزي ڪاميٽي جو ميمبر رهيو. پهرين عالمي سامراجي جنگ (1918_1914ع) جي ابتدا کان جارحانہ روسي سامراج جو هڪ نظريہ دان. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ سوويت اقتدار جو سخت دشمن ۽ ورانگل جي انقلاب دشمن حڪومت جو ميمبر- وطن مان هجرت ڪري ويو- صفحو 205.

استائوننگ (Stauing): **توروالد آگست ماري نوس** (1942_1873ع)- ڊنمارڪ جو رياستي ڪارڪن، ڊنمارڪ جي سوشل ڊيموڪريسي ۽ هي انٽرنيشنل جي ساڃي ڏر جو هڪ ليڊر ۽ صحافي- عالمي سامراجي جنگ جي دوران ان سوشل شائونسٽ پوزيشن اختيار ڪئي. 1920_1916ع ۾ ڊنمارڪ جي بورجوا حڪومت ۾ وزير ٿيو. صفحا

استيڊ (Stead): **وليم ٽامس** (1912_1849ع) **برطانوي صحافي ص 97**

اسڪوبيليف، م_اي: (1939_1885ع) روسي سوشل ڊيموڪريٽ مينشويڪ، عالمي سامراجي جنگ جي دوران مرڪزيت پرست رهيو. فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ پيٽروگراد جي سوويت جو نائب صدر ۽ مرڪزي انتظامي ڪميٽي جي پهريئن اجلاس جو نائب صدر رهيو. مئي کان اگست 1917ع تائين عارضي حڪومت ۾ پورهئي جو وزير رهيو. آڪٽوبر سوشلسٹ انقلاب کان پوءِ مينشويڪن کان الڳ ٿي ويو.

اشٽرنر (Stirner): ماڪس (1856_1806ع) جرمن فلسفي، بورجوا انفراديت پرستيءِ انارڪزم جو هڪ نظريہ دان.

اڪلسيلرود، پ_ ب: (1928_1850ع) هڪ مينشويڪ ليڊر هو. 1900ع کان اخبار "اسڪر" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر رهيو. فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ هن بورجوا عارضي حڪومت جي حمايت ڪئي. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي مخالفت ڪئي ۽ وطن مان هجرت ڪري، سوويت روس جي خلاف مسلح مداخلت جي پروپئيگنڊا ڪئي.

آگاد (Agahd)، **اي.** جرمن پيٽي بورجوا ماهر معاشيات.

آگينالدو (آگوي نالدو) (Aguinaldo): ايميلو (سال پيدائش 1869ع فلپائن جو سياسي ڪارڪن. اسپيني حڪمراني جي خلاف فلپائن جي عوام جي بغاوت ۾ حصو ورتو. فلپائن ريپبلڪ جي تشڪيل ڪانپوءِ 1899ع ۾ ان جو صدر ٿيو. بعد ۾ آگينالدو فلپائن ۾ آمريڪي سياست تي عمل ڪيو.

اوڪسين تيف، ن_د: (1943_1878ع) سوشلسٽ انقلابي پارٽي جو هڪ ليڊر ۽ ان جي مرڪزي ڪاميٽي جو ميمبر. روس ۾ فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ هارين جي نمائندن جي ڪل روس ڪائونسل جي انتظامي ڪاميٽي جو صدر ٿيو ۽ بورجوا عارضي حڪومت ۾ ڪيترن ڏميوار عهدن تي ڪم ڪيو. آڪٽوبر سوسلسٽ انقلاب کانپوءِ انقلاب دشمن بغاوتن جي ناظمن مان هو ۽ پوءِ ٻاهرئين ملڪ هليو ويو.

اووينس (Ownes): **ميخائيل جو زيف** (1923_ 1859ع) بوتلون تيار ڪرڻ واري مشين جو آمريڪي موجد ۽ ان کان پوءِ ان شعبي ۾ صنعت ڪار.

ايڊورڊ ستون: (1910_1841ع) برطانوي بادشاه (1910_1901ع).

ايشويگي (Eschwege) **ليودويڪ**_ جرمن پيٽي بورجوا ماهر معاشيات.

اينگلس فريڊرڪ (Engles): (1820_1895ع) سائنسي ڪميونزم جي بانين مان هو. بين الاقوامي پرولتاريه جو ليڊر ۽ معلم. ڪارل مارڪس جو دوست ۽ ساٿي.

ب

باڪونين م:_1_ (1814_1876ع) نرودازم ۽ انارڪزم جو هڪ نظريه دان جرمني ۾ (1848_49ع) جي انقلاب ۾ حصو ورتو. پهرين انٽرنيشنل ۾ حصو ورتو جتي مارڪسزم جي تمام سخت مخالفت ڪئي. ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس باڪونين جي خلاف سخت جدوجهد ڪئي ۽ مزدور تحريڪ جي مخالف پيٽي بورجوا تعصب جي حيثيت سان باڪونين ازم جو پردو چاڪ ڪيو 1872ع ۾ نفاق وجهڻ وارن سرگرمين جي ڪري باڪونين کي پهرين انٽرنيشنل مان ڪڍيو ويو.

بائووير اوٽو (Bauer): (1882_1939ع) آسٽريليائي سوشل ڊيموڪريسي جي ساڃي ڏر ۽ پي انٽرنيشنل جو هڪ ليڊر (1919ع_1918ع) ۾ آسٽريائي بورجوا ريپبلڪ جو وزير خارجه هو. آسٽريائي مزدور طبقي جي انقلابي سرگرمين کي دٻائڻ ۾ هن سرگرم حصو ورتو.

براڪي، ولهلم: (Bracke) (1842_1880ع) جرمن سوشلسٽ_ جرمني ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ مزدور پارٽي (1869ع) جي بانين ۽ ليڊرن مان هو.

برانٽنگ ڪارل يالمر (Branting) : (1860_1925ع) سويڊن جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو ليڊر ۽ پي انٽرنيشنل جي رهنمائن مان هو برانٽنگ موقع پرست هو.

برنشٽائن (Bernstein) **ايڊورڊ:** (1850ع_1932ع) جرمن سوشل ڊيموڪريسي جو انتها پسند موقع پرست ڏُر ۽ پي انٽرنيشنل جو ليڊر. ترميم پرستي ۽ اصلاح پرستي جو نظريه دان_ مارڪسزم جي انقلابي مافيه کي رد ڪندي برنشٽائن اهڙي اصلاحات جي جدوجهد کي مزدور تحريڪ

جو واحد فريضو قرار ڏنو جنهن جو مقصد سرمائيدار نظام ۾ مزدورن جي معاشي حالت "بهتر" بنائڻ هو.

بريشکو- بريشکوفسکايا اي. ڪ: (1844_1934) سوشلسٽ انقلابين جي پارٽي جي ناظمن ۾ ليڊرن مان هئي ۽ ان جي انتها پسند ساڃي ڏر ۾ شامل هئي. فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري حڪومت جي حمايت ڪئي ۽ آڪٽوبر 1917ع جي سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ سوويت حڪومت جي مخالفت ڪندي رهي.

بسمارڪ (Bismarck): اوٽوايدورڊ ليوپولڊ: (1815_1898ع) پروشيا ۽ جرمني جو رياستي ڪارڪن ۽ مدبر 90_1871ع ۾ سلطنت جرمني جو چانسلر هو.

بوخارين، ن_اي- (1888_1938ع) صحافي ۽ ماهر معاشيات. 1906ع کان روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي جو ميمبر رهيو. ڪيترن ئي مسئلن ۾ هن لينن جي مخالفت ڪئي- مثلاً رياست، پرولتاريه جي آمريت ۽ قومن جي حق خودارادڀت وغيره جي باري ۾ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ هو لڳاتار پارٽي جي لينيني پاليسي جي مخالفت ڪندو رهيو 1918ع ۾ بريسٽ جي صلح تي بحث دوران هو "کاٻي ڏر جي ڪميونسٽن" جي پارٽي دشمن گروپ جو ليڊر هو. 1921ع_1920ع ۾ پارٽي ۾ ٽريڊ يونينن تي بحث جي دوران هن ابتدا ۾ "Buffer" جي پوزيشن اختيار ڪئي ۽ پوءِ ٽراٽسڪي جي لينن دشمن گروپ ۾ شامل ٿي ويو. 1928ع ۾ پارٽي جي ساڃي ڏر جي حزب مخالف جو ليڊر ٿيو. 1929ع ۾ مرڪزي ڪاميٽي جي سياسي بيورو ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي انتظامي ڪاميٽي جي مجلس جي صدارت تان لاٿو ويو ۽ 1937ع ۾ پارٽي دشمن سرگرمين جي ڪري پارٽي مان خارج ڪيو ويو.

بيبل (Bebel)، آگسٽ: (1840_1913ع) جرمن سوشل ڊيموڪريسي ۽ پي انٽرنيشنل جو هڪ نمايان ڪارڪن. پهرين انٽرنيشنل جو به ميمبر هو

1969ع ۾ هن وٽ بيڪنيخت سان ملي جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي جو بنياد رکيو (ائزيناخ وارن جي).

بيرار (Bereard)، **وکٽر**: 1931_1864ع فرانسيسي پيٽي بورجوا ماهر معاشيات، صحافي ۽ ماهر لسانيات.

بيئر، (Beer) ماڪس (سال پيدائش 1864ع) سوشلزم جو جرمن تارخدان، جرمن سوشل ڊيموڪريسي جي ڪاپي ڏر ۾ هو.

پ

پالچينسڪي پ_اي: (وفات جو سال 1930ع) انجينئر، "پرواوگول" نالي سينڊيڪيٽ جو ناظم. بينڪن جي حلقن سان قريبي لاڳاپا رکندو هو. فيبروري 1917ع جي انقلاب ڪانپوءِ بورجوا عارضي حڪومت ۾ شامل ٿيو ۽ صنعت ڪارن جي ٽوڙ ٽوڙ جي همت افزائي ڪئي.

پاني ڪوڪ (Pannecock) **انتوني**: (1960_1873ع) هالينڊ جو سوشل ڊيموڪريٽ_ عالمي سامراجي جنگ جي دوران انٽرنيشنلسٽ (1921_1918ع) ۾ هالينڊ جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڪميونسٽن جي ڪم ۾ حصو روتو انتهائي ڪاپي ڏر جو شديد گروه بند رويو اختيار ڪيو.

پروڊون(Prondhon)، **پيئر زوزيف**: (1868_1809ع) فرانسيسي صحافي، ماهر معاشيات ۽ سماجيات، پيٽي بورجوازي جو نظريه دان ۽ انارڪزم جي بانين مان هڪ.

پالفخانوف، گ_و: (1918_1856ع) روسي ۽ بين الاقوامي مزدور تحريڪ جو نمايان ڪارڪن ۽ روس ۾ مارڪسزم جو پهريون پرچارڪ.

روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي جي بي ڪانگريس کان پوءِ پليخانوف موقع پرستي سان سمجهوتو جو رويو اختيار ڪيو ۽ ان کان پوءِ مينشويڪن ۾ شامل ٿي ويو. پهرين عالمي جنگ جي دوران 18_1914ع) هن سوشل شائونزم جو رويو اختيار ڪيو. فيبروري 1917ع جي بورجوا

جمهوري انقلاب کانپوءِ بورجوا عارضي حڪومت جي حمايت ڪئي. عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جو مخالف رهيو.

پوتريسوف، ا_ن: (1934_1869ع) مينشويڪن جو هڪ ليڊر. رجعت پرستي جي سالن ۾ (Liquidation) جو نظريه دان. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ وطن کان ٻاهر هليو ويو ۽ سوويت روس جي خلاف ڪاروايون ڪندو رهيو.

پوميالوفسڪي، ن_گ: (1863_1835ع) روسي اديب ۽ ڊيموڪريٽ.

پيئش (Paish)، **جارج:** (1957_1867ع) برطانوي بورجوا ماهر معاشيات ۽ اعداد شمار. پيسي فسٽ- عالمي معيشت ۽ سياست جي مسئلن تي ڪيئي ڪتابن جو مصنف.

ت

تريويس، (Terves)، **ڪلائيڊيو:** 1933_1868ع) اطالوي سوشلسٽ پارٽي جو هڪ اصلاح پرست ليڊر.

تسري تيلي، اي.گ: (1959_1882ع) مينشويزم جو هڪ ليڊر.

فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ پيٽروگراڊ سوويت جي انتظامي ڪاميٽي ۽ مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جي پهرئين اجلاس جو ميمبر. مئي 1917ع ۾ عارضي حڪومت ۾ شامل ٿيو ۽ بالشويڪن تي جبر ۽ تشدد جي همت افزائي ڪئي. آڪٽوبر انقلاب کانپوءِ جارجيا جي انقلاب دشمن مينشويڪ حڪومت جي رهنمائن مان هو. پوءِ وطن مان هجرت ڪري ويو.

توراتي(Tvrati)، فيليپو: (1932_1857ع) جي مزدور تحريڪ جو اصلاح پرست ڪارڪن. اٽلي جي سوشلسٽ پارٽي (1892ع) منظم ڪرڻ وارن مان هو. پرولتاريه ۽ بورجوازي جي درميان طبقاتي تعاون جي سياست تي گامزن رهيو. پهرين عالمي جنگ جي دوران مرڪزيت پرست رويو اختيار

ڪيو. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب ڏانهن هن جو رويو دشمني وارو هو ۽ اطالوي پورهيتن جي انقلابي تحريڪ جي مخالفت ڪئي.

توگان-برانوفسڪي م-اي: (1919ع-1865ع). روسي بورجوا ماهر معاشيات (07-1905ع) جي انقلابي دور ۾ دستوري جمهوري (ڪيڊيٽ) پارٽي جو ميمبر. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ يوڪرين ۾ سرگرم انقلاب دشمن.

ٽ

ٽومس (Thomas)، **آلبير** 1932ع-1878ع) فرانسيسي سياسي ڪارڪن ۽ سماجي اصلاح پرست. 1910ع کان سوشلسٽ پارٽي جي پارليامنٽري گروپ جو هڪ ليڊر ٿي ويو.

جيفين (گفن) رابرٽ: معاشيات ۾ اعداد شمار جو برطانوي ماهر ۽ اعداد شمار جي ڪيترن ئي رسالن جو معاون ڪارڪن.

ڇ

چي ايذري ن-س: 1926-1864ع) مينشونزم جو ليڊر هو. 1917ع ۾ مزدورن ۽ فوجين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سوويت جو صدر- مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جي پهرئين اجلاس جو صدر ٿيو. بورجوا عارضي حڪومت جي سرگرمي سان حمايت ڪئي. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ جارجيه جي انقلاب دشمن مينشويڪ حڪومت جي تشڪيل ۾ سرگرمي سان حصو ورتو ۽ پوءِ جارجيا جي آئين ساز اسيمبلي جو صدر منتخب ٿيو. 1921ع ۾ جارجيا ۾ مينشويڪ حڪومت جي خاتمي کان پوءِ ۽ سوويت حڪومت جي قيام تي پيرس ويجي ويو.

چينكيلي -اي: (سال پيدائيش 1874ع) سوشل ڊيموڪريٽ، مينشويڪ، فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ ماورائي قفقاز ۾ بورجوا عارضي هڪومت جو نمائندو هو. (1921ع-1918ع) ۾ جارجيا جي مينشويڪ حڪومت ۾ وزير خارجه هو. وطن ڇڏ ڪري ويجي ويو.

چيرشڪي (Tschierschky)، **زيگمزيد:** (سال پيدائش 1872ع، جرمن بورجوا ماهر معاشيات.

چيرنوف، و۔م: (1876۔1952ع) شوسلسٽ انقلابين جي پارٽي جو هڪ ليڊر ۽ نظريہ دان. مئي۔ آگسٽ 1917ع ۾ بورجوا عارضي حڪومت جو وزير زراعت هو ۽ انهن هارين جي خلاف سخت دٻاءُ جي پاليسي هلائي، جيڪي زميندارن جي زمين تي قبضو ڪندا هئا. آڪٽوبر سوسلسٽ انقلاب ڪانپوءِ سوويت دشمن بغاوتن جي ناظمن مان هو. 1920ع ۾ ٻاهرئين ملڪ هليو ويو ۽ اتان سوويت دشمن ڪارواين جاري رکيون.

چيمبرلين (Chamberlain)، **زوزيف:** (1836۔1914ع) برطانوي رياستي سياسي ڪارڪن، نوآبادياتي قبضہ گير پاليسي تي سرگرمي سان عمل ڪندڙ هو ۽ 1899۔1902ع) جي برطانوي بوئرجنگ جو هڪ خاص ناظم هو.

د

داويدوف، ل.ف: پيٽرس برگ ۾ ڪريڊٽ جي شعبي جو ڊائريڪٽر ۽ بينڪر هو.

دري او (Driault)، **ز۔ ايدورد:** فرانسيسي بورجوا مؤرخ.

دنيڪن 1۔اي: (1872۔1947ع) زار جو جنرل هو. روس ۾ خانہ جنگي جي دوران سفيد گارڊ تحريڪ جي سربراهن مان هو. ڏکڻ روس ۾ سوويت دشمن مسلح طاقتن جو ڪمانڊر ان چيف هو. سوويت فوج جي هٿان شڪست کانپوءِ ٻاهرئين ملڪ هليو ويو.

ديشانيل (deschanel)، **پول:** (1855۔1922ع) فرانسيسي رياستي ڪارڪن ۽ صحافي.

ڊيزرائيلي (Disraeli)، **ڪائونٽ بيڪن سفليد:** (1804۔1881ع) برطانوي رجعت پرست رياستي ڪارڪن، ڪنزرويٽو پارٽي جو ليڊر ۽ نمودار ٿيندڙ سامراجي بورجوازي جو نظريہ دان.

ڊيوڊ (David)، ايڊورڊ: 1930_1863ع جرمن سوشل ڊيموڪريسي جي ساڃي ڏر جي ليڊرن مان هو.

ديورنگ (Duhring)، ايوگيني: (1921_1832ع) جرمن فلسفي ۽ ماهر معاشيات، فلسفي، سياسي معاشيات ۽ سوشلزم جي مسئلن جي باري ۾ ڊيورنگ جي گمراه ڪُن خيال تي اينگلس پنهنجي ڪتاب "اينٽي ڊيورنگ" سائنس ۾ ائل پٽل، جيڪو جناب ايوگيني ڊيورنگ جي تخليق آهي" (1878_1877ع) ۾ سخت تنقيد ڪئي.

راديڪ، ڪ. ب: (1939_1885ع) 19 هين صدي جي آخري ڏهاڪي جي ابتدا ڪان گاليمشيا پوليند ۽ جرمني جي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪن ۾ شرڪت ڪئي. عالمي سامراجي جنگ جي دوران انٽرنيشنلسٽ پوزيشن اختيار ڪئي. پر مرڪزيت پرستي ڏانهن ڀانوان ڏول ٿيو. قومن جي حق خوادارادیت جي باري ۾ غلط رويو اختيار ڪيو. 1917ع ۾ بالشويڪ پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ بريست معاهدي تي صحيحن دوران "ڪاپي ڏر جو ڪميونسٽ" رهيو. 1923ع ڪان ٽراٽسڪي جي حزب مخالف جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ ان جي ڪري پارٽي مان ڪڍيو ويو.

راڪ فيلر (Rocketeller)، جان ڊيويسن: 1937_1937ع) آمريڪا ۾ مالياتي بادشاهن جي خاندان جو باني. 1870ع ۾ "اسٽينڊرڊ آئل" نالي تمام وڏي تيل جي ٽرسٽ جو بنياد وڌو. راڪ فيلر خاندان جا ميمبر آمريڪا جي هڪ تمام وڏي واپاري بينڪ "چيئزنيشنل بينڪ" جا مالڪ آهن. ان کان علاوه راڪ فيلر خاندان جا افراد آمريڪا جي گڏيل رياستن جي ٻي وڏي بينڪ "نيشنل سٽي بينڪ آف نيويارڪ" جي سربراهن مان آهن. راڪ فيلر جو خاندان آمريڪا جي پرڏيهي ۽ داخلہ پاليسي ۾ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري ٿو.

روبانو وچ، اي. اـ: (1860_1920) سوشلسٽ انقلابين جو هڪ ليڊر. بين الاقوامي سوشلسٽ بيورو جو ميمبر_ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ سوويت اقتدار جو دشمن.

روتشيلڊ: مغربي يورپ جي تمام وڏن مالياتي بادشاهن جو خاندان.

روڊس (Rhodes)، سيسل جان: (1853_1902ع) برطانوي رجعت پرست رياستي ۽ سياسي ڪارڪن. برطانوي نوآبادياتي نظام جي سياست تي سرگرميءَ سان عمل ڪرڻ وارو سامراجي توسيع جو پرچارڪ_ برطانيہ جي لاءِ ڏکڻ آفريڪا جي وسيع علاقي تي قبضي جو ناظم. جيڪو هن جي نالي سان روڊيشيا سڏجڻ لڳو.

روسانوف، ن_س: (سال پيدائش 1959ع) صحافي. نرودازم جو پوئلڳ. بعد ۾ سوشلسٽ انقلابي ٿي ويو. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ وطن مان هجرت ڪري ويو.

ريسر (Resser)، جيڪب: (1853_1932ع) جرمن ماهر معاشيات ۽ بينڪر.

رينادِيل (Renaudel)، پيئر: (1871_1935ع) فرانسيسي سوشلسٽ پارٽيءَ جو هڪ اصلاح پرست ليڊر.

زين زينوف، و_اي: (سال پيدائش 1881ع)_ سوشلسٽ انقلابين جي پارٽي جي رهنمائن مان هو ۽ ان جي مرڪزي ڪاميٽيْ جو ميمبر ۽ 1917ع ۾ پيٽروگراد سوويت جي انتظامي ڪاميٽي جو ميمبر ٿيو ۽ بورجوا بلاڪ جو حامي ٿي ويو آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ ملڪ کان ٻاهر هليو ويو.

زيوديڪوم (Zudekum)، آلبرٽ: (1871_1944)_ جرمن سوشل ڊيموڪريسي جي موقع پرست ليڊرن مان هو ۽ ترميم پرست ۽ عالمي سامراجي جنگ جي دوران سخت سوشل شائونسٽ ٿي ويو.

زوريس (Jeures)، ژان: (1859_1914ع)_ فراسيسي ۽ بين الاقوامي سوشلسٽ تحريڪ جو ممتاز ڪارڪن. مؤرخ –موقع پرست فرانسيسي

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

سوشلسٽ پارٽي جو ناظر- سامراجي ظلم وتشدد ۽ مقبوضات جي حصول جي جنگين جي خلاف، جمهوريت، عوامي آزادي ۽ امن جي حمايت ۾ ڪم ڪيو. امن جي لاءِ ۽ جنگ جي وڌندڙ خطري جي خلاف زوريس جي جدوجهد سامراجي بورجوازي جي غصي جو سبب بني. عالمي سامراجي جنگ شروع ٿيڻ کان پهرين رجعت پرستن جي گرگن جي هٿان ماريو ويو.

س

سارتوري اوس فون والٽيسرس هائوزين (Sartorious von walter) آگسٽ (سال پيدائش 1852ع)- جرمن بورجوا ماهر معاشيات، عالمي معيشت ۽ سياست جي مسئلن تي ڪتابن جو مصنف.

سامبا (sembal)، **مارسيل**: (1922-1862ع)- فرانسيسي سوشلسٽ پارٽي جو هڪ اصلاح پرست ليڈر ۽ اخبار نويس-آگسٽ 1914ع کان سيمپٽمبر 1917ع تائين فرانس ۾ سامراجي "حڪومت براءِ قومي دفاع" ۾ پبلڪ خدمتن جو وزير رهيو.

سوپان (Supan)، **اليڪساندر**: (1920-1847ع) جرمن جاگرافيدان، گوتس ۽ بريسلاف يونيورسٽين جو پروفيسر.

سيمينس(Seimens)، **گيورگ**: (1910ع-1839ع) هڪ تمام وڏو صنعت ڪار ۽ جرمني جو مالياتي بادشاهه. 1970ع ۾ "جرمن بينڪ" جو بنياد وڏو ۽ ان جو ڊائريڪٽر هو. پروشيا جي نائبن جي ايوان ۽ ريشتاغ جو ميمبر هو.

سين سائمن (Saint Simon)، **آنري، ڪلود**: (1825-1760ع) عظيم فرانسيسي سوشلسٽ يوٽوپيا پرست.

ش

شتائوس (Stauss)، **ايميل گيورگ**: (سال پيدائش 1877ع) جرمن فنانسر، بينڪر.

شولتسي گي ويرنتس، گيرهارٽ: (1943_1864ع)_ جرمن بورجوا ماهر معاشيات، پنهنجي تصنيفن ۾ هن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سرمائيدار سماج ۾ سمجهوتي جو امڪان آهي.

شيلبر (Schilder)، **زيگمنڊ:** سال وفات (1932ع) ماهر معاشيات_ جرمن سوشل ڊيموڪريسي جو انتها پسند موقع پرست ساڃي ڏر جو هڪ ليڈر. نومبر 1918ع جي جرمن انقلاب جي وقت اسپارٽاڪ وارن جي خلاف غارت گر ايجيٽيشن جي همت افزائي ڪئي. 1919ع ۾ حڪومت جو سربراهه ٿيو ۽ 1921ع _1718ع) ۾ جرمن مزدور تحريڪ کي قتل غارت جي ذريعي دٻائڻ وارن مان هو.

ف

فوگيل شٽيئن (Vogelstein)، **تيودور:** جرمن ماهر معاشيات

فيلڪير (Volker): جرمن سرڪاري آفيسر جيڪو بعد ۾ جرمن فولادي صنعت جي فرمن جو سربراهه ٿيو.

ڪ

ڪارينجي (carnagie)، **اينڊريو** (1919ع_1835ع). آمريڪي ارب پتي جيڪو اسڪاٽ لينڊ ۾ پيدا ٿيو ۽ 1848ع ۾ آمريڪا لڏي ويو هو. 1901ع ۾ ڪارنيجي پنهنجن ڪارخانن کي مورگن جي اسٽيل ٽرسٽ سان متحد ڪري ڇڏيو.

ڪالوبر (Calwer)، **ريهارڊ:** (1927_1868ع) ممتاز جرمن ماهر معاشيات ۽ جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۾ اصلاح پرستي ۽ ترميم پرستي جو نمائندو.

ڪائوتسڪي (Kautsky)، **ڪارل:** (1938_1854ع) جرمن سوشل ڊيموڪريسي ۽ بي انٽرنيشنل جو هڪ ليڈر_ پهرين مارڪسوادي هو بعد ۾ مارڪسزم سان غداري ڪري مزدور تحريڪ جي لاءِ هڪ انتهائي

خطرناڪ موقع پرست رجحان- مرڪزيت (ڪائوتسڪي ازم) جو نظريہ دان بڻجي ويو.

ڪروپ (krupp): جرمني ۾ ڏات ساز جنگي ڪنسرن جي مالڪن جو خاندان ۽ جرمن سامراج جي لاءِ اسلحي جو بنيادي ذخيرو. ڪنسرن جي رهنمائن پهرين ۽ پي عالمي جنگ جي تيارين ۾ سرگرمي سان حصو ورتو جنهن جي نتيجي ۾ انهن وڏو نفعو ڪمايو. يالٽا ۽ پوٽسڊام جي 1945ع جي فيصلن مطابق انهن ڪنسرن جي جنگي ڪارخانن کي بند ڪرڻو هو پر مغربي جرمني ۾ انهن فيصلن کي پورو نہ ڪيو.ويو ۽ ڪروپ خاندان جا ڪارخانہ جرمن فيڈرل ريپبلڪ جي انتقام پرست فوج جي لاءِ اڄ بہ اسلحو ٺاهي رهيا آهن.

ڪروپوتڪن، پ-ا- : 1842-1921ع) انارڪزم جو هڪ وڏو ڪارڪن ۽ نظريہ دان، شهزادو- طبقاتي جدوجهد ۽ پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي باري ۾ مارڪس جي تعليمات جو مخالف هو. عالمي سامراجي جنگ جي دوران شائونسٽ ٿي ويو. 1917ع ۾ وطن واپس اچي انارڪزم تي قائم رهيو.

ڪورينلسن (Cornelissen)، ڪرستيان: هالينڈ جو انارڪسٽ ۽ ڪروپوتڪن جو پوئلڳ مارڪسزم جي مخالفن مان هو.

ڪوگيلمان (Kugelmann)، ليودويگ: (1902ع-1930ع) جرمن سوشل ڊيموڪريٽ ۽ مارڪس جو دوست هو 1849-1848ع) جي جرمن انقلاب ۾ حصو ورتو ۽ پهرين انٽرنيشنل جو ميمبر هو.

ڪولب (kolb)، ولهلم: (1870-1918ع) جرمن سوشل ڊيموڪريٽ، انتها پسند موقع پرست ۽ ترميم پرست.

ڪولچاڪ، ا-و: (1873ع-1920ع) زار جي ٻيڙي جو اميرالبحر، شاه پرست، 1918-1919ع) ۾ روسي انقلاب دشمني جو هڪ وڏو رهنما ۽ اتحادِ ثلاثہ جو ايلچي هو. آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب ڪائپوءِ آمريڪا ۽ اتحاد ثلاثہ جي حمايت تي هن روس جي حڪومت جو سربراه ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽

جنگي بورجوا جاگيردارانہ ڊڪٽيٽرشپ جي اورال، سائيبريا ۽ مشرق بعيد ۾ قيادت شروع ڪري ڏني. سرخ فوج جي حربن ۽ انقلابي چاپہ مارن جي تحريڪ ۾ اضافي ڪولچاڪ جي حامين کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

ڪونوف (Cunow)، **هنريخ**:- (1936ع-1862ع) ساڃي ڏر جو جرمن سوشل ڊيموڪريٽ، مؤرخ، ماهر سماجيات ۽ علم الاقوام. پهريائين ماڪسزم طرف آيو وري ترميم پرست ٿي ويو ۽ مارڪسزم جي تردید ڪرڻ لڳو.

ڪيرينسڪي ا-ف: (سال پيدائش 1818ع)- سوشلسٽ انقلابي، عالمي سامراجي جنگ جي سالن ۾ سخت سوشل شائونسٽ ٿي ويو. فيبروري 1917ع جي بورجوا جمهوري انقلاب کانپوءِ هو انصاف، جنگ ۽ بحري ڪاتن جو وزير ٿيو ۽ بعد ۾ بورجوا عارضي حڪومت ۾ وزيراعظم ۽ ڪمانڊر انچيف ٿيو. آڪٽو سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ هن سوويت حڪومت جي خلاف جدوجهد ڪئي ۽ 1918ع ۾ ٻاهرئين ملڪ ڀڄي ويو.

ڪيسٽينئر (Kestner)، فريتس، جرمن ماهر معاشيات.

گ

گراو (Grave)، **زان**: 1939-1854ع) فرانسيسي پيٽي بورجوا سوشلسٽ ۽ انارڪزم جي نظريہ دانن مان هو.

گومپيرس (Gompers)، **سيموئيل**: (1924-1850ع) آمرڪي ٽريڊ يونين تحريڪ جو ڪارڪن ۽ آمريڪي ليبر فيڊريشن جي بانين مان هو. سرمائيدارن سان طبقاتي تعاون جي پاليسي تي عمل ڪندو هو ۽ مزدور طبقي جي انقلابي جدوجهد جو مخالف هو. پهرين عالمي جنگ دوران سوشل شائونزم جو حامي ٿي ويو.

گوينير (Gurinner)، **آرٿر**: (1931ع-1856ع) وڏو جرمن مالياتي ڪاروباري 1894ع کان 1919ع تائين "جرمن بينڪ" جو ڊائريڪٽر رهيو.

گي اليڪساندر : (1919ع_1879ع)_ روسي انارڪسٽ، جيڪو آڪٽوبر سوسلسٽ انقلاب کانپوءِ سوويت حڪومت جو حامي بنجي ويو.

گيد (Guesde)، **زول**: (1922_1845ع)_ فرانسيسي سوشلسٽ تحريڪ ۾ ٻي انٽرنيشنل جو هڪ ناظم ۽ رهنما. پهرين عالمي سامراجي جنگ جي ابتدا کان سوشل شائونزم جو رويو اختيار ڪيائين ۽ فرانس جي بورجوا حڪومت ۾ شامل ٿي ويو.

ل

لاسال (Lassalle) **فيرديناند**: (1864ع_1825ع)_ جرمن پيٽي بورجوا سوشلسٽ_ جرمن مزدور تحريڪ ۾ هڪ قسم جي موقع پرستي. لاسال ازم جو باني.

لانسبرگ (lansburgh)، **الفريد**: (سال پيدائش 1872ع)_ جرمن بورجوا ماهر معاشيات.

لڪسمبرگ (Luxemburg)، **روزا**: (1919ع_1871ع)_ بين الاقوامي مزدور تحريڪ جي ممتاز ڪارڪن ۽ ٻي انٽرنيشنل جي ڪاپي ڏر جي ليڊرن مان هئي. هن جو شمار پولينڊ جي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ جي بانين ۾ ٿيندو هو. 1897ع کان پاڻ جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتائون. سامراجي جنگ جي ابتدا کان ئي پاڻ بين الاقوامي قوميت جو رويو اختيار ڪيائون. پاڻ "انٽرنيشنل" گروپ جي قيام جي محرڪن مان هئي جنهن جو نالو تبديل ڪري "اسپارٽاڪ" رکيو ويو ۽ ان کانپوءِ "اسپارٽاڪ يونين". جرمني ۾ نومبر 1918ع جي انقلاب کانپوءِ روزا لڪسمبرگ جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي تاسيسي ڪانگريس ۾ حصو ورتو. جنوري 1919ع ۾ هن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ شيڈمان جي حڪومت جي حڪم تحت ڪيس موت جي سزا ڏني وئي.

لنڪن (lincoln)، **ابراهيم**: (1865ع_1809ع)_ ممتاز آمريڪي رياستي ڪارڪن، آمريڪا جو صدر (1865ع_1861ع)_ رياست

آمريڪا گڏيل رياستن ۾ خانہ جنگي دوران اهڙيون متعدد بورجوا جمهوري تبديليون عوام جي اثر سان ڪيون جيڪي جنگ کي انقلابي طريقن سان هلائڻ طرف وڌي ويندیون هيون. 1865ع ۾ لنڪن کي غلام مالڪن جي هڪ ايجنٽ قتل ڪري ڇڏيو.

ليبڪنيخت (Leibknecht)، **ولهلم**: (1900ع-1826ع)- جرمن ۽ بين الاقوامي مزدور تحريڪ جو هڪ نمايان ڪارڪن. جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي بانين ۽ ليبڪنيخت مان هو. پهرين انٽرنيشنل جي سرگرمين ۽ پي انٽرنيشنل جي تنظيم ۾ هن سرگرمي سان حصو ورتو.

ليزس (Lysis)، **ليتائير** (Letailleur)- **ايوگيني**: فرانسيسي بورجوا ماهر معاشيات، ماليات ۽ سياست تي ڪيترن ڪتابن جو مصنف.

ليفمان (leifmann)، **رابرٽ**: (1941ع-1861ع) جرمن بورجوا ماهر معاشيات ۽ پروفيسر، معاشي ۽ سماجي مسئلن تي ڪيئي ڪتاب لکيا-

ليگين (legien)، **ڪارل**: 1920ع-1861ع) ساڃي ڏر جو جرمن سوشل ڊيموڪريٽ، جرمن ٽيڊ يونين ليڊرن مان هو ۽ ترميم پرست هو-

لينن، و-اي- (اوليانوف، و-اي)(1924ع-1870ع)-

ليوي (levy)، **گيرمان**: (سال پيدائش 1881ع)- جرمن بورجوا ماهر معاشيات ۽ پروفيسر- مالياتي سرمائي جي مسئلن جي متعلق ڪيئي ڪتابن جو مصنف.

م

مارتوف، ل- (تسيدربام، يو-او): (1923ع-1873ع)- مينشوازم جو هڪ ليڈر- فيبروري 1917ع جي انقلاب کانپوءِ مينشويڪن، انٽرنيشنلسٽن جي گروپ جو سربراهہ هو. آڪٽوبر انقلاب کانپوءِ سوويت يونين جي دشمنن جي ڪيمپ ۾ شامل ٿي ويو ۽ 1920ع ۾ وطن مان هجرت ڪري ويو.

مارڪس (Marx) ڪارل: (1883ع-1818ع)- سائنسي ڪميونزم جو باني، ممتاز مفڪر، بين الاقوامي پرولتاريه جو ليڊر ۽ معلم-

ماسلوف، پ-پ: (1946ع-1867ع)- ماهر معاشيات ۽ سوشل ڊيموڪريٽ- زرعي مسئلي تي ڪيئي ڪتاب لکيا جن ۾ مارڪس وادي پوليٽيڪل ايڪانامي جي بنيادي ڳالهين ۾ ترميم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي- 1917ع-1903ع) ۾ مينشويڪ رهيو- آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کانپوءِ سياسي سرگرمين' کان الڳ ٿي ويو ۽ معلمي ۽ سائنسي ڪمن ۾ لڳي ويو.

مورگن (Morgan)، جان پيرپونٽ: (1943ع-1867ع)- آمريڪي ارب پتي، آمريڪا جي هڪ وڏي بينڪرن جي گهراڻي جو سربراه، جنهن جو بنياد 19 هين صديءَ جي وچ ۾ رکيو ويو هو- مورگن جو بينڪرن جو گهراڻو آمريڪي مالياتي سرمائي جو سڀ کان وڏو رجعت پرست ۽ جارحيت پسند حلقن جو سربراهه آهي جيڪي آمريڪا جي سامراجي سياست جو تعين ڪن ٿا-

موريس، هينري-ڪ: (سال پيدائش 1868ع)- آمريڪي مؤرخ ۽ تاريخ ۽ معاشيات جي ڪيئي ڪتابن جو مصنف.

مونتيسڪي (Montesquien)، شارل لوئي: (1755ع-1689ع)- نمايان فرانسيسي بورجوا ماهر سماجيات ۽ معاشيات ۽ مصنف، 18 صديءَ جي بورجوا تعليمات جو حامي ۽ آئيني شاهه پرستيءَ جو نظريه دان-

ميخائلوفسڪي، ن-ڪ: (1904-1842ع)- اعتدال پرست نرودازم جو ممتاز نظريه دان، صحافي، ادبي ناقد، فلسفه ثبوتيت جو قائل جوهو.

ميرنگ (Mehring)، فرانس: (1919ع-1846ع) جرمني جي مزدور تحريڪ جو ممتاز ڪارڪن، جرمن سوشل ڊيموڪريسي جي ڪابي ڏر جو هڪ ليڊر ۽ نظريه دان- انترنيشنلزم جي مستقل حمايت ڪندو رهيو ۽ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جو آدرياءُ ڪيو- انقلابي "اسپارٽاڪ يونين"

جو هڪ رهنما هو ۽ جرمني جي ڪميونسٽ پارٽي جي قيام ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو.

ميڪڊانلڊ (MacDonald)، **جيمس ريمزي:** (1937_1866ع)- برطانوي سياستدان، آزاد مزدور پارٽي ۽ ليبر پارٽي جي بانين ۽ ليڊرن مان هو. انتهائي موقع پرست سياست تي عمل پيرا رهيو. عالمي سامراجي جنگ جي ابتدا ۾ امن پرست پوزيشن اختيار ڪئي، پوءِ عالمي بورجوازيءَ جي ڪليو ڪلايو حمايت ڪرڻ لڳو. (1920_1918ع) ۾ سوويت روس ۾ مداخلت جي خلاف برطانوي مزدورن جي جدوجهد ۾ گڙبڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ميلران (Mellerand)، **اليڪساندر ايتين:** (1943ع_1859ع) فرانسيسي سياسي ڪارڪن. 19 هين صدي جي ڏهين ڏهاڪي ۾ سوشلسٽن ۾ شامل ٿيو. فرانسيسي سوشلسٽ تحريڪ ۾ موقع پرست رجحان جو سربراه رهيو. 1899ع ۾ رجعت پرست بورجوا حڪومت ۾ شامل ٿي ويو ۽ پيرس ڪميون جي قاتل جنرل گاليفي سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو.

ن

ناحيمسن، م_اي (اسپيڪٽيٽر): (سال پيدائش 1880ع) ماهر معاشيات صحافي ۽ مرڪزيت پرست.

نيپولين اول (بوناپارٽ) (1821_1769ع) ممتاز فرانسيسي سپاه سالار، فرانسيسي ريپبلڪ جو پهريون چانسلر (1804ع_1799ع) ۽ فرانس جو بادشاه (1914ع ۽ _1815ع).

نيپولين ٽيون (بوناپارٽ لوئي، لوئي نيپولين): (1873_1808ع)- (1870_1852ع ۾ فرانس جو بادشاه رهيو. نيپولين پهرئين جو پائٽيو هو. 1848ع جي انقلاب جي شڪست کانپوءِ فرانسيسي ريپبلڪ جو صدر چونڊيو ويو. 2_ڊسمبر 1851ع جي رات جو سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو.

نوسڪي (Noski)، **گوستاف:** (1946ع-1868ع)- جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو هڪ موقع پرست ليڈر- 20-1919ع ۾ وزير جنگ رهيو- برلن جي مزدورن جي تشدد ۾ ڪ-ليبڪنيخت ۽ روزا لڪسمبرگ جي قتل جو ناظم هو-

نيئمارڪ (Neymarck)، **الفريڊ:** فرانسيسي بورجوا ماهر معاشيات ۽ اعداد شمار.

و

واندرويلدي (Vanderevelde)، **ايميل:** (1938-1866ع) بيلجم جي مزدور پارٽي جو ليڈر- پي انٽرنيشنل جي بين الاقوامي سوشلسٽ بيورو جو صدر ۽ انتهاپسند موقع پرست-

ولهلم ثاني (هوهين زولرن): (1941ع-1859ع) جرمن شهنشاهه ۽ پروشيا جو بادشاهه-

ويڈيميئر (Weydemeyer)، **ايوسيف:** (1866ع-1818ع)- جرمن ۽ آمريڪي مزدور تحريڪ جو نمايان ڪارڪن- مارڪس ۽ اينگلس جو دوست ۽ همخيال- (ڪميونسٽن جي يونين" جو ميمبر هو- جرمني ۾ (1849ع-1848ع) جي انقلاب ۾ شرڪت ڪئي ۽ انقلاب جي شڪست کانپوءِ ترڪ وطن ڪري آمريڪا هليو ويو جتي اتر وارن جي طرفان خانه جنگي ۾ حصو ورتو-

هـ

هاوي ميئر (Havemeyer)، **جان ڪ:** (1922ع-1833ع)- آمريڪي صنعت ڪار هڪ تمام وڏي ڪنڊ ٽرسٽ جو مالڪ ۽ ريلوي ۽ بين ڪمپنين جو حصيدار.

هائنڊمان (Hyndman)، **هينري ميئرس:** 1921ع-1842ع)- برطانوي سوشلسٽ ۽ اصلاح پرست-

هل (Hill)، ڊيوڊ جين: (1932ع_1850ع) آمريڪي مؤرخ ۽ مدبر_

هنڊرسن (Hendersen)، آرٿر: (1935ع_1863ع)_ برطانوي ليبر پارٽي ۽ برطانوي ٽريڊ يونين تحريڪ جو هڪ ليڈر_ 1910_1908ع ۽ (1917ع_1914ع) ۾ ليبر پارٽي جي پارليامنٽري پارٽي جو صدر رهيو_ عالمي سامراجي جنگ جي دوران سوشل شاونزم جو حامي ٿي ويو_

هوبسن (Hobson)، جان ايٽ ڪينسن: (1940ع_1859ع)_ برطانوي ماهر معاشيات، بورجوا اصلاح پرستي ۽ امن جوئي (Pacifism) جو حامي ۽ سامراجيت جو وڪيل_

هيگل (Hegel)، جارج ولهلم فريڊرڪ: (1831ع_1770ع)_ ممتاز جرمن فلسفي، عينت پرست_

هيلڊ برانڊ (Heldebrand)، گيرهارڊ: جرمن سوشل ڊيموڪريٽ، ماهر معاشيات ۽ صحافي_ 1912ع ۾ پنهنجي موقع پرستي جي ڪري پارٽي مان ڪڍيو ويو.

هيلفرڊنگ (Helferding)، روڊولف: 1941ع_1877ع)_ جرمن سوشل ڊيموڪريسي ۽ بي انٽرنيشنل جي موقع پرست ليڈرن مان هو_ عالمي سامراجي جنگ جي دوران هن سوشل سامراجين سان يڪ جهتيءَ جي حمايت ڪئي.

هيوسمانس (Huysmans)، ڪاميل: (سال پيدائش 1971ع). بيلجم جي مزدور تحريڪ جو هڪ سينئر ڪارڪن، (1919ع_1904ع) ۾ بي انٽرنيشنل جي بين الاقوامي سوشلسٽ بيورو جو سيڪريٽري هو ۽ مرڪز پرست پوزيشن اختيار ڪئي. هو لڳاتار بيلجيم جي حڪومت ۾ شامل رهيو. آخري سالن ۾ هن سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي سان سوشلسٽ پارٽين جا تعلقات قائم ڪرڻ ۽ بين الاقوامي مزدور تحريڪ جي يڪجهتي جي بحالي لاءِ ڪوشش ڪئي_

[سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل]

هيونبر (Hubrner)، **اوٽو:** Geographisch statistiche Tabelleallers aler Lander der Erde" نالي اعداد شمار ۽ جاگرافيائي سالياني رسالي جو مرتب ۽ شايع ڪندڙ.

هيئمان (Heymann)، **هانس گديون:**- جرمن بورجوا ماهر معاشيات.

هيئينگ (Heinig) **ڪورٽ:** (1956ع-1886ع)- جرمن سوشل سوڪريٽ، ماهر معاشيات ۽ صحافي.

ي

ي ... اس (Jeidels)، **اوٽو:** جرمن ماهر معاشيات.

❊❊❊

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.